# مستقبل جي دنيا

۽

# نئون آدرشي انسان

جاويد راڄپر



## فهرست

| مضمون | صفحو |
| --- | --- |
| **-- زندگيءَ جو مقصد** | 5 |
| **-- مستقبل جي دنيا** | 15 |
| ”تاريخ جو خاتمو“ ”تهذيبن جو ٽڪراءَ“ يا ”بنياد پرستن ۾ ٽڪراءُ“؟ | |
| ”آمريڪا: صوبيدار“ | |
| ”جنگ جو مستقبل“ | |
| ”مذهب ۽ ترقي پسند جدوجهد“ | |
| ”سامراج ۽ ٽين دنيا“ | |
| سامراجي غلامي ۽ ان جي پيدا ڪيل انتهاپسندي خلاف ويڙهه | |
| جمهوريت جي اصليت ۽ مستقبل | |
| ”بهترين جمهوري ريپبلڪ معنيٰ سرمائي جي غلامي“ | |
| جمهوريت کي توڙ تائين پهچائڻ جو ڪم پورهيت ئي سرانجام ڏيندا | |
| عظيم سلطنتون ۽ کوکلا مينار | |
| **-- مارڪس ۽ لينن اڳيان ڪو سوشلسٽ ماڊل هو؟** | 48 |
| **-- شعور ۽ سرگرمي کي روڪڻ لاءِ ناهيل ڪوڙڪيون** | 63 |
| **-- اعليٰ آدرش ۽ نفسياتي مونجهارا** | 77 |
| **-- ڄاڻ جي ذريعن کي مڏو ۽ محدود بنائڻ جون اٽڪلون** | 102 |
| **-- مضبوط ۽ سائنسي ماڻهو ٻه ڌهي سگهن ٿا** | 119 |
| **-- ناڪامي ۽ ڪاميابي جو سوال** | 144 |
| خيال ۽ نظريي جي سچائي جي پرک | |
| مارڪسي ”معجزو“ | |
| ”نہ صرف زندھ پر مرده مصيبتن کي بہ پوڄيون ٿا“ | |
| ايشيائي پيداواري نظام ۽ ذاتي ملڪيت جو نہ هجڻ | |

ڳوناٽو سرشتو (هڪ مڪمل ”دنيا“)
عورت جي غلامي کان بدتر حيثيت
عقيدن جا نظام
ذات پات جو نظام
ٻاهريون يلغارون ۽ جنگن جو داستان
مردار جاگيرداري
ٽه طرفي بالادستي ۽ اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو
غيرسنڌي سرمائيدار، غيرڪاروباري مڊل ڪلاس ۽ سنڌي صنعتي
مزدور جي اٿهوند
تجربيڪار سامراج ۽ سوشلسٽ بلاڪ جو نه هجڻ
پاڪستان: هڪ عسڪري رياست
فڪري رجعت پرستي
صبح ٿيندو
ناڪامي ۽ ڪاميابي جي سامراجي ۽ عوامي منطق
-- **قومن کي غلام بنائڻ ۽ آزاد ڪرائڻ جو فن ۽ نئون انسان**
193

سڌي جنگ: غيرمنافعي بخش ڪاروبار
اڻسڌي جنگ منعي ”ڪاءَ ڙي وتايا ڪاءَ“
”ڦهرپائين نفسياتي حملا ۽ پوءِ .........“
فلسفو: هڪ روحاني هٿيار
زندگي هميشه شاهوڪار
جبلت
عقل
رويا
جذبا
عادت
ارادا
نئون آدرشي انسان





**ڪارل مارڪس**
(پيپلز اخبار جي ورسي جي موقعي تي تقرير)

# زندگي جو مقصد

لفظ "مقصد" جو ذڪر ٿيڻ سان ئي انسان جي ذهن ۾ هڪ مقدس مقصد جو تصور جنم وٺي ٿو. جيئن ته عام رواجي ٻولي ۾ روزگار حاصل ڪرڻ، شادي ڪرڻ، ڪار يا بنگلو وٺڻ، دولت يا شهرت ماڻڻ، طاقت يا برتري حاصل ڪرڻ کي مقصد سمجهيو وڃي ٿو. زندگي جي انهن پهلوئن کان هٽي ڪري پاڻ هڪ ٻئي ۽ اصل پاسي تي نظر وجهنداسين، ڇاڪاڻ ته روزگار، شادي يا دولت مقصد نه پر مقصد تائين پهچڻ جا ذريعا آهن. مثال طور نوڪري وٺجي پر ڇا لاءِ.....؟ دولت لاءِ.....! ته پوءِ دولت ڇا لاءِ.....؟ گاڏي وٺڻ، شادي ڪرڻ يا گهر ناهڻ لاءِ...! ۽ وري شادي، گاڏي ۽ گهر ڇا لاءِ.....؟ مطلب ته ضرور ان سوال جو ڪو بنيادي ته (توڙ) هوندو جنهن تائين پهچڻ لاءِ اهي سموريون سرگرميون ڪيون وڃن ٿيون، يعني ڪنهن نه ڪنهن مقصد لاءِ.

شروع شروع ۾ انسان به جانور وانگر جبلت ۽ ضرورت تحت عمل ڪندو هو، ڪو سوچيل سمجهيل مقصد نه هو ڇاڪاڻ ته انساني شعور (جيڪو سماج جي پيداوار آهي) جي ترقي ڪانپوءِ ئي انسان مقصد بابت سوچڻ شروع ڪيو ته زندگي ڇا لاءِ؟ زندگي جو مقصد ڇا هئڻ گهرجي؟

ابتدائي طور انسان هن دنيا يعني زمين، سج، چنڊ، آسمان ۽ تارن جي مقصد متعلق غور ويچار ڪيو ته هي ڪائنات ڪٿان آئي؟ ڪڏهن وجود ۾ آئي؟ ڪڏهن ختم ٿيندي؟ ۽ هن ڪائنات جي نهڻ پنيان ڪهڙا مقصد هئا؟ ۽ هي سمورو جهان ڇا لاءِ هو ۽ آهي؟

بهرحال اڄ کان اڍائي هزار سال پهريائين يوناني فيلسوفن ٿاليس، اناڪسيماندر، زينو، هيراقليطس، ايمپيڊوسلز، اناڪساغورث ۽ ڊيموڪريٽس جو ٿلهي ليکي خيال هو ته "ڪجهه به نه" (Nothing) مان "ڪجهه به نه" (Nothing) پيدا ٿيندو آهي ۽ ضرور ڪجهه به (Something)



مان ئي ڪجهه پيدا ٿيندو آهي يعني ڪائنات ۾ موجود سموريون شيون هميشه کان ئي هيون بغير ڪنهن اتم، اعليٰ ۽ مقدس مقصد جي. يوناني فيلسوف ايمپيڊوسلز چيو ته دنيا ۾ تبديلون ڪنهن مقصد (Purpose) تحت نه پر ضرورت (Necessity) ۽ اتفاق (Chance) سبب ٿين ٿيون.

اهڙي طرح شروعات ۾ انسان جي جيتري سمجهه هئي اها ان لائق نه هئي ته ڪائنات جا راز ڄاڻي سگهي نتيجي طور ان دور جا انسان پاڻ کان وڏيڪ طاقتور ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ لقائن جي انڌي پوڄا ڪرڻ کي ئي پنهنجو مقصد سمجهندا رهيا جنهن جو بنياد خوف ۽ اڻڄاڻائي تي ٻيڌل هو.

جيئن جيئن انسان وڏيڪ ترقي ڪئي اهڙي طرح سندس سوچ ۽ شعور وڏيڪ پختو ٿيندو ويو ۽ انسان پاڻ کان ٻاهرين فطرت بدران پنهنجو پاڻ بابت سوچڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ کان سوال پڇڻ شروع ڪيا ته آءٌ ڇا آهيان؟ آءٌ ڇو آهيان؟ آءٌ ڇا هئڻ گهرجان؟ وغيره. ڇاڪاڻ ته انسان هڪ پيچيده شعور رکندڙ مخلوق آهي جنهنڪري هن پنهنجي زندگي کي صحيح رخ ڏيڻ، ان کي ڪا معنيٰ ڏيڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي مطمعن رکڻ لاءِ شعوري طور ڪن منزلن جو تعين ڪيو. پروٽاگورس چيو ته "سڀني شين جو ماپو انسان آهي."

هن مهل تائين جي انساني تاريخ جي وڏن عالمن، فيلسوفن، سائنسدانن، مفڪرن، پيغمبرن، ويڙهاڪن، فاتحن ۽ پورهيتن وغيره طرفان جن مقصدن تي تمام گهڻو زور ڀريو ويو آهي اهي هن ريت آهن:

## (1) چڱائي ڪرڻ

دنيا جي اڪثر مذهبن جو گهڻو زور صرف چڱائي ڪرڻ تي رهيو آهي. تقريبن هر مذهب جي تعليم اها آهي ته صرف چڱائي ڪريو جنهن جي جزا اوهان کي هن زندگي ڪانپوءِ جنت يا سورگ ۾ ملندي. چڱائي مان مراد ٻکين کي ماني کارائڻ، ننگن کي ڪپڙا پارائڻ، محتاجن جي ضرورت پوري ڪرڻ، مائٽن، پاڙيسرين ۽ سڀني انسانن

سان پيار ۽ ڀلائي ڪرڻ، ڪنهن کي ايذاءُ نه رسائڻ، مريضن جو علاج ڪرائڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪم چڱائي ۾ شمار ٿين ٿا.

پر سوال آهي ته ڇا هڪ طبقاتي سماج ۾ هر ماڻهو لاءِ چڱائي ڪرڻ ممڪن آهي؟ جتي هڪ غريب رڳو پنهنجي اٽي، لٽي، اجهي ۽ ٻين ضرورتن لاءِ محتاج هجي اهو لاچار ۽ بيوس انسان ڪهڙي چڱائي ڪري سگهندو؟ ته پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو ته چڱائي جو ٺيڪو صرف اميرن ۽ شاهوڪارن جو هوندو! گوتم ٻڌ ۽ مسيح جي هدايتن موجب دشمن سان به چڱائي ڪرڻ گهرجي؟ جيڪڏهن ائين ڪرڻ صحيح آهي ته پوءِ ڇا ڌاڙيلن، ڦورن ۽ ظالمن کي ڇڏي ڏجي؟ ۽ ڇا عراقين، فلسطينن ۽ ٻين مظلوم قومن کي پنهنجن حقن لاءِ دشمنن ۽ قاتلن سان ويڙهه نه ڪرڻ گهرجي؟

جين مت جي باني مهاوير جي خيال مطابق ٻوٽن ۽ جانورن يعني هر جاندار سان چڱائي ڪرڻ گهرجي ۽ ايذاءُ نه رسائڻ گهرجي. انهي ڪري مهاوير جا پوئلڳ منهن تي پٽيون ٻڌي هلندا هئا ته متان ڪو جيت وات ۾ وڃي مري نه وڃي. جڏهن ته فطرت جي اصول موجب انسان جيئڻ لاءِ نه صرف جانورن کي پر ٻوٽن کي به کائي ٿو اهڙي طرح جانور ٻوٽن کي ۽ ٻوٽا هوا، پاڻي ۽ روشني کي کائين ٿا، يعني جاندار جاندار کي کائي ٿو. جيڪڏهن مهاوير جي فلسفي تي عمل ڪجي ته پوءِ ڇا انسان رڳو مٽي، هوا ۽ روشني کائيندو؟

ڇا گوتم ٻڌ جي پوئلڳن وانگر سماج سان لاڳاپا ڌار ڪري الڳ هڪ جهنگ، جبل يا ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ويهي ورد وظيفا ڪري ماڻهن سان چڱائي ڪري سگهجي ٿي؟ پر انهن ۾ سڀ کان اهم سوال هي آهي ته ڇا جتي اڪثر ماڻهو خوشحال هجن ۽ سندن سڀ ضرورتون ۽ سهولتون پوريون هجن اتي چڱائي جي ڪا معنيٰ رهجي ٿي؟

### (2) ڏاهپ/علم پرائڻ

سقراط علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ کي زندگي جو وڏي ۾ وڏو مقصد سڏيو آهي. عدالت ۾ بيان ڏيندي هن چيو ته جيڪڏهن توهان (جج) مونکي موت جي سزا به ڏئي ڇڏيو تڏهن به آءَ سوال ڪندو رهندس"



هونئن به شعور ۽ سمجهه کانسواءِ زندگي بي معنيٰ آهي، علم کانسواءِ مليل آزادي بيڪار هجي ٿي، سوچ ۽ سمجهه کان وانجهيل زندگي هڪ موالي ۽ بيوقوف جي زندگي وانگر آهي. سقراط چيو ته جنهن زندگي جي چڱائين ۽ براين جي ٽپاس نه ڪئي وڃي ته سمجهيو وڃي ته اها زندگي جڻ جهڙي وجود ۾ آئي تهڙي ڪونه آئي." سقراط "پنهنجو پاڻ کي سڃاڻو" جو نعرو بلند ڪيو. افلاطون چيو ته علم سان سچو پيار ڪندڙ سچائي معلوم ڪرڻ لاءِ يقيني طور تي جاکوڙ ڪري ٿو، ۽ عام راءِ سان مطمئن نٿو ٿئي، پر جيسين هُو شين جي لازم فطرت کي صحيح نموني سمجهي نٿو تيسين اڻ ٿڪ ۽ اورچ جذبي سان بلند پرواز ڪندو رهي ٿو. اڳتي هلي ارسطو ته ايترو به چيو ته انسان، وصف جي حوالي سان هڪ سوچيندڙ/عقلي ۽ سياسي جانور آهي.

غيرشعوري طور ڪيل ڪارنامو بهادري نٿو ليکي سگهجي ڇاڪاڻ ته هڪ شرابي نشي جي حالت ۾ ڪو وڏو ۽ بهتر ڪم سرانجام ڏئي ٿو ته ان ۾ عقل ۽ سمجهه جو ڪوبه عمل دخل نه هوندو آهي.

پر ان مقصد (علم حاصل ڪرڻ) بابت پڻ ڪيترائي سوال آهن. مثال طور: هيئنر به ايترو علم موجود آهي جو عام ماڻهو اهو سوچيندي پريشان ٿي وڃي ٿو ته ڇا ڇا پڙهان؟ هر هڪ شعبي لاءِ ٿلها ٿلها ڪتاب لکيا ويا آهن جن کي پڙهندي ماڻهو جو مٿو اچو ٿيو وڃي پر اجان سوڏو پوري دنيا جي اڪثر آبادي زندگي جي سهولتن کان محروم آهي؟ ته پوءِ ڇا علم مسئلن جو حل ناهي؟ ڪنهن سياڻي چيو آهي ته هن مهل تائين اڪثر ڪتاب ان لاءِ لکيا ويا آهن ته "غريب کي غريب ڪيئن رکجي" جڏهن ته اصل علم کي وڌڻ ويجهڻ يا ڦهلائڻ نٿو ڏنو وڃي. پر جيڪڏهن درست علم حاصل ٿي وڃي ته ڇا رڳو سوچڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ سان مسئلا حل ٿي ويندا؟ ڇا صرف ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان انسان جون خواهشون ۽ امنگون پوريون ٿي سگهنديون؟ ڇا سمجهه ۽ فڪر حاصل ڪرڻ سان سماج تبديل ٿي ويندا؟

### (3) لطف وٺڻ

روسو، نطشي ۽ فرائيڊ جهڙن مفڪرن جو خيال آهي تہ انسان ڪي سندس فطرت (جبلت) جون گهرجون پوريون ڪرڻ سان ئي تسڪين ملي ٿي تنهنڪري ان جي فطرت جيڪا تقاضا ڪري ان ڪي پورو ڪرڻ ئي مقصد آهي. ان جي آڏو رڪاوٽون وجهڻ سبب ئي دنيا ۾ بيماريون ۽ مصيبتون پيدا ٿيون آهن. مطلب تہ انسان ڪي جيئن وڻي تيئن ڪري، ڪنهن جي پرواهہ نہ ڪري، تمنائن ڪي دٻائڻ بدران انهن جو ڀرپور اظهار ڪرڻ گهرجي. پر سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا هڪ سماج ۾ هڪ فرد لاءِ ممڪن آهي تہ هو مڪمل طور ۽ اڪيلي سر پنهنجين جبلتن، خواهشن ۽ ارادن تي عمل ڪري سگهي ۽ انهن مان لطف ماڻي سگهي؟ ڇا اهو ممڪن آهي تہ جنهن ڪي جيئن وڻي تيئن ڪري سگهي؟ ڇا هڪ انسان پنهنجي جبلتن، خوشين ۽ تمنائن تي عمل ڪندي ڪنهن ٻئي انسان جي خوشي ڪي وڌائي يا الٽو ان ڪي ختم ڪري ڇڏي ٿو؟ ڇا انساني زندگي صرف هڪ فرد جي محنت جو نتيجو آهي يا سماج جي گڏيل پورهيي جو ڦل آهي؟ ڇا هڪ ڦرلٽ واري سماج ۾ ڪو فرد خوش زندگي گهاري سگهي ٿو؟

## (4) عمل ۽ جدوجهد ڪرڻ

دنيا جي اڪثر عالمن ۽ فلسفين عمل ۽ جدوجهد ڪي ئي زندگي جو مقصد چيو آهي. انهي حوالي سان علامہ اقبال چوي ٿو تہ

عمل سي زندگي بنتي هي، جنت بهي جهنم بهي

علامہ اقبال چوي ٿو تہ آدم ڪي جنت ۾ سڪون نہ مليو ڇاڪاڻ تہ اتي سندس هر خواهش، تمنا ۽ ضرورت پوري هئي پر ڪا جستجو، ڪا تلاش، ڪا جدوجهد نہ هئي، تنهنڪري چيائين تہ هاڻي منهنجو هتي جنت ۾ رهڻ ممڪن ناهي

اب ميري يهان گذر ممڪن نهين ممڪن نهين
ڪس قدر خاموش هي يہ عالمِ بي ڪاخ و ڪو

هندستاني فيلسوف وويڪانند وٽ هڪ همراهہ آيو ۽ ڪيس چيائين تہ ”مونکي خدا سان ملاقات ڪراءِ“ وويڪانند پڇيس ”ڪو برو ڪم ڪيو اٿئي؟“ جواب ڏنائينس ”نہ“ وري وويڪانند پڇيس تہ ”ڀلا ڪو چڱو



ڪم ڪيو اٿئي؟“ همراهہ چيو ”نہ“ تنهن تي وويڪانند چيس ”اها ملاقات نہ ٿي سگهندي“ همراهہ پڇيس ”ڇو ڀلا؟“ وويڪانند وراڻيس ”تو ڪيو ڪجهہ بہ ڪونہ آهي ڀريائين ڪجهہ (چڱو يا خراب) ڪر تہ خدا بہ ملندي“

پر سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا انسان بي عمل رهيو آهي؟ نہ. انساني تاريخ ۾ انساني آبادي جي اڪثريت مسلسل محنت ۽ جستجو ڪندي رهي آهي پر ان جي باوجود هزارين سالن جو سفر طئي ڪرڻ ڪانپوءِ بہ انسانذات جي اڪثريت اڄ بہ بک، بدحالي ۽ بيوسي جي زندگي گهاري رهي آهي؟ اڄ بہ هاري هاري آهي ۽ مزدور مزدور آهي. مسلسل عمل ۽ جستجو ڪرڻ باوجود ائين ڇو؟

## (5) جيئڻ

زندگي ۽ موت بہ غالب پهلو آهن، جيڪي انسان جي سموري زندگي تي حاوي رهن ٿا. گهڻو ڪري اڪثر مذهبي ڌرين زندگي جيئڻ بدران فراريت جو سبق ڏنو آهي ۽ هن دنيا ۽ هن زندگي ڪي مصيبتن، ڏکن ۽ تڪليفن جو گهر سڏيو آهي. انسان جي پوري تاريخ ۾ (ڪن تاريخ نويسن موجب) گهٽ ۾ گهٽ ٽي سو سال امن ۽ ٽي سو سال جنگ جو دور رهيو آهي جنهن ڪري ڪن تاريخدانن انسان ڪي ساڳئي وقت صلح ۽ امن پسند ۽ تشدد پسند ڪوٺيو آهي، پر انهن ٻنهي روين کان وڌيڪ طاقتور جبلت جيئڻ جي آهي. جيڪا ڪڏهن امن پسندي ۽ ڪڏهن تشدد پسندي جي صورت وٺي ٿي. جنگ جي ميدان ڏانهن ويندڙ سپاهي بہ جيئڻ چاهيندو آهي. ايتريقدر جو مذهبي ماڻهو جيڪو زندگي ڪي ڪجهہ بہ نٿو سمجهي اهو بہ دراصل هن دنيا ڪانپوءِ جي ابدي زندگي جو جذبو ۽ تمنا رکي ٿو. جيتري قدر صرف جيئڻ جو تعلق آهي تہ پوءِ ڪُتي، ٻلي، گڏهہ، گهوڙي کان ويندي ڪيڙن مڪوڙن ۽ جيتن سميت سمورا جانور بہ نہ صرف جيئن ٿا، پر سخت جستجو بہ ڪن ٿا ۽ پنهنجي نسل ڪي برقرار بہ رکن ٿا. تنهن مان سوال ٿو پيدا ٿئي تہ زندهہ رهجي پر ڪهڙي سطح تي؟ ڪهڙي مقصد سان؟ مطلب تہ اهڙو جيئڻ جيڪو ان ڪي انسانيت جي درجي تي پهچائي يا جانورن

واري ڏاکي تي؟ انهي حوالي سان تہ ڪنهن چيو آهي تہ ”ڪي ماڻهو کائڻ لاءِ جيئن ٿا تہ ڪي جيئڻ لاءِ کائين ٿا.“ اسٽارٽ مل چيو تہ ”هڪ مطمئن ڳجهہ کان غيرمطمعن انسان ٿيڻ بهتر آهي، مطمئن بيوقوف کان غيرمطمئن سقراط بهتر آهي.“

## نتيجو

جيتوڻيڪ مٿي بيان ڪيل مقصدن مان هر هڪ تاريخي طور تي مختلف دورن ۾ مرحليوار جڙيو آهي جن مان ڪنهن بہ هڪ کي مڪمل طور رد نٿو ڪري سگهجي. ڪو دور هو جڏهن انسان هٿان انسان کي مارڻ عيب نہ سمجهيو ويندو هو، هر طرف بربريت، قتل و غارت، جنگيون، خونريزي، تشدد، خدائي طاقت رکندڙ انساني خدا هئا ان وحشي دور ۾ چڱائي جي ڳالهہ ڪرڻ ۽ امن پسندي جي تبليغ تي وڏيڪ زور ڏيڻ هڪڙو انقلابي قدم هو. اهو درس گوتم ٻڌ، يسوع مسيح ۽ مهاوير جهڙين عظيم شخصيتن سرانجام ڏنا. ۽ جڏهن انسان فطرت، سماج ۽ شعور جي انڌين قوتن جي ڪارگذاري آڏو پاڻ کي بيوس ۽ لاچار محسوس ڪندو رهيو، ان جي ردعمل ۾ انسان (سقراط، افلاطون، ارسطو وغيره) علم، سمجهہ ۽ عقل کي انساني زندگي جو مقصد سمجهڻ تي وڏيڪ زور پريو، چڱائي ۽ سمجهہ جا تصور هجڻ باوجود انسان پنهنجو پاڻ کي اڌپورو محسوس ڪيو، ۽ ايتريقدر جو هڪڙو دور اهڙو بہ آيو جو ڪن مفڪرن ۽ عالمن انسان جي بيچيني، اڻ تڻ، مونجهاري ۽ عدم تسڪين جو سبب ئي انساني شعور کي ڪوٺيو، انهي حوالي سان روسو ”فطرت ڏانهن واپسي“ جو نعرو بلند ڪيو ۽ نطشي جهڙن تہ چڱائي جهڙي تصور کي (طاقتورن خلاف) ”ڪمزورن جو هٿيار“ سڏيو. اڳتي هلي ڪن مرد مجاهدن وري چيو تہ رڳو چڱائي جي خواهش ڪرڻ، عقل ۽ سمجهہ حاصل ڪرڻ ۽ خوشي ۽ لطف ماڻڻ جي آرزو ڪرڻ پر انهن تي عمل نہ ڪرڻ سان خوشي تہ نهيو پر مورڳو عذاب ۽ پيڙا جنم وٺندي، اصل ڳالهہ ”عمل“ آهي جستجو، ڪوجنا ۽ جدوجهد ذريعي ئي انسان کي سڪون ميسر ٿي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ چڱائي، ڏاهپ، خوشي ۽ جدوجهد جي تهہ ۾



جيڪا قوت ڪارفرما آهي اها آهي جيئڻ جي جبلت. اهو ئي سبب آهي تہ ڪيترائي انسان پنهنجي زندگي جي مختصر سفر ۾ مٿين مقصدن جي باري ۾ اڻڄاڻ هجڻ، يا انهن کان محروم هجڻ، يا انهن تي اڌپوري عمل يا سمجهہ هجڻ ۽ بد کان بدتر حالت ۾ هجڻ باوجود ۽ ڪجهہ فرد ۽ گروهہ (ٻين لکين انسانن جي محنت ۽ پورهئي تي پلجڻ ۽ انهن جو رت چوسڻ ڪانپوءِ) عياشيون ڪندي بہ زندهہ رهن ٿا مثال طور ظالم سرمائيدار، جاگيردار ۽ حڪمران طبقا ۽ سندن پيدا ڪيل فقير، موالي، جسم فروشي جو ڪاروبار ڪندڙ، ڏاڙيل، قاتل ۽ دهشتگرد وغيره.

ڪائناتي اصول موجب هر شي مسلسل تبديل ٿيندي رهي ٿي ۽ ڪابہ شي حتمي، آخري ۽ مطلق ناهي. اهڙي طرح اهو اصول مقصد تي بہ لاڳو ٿئي ٿو تہ ڪوبہ مقصد حتمي ۽ آخري ناهي، مقصد سدائين تبديل ٿيندا رهن ٿا ۽ هر مقصد جي پڇاڙي ٻئي مقصد جي شروعات هجي ٿي. فطرت جي قانون مطابق ڪابہ شي مڪمل آزاد، الڳ يا ڪٽيل نہ آهي هر شي ۽ لقاءَ ٻي شي ۽ لقاءِ کان متاثر ٿئي ٿو. اهڙي طرح هر مقصد ٻئي مقصد کان متاثر ٿئي ٿو، ڪوبہ مقصد الڳ يا ڌار نہ آهي. متضاد هوندي بہ انهن ۾ هڪجهڙائي آهي. هن مهل تائين بيان ڪيل مقصدن ۾ اعتراض ان ڳالهہ تي آهي تہ مقصد جي حوالي سان ٿيندڙ ڳالهہ ٻولهہ ۾ مختلف دورن ۾ ”صرف“ تي گهڻو زور ڏنو ويندو رهيو آهي يعني”صرف“ چڱائي ڪرڻ، ”صرف“ علم حاصل ڪرڻ، ”صرف“ پنهنجي تسڪين لاءِ پنهنجي مرضي موجب عمل ڪرڻ وغيره.

مٿي ڏنل سوالن جو جواب هي آهي تہ چڱائي، ڏاهپ، خوشي، جدوجهد ۽ جيئڻ جي مقصدن مان هرهڪ مقصد الڳ نموني انساني مسئلن کي حل نٿو ڪري سگهي اهي سڀ هڪٻئي ۾ سمايل، هڪٻئي ۾ ڳنڍيل ۽ هڪٻئي تي منحصر ڪن ٿا انهن مان ڪنهن بہ هڪ يا ٻن پاسن جي نہ هجڻ سبب انسان کي حقيقي سڪون ۽ تسڪين نٿي ملي سگهي.

حقيقت ۾ زندگي جي ابتدا (1) ”عمل“ سان ٿئي ٿي پر (2) ”شعور“ کانسواءِ عمل جو احساس بي معنیٰ هوندو، (۽ ان عمل جي نتيجي ۾

انساني شعور (ڄاڻ) جنم وٺندو آهي)، ساڳئي وقت ”ڪم/عمل“ ڏکيو هجي يا آسان، جيڪڏهن (3) ”چڱو“ هوندو تہ (4) ”خوشي“ بہ ملندي ۽ انسان ”لطف“ بہ ماڻي سگهندو پر اهو سڀ ڪجھ تڏهن ٿيندو جڏهن (5) ”جيئڻ“ موت لاءِ نہ پر زندگي لاءِ هوندو، ۽ زندگي تعاون ڪانسواءِ ناممڪن آهي. تنهنڪري ”صرف“ پاڻ زندھ نہ رهبو پر ”ٻين“ کي بہ ائين ئي جيئڻ ڏبو تہ جيئن هر انسان علم ۽ خوشي حاصل ڪري زندگي جو لطف وٺي سگهي. مطلب تہ شعوري بنياد تي چڱا عمل ڪندي ٻين سان گڏ خوش زندگي جيئڻ ئي زندگي جو مقصد ٿي سگهي ٿو.

زندگي جي اهميت کي سمجهڻ ۽ ان سان پيار ڪرڻ جو مطلب آهي تہ زندگي جيڪا هڪڙو ڀيرو ملي آهي ان جي هر لمحي جو ڀرپور فائدو ورتو وڃي ۽ هر گهڙيءَ جو حساب ڪيو وڃي. عظيم مصور ليونارڊو هڪڙي دفعي چيو تہ ”خراب عادتون ۽ سطحي سوچ رکندڙ فرد ان قابل نہ هوندا تہ ڪين انساني جسم جهڙو خوبصورت بدن ۽ عضوا ملن، انهن کي تہ بس هڪ ٿيلهي جهڙو بدن ملڻ کپي جيڪو غذا وصول ڪري ۽ پوءِ خارج ڪري ڇڏي ڇاڪاڻ تہ زندگي ۾ انهن جو ڪردار هڪ غذائي نالي (ٿيلهي) ڪانسواءِ ڪجھ ناهي هوندو“

هزارين سالن جي انساني تاريخ ۾ ڪروڙين اربين انسان ائين زندگي گذاري ويا جڻ تہ پيدا ئي ڪونہ ٿيا هئا، جن زندگي جو مقصد ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ ۽ ٻار ڄڻڻ سمجهيو هو پر کي انسان اهڙا بہ ٿي گذريا آهن جيڪي هڪ ئي وقت عالم بہ هئا، تہ چڱا بہ هئا، تہ ڏکن ۽ سورن ۽ پيڙائن مان گذرندي بہ خوشي محسوس ڪندا هئا ڇاڪاڻ تہ سندن ارادا، مقصد ۽ منزلون تمام اونچيون هيون جيڪا ڳالھ صحيح ۽ سچ سمجهيائون ان کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيائون جڏهن تہ اهي ماڻهو جيڪي قبرن (يعني موت) لاءِ جيئن ٿا اهي پنهنجي ٿيلهي جهڙي جسم ۽ نالي سميت دفن ٿي وڃن ٿا پر جينس ۽ ڏاها انسان جيڪي هن دنيا کي جنت بنائڻ لاءِ وڙهيا اهي انسان هن دنيا ۾ امر ۽ لافاني ڪردار بڻجي ويا، اهي پاڻ کي ختم ڪرڻ کان اڳ هزارين



ننڊڪن، پيڙهيل، مظلوم ماڻهن کي نوان گس ۽ طريقا سيکاري سندن لکيل تقديرون بدلائي ڇڏين ٿا.

ڪيترائي ماڻهو مونکي مهم جُو سڏين ٿا، ۽ آءُ اهو آهيان، پر ٿوري مختلف قسم جو، (اهو مهم جُو) جيڪو سچ ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي زندگي جو جوکم کڻي ٿو. چي گويرا

---

خوبصورتي سچ آهي، سچ خوبصورتي، بس اهوئي! زمين بابت جو ڪجھ آهي، ۽ توکي سڀ ڄاڻڻ جي ضرورت آهي. جان ڪيٽس

---

مونکي شينهن جي ان فوج جو ڪوبہ ڊپ ناهي، جنهن جي اڳواڻي رڍ ڪري رهي هجي پر مون کي خوف ان رڍن جي فوج کان آهي جنهن جو اڳواڻ شينهن هجي. سڪندر اعظم

# مستقبل جي دنيا

ڪامريڊ لينن چيو آهي تہ ”بنيادي طور تي اهو ڪم اسان ڪي ئي ڪرڻو آهي تہ نہ رڳو اڄ جا مقصد اڳيان آڻيون (جيڪي خود اقتداري ذريون بہ پيش ڪري رهيون آهن) پر ايندڙ مستقبل جا وڏا ۽ بنيادي معاملا بہ پيش ڪريون.“

”ماضيءَ ڏانهن پوئتي نهاريو، عظيم سلطنتن جي عروج ۽ زوال کي ڏسندو، پوءِ توهين مستقبل بابت پيشن گوئي ڪري سگهندو.“ مارڪيوس اريليوس

”جيڪڏهن اوهين مستقبل جي غيب کي ڄاڻڻ چاهيو ٿا تہ ماضيءَ جو مطالعو ڪريو.“ ڪنفيوشس

فطرت جو اصول آهي تہ شيون ۽ لقاءَ سادگي کان پيچيدگي طرف سفر ڪن ٿا. اهو اصول انساني سمجهہ ۽ علم سان بہ لاڳو ٿئي ٿو. ماضي جا سماج جن آڏو ڪجهہ بنيادي ۽ ان دور جا اهم ۽ مکيہ سوال حل ڪرڻا هئا سي ننڍڙا توڙي اهم سوال اڄ وڏن شعبن جي صورت اختيار ڪري ويا آهن. مثال طور جيڪو ائٽم قبل مسيح (ق م) ۾ ننڍڙو ۽ ناقابل ورهاست ذرڙو سمجهيو ويندو هو اهو ائٽم اڄ هڪ وسيع ۽ نهايت پيچيدا دنيا رکندڙ وجود بڻجي ويو آهي، جنهن اندر اڻ ڳڻيا ذرڙا دريافت ڪيا ويا آهن جيڪي لمحن جي لکين حصي ۾ جڳهہ ۽ رخ بدلائيندا رهن ٿا. ساڳيو اصول انساني سماج تي بہ لاڳو ٿئي ٿو، جيڪو اڄ کان ڪجهہ هزار سال اڳ سادو هو اهو اڄ ايڪويهن صدين ۾ هڪ وڏي پيچده دنيا بڻجي ويو آهي، ڪالهہ جتي دنيا جهان جا سمورا علم ڪنهن هڪ موضوع اندر بغير ڪنهن الڳ سڃاڻپ ۽ تعريف جي پڙهيا ۽ سمجهايا ويندا هئا. مثال طور اڍائي هزار سال اڳ سائنس، مذهب، اخلاقيات، سياست ۽ فلسفو وغيره الڳ موضوع طور نہ پڙهيا ويندا هئا. ان جي شروعاتي بنياد وجهندڙ انسانن مان ارسطو ۽ افلاطون هڪ هئا. ڪجهہ موضوع تہ علائقائي حدن جي حوالي سان سڃاتا ويندا رهيا آهن، مثال طور هندستان طب ۽ رياضي، يونان



فلسفي ۽ سائنس ۽ سياست وغيره جي حوالي سان مشهور هئا. پر هن وقت علم جا اڻ ڳڻيا شعبا وجود ۾ اچي چڪا آهن، ۽ ان مان هر هڪ شعبي کي Specialization حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ سمجهڻ تمام ڏکيو بڻجي پيو آهي، هن وقت هڪ ملڪ ۽ ان جي سرحدن اندر ٿيندڙ سياسي، سماجي، معاشي تبديليون سڌي يا اڻسڌي طرح عالمي سياسي، سماجي، معاشي تبديلين کان متاثر ٿين ٿيون، هن ڌرتي جي گولي ڪيترين ئي ٻوليون، ملڪ، مذهب، فرقا، پارٽيون، قومون، طبقا، گروهہ، ذاتيون، جنسون بہ موجود آهن، تہ لاتعداد شين جا ڍير بہ آهن، تہ بک، بدحالي بہ آهي، انهن مان هر هڪ ٻين لاتعداد ڌاڳن جي صورت ۾ ٻين شين سان ڳانڍاپي ۾ آهي، هڪ ئي وقت سميٽجڻ/گڏجڻ Integration ۽ ڇڙوڇڙ ٿيڻ Disintegration جو عمل بہ ٿئي ٿو. مطلب تہ موجوده دنيا ۾ ٿيندڙ گهڻ طرفي تبديلين جي رخن ۽ تهن کي ڏسي ماڻهو پريشان ٿيو پوي ۽ ڪيترائي سوال پنهنجي ذهن ۾ ڪنيو پيو هلي.

بهرحال، ساڳيون پيچيدگيون ڳوڙهي مطالعي ۽ نوس تجربي ڪرڻ ڪانپوءِ وري ساديون بڻجي وڃن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ جديد دور جي انسان کي پوري انساني تاريخ جي علم ۽ تجربي جو انمول خوبصورت ورثو تحفي طور مليو آهي. اهو علم هڪ سمنڊ جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي، جنهن مان ڪجهہ تڪليف ۽ محنت ڪرڻ ڪانپوءِ موتي ڳولي سگهجن ٿا. ڀٽائي چيو آهي تہ:

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال
سئين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال
جي ماسو ملئي مال، تہ پوڄارا پر ٿئين.

لينن چيو آهي تہ هڪ انسان پنهنجو پاڻ کي ڪميونسٽ تڏهن سڏائي سگهي ٿو، جڏهن هو انسانذات جي سمورن علمي خزانن سان پاڻ کي مالا مال بڻائيندو.

بهرحال، موجوده دنيا جي رنگ برنگي ۽ طرحين طرحين صورتن کي ڏسڻ ڪانپوءِ انسان سوچي ٿو تہ جديد دنيا ڇا آهي ۽ ڪيڏانهن وڃي

پئي؟ مستقبل جي دنيا ڪهڙي هوندي؟ ايندڙ دور ۾ طاقت جو توازن ڇا هوندو؟ علم، مذهب، سائنس ۽ جنگ جي سماج ۾ ڪهڙي حيثيت هوندي؟ سياست ۽ اقتصاديات جو مستقبل ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪندا؟ ملڪي سرحدون ۽ قومي سڃاڻپون، ٻوليون، ثقافتون وغيره ۾ ڪهڙيون تبديليون اينديون؟ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي سوال سامهون ڪٽي ايندڙ مستقبل کي سمجهڻ ۽ حل ڳولڻ لاءِ ماضي جي پيٽ ۾ وڏيڪ ڳوڙهي مطالعي ۽ تجربي جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته هن وقت دنيا جي گولي تي قبائليت، جاگيرداريت ۽ سرمائيداريت هڪ ئي وقت گهٽن روپن ۾ نه رڳو وجود رکن ٿا پر ڪنهن حد تائين مضبوط پڻ آهن. انهن جي طاقتور وجود جو ڏيک ڏيڻ وارو اهم مورچو ميڊيا آهي. سامراج موجوده دنيا جي حال توڙي مستقبل بابت ڪوڙا هٿ ٺوڪيا مفروضا ۽ نظريا پيش ڪري وڏيڪ مونجهارا پيدا ڪيا آهن، پنهنجن دانشورن، مفڪرن ۽ عالمن ذريعي اگهاڙي ظلم ۽ ڏاڍ کي خوبصورت لباس ۾ ويڙهي سماج جي بنيادي ۽ اهم تضادن تان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. هزارين ڪوڙ ۽ دوکا ڪري صورتحال کي منجهائيندڙ ۽ پيچيده بڻائي ماڻهن کي ڪوڙڪين ۾ ڦاسائي ڪائنن فيصلي ڪرڻ جي قوت به کسي ويندي آهي. جڏهن ته پورهيت ۽ عوام دوست مفڪر ۽ ڏاها سماج جي بنيادي ۽ اهم تضادن کي جيڪي هزارن سالن کان ڳجها رکيل هئا، تن کي نروار ڪري ۽ اپاري انهن کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪندا آهن.

## ”تاريخ جو خاتمو“ ”تهذيبن جو ٽڪراءُ“ يا ”بنياد پرستن ۾ ٽڪراءُ“؟

سوويت يونين جي زوال ڪانپوءِ آمريڪي سلطنت پنهنجي رياستي دانشورن ذريعي شاندار مستقبل متعلق بحث شروع ڪري ڇڏيا. پنهنجي نظرياتي فتح کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڪتاب مارڪيٽ ۾ پيش ڪيا ويا، ”تاريخ جي خاتمي“ ”تهذيبن جي ٽڪراءُ“ ”لبرل ازم“ ”دهشتگردي خلاف جنگ“ جهڙا ڪوڙا نظريا متعارف ڪرايا. انهيءَ سلسلي جي ڪڙي طور پهرين ڪوشش 1989ع ۾ فرانسس فوڪوياما



(جيڪو آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جو اڳوڻو ملازم هو) جي مضمون End of History (تاريخ جو خاتمو) سان شروعاتي بحث ڇيڙيو ويو.

هيگل ۽ ڪوجيو جي لکڻين کان متاثر ٿيل فوڪوياما ٻين عالمي جنگ ۾ فاشزم جي شڪست ۽ چاليهه سال بعد سوويت يونين جي ڊهڻ کي جواز بڻائيندي لبرل جمهوريت جي فتح کي نظرياتي ارتقا جي انتها يا خاتمو قرار ڏنو. ليکڪ موجب، ڇاڪاڻ ته هيئنر ٻئي پاسي يا ڪيڏانهن به وڃڻ جو ڪو به متبادل رستو ناهي بچيو. قومپرستي ۽ بنياد پرستي مرده ماضي جا نشان آهن. جڏهن ته آزاد جمهوريت صرف مغربي دنيا تائين محدود ناهي پر ڏکڻ ڪوريا، تائيوان ۽ جاپان ۾ ڪنهن حد تائين لاڳو آهي. لبرل جمهوريت جيڪا سرمايه داري دور جي ڪاميابي جي انتها آهي، جي هوندي ڪجهه جهيڙا ۽ فساد جاري رهندا، جيڪي ايترا طاقتور ۽ بااثر نه هوندا جو لبرل تسلط کي نقصان پهچائي سگهن.

فوڪوياما چوي ٿو ته اسان تاريخ جي خاتمي جو نظارو ڏسي رهيا آهيون. جيڪو بني نوع انسان جي نظرياتي ارتقا ۽ انساني حڪمراني جي آخري شڪل طور مغربي لبرل جمهوريت جي آفاقيت جو نقطہ عروج آهي. وڏيڪ صاحب موصوف لکي ٿو ته ممڪن آهي ته ٿين دنيا ۾ ڪجهه تڪرار ٿين. بهرحال، عالمي جهيڙو ختم ٿي چڪو آهي، صرف غيرمغربي دنيا ۾ وڏيون تبديليون ظاهر ٿينديون. چين ۽ سوويت يونين جي نظرين جي جنگ پنهنجي خاتمي تي آهي. مستقبل نظرين جي حوالي سان ڪشمڪش لاءِ نه پر دنياوي معاشي ۽ ٽيڪنيڪي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مخصوص هوندو. (بهرحال، ليکڪ خود مايوسي سان نتيجو ڪڍي ٿو ته اهو سڀ ڪجهه بيزار ڪري ڇڏڻ جهڙو هوندو.) فوڪوياما لکي ٿو ته خدا جو شڪر آهي ته هاڻي اسان جنگ جو مطالعو نه ڪنداسين ڇاڪاڻ ته جنگ ئي ختم ٿي وئي آهي.

ساڳئي نظرياتي ويڙهه کي جاري رکندي سامراج طرفان هڪ ٻيو ”قلم سان هٿياربند سپہ سالار“ ميدان ۾ نمودار ٿيو. 1993ع ۾ آمريڪي

پروفيسر ميسموئيل پي هنٽنگٽن (جيڪو ويٽنام ۾ آمريڪي صدر جانسن جي انتظاميہ ۾ بغاوت مخالف ماهر طور ڪم ڪندو هو.) Clash of Civilizations (تهذيبن جو ٽڪراءُ) نالي ڪتاب لکيو. ان ڪتاب جي ايتري پرچار ڪئي وئي جو عام ماڻهو ان کي سچ سمجهڻ شروع ڪيو. ڪتاب ۾ پروفيسر هنٽنگٽن چوي ٿو تہ ڪميونزم جي شڪست ٽوٽي جو هڪ نظرياتي جهيڙي جو خاتمو هئي پر اها تاريخ جي خاتمي کي ظاهر نٿي ڪري. سرد جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ واري دنيا جي ماڻهن جي وچ ۾ واضح تقسيم ۽ تفريق نظرياتي يا معاشي ناهي پر ثقافتي آهي، عالمي سياست هاڻي ثقافتي بنيادن تي نئين سر جڙي رهي آهي.

هن صاحب ثقافتن جي فهرست کي انن نالن ۾ ورهايو آهي، جنهن ۾ اولهہ، ڪنفيوشس، جاپاني، اسلامي، هندو، آرٿوڊڪس، لاطيني آمريڪي ۽ شايد آفريڪي (ڇاڪاڻ تہ صاحب موصوف کي شڪ آهي تہ شايد آفريڪي ثقافت آهي ئي ڪانہ) شامل آهن. پروفيسر هنٽنگٽن جو خيال آهي تہ دنيا ۾ ثقافتي حوالي سان وڏي ۾ وڏو فرق اولهہ ۽ باقي دنيا West and the Rest جو آهي. ڇاڪاڻ تہ مغرب وٽ ئي انفراديت پرستي، لبرل ازم، آئينيت پسندي، انساني حق، آزادي، برابري، قانون جي حڪمراني، جمهوريت ۽ آزاد مارڪيٽ جا قدر (Values) آهن، تنهنڪري اولهہ کي فوجي طور ٻين مخالف تهذيبن سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو. جنهن ۾ بہ تهذيبون اسلام ۽ ڪنفيوشس مغرب لاءِ وڏيڪ هاچيڪار آهن ۽ جيڪڏهن اهي متحد ٿي ويون تہ پوءِ اهم تهذيب (مغربي تهذيب) لاءِ خطرو ثابت ٿينديون. مطلب تہ هن ڪتاب جو مرڪزي خيال هي آهي تہ ثقافت ۽ ثقافتي سڃاڻپ (جنهن ۾ مذهب اهم حيثيت رکي ٿو) جيڪا وسيع تر سطح تي تهذيبي تشخص هوندي آهي. سرد جنگ ڪانپوءِ جي دنيا ۾ تعاون، دشمنين، ٽڪرائن ۽ جهيڙن جو وڏو سبب ثقافت رهي آهي.

پروفيسر وڌيڪ لکي ٿو تہ انساني تاريخ تهذيبن جي تاريخ آهي، عالمي سياست جي مستقبل ۾ تهذيبن جي وچ ۾ جهيڙا ۽ ٽڪرار



چانيل رهندا ۽ تهذيبي ٽڪراءَ عالمي امن لاءِ سڀ کان وڏو خطرو آهي ۽ اهڙي طرح تهذيبن جي بنياد تي تشڪيل ڏنل بين الاقوامي نظام ئي جنگ کان بچاءَ جو واحد ذريعو آهي.

فوڪوياما ۽ پروفيسر هنٽنگٽن جي جواب ۾ ڪابي ڏر جي ليکڪ طارق علي (جيڪو اصل لاهور جو آهي پر اڄڪلهہ لنڊن ۾ رهي ٿو) 2002ع سان عنوان جي ٽڪراءَ جو پرستن بنياد Clash of Fundamentalists ۾ ڪتاب لکيو. جنهن ۾ هن جي بحث جو گهڻو زور موجوده صورتحال ۽ ان جي پس منظر تي آهي. طارق علي لکي ٿو تہ موجوده دور جي فسادن ۽ لڙاين جو وڏي ۾ وڏو سبب سامراجيت آهي ۽ ٻيا اڪثر مسئلا سامراجي اقتصاديات پرستن طرفان اختيار ڪيل حڪمت عملي ۽ پاليسين جو نتيجو آهي. سرد جنگ جي خاتمي کان اڳ (آمريڪا ۽ سندس اتحادين) سوويت يونين کي وڌيڪ ڦهلجڻ کان روڪڻ ۽ ڪميونزم کي ناڪام بڻائڻ لاءِ منصوبي تحت مختلف علائقن ۾ بنياد پرستي کي هٿي وٺرائي. پروفيسر هنٽنگٽن تي بحث ڪندي طارق علي چوي ٿو تہ تهذيبن جي ٽڪراءِ وارو سادو پر سياسي طور معقول تجزيو پيش ڪري آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جي پاليسي جوڙيندڙن ۽ نظريہ دانن لاءِ هڪ انتهائي ڪارآمد دڳ مهيا ڪري ڏنو آهي. جنهن ۾ اسلام کي وڌيڪ خطرناڪ ڏيکاريو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ دنيا جي تيل جو وڏو حصو ايران، عراق ۽ سعودي عرب ۾ آهي. نتيجي طور آمريڪا (جيڪو دنيا ۾ پنهنجو پاڻ کي جمهوريت جو علمبردار سڏائي ٿو) سعودي عرب اندر بادشاهي نظام جو محافظ ٿيو بيٺو آهي تہ وري عراق ۾ بعث جهڙي تنظيم کي فروغ ڏئي صدام کي آندو ويو (۽ پوءِ وري ان کي بہ ختم ڪيو ويو) ۽ مصر ۾ جمال عبدلناصر خلاف مسلم (اخوت) انڊونيشيا ۾ سوئڪارنو خلاف مسجومي Masjumi ۽ پاڪستان ۾ ڀٽي خلاف ضياءُ الحق (جماعت اسلامي) ۽ ٻئي پاسي سيڪيولر ڪميونسٽ نجيب الله خلاف طالبان ۽ اسامہ جهڙن فردن ۽ گروهن جي پٺڀرائي ڪئي. جڏهن نجيب کي يو اين (United Nations) جي عمارت مان گهلي قتل ڪيو ويو ۽ ڪيس

اگھاڙو ڪري سندس مخصوص عضوو ڪٽي وات ۾ وجهي عام ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ ٽنگيو ويو تڏهن نه ڪنهن به مغربي رهبر يا ليکڪ نه ڪا راءِ نه ڏني، تهذيبن جو ٽڪراءُ!

هنٽنگٽن جي اسلامي تهذيب متعلق ڏنل راءِ تي طارق علي وڌيڪ لکي ٿو ته اول ڳالهه هزار سالن کان اسلامي دنيا هڪ ناهي رهي، سيگالين، چينن، انڊونيشن، عرب ۽ ڏکڻ ايشيائي مسلمانن جي وچ ۾ سماجي ۽ ثقافتي فرق ساڳين مٿين قومن جي غيرمسلمان ميمبر کان تمام گهٽو آهي. آمريڪي سامراج ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ ستر سال جنگ دنيا جي سيني تهذيبن تي اثر ڇڏيو. ڪميونسٽ پارٽيون لوٿر جي جرمني ۾ ئي نه پر ڪنفيوشسي چين ۽ مسلمان انڊونيشيا ۾ نه رڳو وڌيون ويجهيون پر عوام ۾ وڏي مقبوليت پڻ ماڻي. سامراج طرفان جوڙيل بنياد پرستي سوويت يونين جي ڊهڻ ڪانپوءِ سندن ڳچيءَ ۾ پئي آهي.

## ”آمريڪا: صوبيدار“

1992ع ۾ جڳ مشهور آمريڪي پروفيسر نوم چومسڪي پنهنجي ڪتاب Deterring Democracy ۾ لکيو ته سوويت يونين جي زوال ڪانپوءِ آمريڪا جي پيٽ ۾ يورپ ۽ جاپان وڌيڪ سگهه ۽ قابليت رکن ٿا ۽ اهي نشانيون تقريبا 1970ع ۾ ئي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويون هيون. چاڪاڻ ته آمريڪا هٿيارن جي وڏي صنعت جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ پنهنجي عالمي حاڪميت ۽ برتري کي برقرار رکڻ لاءِ بچاءَ جي آڙ ۾ وڌيڪ خرچ ڪيو. سرد جنگ ڪانپوءِ واري بين الاقوامي نظام جو اقتصادي ترتيب ته طرفي (Tripolar) يورپ، جاپان ۽ آمريڪا آهي پر فوجي حوالي سان هڪ طرفي يعني آمريڪا. هوئن به اقتصادي پاسو ڪمزور هجڻ ڪري ڪابه جنگي قوت جان جوکي ۾ وجهڻ وارو لاڙو اختيار ڪري ٿي. جنهن جا نتيجا تباهه ڪن نڪرندا آهن. توڙي جو آمريڪا طرفان ٻيهر اقتصادي برتري حاصل ڪرڻ جا امڪان گهٽ آهن پر پنهنجي فوجي سپر پاور واري مان ۽ مرتبي کي نڀائڻ ۾ پورو آهي.



انهيءَ آمريڪي صوبيداري واري ڪردار جي حوالي سان اڳوڻي آمريڪي ڊپٽي سيڪريٽري آف اسٽيٽ لارنس ايگلبرگر وضاحت ڪئي هئي ته نئين ورلڊ آرڊر جو بنياد هڪ نئين قسم جي سفارتڪاري هوندي، جنهن ۾ ٻيا ملڪ آمريڪا کي رقم ادا ڪندا ۽ آمريڪي فوج مداخلت ذريعي صوبيداري ڪندي نظم ۽ ضبط برقرار رکندي.

## ”جنگ جو مستقبل“

لينن هڪ هنڌ لکيو آهي ته جيستائين پيداواري ذريعن جي نجي ملڪيت جو وجود آهي سامراجي جنگيون قطعي اٽل آهن.

مستقبل ۾ جنگين جي نوعيت ڇا هوندي؟ ان موضوع تي 1993ع ۾ ٻن آمريڪي ليکڪن ايلون ۽ هيڊي ٽافلر War and Anti-War ”جنگ ۽ جنگ مخالف“ ڪتاب لکيو. جنهن ۾ ليکڪن خيال پيش ڪيو آهي ته جسماني پورهئي ۽ خام مال بدران ڄاڻ جي بنياد تي هن وقت دنيا ۾ نئين انقلابي اقتصاديات اڀري رهي آهي. ان اقتصادي تبديلي سان گڏوگڏ جنگ جي نوعيت ۾ پڻ انقلابي تبديلي ايندي. اسان هيئنر زميني اقتصاديات زميني معلوماتي دور ۾ داخل ٿي رهيا آهيون. ڪتاب جي ليکڪن دنيا جي تاريخ کي ٽن دورن ۾ ورهايو آهي، جنهن موجب پهرين لهر، زراعتي ۽ ٻي لهر، صنعتي انقلاب آندا. ڪجهه صديون اڳ پورچوگيز اسپيني ۽ انگريزن طرفان دنيا جهان کي پنهنجو محڪوم بنائڻ وارو دور زراعتي لهر تي صنعتي لهر جي فتح هئي ۽ هاڻي بقول ليکڪ جي ٽين لهر (جيڪا ڄاڻ تي ٻڌل هوندي) ايندي ۽ جڏهن به تاريخ جون لهرون ٽڪرائجنديون آهن ته سمورين تهذيبن ۾ ٽڪراءُ ٿيندو. زراعتي دور پنهنجي پيداواري جوڙجڪ سبب محدود پيماني تي ۽ مخصوص علائقن ۾ جنگ ڪري سگهيو پئي ۽ صنعتي دور جي پيدوار وسيع هجڻ سبب جنگ به وڏي تباهي آڻيندڙ Mass destructive هئي.

ٽين لهر (معلوماتي دور) واريون قومون ڄاڻ ۽ واڻ، مئنيجمنيٽ، ثقافت ۽ پوپ ڪلچر، جديد ٽيڪنالوجي، سافٽ ويئر، تعليم، تربيت، ميڊيڪل ڪيئر ۽ مالياتي بندوبست ۽ ٻيون خدمتون ٻين ملڪن کي

وڪرو ڪنديون انهن خدمتن ۾ "فوجي تحفظ" پڻ شامل هوندو (جنهن جو مثال ڪويت ۽ سعودي عرب آهن) ٽين لهر (معلوماتي دور) جو انسان جتي غيرسرحدي دنيا جا ڳڻ ڳائيندو وتي اتي ٻئي دور جو انسان قومي گيت ڳائيندو تہ ضرور نتيجو انتهائي رتوڇاڻ نڪرندو. جتي ٽئي لهرون (زراعتي، صنعتي ۽ معلوماتي) هڪٻئي جي سامهون ٿينديون، فتح ان کي حاصل ٿيندي جيڪو تيز رفتاري سان معلوماتي دور جون گهرجون حاصل ڪندو ۽ مستقبل جي جنگ اسان جي سوچ ويچار کان مٿانهين هوندي. هن وقت دنيا جون انتهائي ترقي يافتہ معاشي قوتون، يورپ، جاپان ۽ آمريڪا ٿوري گهڻي فرق سان آهستي آهستي پورهئي بدران ذهني ڪم ڪرڻ طرف گامزن آهن.

ايندڙ دور جون جنگيون عالمي سطح جون هونديون. جنهن جا ٽارگيٽ مخصوص هوندا ۽ جنگين جو بنياد خلائي طاقت تي هوندو، نهايت ئي تيزي سان هڪ علائقي کان دنيا جي ٻئي علائقي ڏانهن سفر ڪندڙ جهاز هوندا، اڪثر سپاهي بندوق بدران ڪمپيوٽر کڻندا، فوج جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽ ڪري معياري اسپيشلسٽ (Specialists) ۽ ماهر ڀرتي ڪيا ويندا جيڪي تمام گهڻا ڪم هڪ ئي وقت ڪري سگهن. ويجهي مستقبل ۾ ٿي سگهي ٿو تہ وڏيون ٽينڪون ڪيميائي جنگ ۽ سڀ وڏيون موبائل بندوقون ۽ بمبار جهاز ختم ڪيا وڃن. روشني جيتري تيز رفتار ميزائلن ۽ اوزان ذريعي دشمنن جي هٿيارن کي رستي تي ئي ناڪام بڻايو وڃي يعني فوج کي روبوٽائيز ۽ ميڪنائيزڊ ڪيو پيو وڃي.

انساني تاريخ جي اڪثر سامراجي جنگين ثابت ڪيو آهي تہ ڪاميابي حاصل ڪرڻ ايڏو وڏو مسئلو ناهي، جيڏو وڏو مسئلو ان فتح کي برقرار رکڻ رهيو آهي جنهن جو مثال ويٽنام آهي، جتي دنيا جي جديد ٽيڪنالاجي سان هٿياربند فوج هڪ پاسي هئي تہ ٻئي پاسي ننڍڙين شين، ڏينهن، ڪانين ۽ بندوقن سان هٿياربند ويٽنامي فوج هئي، پر پوءِ بہ شڪست آمريڪي فوج جو مقدر بڻي. چاڪاڻ تہ عوام



جي فوج آمريڪي سامراج سان ڳڌ نہ هئي. اڄ جو افغانستان، عراق توڙي فلسطين ان جا وڏا ثبوت آهن.

## "مذهب ۽ ترقي پسند جدوجهد"

ڪنهن ڏاهي انسان جا لفظ آهن تہ "اهو شخص ان ڏينهن کان مرڻ شروع ڪري ٿو جڏهن کان سچ ڳالهائڻ بند ڪري ٿو."

هن وقت ڪجهہ علائقن ۾ عالمي سامراج جي پيدا ڪيل چند انتهاپسند، مذهبي جنونين ۽ دهشتگردن طرفان مذهب جي آڙ ۾ معصوم ٻارڙن جي تعليم لاءِ قائم ٿيل اسڪولن کي تباهہ ڪرڻ، عام ماڻهن تي خودڪش حملا ڪرڻ، بمن ۽ هٿياربند حملن ذريعي قتل عام ڪرڻ، ثقافتي ورثن کي تباهہ ڪرڻ، عورتن تي تشدد، صدين پراڻن قانونن کي وري لاڳو ڪرڻ، جديد ٽيڪنالاجي کان نفرت ڪرڻ، غيرمسلمانن خلاف نفرت پکيڙڻ، خوف، حراس ۽ ڏهڪاءُ پکيڙڻ ۽ دهشتگردي ڦهلائڻ جهڙين انسان دشمن، عقل دشمن، عورت دشمن، ثقافت ۽ تعليم دشمن ڪارروايون پيون ٿين جنهن جي نہ صرف غيرملسم پر خود مسلمان بہ مخالفت ڪندو. پر ڪجهہ ليکڪ ان سامراج جي پيدا ڪيل دهشتگردي کي بنياد بڻائي سموري دنيا ۾ مذهبي رنگ ۾ ٿيندڙ مزاحمت کي ئي انتهاپسندي ۽ دهشتگردي سڏين ٿا. حقيقت ۾ ڪجهہ ڌرين جي دهشتگردي کي بنياد بڻائي سموري جدوجهد کي عام طور (In general) رد ڪرڻ درست ناهي.

لينن لکيو تہ "سياست ۾ عوام سدائين کان دوکي ۽ خود فريبي جو بيوقوفاڻو شڪار پئي رهيو آهي ۽ اهو سدائين ائين ئي رهندو جيستائين هو سمورن سماجي، سياسي، مذهبي ۽ اخلاقي واعدن، پڌرنامن ۽ جملن جي پٺيان ڪهڙي طبقي جا مفاد آهن اهو تلاش ڪرڻ سکي نٿو." مارڪس چيو تہ انساني تاريخ طبقاتي جدوجهد جي تاريخ آهي. مطلب تہ طبقاتي سماج اندر ٿيندڙ سموري ويڙهہ بنيادي طرح طبقاتي هجي ٿي جيتوڻيڪ ان جي ڪجهہ حصي جو سڌي ريت طبقاتي تضاد سان تعلق ناهي هوندو پر اڻسڌي طرح يا ڪٿي نہ ڪٿي، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ان جو تعلق طبقاتي نظام سان هجي ٿو پر

ان جي اظهار جي صورت مختلف هجي ٿي. تاريخي طرح طبقاتي جدوجهد هميشہ مختلف صورتن ۾ پنهنجو اظهار ڪندي رهي آهي ڪڏهن شهنشاهن جي تبديلي، ڪڏهن مذهبي جدوجهد، ڪڏهن نئين سجاڳي، نئين روشني ۽ سائنس جي صورت ۾، ڪڏهن جمهوريت تہ ڪڏهن سماجوادي انقلاب جي صورت ۾، ۽ ڪڏهن وري قومي آزادي جي تحريڪن جي شڪل ۾.

صدين تائين انسان فطرت ۽ سماج جي انڌين پوائٽين قوتن اڳيان پاڻ کي بيوس ۽ لاچار سمجهندي عقيدن جي صورت ۾ طبقاتي جدوجهد وڙهندو رهيو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي هن وقت بہ وڙهي رهيو آهي. جيتوڻيڪ تاريخي طور عقيدن جي نظام جو دور ختم ٿي چڪو آهي. جهڙي ريت غلامداري، قبائليت ۽ جاگيرداري جو دور ختم ٿي چڪو آهي پر ڪوڙ سارن علائقن (خاص ڪري ايشيا ۽ آفريڪا) ۾ هن وقت بہ غلامداري، قبائليت ۽ جاگيرداري انتهائي مضبوط پاڙون رکي ٿي تنهنڪري جاگيرداري ۽ غلامداري کي سائنسي طرح سمجهڻ ۽ منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي نہ کي ان کان ٽٽائڻ جي. ساڳئي ريت مختلف علائقن ۾ عالمي سامراج طرفان مذهبي بنيادن تي تيار ڪيل انتهاپسندي، ڪٽرپڻو ۽ بنياد پرستي کي سائنسي انداز سان منهن ڏيڻ جي ضروت آهي. لينن چوي ٿو تہ پيچيده مسئلن جو حل پيچيده ٿئي ٿو. مطلب تہ جيڪا شي يورپ ۽ آمريڪا لاءِ غيرواسطيدار شي هجي اها ضروري ناهي تہ ايشيا ۽ آفريڪا لاءِ بہ ائين ئي هجي تنهنڪري هر خطو ۽ ان جا ملڪ هڪ ئي وقت تاريخ جي مختلف دور مان گذري رهيا آهن. انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ، منفي ۽ هاڪاري پاسن کي نوس ۽ مخصوص انداز سان ڏسڻ جي ضرورت آهي. هن وقت بہ ڪيترن ئي علائقن ۾ ٿيندڙ مذهبي جدوجهدون هر حالت ۽ هر صورت ۾ مدي خارج ۽ رجعت پرست ناهن پر انهن مان هر هڪ کي ان جي مخصوص فريم ورڪ ۾ ڏسبو تہ انهن جي اندر بهتر پاسا بہ نظر ايندا. مثال طور ڇا عراق ۽ افغانستان ۾ ٿيندڙ ويڙهہ صرف ۽ صرف مذهبي مقصدن لاءِ آهي؟ ڇا آمريڪا عراق مان سمورا مذهبي ڪتاب ڪٺائي ٻاهر



موڪلي ڇڏيا آهن يا مسجدن ۾ نمازون پڙهڻ تي بندش وڌي آهي؟ جيڪڏهن نہ، تہ پوءِ عراق ۾ ٿيندڙ ويڙهہ کهڙن مفادن خاطر ڪئي پئي وڃي، مذهبي يا معاشي ۽ قومي مفادن لاءِ؟ ڇا فلسطين ۽ اسرائيل جي وچ ۾ ٿيندڙ ويڙهہ مذهبي ويڙهہ آهي يا اسرائيل طرفان فلسطيني زمين تي قبضي جي جنگ آهي جنهن کي اسرائيل مذهبي صورت ۾ پيش ڪري ٿو؟ ڇا ڪشمير ۾ ويڙهہ جيئن تہ مذهبي رنگ ۾ ڪئي پئي وڃي تنهنڪري اها رجعت پرست ٿي پئي، ڇا ڪشميرن سان ظلم نٿو ٿئي؟ ڇا مذهب هميشہ کان رجعت پرست رهيا آهن؟ ڇا مذهب ڪڏهن بہ ترقي پسند ڪردار ادا نہ ڪيو ۽ نہ ئي ڪڏهن ڪري سگهندو؟ ان حوالي سان مارڪس لکي ٿو تہ ”مذهب هڪ ئي وقت حقيقي مصيبتن جو اظهار بہ آهن ۽ انهن خلاف احتجاج بہ آهن.“

ان معاملي کي بهتر نموني سمجهڻ لاءِ اچو تہ ٿورو ٻئي پاسي تي بہ روشني وجهون مثال طور ڇا انقلاب، جمهوريت، عوام ۽ قوم جي دعوىٰ ڪندڙ ئي ترقي پسندي جا ٺيڪيدر آهن؟ ڇا انهن مقصدن جي دعوىٰ ڪندڙ انقلاب دشمن، جمهوريت دشمن، عوام دشمن ۽ قوم دشمن نٿا ٿي سگهن؟ ڇا جمهوريت ۽ انقلاب جا ليبل لڳل هجڻ ان ڳالهہ جي ضمانت آهن تہ اهي هر دور ۽ هر حالت ۾ ترقي پسند ئي هوندا؟ تاريخ ٻڌائي ٿي انقلاب دشمني جا ڪيترائي ڪم انقلاب جي ئي نالي ۾ ڪيا ويا آهن.

مطلب تہ ٻئي ڳالهيون ممڪن آهن تہ ڪا ڌر ظاهري طرح انقلابي هجي پر اندروني طرح رجعت پرست بہ ٿي سگهي ٿي ۽ ساڳئي ريت ڪا ڌر ظاهري طرح رجعت پرست ۽ اندروني طرح ترقي پسند بہ ٿي سگهي ٿي. مثال طور گانڌي جنهن جي جدوجهد جو روپ مذهبي هو پر لينن ان پاسي کان هٽي ڪري گانڌي طرفان هندستان جي صدين کان پيڙهيل ۽ ماريل لکين عوام کي رودن تي آڻڻ ۽ انگريز سامراج خلاف وڙهڻ واري عمل کي ترقي پسند عمل سڏيو هو. مطلب تہ اهو ضروري ناهي تہ ڪو نظريو ۽ جدوجهد جيڪو ظاهري طور رجعت پرست لباس پهريل هجي اهو اندروني طرح بہ رجعت پرست هجي.

اينجلس مارڪس ڏانهن موڪليل هڪ خط ۾ اسلام جي اچڻ کي ”محمد (صلعم) جو مذهبي انقلاب“ ۽ ٻئي هنڌ ”محمدي انقلاب“ سڏيو آهي.

## ”سامراج ۽ ٽين دنيا“

يورپ هزار سالن جي اونداهي دور ڪانپوءِ عقيدن جي نظام خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو ۽ ان مان هڪ حد تائين پنهنجي جان آجي ڪرائي ۽ نتيجي طور اتي نئين سجاڳي، سائنس، صنعت ۽ سماجي انقلاب آيا. پر ٻئي طرف اهي ئي يورپي قومون جيڪي خود صدين تائين ظلم جو شڪار رهيون انهن وري ٽين دنيا اندر هڪ حد تائين تبديلي آندي پر ساڳئي وقت جاگيرداري، عقيدي پرستي، بادشاهت ۽ فوجي راڄ جهڙين مصيبتن کي نہ صرف جيئن جو تيئن برقرار رکيو پر ڪٿي ڪٿي وڌيڪ مضبوط بڻايو.

جيستائين سوويت يونين هئي تيسين دنيا خاص طور ٽين دنيا جي ملڪن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻن قسمن جا گس موجود هئا پر سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ آمريڪي سامراج اڪيلي سر دنيا جهان جو مالڪ ٿي ڦرلٽ ۽ ظلم جي بازار گرم ڪيو وينو آهي ۽ ان کي ڪير بہ چوڻ وارو ناهي.

پاڪستان ۾ اندريون مکيہ تضاد قومي ۽ بنيادي تضاد طبقاتي آهي ۽ ساڳئي وقت ٻاهرين حوالي سان مکيہ تضاد سامراجي غلامي ۽ سياسي خودمختياري آهي، اهي ٻئي تضاد الڳ الڳ بہ آهن ۽ هڪٻئي سان ڳنڍيل بہ آهن تنهنڪري هڪ ئي وقت ٻنهي محاذن تي جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي، پاڪستان ۾ موجوده بيماريون جهڙوڪ مذهبي انتهاپسندي، فوجي آمريتون، جاگيردار جمهوريت، قبائليت، دهشتگردي وغيره بنيادي طور سامراجي غلامي جي پيداوار ۽ نتيجو آهن، تنهنڪري جيستائين سامراجي غلامي مان آزادي نٿي حاصل ٿئي تيستائين قومي ۽ طبقاتي جدوجهد ۾ ڪاميابي نہ ماڻي سگهبي.

پاڪستان سامراجي غلامي هيٺ پلجڻ سبب هڪ عسڪري ملڪ وارو ڪم ڪندو رهيو آهي ۽ ان تضاد جي نتيجي ۾ پاڪستان اندر فوج



هميشہ طاقتور ۽ سياسي قوتون هميشہ ڪمزور پئي رهيون آهن. جڏهن بہ ڪنهن سياسي ڌر يا اڳواڻ سامراج جي رستي تي هلڻ کان انڪار ڪيو يا ڪوشش ڪئي تہ ان جي وجود کي ختم ڪيو ويو يا ان جي حڪومت ئي ختم ڪئي وئي.

پاڪستان جي اندروني قومي تضاد ۽ ٻاهرين سياسي خودمختياري ۽ سامراجي بالادستي جي تضاد جي نتيجي ۾ گذريل سٺ سالن کان فوجي آمريت ۽ سياست وارو سوال وڏي اهميت وارو پئي رهيو آهي. فوجي آمريتن جي مدد ڪندڙ ڪير؟ سامراج. پاڪستان اندر نسلي ۽ مذهبي دهشتگردي جا بنياد وجهندڙ ۽ پالنا ڪندڙ ڪير؟ سامراج. پاڪستان کي اقتصادي ۽ انتظامي طرح لولو لنگڙو بنائيندڙ ڪير؟ سامراج. پاڪستان کي سندس پاڙيسري ملڪن سان ناتا خراب بنائيندڙ ڪير؟ سامراج. پاڪستان اندر جاگيرداري ۽ قبائليت جي مدد ڪندڙ ڪير؟ سامراج. جمهوري حڪومتن کي ڊاهيندڙن جي مدد ڪندڙ ڪير؟ سامراج. سياسي اڳواڻن کي مارائيندڙ ڪير؟ سامراج. مطلب پاڪستان جي جمهوري، قومي، سيڪيولر، ترقي پسند ۽ طبقاتي سوالن تي ٿيندڙ جدوجهدن آڏو وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ عالمي سامراج پئي رهيو آهي. جڏهن روس اندر لينن سوشلسٽ ڪم سان گڏ جمهوري سوال تي جدوجهد ڪرڻ جو نعرو هنيو هو تڏهن ملڪ جي سمورين ڌرين کي ان سوال تي گڏ ڪٺي هلڻ جو سڏ ڏنو هو. جڏهن مائوزيتنگ جاپاني سامراج خلاف ويڙهہ جو نعرو بلند ڪيو هو تڏهن ان چين جي سمورين ڌرين کي گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏنو هو. جڏهن ويٽنام آمريڪي سامراج خلاف جنگ ڪري رهيو هو تڏهن هوچي منهہ ويٽنام جي سمورن حلقن کي متحده محاذ ذريعي گڏ ڪٺي هلڻ جو نعرو بلند ڪيو هو. ساڳئي ريت پاڪستان اندر سامراجي غلامي خلاف جدوجهد هلائڻ لاءِ هر ڌر جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ اسين سمجهون ٿا تہ انتهاپسندي، جنونيت ۽ دهشتگردي کي پيدا ڪندڙ خود سامراج آهي ۽ جيستائين مسئلن جي جڙ کي ختم نہ ڪبو ۽ صرف نتيجن کي تنقيد جو نشانو بڻائبو تہ اهڙا نتيجا هر روز مختلف شڪلين ۾ پيا پيدا ٿيندا رهندا.

تنهنڪري سمجهداري ان ۾ ٿيندي ته ٻنهي بيمارين خلاف ويڙهه ڪرڻ گهرجي.

## سامراجي بالادستي ۽ انتهاپسندي: سڪي جا ٻه پاسا

اصل ۾ عالمي سامراجي غلامي ۽ انتهاپسندي، مذهبي جنونيت ۽ دهشتگردي هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. انهن لقائن کي الڳ الڳ سمجهڻ بيوقوفي ٿيندي ۽ جيڪڏهن اوهين هڪڙي مصيبت مان جان آجي مس ڪرائيندا ته وري سامراجي قوتون اوهان کي ٻي مصيبت جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏينديون. عالمي سامراج کي پاڪستان ۽ پاڪستاني عوام جي ٽڪي جي به پرواهه ناهي هنن کي ته صرف پنهنجي ڳڻتي آهي. تاريخ شاهد آهي ته هي اهي آهن جن ڪجهه لمحن ۾ هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ائٽم بم ڪيرائي لکين انسانن جو قتل عام ڪيو هو. ٻي عالمي جنگ دوران جڏهن هٽلر پوري يورپ ۽ خاص ڪري سوويت يونين کي تباهه ڪري رهيو هو، لکين انسانن جو قتل عام، ڪروڙين انسانن کي بي گهر ۽ لکين ماڻهن کي لولو لنگڙو ۽ اپاهج بڻائي رهيو هو تڏهن برطانيه ۽ آمريڪا اڻسڌي طرح ان جي همت افزائي ڪري رهيا هئا هٽلر جي منصوبن کان واقف هوندي به ان کي روڪڻ جون ڪوششون نه ڪيون، سمورو عرصو انتظار ڪندا رهيا ته جرمني ۽ روس پاڻ ۾ وڙهي هڪٻئي کي تباهه ڪري ڇڏين ۽ پوءِ "ڪاءِ ڙي وتايا ڪاءِ". هن وقت اسرائيل جي معرفت فلسطين ۾، ٻئي طرف افغانستان ۽ عراق ۾ قتل عام ڪرائي رهيا آهن. تنهنڪري سامراجي غلامي خلاف جدوجهد جو ساٿ ڏيڻ ڪانسواءِ پاڪستان جي اندروني تضادن کي حل نٿو ڪري سگهجي.

لينن لکيو ته "پهريائين، عقيدن خلاف ويڙهه جو ڪم تاريخي طور انقلابي سرمائيداري کي ڪرڻو آهي، ۽ اولهه ۾، انقلابن جي دورن يا جاگيرداري ۽ قبائليت تي حملي وقت اهو ڪردار گهڻي حد تائين سرمائيدار جمهوريت ادا ڪيو پر روس ۾، سرمائيدار جمهوري انقلاب جي حالتن سبب، ان ڪم جي ذميواري به پورهيت طبقي جي ڪلهن تي پوي ٿي."



## "هر ظلم خلاف جدوجهد"

ڪجهه ليکڪن ۽ ليکڪائن جو خيال آهي ته ترقي پسندن کي گهرجي ته صرف قومي، جمهوري، سيڪيولر ۽ طبقاتي جدوجهد ڪن، باقي مذهبي ڌرين کان پاسيرو رهن ته بهتر. روس کي شڪست ڏيڻ لاءِ عالمي سامراج مذهبي انتهاپسندن کي تيار ڪيو جنهن ڏوهه جي قبوليت اڄڪلهه خود آمريڪي حڪمران پاڻ ڪري رهيا آهن. وري جڏهن انهن ئي انتهاپسندن کي ختم ڪرڻ جو وارو آيو ته جيڪي ڪالهه تائين "غازي" ۽ "جهادي" لقبن سان نوازيا ويندا هئا تن کي وري اڄ دهشتگرد، انتهاپسند ۽ جنوني جا خطاب ڏنا پيا وڃن. جيتريقدر تعلق آهي ترقي پسند ۽ روشن خيال ڌرين جو ته انهن ڪالهه به ان سموري سازش جي مخالفت ڪئي هئي ۽ اڄ به ڪري رهيا آهن، تنهنڪري اسانکي ڪير سبق نه پڙهائي ته فلاڻي فلاڻي مسئلي تي چو نٿا ڳالهايو. بهرحال، هن وقت عالمي طرح ڏسبو ته مختلف ملڪن ۽ خطن ۾ مسلمانن سان ظلم ڪيو پيو وڃي، ۽ جنهن سان ظلم ٿيندو آهي ان کي مظلوم سڏيو ويندو آهي. مثال طور فلسطين، افغانستان، عراق، ڪشمير، ايران، خود يورپ ۽ آمريڪا اندر مسلمانن سان تعصب. عالمي طرح ان سموري ظلم خلاف مزاحمت جو اڀرڻ فطري نتيجو آهي. پر جيئن ته اها مزاحمت مسلمانن طرفان مذهبي صورت ۾ ٿئي ٿي تنهنڪري ان کي سامراج خلاف ويڙهه نه چئبو ڇا؟ هر باشعور ۽ باضمير انسان کي ان قسم جي هر ظلم خلاف ويڙهه ڪرڻ گهرجي ۽ مظلومن جي ويڙهه ۾ انهن جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ گهرجي. ان سموري معاملي کي عام طور (in general) رد نٿو ڪري سگهجي. جتي ۽ جنهن به صورت ۾ ۽ جنهن سان به ظلم ٿئي ٿو ان جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ لازم ٿئي ٿو ته انهن سامراجي قوتن ۽ سندن مقامي ساٿارين خلاف آواز اٿارجي جن جي ڦرلٽ، جنگن ۽ قبضن جي نتيجي ۾ هي سمورو ردعمل ٿيو آهي. جڏهن ته ٻئي طرف مذهب جي آڙ ۾ معصوم ٻارڙن جي تعليم لاءِ قائم ٿيل اسڪولن کي تباهه ڪرڻ، عام ماڻهن تي خودڪش حملا ڪرڻ، بمن ۽ هٿياربند حملن ذريعي قتل عام

ڪرڻ، ثقافتي ورثن کي تباهہ ڪرڻ، عورتن تي تشدد، صدين پراڻن قانونن کي وري لاڳو ڪرڻ، جديد ٽيڪنالوجي سان نفرت ڪرڻ، غيرمسلمانن خلاف نفرت پکيڙڻ، خوف، حراس ۽ ڌهڪاءُ پکيڙڻ ۽ دهشتگردي ڦهلائڻ جهڙين انسان دشمن، عقل دشمن، عورت دشمن، ثقافت ۽ تعليم دشمن ڪارروائين جي سخت مخالفت ڪرڻ نہ صرف مسلمانن لاءِ پر هر انسان لاءِ ضروري آهي.

هن وقت سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ظلم صرف طبقاتي، قومي، ثقافتي، سياسي، معاشي، نسلي ۽ اخلاقي صورت ۾ ٿيندو آهي؟ حقيقت ۾ ترقي پسند ۽ روشن خيال ڌرين جو ڪم صرف جمهوري، قومي، سيڪيولر ۽ طبقاتي جدوجهد هلائڻ نہ آهي پر عورتن، ٻارن، مذهبي ڌرين ۽ اقليتن سان ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ تي پڻ ويڙهہ ڪرڻ آهي. پر اهي ترقي پسند ۽ روشن خيال ليکڪ ۽ گروهہ پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ٿا ترقي پسند سڏائين جيڪي خالص عورتن جي مسئلن تي جدوجهد ڪن ٿا يا ٿيون، ۽ جيڪي خالص ٻارن سان ٿيندڙ ظلم خلاف جدوجهد ڪن ٿا يا ٿيون؟ ڇا سنڌي معاشري اندر جمهوري، قومي، سيڪيولر، طبقاتي، نسلي، مذهبي ۽ جنسي (مرد) بنيادن تي ظلم نٿو ٿئي؟ ساڳئي ريت ڇا مذهبي بنيادن تي ٿيندڙ ظلم ظلم ناهي؟ جيتوڻيڪ سماجي سائنس ٻڌائي ٿي تہ بنيادي تضاد طبقاتي هجن ٿا پر ساڳئي وقت معاشري اندر ٻيا بہ هزارين سماجي تضاد (ثقافت، قوم، عورت ۽ مرد، ٻار، ٻولي، اخلاق، قانون، مذهب وغيره) ٿين ٿا جيڪي سڌي اڻسڌي طرح طبقاتي تضاد سان ئي لاڳاپيل هجن ٿا.

لينن لکي ٿو تہ "سوشل ڊيموڪريٽس موجوده سماجي نظام خلاف هر انقلابي تحريڪ جي حمايت ڪن ٿا، اهي سمورين مظلوم قومين، آزاريل مذهبي ڌرين، تذليل ڪيل جاگيرن وغيره جي برابري جي حقن لاءِ سندن ويڙهہ ۾ حمايت ڪن ٿا. هر ظلم خلاف جدوجهد ڪرڻ اسانجو فرض آهي." ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ "هارين، نيم پورهيتن ۽ شهرن جي پورهيتن جي پنتي پيل حصي تي عقيدن جو ايترو اثر ڇو آهي؟ سرمائيدار ترقي پسند جواب ۾ چوندو "ڇاڪاڻ تہ ماڻهن ۾ جهالت



آهي" ان جي ابتڙ، مارڪسوادي چوي ٿو تہ نہ اهو سچ ناهي، عقيدن جون گهريون پاڙون پورهيت عوام جون سماجي طرح پنتي پيل حالتن ۽ ظاهري طرح سرمائيداري جي انڌين قوتن جي آڏو مڪمل بي وسي ۾ ڪتل آهن جيڪا هر روز ۽ هر ڪلاڪ انهن عام ماڻهن مٿان پوائتيون مصيبتون ۽ انتهائي وحشياڻا درد آهن، جيڪي جنگن ۽ زلزلن جهڙن مصيبتن کان بہ هزارين ڀيرا وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ هجن ٿا."

ڪجهہ حلقا اهو سمجهن ٿا تہ سامراجي غلامي جي مخالفت ۾ مذهبي انتهاپسندي کي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. حقيقت ڪجهہ هن ريت آهي تہ اهڙيون خبرون ڪندڙ حلقا اصل ۾ سامراج جي طرفداري ڪن ٿا جيڪي مذهبي انتهاپسندي کي جنم ڏيندڙن تي آڱر بہ نٿا کڻن. انهيءَ لينن لکيو تہ "هڪ انارڪسٽ (Anarchist) جيڪو هر قيمت تي (۽ هر حالت ۾) عقيدن خلاف جنگ ڪري ٿو اهو اصل ۾ پادرين ۽ سرمائيدارن جي مدد ڪري ٿو." اينجلس اڪثر ڪري انهن ماڻهن تي تنقيد ڪندو هو جيڪي "وڌيڪ کاٻا" يا "وڌيڪ انقلابي" ٿيڻ جا خواهشمند هوندا هئا. بلينقسٽ تي الزام هڻندي چوي ٿو تہ اهي نٿا سمجهن تہ صرف پورهيت عوام جي طبقاتي جدوجهد، انتهائي سمجهداري سان وسيع تر پورهيتن کي شعوري ۽ انقلابي سماجي عمل جو حصو بنائڻ ذريعي، سچ پچ عقيدن جي غلامي مان عوام کي نجات ملي سگهي ٿي." مطلب تہ صرف نتيجن خلاف آواز اٿارڻ ڪافي ناهي پر بنيادي ڪم بيمارين جي سببن خلاف ويڙهہ ڪرڻ آهي.

**سامراجي غلامي ۽ ان جي پيدا ڪيل انتهاپسندي خلاف ويڙهہ**

"مذهبي انتهاپسندي ۽ جنونيت خلاف ويڙهہ" جهڙا نعرا تہ آمريڪي سامراج بہ لڳائي رهيو آهي ڪٿي ائين تہ ناهي تہ اسين آمريڪي سامراج جي اڻسڌي مدد تہ نہ پيا ڪريون؟ تنهنڪري درست نعرو ٿيندو "اڄو تہ عالمي سامراج ۽ ان جي پيدا ڪيل انتهاپسندي، مذهبي جنونيت ۽ دهشتگردي خلاف گڏيل جدوجهد ڪريون"

## جمهوريت جي اصليت ۽ مستقبل

ڪامريڊ لينن لکيو ته جڏهن ظالم حڪمران طبقا جمهوريت يا عوام جي فائدي جون ڳالهيون ڪن ته سمجهڻ گهرجي ته هاڻ ان وڏيڪ ۽ بهتر ڳالهه ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي"

"جمهوريت فوجي آمريت کان بهتر آهي" اها ڳالهه بلڪل درست آهي پر ڇا اهو سفر اتي ختم ٿئي ٿو؟ نه بلڪل نه، جهڙي طرح فوجي آمريت کان قبائلي جمهوريت بهتر ۽ ائين وري قبائلي جمهوريت کان جاگيردار ۽ سرمائيدار جمهوريت بهتر هجي ٿي پر معاملو اتي به ختم نٿو ٿئي ڇاڪاڻ ته ان کان بهترين ماڊل به موجود آهي جنهن کي حقيقي عوامي جمهوريت چئجي ٿو هن دور ۾ فقط "جمهوريت" جي ڳالهه ڪرڻ ناڪافي آهي. هن وقت ان کان به قدم اڳتي واري ڳالهه ڪرڻ جي ضرورت آهي. حقيقت ۾ مفڪر، اديب، دانشور ۽ سياسي اڳواڻ جيڪي فقط جمهوريت جي ڳالهه ڪن ٿا اهي دراصل انساني تاريخ جي سفر کي اتي بيهارڻ چاهين ٿا. ڇاڪاڻ ته جمهوريت کان اڳتي ڪين پنهنجو مستقبل اونداهو نظر اچي ٿو. هي عمل ائين آهي جيئن ڪنهن ماڻهو جا 100 روپيا ڏين ۽ اهي 100 روپيا سچ پچ ان کي ڏئي سگهجن پر ان کي فقط 50 روپيا ڏئي خوش ڪجي. پوءِ ان کي چئجي ته تنهنجو ڪم پورو ٿيو هاڻي وڃ گهر. ڇا اهو انصاف ۽ عدل چئبو؟ نه بلڪل نه. اهڙي طرح هن وقت پوري دنيا ۽ خاص ڪري (پاڪستان سميت) ٽين دنيا جي ملڪن ۾ "جمهوريت" "جمهوريت" جو راڳ ائين پيو الاپيو وڃي جڻ ان جي اچڻ سان سڀ مسئلا حل ٿي ويندا.

موجوده سموري عوامي ردعمل کي درست گس ڏيڻ ۽ ان کي اڳتي وڌڻ وڃڻ بدران اقتداري ڌريون پارلياماني جمهوريت ذريعي عوام کي منجهائي، اٽپوريون ڳالهيون ڪري، عجيب ۽ هڪ طرفي منطق استعمال ڪندا ۽ ڪي به بنيادي تبديليون نه آڻين ته اها عوام سان غداري ٿيندي. هن وقت پارلياماني جمهوريت سان گڏوگڏ ڪجهه بنيادي تبديليون آڻڻ جي ضرورت آهي.

## پارلياماني جمهوريت جي ديومالا



لينن چيو آهي ته "جيڪڏهن تصور حالتن پٽاندڙ پنهنجو پاڻ ۾ تبديلي نه آڻيندا ته اهي ئي تصور کوکلا، بي معني ۽ بي بنياد لفظ ٿي پون ٿا" مارڪس لکي ٿو ته "رياستن جا مختلف قسم ٿين ٿا ۽ هر رياست وٽ پنهنجي حساب سان جمهوريت هوندي آهي تنهنڪري اهي جمهوريتون ان حد تائين حقيقي جمهوريتون هوندون ئي ناهن" جيتوڻيڪ جمهوريت جو تصور تمام پراڻو آهي جيڪو يونان کان ٿيندو ايڪويهين صدي تائين هلندو پيو اچي.

سامراجي نظرياتي ويڙهه جي ميدان تي ڪيترن "سپهه سالار ليکڪن" پنهنجي قلم جي باهه سان ڪيترائي پيرا سائنسي سوشلزم تي حملا ڪيا آهن. "سائنسي سوشلزم ناقابل عمل نظام آهي" "سوشلزم جو ماڊل سوويت يونين ته ڍهي پيو، جنهن مان اهو ثابت ٿيو ته سوشلزم ناقابل عمل نظريو آهي" "سوشلزم شڪست کائي چڪي آهي اڄو ته فاتح سرمائيداريءَ جي واڻ ڪي ونون" "هاڻي سرمائيداري مارڪس جي دور واري پراڻي سرمائيدار ناهي رهي، اها تمام گهڻو بدلجي چڪي آهي" "سوشلزم ۽ جمهوريت جي وچ ۾ ٿيل لڙائي ۾ جمهوريت کي فتح حاصل ٿي" وغيره.

پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته "ڇا جمهوريت جا سمورا ماڊل هميشه ڪامياب ٿيندا رهيا آهن؟" "ڇا جمهوريت ڪو حتمي ۽ مقدس نظام آهي، جنهن ۾ ڪي به وڏيون ۽ بنيادي تبديليون نه آيون آهن؟" "ڇا جمهوريت کي ناڪامي نه ملي آهي؟" وغيره. حقيقت ۾، جمهوريت بابت "ابدي ۽ ناقابل شڪست نظام" جي دعوا ڪندڙ شايد اها ڳالهه وساري ويهن ٿا ته انساني تاريخ جي سموري سفر دوران جمهوريت جا ڪيترائي ماڊل (نمونا) وجود ۾ آيا. انهي جمهوريت جا ڪيترائي نمونا ناڪام به ٿيا آهن ۽ پاڻ ۾ تبديليون آڻيندا رهيا آهن، ڪڏهن امراءِ جي جمهوريت هئي جنهن ۾ غلامن جي نمائندگي کي ڏوهه سمجهيو ويندو هو، ته ڪڏهن وري اها جاگيردار جمهوريت هئي جنهن جو نمونو ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ هن وقت به موجود آهي پر ساڳئي وقت پنهنجو پاڻ کي جمهوريت جو ابو سمجهندڙ برطانيه ۾ به اڄ تائين هائوس آف

لاردز جي شڪل ۾ جاگيردار جمهوريت تمام گهريون پاڙون رکي ٿي ۽ ائين وري سرمائيداري جي اچڻ سان سرمائيدار جمهوريت جي تصور جنم ورتو. جهڙي طرح غلامي جا تصور تاريخ جي مختلف مرحلن ۾ مختلف رهندا آيا آهن ۽ اڄ تائين جو جديد مهذب ۽ جمهوريت پسند انسان به ان غلامي کي قبول ڪندي فخريه طور پاڻ کي نيلام ڪري ٿو جنهن جو تازو مثال مختلف ڪرڪيٽ رانديگرن طرفان پاڻ کي نيلام ڪرڻ واري تقريب ۾ ملي ٿو، مطلب اهو ته ساڳئي انسانذات جي وحشي دور جي علامت ”غلامي“ کي سرخي پائوڊر هڻي خوبصورت ويس وڳا پارائي پيش ڪيو وڃي ٿو ۽ اسان جهڙا ابوجهه ۽ غلام ماڻهو ان کي ”آزادي“ جو نالو ڏين ٿا. اهڙي طرح غلامداري جي اصليت تي پردو وجهڻ لاءِ مختلف ”جمهوري“ طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا جنهن ۾ اليڪشن، ووٽ وغيره شامل آهن. سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ انسان دشمن ڌرين طبقن طرفان ڍهل شرنائيون وڄائي اعلان ڪيا ويا ته ”سوويت يونين جي ٽٽڻ ثابت ڪيو ته سوشلسٽ نظام ناقابل عمل ۽ ناڪام نظام آهي ۽ جمهوريت ئي صحيح، جٽادار ۽ انسان دوست نظام آهي“ ”جمهوريت ئي سمورن مسئلن جو حل آهي“ وغيره ۽ ان قسم جي اعلانن، پڌرنامن ۽ قراردادن ذريعي آمريڪا بهادر ۽ سندس حوارين وٺي گوڙ ڪيو ۽ هوجمالو ڳائيندي ”جمهوريت“ کي هڪ پاڪ ۽ حتمي نظام طور پيش ڪيو. مطلب ته پارلياماني جمهوريت کي هڪ ديومالائي تصور طور پيش ڪيو پيو وڃي جيڪا سمورن مسئلن جو حل آهي جيئن الادين جي چراغ جو تصور آهي جنهن کي هٿ لڳائڻ سان هر شي ملي وڃي ٿي.

### ”بهترين جمهوري ريپبلڪ معنیٰ سرمائي جي غلامي“

جمهوريت جون دانهون ڪندڙ شايد پارلياماني نظام کي ئي جمهوري نظام سمجهن ٿا جيڪو انتهائي محدود، هڪ طرفو ۽ عوام دشمن تصور آهي جڏهن ته صحيح ۽ حقيقي جمهوريت عوامي جمهوريت آهي ۽ انهن نعرن جي گوڙ ۾ جمهوريت جا دعويدار بنيادي سوالن جو ذڪر



ئي نٿا ڪن اهي سوال هي آهن ته جمهوريت ڪنهن جي لاءِ ؟ عوام لاءِ يا وڏيرن، جاگيردارن ۽ سردارن لاءِ. جمهوريت ڪنهن جي اڳواڻي ۾؟ جاگيردارن، سردارن، پيرن، پوتارن، ميرن وغيره جي اڳواڻي ۾. جمهوريت ڪنهن جي مدد سان؟ آمريڪي سامراج يا عالمي انسانيت دوست ڌرين ۽ عوام جي مدد سان. جمهوريت ڪنهن جي اتحاد سان؟ فوجي جنرلن، بيوروڪريسي يا پورهيت عوام جي اتحاد سان. انهن سوالن جو جواب ملڻ سان خبر پئجي ويندي ته اها ڪهڙي جمهوريت آهي، جاگيردار ۽ قبائلي يا عوامي جمهوريت.

مارڪس چيو آهي ته ”هر نئين طبقي لاءِ جيڪو پراڻي حڪمران طبقي جي جاءِ والاري ٿو، مجبور آهي ته صرف پنهنجن مقصدن کي تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجن مفادن کي سماج جي سمورن ماڻهن جي مفاد طور پيش ڪري ۽ انهن کي هڪ اعلیٰ آدرشي صورت ڏيئي ۽ پنهنجن خيالن کي ڪائناتي شڪل ڏئي انهن کي ئي عقلي ۽ سيني لاءِ جائز آدرش طور پيش ڪري“

”جمهوريت“ ”جمهوريت“ ”جمهوريت“ اڄڪلهه هر ”سياسي“ پارٽي يا گروهه روزانو اخبارن، جلسن جلوسن، سيمينارز ۽ انٽرويوز ۾ مٿيون نعرو هڻندي نظر اچن ٿا ۽ ايتري حد تائين جو جنرل به جمهوريت جون ڳالهيون ڪيون پئي. (مثال طور جنرل پرويز مشرف) جيتوڻيڪ اها ڪا نئين ڳالهه ناهي پر جيئن ته پاڻ ڄاڻون ٿا ته سياست، معيشيت ۽ زندگي جي ٻين ميدانن ۾ لفظن جي هيرا ڦيري ڪيئن ٿيندي آهي جنهن جو واضح مثال مٿين لفظن جو سامراجي قوتن طرفان استعمال پڻ آهي جيڪي ڳالهيون عام ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهن. ڪيتري وقت کان آئي ايم ايف ۽ ڊبليو ٽي او ملٽي نيشنل ڪمپنين جي اقتصادي آمريت مڙهڻ لاءِ ”آزاد مارڪيٽ“ جهڙا سهڻا اکر استعمال ڪندا رهيا آهن، اهڙي طرح جيڪي ماڻهو ڪالهه انقلاب جي لفظ کان ڊڄندا هئا اهي اڄڪلهه اهي به پنهنجن سرڪاري اشتهارن ۾ روز روز ”انقلاب“ آڻڻ جون خبرون ڪن ٿا. مثال طور ارباب رحيم، شوڪت عزيز ۽ مشرف صاحب پڻ انقلاب آڻڻ لاءِ

روزانو اخبارن ۾ اشتهار ڏياريا هئا جهڙوڪ، ”سنڌ صوبي ۾ آبپاشي جو نظام ۽ زرعي پيداوار کي بهتر بنائڻ لاءِ اهم انقلابي قدم، ڊبل منڙائو ڪئنال جي تعمير، مکي فراش لنڪ ڪئنال جي تعمير“، موبائيل وارا بہ روز ٿا انقلاب آڻين ”حيرت انگيز آفر، هاڻي 500 ايس ايم ايس فري، هاڻي 100 منٽ ڳالهہ ٻولهہ فري“ (فري معنیٰ مفت ڇڻ خيرات پيا ڪن ۽ ڪمپني جو مالڪ پنهنجي گهران ڏوڪڙ خرچ ڪري اسانکي سهولتون پيو ڏئي).

”پاڪ ۽ پوتر جمهوري نظام“ ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. فاشسٽ قوتون خود ”سرمائيدار جمهوريت“ جون ئي پيداوار آهن. جنهن جو وڏو مثال خود هٽلر بہ آهي جنهن کي ”جمهوري“ ملڪن، برطانيہ، فرانس ۽ آمريڪا تيار ڪيو تہ روس کي ختم ڪري پر قصو ٺورڙو ان جي ابتڙ ٿي پيو نہ تہ ”جمهوري حڪومتن“ تہ پنهنجي طرفان تياريون مڪمل ڪري ورتيون هيون، نہ رڳو اهو پر خود هٽلر جو اقتدار جي ايوانن تائين پهچڻ جو رستو پڻ سرمائيدار جمهوريت ئي هو. هن وقت بہ جمهوريت جو وڏي ۾ وڏو علمبردار سمجهيو ويندڙ ملڪ آمريڪا جنهن جي آشيرواد سان دنيا ۾ هن وقت وري جمهوري راڄ قائم ڪرڻ لاءِ مختلف ملڪن ڏانهن پنهنجا ”نمائنده“ روانا ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ خاص طور پاڪستان بہ شامل آهي جتي آمريڪي ايجنڊا تحت دهشتگردي خلاف ”جمهوري جدوجهد“ ڪرڻ لاءِ ايلچي پهچي چڪا آهن. جمهوريت جو علمبردار آمريڪا جنهن خود دهشتگردن کي جنم ڏنو ۽ پنهنجي آمريت کي مڙهڻ لاءِ پناما، چلي، يوگوسلاويا، ڪانگو ۽ روانڊا وغيرهہ ۾ ”آزادي، جمهوريت ۽ امن“ جي نالي ۾ حقيقت ۾ ”ڦرلٽ ڪرڻ جي آزادي“ واري نعري تي عمل ڪندو رهيو آهي ۽ ان لاءِ فاشسٽ نسل پرستي، فاشسٽ قومپرستي ۽ فاشسٽ مذهبي ويڙهہ ڪرائي رهيو آهي ۽ هن وقت بہ عراق ۽ افغانستان ۾ اتان جي عوام جو رت وهائي رهيو آهي پر ان کي نالو ڏنو اٿن تہ ”جمهوريت پيا آڻيون“ ”دهشتگردن جو راڄ ختم پيا ڪريون“ ڪامريڊ لينن لکيو آهي تہ اها ڳالهہ نہ وسارڻ کپي تہ



استحصالي سرمائيداري نظام جي هوندي بهترين کان بهترين جمهوري ريپبلڪ بہ سرمائي جي غلامي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي هوندي“

## ”جمهوريت پسندي“ يا ”سامراجي ايجنڊا“

جيئن تہ سامراج ٻن طريقن سان ظلم ۽ جبر جو راڄ قائم ڪيو پيو اچي، هڪ اگهاڙي فاشزم، جنهن جا هٿيار بارود، دهشت، ڏاڍ ۽ خوف آهن ۽ ٻيو ڪوڙيون جمهوريتون آڏي عوام ۽ پورهيتن کي سياسي نعرن، نظرين ۽ ٻين طريقن سان دوکو ڏئي انهن کي ورهائي ۽ صحيح رستي تان هٽائڻ جي عمل ۾ مصروف رکي ٿو. ڪجهہ وقت اڳ عالمي سامراج سوويت يونين خلاف ”ڪميونزم جي پوت“ جو ڊپ ڏئي ”جهاد“ جو سڏ ڏنو هو. نتيجي طور، ڪيترائي حڪمران (ضياءَ جهڙا) ۽ لکين ”جهادي“ ۽ ”غازي“ ميدان جنگ تي لهي پيا. پر انهن ”غازين“ ۽ ”جهادين“ کي تڏهن هوش آيو جڏهن عالمي سامراج عراق ۽ افغانستان تي سڌي ڪاهہ ڪئي. وقت گذرڻ ڪانپوءِ ”غازي“ تہ شرمنده ٿيا تہ انهن آمريڪا جو ساٿ ڏئي غلط ڪيو هو.

سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ چا هن وقت جيڪي پاڻ کي جمهوريت پسند، ترقي پسند، پورهيت دوست، سامراج دشمن ۽ انتهاپسندي مخالف سمجهون ٿا اهي ساڳيو ڪم تہ نہ پيا ڪن جيڪو ڪالهہ طالبان ۽ جهادي قوتن روس خلاف ڪيو ۽ آمريڪا جو ساٿ ڏنو؟ اڄ جيڪي جمهوريت جا نعره پيا هڻن اهي ڪنهن جي ايجنڊا تي ڪم پيا ڪن؟

هوئن بہ اها ڪا نئين ڳالهہ تہ ناهي، چاڪاڻ تہ عوام دوستي، جمهوريت دوستي ۽ پورهيت دوستي جي نالي ۾ بہ ڪيترن ئي ترقي پسندن هميشہ سامراجي قوتن جو ساٿ ڏنو هو ۽ هن وقت بہ ڏين پيا، جيئن ڪالهہ ڪائوتسڪي، برشٽائين، منشويڪ ۽ سوشل ڊيموڪريٽڪ ڌرين سامراجي جنگ جي اٽڪلي حمايت ۽ عوام دوست تبديلين جي مخالف ڪئي هئي. چا هتان جا ترقي پسند، عوام دوست ۽ جمهوريت جا عاشق ساڳيون غلطيون تہ نہ دهرائي رهيا آهن ۽ شايد ائين تہ نہ پيا سمجهن تہ آمريڪي سامراج جي آشيرواد سان هتي جمهوريت جي ويڙهہ تي

رهي آهي، جيڪو آمريڪا عراق ۽ افغانستان ۾ لکين ماڻهن جو قتل عام ڪرائي رهيو آهي اهو ٿو جمهوريت آڻي!! واهه سائين توهان جو عقل ۽ دانش. اهي سمورا ماڻهو ڪنهن جو ساٿ ڏئي رهيا آهن، ساڳين دهشتگردن جو ۽ دهشتگردن جي ابي آمريڪا جو؟

## پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ جمهوريت جي اصليت

تاريخي ماديت ٻڌائي ٿي تہ جنهن شي جون پاڙون عوام جي ذهنن ۽ سندن تجربي ۾ ڪتل نہ هونديون ان کي ختم ڪرڻ يا تبديل ڪرڻ يا ماضي جي واعدن تان ڦري وڃڻ تمام آسان ڪم هوندو آهي.

جيئن تہ پاڪستان هڪ جاگيردار، قبائلي ۽ نيم سرمائيدار معاشرو آهي تنهنڪري هتي جمهوريت جو بہ مڪسچر ماڊل ڪم ڪري ٿو جنهن کي تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ مختلف مرحلا طئي ڪرڻا پون ٿا. هونئن تہ پاڪستان ۾ ٿيندڙ "جمهوري" عمل کان گهڻا ماڻهو واقف ئي آهن پر ان هوندي بہ هن وقت ان عمل کي ورائي سمجهڻ جي اشد ضرورت آهي. سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ مستقل اقتداري ڌريون بنيادي طور اليڪشن وغيره ڪرائڻ ئي نہ چاهينديون آهن، جنهن جو وڏو مثال پاڪستان جي ابتدائي 23 سالن جي تاريخ ۾ ملي ٿو جنهن دوران "مستقل حڪمرانن" اليڪشن ئي نہ ڪرائي ڇاڪاڻ تہ کين اڳواٽ ئي اها ڄاڻ هئي تہ اليڪشن ٿيندي تہ سندن شڪست پڪي آهي. نيٺ 23 سالن کانپوءِ اليڪشن ڪرائي وئي. پر اها حڪمران ٽولي پنهنجي رضا خوشي سان نہ ڪرائي. اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن مهل تائين حڪمرانن جيڪي بہ تبديليون آنديون آهن يا جيڪي ظلم ڪرڻ چاهيائون پئي پر نہ ڪري سگهيا، ان جو بنيادي سبب عوامي دٻاءُ هو. مثال طور 71ع ۽ 88ع واريون چونڊون وغيره. پر ان باوجود، اهڙين بدترين حالتن آڏو مجبور ٿيڻ کانپوءِ بہ مستقل اقتداري ڌريون پاڪستان ۾ ٿيندڙ چونڊن مان، پنهنجي مفادن پٽاندڙ، نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف حربا ۽ طريقا استعمال ڪن ٿيون انهن اٽڪلن ۽ چالاڪين جي لسٽ ڪجهہ هن ريت آهي. اليڪشن کان اڳ، دوران ۽ پوءِ، انهن ٽنهي مرحلن دوران هزارين قسم جون اٽڪلون ڪيون وڃن



ٿيون، ووٽر لسٽن ۾ ڦيرڦار، سجاڳپ ڪارڊ، پولنگ عملي جي مقرري، مخالف سياسي پارٽين جي سرگرمي تي بندش، اخبارن ۽ چينلن تي بندش، ججن جي يرغمالي، آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون، تڪ بندين ۾ ڦيرڦار، اليڪشن جو ڳاٽي ٽوڙ خرچ (خاص ڪري عام ماڻهو لاءِ)، نوڪرين ۽ ترقياتي ڪمن جون لالچون، دهشتگرد ڪارروائيون، خوف ۽ هراس پکيڙڻ، پولنگ عملي کي يرغمال بنائڻ، عورتن کي بغير ڪجهہ ٻڌائڻ جي ووٽ ڏيارڻ، ڪجهہ عدد ماڻهو مارائڻ، ڪيترائي زخمي ڪرائڻ ۽ اغوا ڪرائڻ وغيره. بهرحال، اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ انهن سمورن مسئلن کي منهن ڏيڻ ڪنهن غريب اميدوار لاءِ تہ ممڪن ئي نٿو لڳي.

انهن سمورين رڪاوٽن باوجود بہ جيڪڏهن ڪو اميدوار ڪامياب ٿي وڃي ٿو تہ ان لاءِ ڪجهہ ٻيا شرط پورا ڪرڻ ضروري هجن ٿا اهي هي تہ، هڪ، اميدوار خود مٿين سمورين اٽڪلن ڪرڻ ۾ خود بہ مهارت رکندو هجي (مطلب تہ شريف ماڻهو جو تہ ڪم ئي ناهي)، ٻيو، وٽس تمام گهڻا ناجائز وسيلا هجن (ائين نہ ٿئي جو جمع پونجي اليڪشن تي خرچ ڪري ڇڏي ۽ هارائڻ کانپوءِ وري پني گذارو ڪري)، ٽيون، عوامي دٻاءُ هجي ۽ چوٿون، خود حڪمران ٽولن يا علائقائي سردارن، پوتارن ۽ ميرن جي پنهنجي صفن ۾ بہ بحران ۽ انتشار وغيره هجي.

اميدوار جي پارٽي ڪامياب ٿي هجي يا اڪيلي سر پر جڏهن هو پارليامينٽ ۾، ٿورائي يا اڪثريتي، ڌر سان گڏجي حڪومت ٺاهيندو تہ بہ ان کي صحيح طريقي سان هلڻ نہ ڏبو ان دوران سياسي ڦڏا اٿاريا ويندا، هارس ٽريڊنگ يا ٻين طريقن سان ان پارٽي ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪيو ويندو ۽ انهن سمورن "سرڪاري" ڪارروائن باوجود جيڪڏهن پارليامينٽ ڪجهہ گهٽ شرح سان غلط ڪم (بهتر نہ) ۽ عوام دشمن رٿن تي گهٽ عمل ڪيائين تہ پوءِ ان کي برطرف ڪيو ويندو ۽ ائين چونڊيل وزيراعظم کي گهر يا جيل پيڙو، ملڪ بدر يا ڦاسي ڏني ويندي. اهو آهي پاڪستاني پارلياماني نظام جي ماڊل جو مختصر

تعارف! انهن مٿين سمورين ڪمزورين جا سبب بنيادي طور سماجي اقتصادي ڍانچو آهي مطلب ته جاگيرداري ۽ قبائليت هوندي جمهوريت هلي ئي نه ٿي سگهي ۽ ان سان گڏوگڏ پاڪستاني رياست جون ٻيون بچڙايون آهن جيڪي پڻ رڪاوٽ آهن انهن ۾ خاص ڪري جنرل شاهي، سامراج پرستي ۽ ملا شاهي وغيره شامل آهن.

عوام جي اها توقع ته چونڊيل جاگيردار، چوڌري، خان ۽ سردار حڪمران ڪي بنيادي تبديليون آڻيندا. اهڙي توقع ”ٻہرن ڪان ٻير گهرڻ“ برابر آهي. رهي ڳالهه انسان دوست ڌرين لاءِ اهڙي سموري عمل ۾ حصو وٺڻ جي ته ان لاءِ مارڪس تمام پهلي ڳالهه چئي ويو آهي ته ”ڪنهن به سياسي پارٽي جي اڳواڻ مٿان جيڪڏهن ڪا بدترين شي ڪري سگهي ٿي ته اها هي آهي ته ڪيس هڪ اهڙي دور ۾ هڪ اهڙي حڪومت وٺڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ۽ ان طبقي جي حاڪميت ڪي عمل ۾ آڻڻ لاءِ قدم کڻڻا پون جنهن وقت سندس طبقي جي حاڪميت لاءِ هلندڙ تحريڪ اڃا پچي راس نه ٿي هجي“

هن قسم جي حڪومت مان چڱائي جي مراد رکڻ ”ٻہر ڪان ٻير گهرڻ“ برابر ڪيئن آهي؟ ان جي ڪهڙا سبب آهن اچو ته ٿورو جائزو وٺون. ان لاءِ اسين هتي ڪنهن به ملڪ ۾ ٿيل اليڪشن جو مثال پيش ڪريون ٿا. ان ملڪ جي آبادي اٽڪل 16 ڪروڙ هجي جنهن ۾ اٽڪل 8 ڪروڙ ماڻهو ووٽ ڪرڻ جي اهل هجن ۽ (جيتوڻيڪ مٿي پيش ڪيل دانڌلين جا سمورا حربا به استعمال ڪرڻ ڪانپوءِ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ هن مهل تائين ٿيل چونڊن جو ٽرن آئوٽ وڌ ۾ وڌ 25 سيڪڙو مس رهيو آهي. مطلب ته 8 ڪروڙ مان وڌ ۾ وڌ 2 ڪروڙ ماڻهو ووٽ وجهن ٿا ۽ اهو ووٽ گهٽ ۾ گهٽ 20 سياسي پارٽين ۽ آزاد اميدوارن ڪي ملي ٿو. ان ۾ هارايل اميدوار به ووٽ کڻن ٿا باقي بچيل ڪامياب اميدوارن جو حصو 10 کان 12 سيڪڙو بيهي ٿو ۽ ان ۾ به اڪثريتي ڌر ڪيترو به حصو کٽي پر 10 سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽ نه کٽندي ۽ ان ڪانپوءِ 10 سيڪڙو کٽندڙ ڌر ڪي تقريبا اڌ ووٽ ته عورتن جا ملن ٿا جن جي پنهنجي مرضي ڪيتري ٿيندي آهي سا ڳالهه اسان مان ڪنهن



ڪان به ڳجهي ناهي (۽ ان سان گڏ هاري، مزدور ۽ ملازم وغيره ته پنهنجن ميرن، پيرن، پوتارن وٽ ڪيئن قيد آهن سا ڳالهه به ڪنهن ڪان ڳجهي ناهي) مطلب ته اها ڪامياب ڌر ڪهڙي لحاظ ڪان اڪثريتي ڌر ٿي جڏهن ته اڪثريت ووٽ جي اهل آبادي ته ووٽ به ناهي ڪيو. هاڻي تصور ڪريو ته ان قسم جي اليڪشن ذريعي ڪهڙي ڌر ۽ ڪيتري طاقتور هوندي ان جو اندازو لڳائڻ ڏکيو نٿو رهي. تنهنڪري، اهڙن ملڪن ۾ ”جمهوري“ سياسي پارٽيون عوام جي حقن تي سوديبازي، موقعي پرستي، ڪرپشن، مصلحت پسندي ۽ مفاهمت واري پاليسي تحت ئي هلي سگهن ٿيون. مطلب جيڪا ڌر خود ٽيڪن ۽ آسرن تي هلندي هجي ان مان ڪجهه حاصل ڪرڻ جي توقع ائين ٿيندي جيئن ٻہرن ڪان ٻير گهرڻ!

## جمهوريت ڪي توڙ تائين پهچائڻ جو ڪم پورهيت ئي سرانجام ڏيندا

مٿين حقيقتن باوجود ڪا اڪثريتي ڌر ڪي وڏيون تبديليون آڻي سگهي ٿي پر شرط آهي ته ان ڌر پنهنجي ووٽر ڪي ۽ پنهنجي ورڪر ڪي ۽ سموري عوام ڪي مسلسل سياسي تربيت ڏني هجي ۽ حقيقتون عوام آڏو پڌريون ڪيون هجن ۽ ان بنياد تي عوام ڪي به سياسي تجربن جي مرحلن مان گذاريو هجي. ٻي صورت ۾ اهڙي ڌر پهلي ڪيتري به اڪثريت حاصل ڪئي هجي سدائين مستقل اقتداري ٽولن هٿان بليڪ ميل ٿيندي رهندي ۽ موٽ ۾ وري اها عوام ڪي بليڪ ميل ڪندي رهندي نه ته سندن اقتدار خطري ۾ پئجي ويندو. جڏهن روس ۾ 1905 ڌاري نمائندا اسيمبلي سڏائي پئي وئي تڏهن ڪامريڊ لينن لکيو هو ته ”اسيمبلين جي ”فيصلن“ ڪرڻ سان فتح حاصل نه ٿيندي ڇاڪاڻ ته زار جي شڪل ۾ سمورا اختيار ان (زار) وٽ هوندا ۽ وڏي ڳالهه ته خود جاگيردار فيصلا ڪن فتح حاصل ئي نه ڪري سگهندا ڇاڪاڻ ته ڪين به بيوروڪريسي، پوليس ۽ فوج جي شڪل ۾ (زار وانگر) رياستي مشينري جي ضرورت آهي تنهنڪري زار شاهي خلاف فيصلا ڪن فتح حاصل ڪرڻ جي اهليت صرف عوام وٽ آهي.“ اهڙي

صورتحال ۾، ڪامريڊ لينن ڏس ڏيندي چيو هو ته ٻه طرفي دٻاءَ جي ضرورت آهي هڪ مٿان ڪان (پارليامينٽ وغيره) ۽ ٻيو هيٺان ڪان (عوامي دٻاءَ وغيره). تڏهن ئي ڪي وڏا فيصلا عمل ۾ اچي سگهندا.“ مطلب ته عوام کي اليڪشن ۾ ووٽ وجهڻ ڪانپو3 گهر نه وڃڻ گهرجي پر ٻاهر نڪرڻ گهرجي ۽ انهن سمورن مطالبن کي ورجائڻ گهرجي جيڪي سندن حق آهن نه ته حڪمران سوديبازي ڪندي دير نه ڪندا ڇاڪاڻ ته اهي بنيادي طور ڪمزور آهن ۽ ٻيو ته سماج ۾ بنيادي تبديليون سندن مفادن خلاف آهن ۽ هنن ڄاڻي واڻي عوام جي سياسي تربيت نه ڪئي ۽ نه ئي هاڻي ڪرڻ چاهين ٿا حڪمرانن کي خبر آهي ته جيڪڏهن عوام کي روڊن تي آندوسين ۽ ڪين حقيقتون ٻڌايوسين ته عوام جي اندر اعتماد پيدا ٿيندو ۽ هو پاڻ ويڙهه ڪرڻ چاهيندا ۽ شايد اڳتي هلي حڪمرانن کي گهر پيڙو ڪري ڇڏيندا. ان قسم جي خوف ڪان بچڻ لاءِ ڪمزور حڪمران ٽولا اٽڪلن ڪان ڪم وٺن ٿا. مثال طور: عوام جي وڏي اڪثريت هزارن مسئلن ۾ گهيريل آهي، ڪڏهن اٽي ۽ اجهي لاءِ، ته ڪڏهن پاڻي، بجلي، گئس، ڪڏهن پوليس جي ٻڏچوڙ، بيروزگاري ۽ بدامني جهڙن مسئلن جو شڪار ٿئي ٿي ۽ انهن سمورن مسئلن، ظلمن خلاف ماڻهو روز روز وڌيرن، پوتارن، ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز جي آفيسن، اوطاقن آڏو قطارون ناهي بيهندا ۽ ايم پي اي يا ايم اين اي ماڻهن کي چٺيون يا فون وغيره ذريعي مسئلا حل ڪرڻ جا حربا اختيار ڪندا ۽ ويچارا ماڻهو ائين ئي سمجهندا ته شايد ”سمورن مسئلن جو حل آهي ايم پي اي جي چٺي يا فون“. جيئن پوئتي پيل سماج ۾ جڏهن ڪنهن ماڻهو کي بيماري ٿيندي آهي ته اهو تعويذ يا ڦيڻي ذريعي علاج ڪرائيندو آهي ۽ ائين سمجهندو آهي ته بيماري جو علاج آهي ئي ان ۾. اهڙي طرح سياسي پير، مير، پوتار هاڻي ڪان ئي پنهنجيون اوطاقون روحاني طور ماڻهن جو علاج ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا يعني جن ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز کي عوام چونڊي پارليامينٽ ۾ ان لاءِ موڪليندو آهي ته هُو اتي وڃي معاشي، سماجي مسئلن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪا قانونسازي ڪندا پر



هتي ته ڪم الٽو آهي، ۽ الٽو ڇو نه هجي ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ان قسم مسئلا ختم ٿي ويندا ته پوءِ ميرن، پوتارن ۽ اربابن جو روب تاب ۽ شان شوڪت جو ڇا ٿيندو. تنهنڪري ماڻهن کي اهڙا ڏس ڏٻا جو انهن تي عمل ڪندي ماڻهو جي اندر ۾ اعتماد ئي پيدا نه ٿئي ۽ هو سياست کي هميشه هڪ آفاقي ۽ سندن پهچ ڪان تمام مٿانهين شي سمجهي ۽ عوام جو هر غيرسياسي عمل انهن پوتارن جي ئي فائدي ۾ آهي.

مارڪس ۽ اينجلس 1879ع ۾ لکيو هو ته ”تقريبا 40 سال اڳ اسان اهو خيال پيش ڪيو هو ته طبقاتي جدوجهد ئي تاريخ جي ڦيٽي کي اڳتي ڌڪيندڙ قوت آهي؛ ۽ خاص ڪري پورهيت ۽ سرمائيدار جي وچ ۾ ٿيندڙ طبقاتي جدوجهد ئي جديد سماجي انقلاب جي وڏي lever (حرڪت ۾ آڻيندڙ) آهي جڏهن انٽرنيشنل جو بنياد پئي وڌوسين تڏهن اسان لڙائي جو سڏ ڏيندي چيو هو ته پورهيت طبقي جي نجات جو ڪم پورهيت طبقو پاڻ ئي ڪندو“ مطلب ته سامراج، جاگيردار، پوتار، مير، پير يا ارباب نه عوام جي مفادن لاءِ ويڙهه ڪندو ۽ نه ڪري سگهندو. تنهنڪري عوام کي گهرجي ته پاڻ تي ڀاڙي ۽ هر حڪومت جيڪا سندس مفادن تي سوديبازي ڪري ان خلاف ويڙهه ڪري، ڇاڪاڻ ته مارڪسزم جي سائنس ٻڌائي ته جمهوريت کي توڙ تائين پهچائڻ لاءِ پورهيت ئي ويڙهه ڪري سگهي ٿو.

## عظيم سلطنتون ۽ ڪوڪلا مينار

جيڪڏهن انساني تاريخ جو مختصر جائزو وٺي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته هر دور جي عظيم سلطنت جي تخليق ڪندڙ بادشاهن، شهنشاهن، جنرلن ۽ اڳواڻن جيڪي فتحون ۽ سوڀون ماڻيون ان جي نتيجي ۾ هُو ”ناقابل شڪست“ قوت هجڻ جي خُمار ۽ بيماري ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا ۽ سندن عقل ۽ سمجهه جا دروازا بند ٿي وڃن ٿا. مثال طور: سڪندر اعظم، چنگيز خان، نيپولين، هٽلر ۽ مسوليني وغيره تيز رفتار ڪاميابي ملڻ سبب وڌ ڪان وڌ علائقا فتح ڪرڻ جي نشي ۾ مبتلا ٿي ويا، ان نشي ڪائن جنگي حڪمت عملي واري نظر ڪسي ورتي. نتيجي طور، اهي ”عظيم سلطنتون“ ٿوري عرصي ۾ ئي

ڏير ٿي ويون. ساڳئي صورتحال هن وقت آمريڪي سامراجي سلطنت سان آهي. آمريڪي حڪمران سمجهن ٿا تہ هُو هن وقت دنيا جي ناقابل شڪست قوت آهن. حقيقت ۾، جهڙي صورتحال، هن وقت، آمريڪي سامراج سان آهي اهڙي صورتحال دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ عظيم سلطنت ۽ سامراجي طاقت سان نہ هئي. مثال طور: آمريڪا جي دنيا ۾ حيثيت "سپر پاور" هجڻ باوجود سندس شهري (آمريڪي) دنيا جي ٻين علائقن ۾ آزادي سان وڃي نٿا سگهن، ٻيو تہ ٺهيو، پر پنهنجي گهر (آمريڪا) ۾ بہ هي پاڻ کي محفوظ نٿا سمجهن. جڏهن بہ ڪو ڏاڙهي وارو مرد يا برقعي واري عورت ڏسن ٿا پريشان ٿي وڃن ٿا. اها آهي سپر پاوري!! آمريڪا هن وقت چوطرف گهيري هيٺ آهي. مثال طور: عراق ۽ افغانستان ۾ جنگ هلندڙ آهي، ايران سان سرد جنگ هلي ٿي پئي، پاڪستان اندر سامراج مخالف قوتون وڌي رهيون آهن، نہ صرف اهو پر عراق، افغانستان، ايران ۽ فلسطين ۾ ٿيندڙ آمريڪي سامراجي ظلم خلاف پوري مسلم دنيا ۾ آمريڪا مخالف تحريڪون ۽ فڪر زور وٺي رهيو آهي، جيڪو ڪنهن بہ وقت ڀڙڪي وڏي قوت بڻجي سگهي ٿو. ٻئي طرف، چين ۽ روس آهن جن جي آمريڪا سان ويڙهہ پراڻي آهي. ٽئين طرف، لاطيني آمريڪا جا ملڪ آهن. چوٿين طرف، اهي ڌريون آهن جيڪي هن وقت سڌي ريت آمريڪا سان ٽڪر ۾ نہ آهن پر مستقبل جي طاقت جي توازن هيٺ مٿي ٿيڻ سان آمريڪا جون امڪاني دشمن قوتون ٿي اڀري سگهن ٿيون، جن ۾ جاپان، ويٽنام، ٿائيليند ۽ هڪ حد تائين يورپي قومون پڻ ان قسم جي ڌرين ۾ شامل ٿي سگهن ٿيون.

ظالم طبقا، گروهہ ۽ ڌريون هميشہ کان اهڙي قسم جو نفسياتي، اخلاقي، ثقافتي ۽ نظرياتي ماحول تيار ڪنديون ۽ ڪرائينديون آهن جو هر ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ کي ائين لڳي جڻ تہ اهي ناقابل شڪست، طاقتور ۽ دائمي قوتون هجن. حقيقت ۾ اهي ڌريون نہ صرف ڪمزور، بي بنياد ۽ بي پاڙيون هجن ٿيون پر هميشہ کان مظلوم عوام جي سهاري، مدد ۽ ٽيڪ تي ئي بيٺل هونديون آهن ۽



انهن جي ئي پورهئي ۽ رت تي پلجنديون رهن ٿيون ۽ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اندران ئي اندران ڪوڪليون، اڌهي ڪاڌل ۽ زنگيل بنجي وڃن ٿيون پر سندن ابتدائي ظلم، ڏاڍ ۽ جبر جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل رعب، دابو، خوف ۽ دهشت صدين تائين جاري رهي ٿو. ظلم جو شڪار عوام پڻ صدين تائين ظالمن جي ظاهري رعب، دٻدٻي ۽ شان مان ڪي ئي ڏسي سگهندو آهي ۽ اندر ئي اندر ۾ ظالمن جي قوت کي دائمي ۽ آخري حقيقت سمجهڻ لڳندو آهي.

"رومي سلطنت جو عروج ۽ زوال" جي نالي سان تاريخ نويس گبن هڪ ڪتاب لکيو هو جنهن جو حاصل مطلب هي هو تہ دنيا جون وڏيون عظيم سلطنتون پنهنجي سموري تاريخ ۾ صرف ٿورو عرصو حقيقي طور قائم رهن ٿيون ۽ ڪجهہ وقت گذرڻ کانپوءِ اندران ئي اندران ڪوڪليون ٿي وڃن ٿيون ۽ باقي پويون عرصو سندن ماضي جو رعب، تاب، دهشت ۽ ساک وغيره جي ڪري قائم رهن ٿيون ۽ نتيجي طور ڪا ٻي طاقت ان جي ماضي کي ڏسي مقابلي ڪرڻ جي همت بہ ناهي ڪري سگهندي پر جيڪڏهن ڪا بہ ٻي طاقت ان عظيم سلطنت سان مقابلو ڪري ٿي تہ ان سلطنت جو ڪوڪلو مينار جلد ئي ڌڙي پٽ پوي ٿو.

فقط هٿيارن جي زور تي ڪڏهن بہ ڪو حڪومت ناهي ڪري سگهيو، پوءِ اهو هٽلر هجي يا چنگيز خان يا هلاڪو هجي، فتح وري بہ سچ جي ٿي آهي. ڪابہ جنگ کٽڻ لاءِ اخلاقي سگهہ ۽ برتري لازم عنصر هجي ٿي اخلاقي سگهہ جائز مقصد، فتح ۾ يقين، وطن ۽ عوام سان محبت ۽ نظريي جي سچائي ۾ ايمان وغيره مان ڦٽي نڪري ٿي. اخلاقي، نظرياتي ۽ ثقافتي محاذن تي دشمن کي شڪست ڏيڻ کانسواءِ جنگ ۾ ڪاميابي ماڻڻ تمام مشڪل آهي. مطلب تہ دشمن جي ڪمزورين جي نشاندهي ڪرڻ، ان جي ڪيل ڪڌن ڪرتوتن ۽ ڏوهن جو داستان بيان ڪرڻ، سندن ٺڳيون، مڪر ۽ فريبن کي عوام آڏو اگهاڙو ڪرڻ ذريعي ئي دشمن کي اخلاقي محاذ تي شڪست ڏئي سگهجي ٿي.

جيڪو سچ اڄ کان هزارين سال پهريائن سقراط چيو، جيڪو اڪيلو هو، مارڪس، جيڪو شروعات ۾ اڪيلو ۽ بي هٿيار هو، پوءِ اها ئي مارڪس جي سوچ ڪروڙن غريب مزدورن ۽ هارين جو هٿيار بڻي. مارڪس وٽ طاقت صرف قلم جي هئي نہ ڪي فوج. جنگ جي فن جي ماهر سن زو چيو آهي تہ

بهترين سپہ سالار اهو آهي جيڪو بغير ڪنهن ويڙهہ، تشدد ۽ ماڻهو مارائڻ جي جنگ کٽي وڃي.

تنهنڪري پاڻ کي گهرجي تہ بين الاقوامي سطح جا انسان ٿيون، عالمي مستقبل جي مونجهارن کي سمجهون، سچي ۽ ڪوڙي جي پرک ڪريون ۽ مستقبل جي مسئلن ۽ رڪاوٽن لاءِ اڳ ۾ ئي تياري ڪريون تہ پوءِ مستقبل بہ اسان لاءِ ماضي وانگر چٽو ۽ واضح هوندو. هوئن بہ پورهيتن وٽ، بقول مارڪس جي، وڃائڻ لاءِ صرف غلامي جون زنجيرون آهن ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ سمورو جهان. سامراج هيئنر ايترو طاقتور ناهي، ماضي جي ڀيٽ ۾ نهايت ئي ڪمزور آهي، ڇاڪاڻ تہ هيئنر سندس مقابلو تربيت ۽ تعليم ورتل مظلوم عوام جي تمام وڏي اڪثريت سان آهي، ضرورت صرف اتحاد جي آهي.

## تاريخ

تاريخ پنهنجو پاڻ کي، ڀهريائين دردناڪ، ٻيو دفعو مزاح ۾ ورجائي ٿي. مارڪس

---

اسان تاريخ مان سکون ٿا تہ ”اسان تاريخ مان ڪجھ بہ ناهي سکيو“ دنيا جي تاريخ، دنيا جي انصاف جي عدالت آهي. جارج برنارڊ شآ

---

جيڪي تاريخ مان ڪجھ نٿا پرائين اهي ان کي ٻيهر ورجائن ٿا. هيگل

---

تاريخ پاڻ ڪجھ نٿي ڪري، نہ ئي ان وٽ دولت جا انبار آهن، نہ ئي اها لڙائيون وڙهي ٿي. اهو حقيقي، زنده انسان آهي جيڪو اهو سڀ ڪجھ ڪري ٿو. ڪرٽ وونگٽ

---

تاريخ خطرناڪ وقتن ۾ منزل جو پتو ٻڌائڻ لاءِ رهنمائي ڪري ٿي. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اسين ڪير آهيون ۽ اسين ڇو آهيون ۽ ڪيڏانهن وڃون پيا. ڊيوڊ مڪ ڪلگ

---

تاريخ فلسفو آهي جيڪا مثالن ذريعي سمجهائي وڃي ٿي. نامعلوم



# مارڪس ۽ لينن اڳيان ڪو سوشلسٽ ماڊل هو؟

هن وقت جڏهن بہ اسين سوشلزم جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ ٻڌنڌڙ اڪثر ڪري سوويت يونين جي ناڪام تجربي جو ذڪر ڪري اسانجي نقطي تي اعتراض اٿاري ٿو ۽ ٻيا ماڻهو وري سواليہ انداز سان اسانجا خيال ٻڌن ٿا ۽ دل ئي دل ۾ فيصلو ڪري مشڪندا هليا وڃن ٿا. اڪثر طور سوال/اعتراض هن قسم جا هوندا آهن ”ادا جديد دور جي سائنس ڪيترائي مارڪسي اصول غلط ثابت ڪري ڇڏيا آهن“ ”ايتري حد تائين جو مارڪس جون ڪيل پيشنگوئيون ئي غلط ثابت ٿيون“ ”سوشلزم شڪست کائي چڪي آهي اڇو تہ فاتح سرمائيداريءَ جي واٽ کي وٺون“ ”هاڻي سرمائيداري مارڪس جي دور واري پراڻي سرمائيدار ناهي رهي، اها تمام گهڻو بدلجي چڪي آهي“ ”ٽراٽسڪي تہ درست پئي چيو سوويت يونين نہ هلي سگهندو“ ”مطلب تہ بهتر هو تہ جرمني يا برطانيہ ۾ انقلاب لاءِ ڪوششون ڪجن ها يا انتظار ڪجي ها“ ”سوويت يونين جي زوال ثابت ڪيو تہ ڪنهن هڪڙي ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ وارو تجربو ئي غلط هو“ ”ڀلا، مستقبل جو سوشلسٽ ماڊل ڪهڙو هوندو؟“ وغيره.

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هيترن سارن سوشلسٽ نمونن جي جزوي يا ڪلي طور ڪاميابي توڙي ناڪامي ڪانپوءِ ڇا مستقبل جي ڪنهن سائنسي ماڊل جو ذڪر ڪرڻ ممڪن آهي يا اهو صرف هڪ خواب ئي آهي؟ انقلاب ڪڏهن ايندو ۽ هي ويڙهہ ڪيسيتائين هلندي؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جيئن هن وقت ڪيترين ئي مذهبي ڌريون آهن جيڪي پنهنجن هزارين سال پراڻن نظامن کي وري جيئارڻ جا خواب ڏسن ٿيون، ۽ سڄو ڏينهن تقريرون ڪرڻ ۾ مصروف آهن. ڇا ملن، پنڊتن ۽ پادرين وانگر سماجوادي ڌريون بہ يوٽوپيائي خواب جي پٺيان تہ نہ

جمهوريت جي جهنڊي هيٺ سدائين پنهنجي آقائن نوابن ۽ شرفا جي اڳواٽي ۾ ۽ وري سرمائيدارن جي رهنمائي هيٺ جدوجهدون ۽ جنگون ڪيون، پر پورهيت عوام پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي طبقي ۽ پورهيتن جي اڳواٽيءَ ۾ ويڙهه نه ڪئي. چاڪاڻ ته اها پيداواري صورتن ۽ انهن جي ردوبدل لاءِ گهربل اقتصادي ترقي جي حد سان مشروط هئي. لکين انسان پنهنجي تقدير بدلائڻ جي جدوجهد ڪندي ختم ٿي ويا. هنن پنهنجون زندگيون انهن مقصدن، نظرين ۽ نعرن پنيان قربان ڪري ڇڏيون، جن نظرين ۽ نعرن جي عمر ٿوري هئي ۽ ان مان به اڪثر نظرين جا بنياد ئي غلط هئا.

مارڪس چيو ته سمورا ديومالائي قصا تصور ۾ تصور ذريعي فطرت جي قوتن ڪي قابو ڪن ٿا، انهن جي تشڪيل ڪن ٿا ۽ ان تي غالب پون ٿا پر انهن تي حقيقي قدرت حاصل ٿيندي ئي اهي ديومالائي تصور غائب ٿي وڃن ٿا.

## مارڪس آڏو سوشلزم جو عملي ماڊل هو ڇا؟

هن سماج ڪي بدلائڻ لاءِ گهربل اولين شرط سرمائيداري ڪان پوءِ پيدا ٿيا. مثال طور وڏي پيماني واري صنعت (Large Scale Industry) ڪان پوءِ ڇڙوڇڙ ۽ جدا جدا دنيا جو ڳنڍجي وڃڻ، قومي مارڪيٽ قائم ٿيڻ، صنعت ۽ حرفت جي ترقي، بورزوا طبقي جو جنم ۽ سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته مزدور طبقي جو جنم ۽ پورهيتن طرفان منظم تنظيمي صورت اختيار ڪرڻ ۽ پورهيتن جو هٿين خالي هجڻ وغيره وغيره.

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مارڪس ۽ اينگلس ٻڌايو ته سائنسي طرح مدي خارج سماج ڪي ڊاهي ۽ نئون سماج ڪيئن اڏي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ اڄ جي حوالي سان تاريخي تجربي جي حساب سان مارڪس بدنصيب هو چاڪاڻ ته سندس حياتي تائين ڪامياب سوشلسٽ نظام جو ڪوبه عملي ماڊل نه نهي سگهيو هو. ته پوءِ ڪارل مارڪس سوشلسٽ ماڊل جي ڳالهه ڇو ڪئي؟ ۽ وري ان ڪي سائنسي سوشلزم ڇو سڏيو جڏهن ته ڪوبه ڪامياب تجربو موجود نه هو؟ ڇا ڪوبه نظريو تيسيتائين نٿو ڏئي سگهجي، جيسيتائين ڪو (ماڊل) عملي روپ



پيون ڊوڙن؟ ڇا هن وقت ڪو اهڙو ڪامياب ماڊل آهي جنهن جي پوئيواري ڪئي وڃي؟ ڇا ڪنهن عملي ماڊل ڪانسواءِ مستقبل جي سوشلسٽ ماڊل جو ذڪر نٿو ڪري سگهجي؟

## سائنسي سوشلزم ڪان پهريائين

بهتر دنيا ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ اهو خواب نئون ناهي، انسان پنهنجي شروعات ڪان هن مهل تائين اهو خواب ڏسندو رهيو آهي. جڏهن ڪوبه سماجي نظام پنهنجي حالتن پٽنادڙ مدي خارج ٿيو ۽ جڏهن عوام اهو محسوس ڪيو ته هن سرشتي ۽ نظام هيٺ سندن مسئلن جو حل ممڪن ناهي ته انسان ان سماج ڪي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جيئن ته مخصوص پيدواري سرشتن اندر ماڻهو جي سمجهه جي سطح ايتري نه هئي، جو ان مدي خراج ۽ ظالم سماجي سرشتي جي سببن ڪي سمجهي سگهي. تنهن هوندي به مختلف مفڪرن سماج ڪي بهتر بنائڻ لاءِ مختلف خيال ۽ نظريا ڏنا پر جيئن ته سماجي گهٽ وڌاين ۽ ناانصافين جي ڪارڻن جي خبر نه هجڻ ڪري اهي نظريا ڪڏهن به عملي روپ نه وٺي سگهيا، ماڻهن ڪي اها خبر هئي ته ڇا ٿيڻ گهرجي؟ پر صدين تائين انسان ڪي اها ڄاڻ نه هئي ته اهو ٿيندو ڪيئن؟ چاڪاڻ ته ان جا ٺوس بنياد اڃا تائين وجود ۾ ئي نه آيا هئا. جڏهن جڏهن ظلم وڌيو، ان مظلوم ڪي مجبور ڪيو ته هو مدي خراج ۽ عوام دشمن سماجي حالتن ڪي تبديل ڪري نئين سماج لاءِ ويڙهه ڪن. تاريخ اهڙين بغاوتن ۽ جدوجهدن سان ڀري پئي آهي. غلامن غلامداري خلاف، هارين جاگيرداري ۽ مزدورن سرمائيداري خلاف جدوجهد ڪئي. تاريخ جي مخصوص عوام دشمن سماجي ۽ اقتصادي ڍانچي ڪان بيزاري جو اظهار ڪندي هر مظلوم ۽ انهن جي طرفدار مختلف نعرا، بينر ۽ نظريا تخليق ڪيا. ڪڏهن بادشاهن جي تبديلي جي مطالبن جي شڪل ۾، ته ڪڏهن مذهبن ۽ عقيدن جي نعري ۾، ته ڪڏهن تارڪ الدنيا جي فڪر هيٺ ڪن ماڻهن وري ان ظلم خلاف ويڙهه ڪرڻ بدران ان ڪي "قسمت" ۽ "تقدير" جو نالو ڏئي ماٺ ڪري ويهي رهڻ جو پرچار ڪيو، ته ڪڏهن يوٽوپيائي سوشلزم ۽ ڪڏهن

موجود نہ هجي؟ اها ڪهڙي شي هئي جنهن مارڪس جهڙي عالم کي سوشلزم کي سائنسي سڏڻ جا بنياد مهيا ڪيا؟ جواب آهي تہ عالمي تاريخي تجربو، سندس دور (سرمائيداري) جي گهري ۽ اٿاهہ ڄاڻ، فرانسيسي ۽ يورپي انقلابن جا مشاهدا، فيوئرباخ جي ماديت، هيگل جي جدليات، فوريئر، سينٽ سائمن ۽ رابرٽ اوون جي سوشلزم، رڪارڊو ۽ ايڊم سمٿ جي اقتصاديات، ڊارون جو ارتقائي نظريو، جيو گهرڙي جي دريافت ۽ توانائي جي تبديلي ۽ بقا جي قانون جي کوجنا وغيره مارڪس کي اهڙا نوس سائنسي بنياد فراهم ڪيا جن جو تنقيدي ۽ تخليقي جائزو وٺندي جدلياتي ۽ تاريخي ماديت کي تخليق ڪيو ۽ اها جدلي ۽ تاريخي ماديت هئي جنهن سوشلزم کي سائنسي سوشلزم سڏڻ لاءِ بنياد فراهم ڪيا. اهڙو خيال مارڪس طرفان دوست ڏانهن لکيل خط مان بہ ظاهر ٿئي ٿو جنهن ۾ مارڪس لکيو تہ ”طبقاتي جدوجهد ۽ طبقن جي هڪبئي سان دشمني تاريخي ترقي جو نتيجو آهي“ اها ڳالهہ تہ مون کان گهڻو وقت اڳ ۾ بورزوا تاريخدانن ڪري ڇڏي آهي. مون صرف اهو ثابت ڪيو آهي تہ (1) طبقن جو وجود پيداوار جي ترقي جي صرف مخصوص تاريخي دور سان ڳنڍيل آهي، (2) طبقاتي جدوجهد پورهيت آمريت ڏانهن وٺي ويندي، (3) خود آمريت صرف طبقن جي خاتمي ۽ غيرطبقاتي سماج تائين پهچڻ واري صرف عبوري دور تائين هوندي“

نئين دنيا اڏڻ جو خواب (سائنسي سوشلزم) الهام نہ هو پر انساني تاريخ هن مهل تائين جن دورن مان گذري آهي ان مان اخذ ڪيو ويو هو. رهي ڳالهہ ان خواب جي تڪميل جي تہ اهڙا مختلف اعتراض ۽ سوال تہ مارڪس جي ڏينهن ۾ بہ اٿاريا ويا هئا. جن مان هڪ اعتراض جو ذڪر ڪندي مارڪس ”ڪميونسٽ پڌرنامي“ ۾ لکي ٿو تہ جيڪي چون ٿا تہ انقلابي سماج نہ ٿو هلي سگهي ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ماڻهو ڪم ڪندا ئي ڪونہ!“ جواب ۾ مارڪس چيو تہ ”جيڪو پورهيت هن سرمائيداري نظام اندر جنهن ۾ ڪيس غربت، مفلسي ۽ ذلت ڪانسواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿو ٿئي ان ۾ بہ ٻارنهن کان چوڏهن ڪلاڪ ڪم



ڪري ٿو تہ پوءِ اهو پنهنجي طبقي جي اڳواٽي ۾ پنهنجي مفاد لاءِ ڇو ڪم نہ ڪندو!“

پڌرنامي ۾ مختلف يوٽوپيائي سوشلسٽ ماڊلز تي تنقيد ڪندي مارڪس لکي ٿو تہ هڪڙي آهي ”جاگيردار سوشلزم“ جيڪا ماضي سان رشتو ڳنڍيي ۽ مستقبل جي خطري ”سرمائيداري“ خلاف ويڙهہ کي سوشلزم سڏي ٿي، ٻي آهي ”دلال سرمائيدار سوشلزم“ جيڪي پورهيتن سان گڏ سرمائيداري خلاف ويڙهہ ڪرڻ چاهين ٿا تہ جيئن پراڻن پيداواري رشتن کي برقرار رکي سگهجي، ٽيان هئا ”سرمائيدار سوشلسٽ“ هنن جو خيال هو تہ موجوده سماجي سرشتو سرمائيداري برقرار رهي ۽ ان ۾ جيڪي خرابيون آهن اهي ختم ڪجن. سرمائيدارن کي ترقي ڪرڻ جي اجازت هجي ۽ پوءِ آهستي آهستي سڀ مسئلا ختم ٿي ويندا. سرمائيدار هجي پر پورهيت نہ هجي ۽ ٻيا هئا ”خيالي سوشلسٽ“ بهرحال، مارڪس چيو تہ ”سڀ کان وڌيڪ آسان اهو آهي تہ ”عيسائي راهبيت“ کي سوشلزم سڏيون ڇاڪاڻ تہ اهي ذاتي ملڪيت، شادي ۽ رياست جي خلاف آهن ۽ انهن بدران خيرات، غربت، راهبيت ۽ سادگي جي تبليغ ڪن ٿا.“

## لينن جي سامهون سوشلزم جو ڪهڙو ماڊل هو! ؟

مارڪس ۽ اينگلس ڪانپوءِ جڏهن لينن روس ۾ انقلاب آڻڻ ۽ هڪ سوشلسٽ ماڊل اڏڻ جي ڳالهہ ڪئي تڏهن بہ لينن اڳيان ان وقت تائين ڪوبہ سوشلسٽ ماڊل موجود نہ هو، ۽ مارڪس ۽ اينگلس ڪانپوءِ وارن مارڪسوادين معاملن کي سلجهائڻ بدران منجهائي ڇڏيو، مارڪسي عقيدي پرستي، ترميم پسندي وغيره جهڙن رجحانن جنم ورتو، ان دور جي مارڪسوادين جي اڪثريت هڪ طرف ان انتظار ۾ هئي تہ سوشلسٽ انقلاب لاءِ گهربل حالتون پيدا ٿين ۽ اهي بہ وري برطانيہ، فرانس ۽ جرمني ۾، تہ ٻئي طرف ترميم پرستن وري سوشل ڊيموڪريسي، اصلاح پسندي، جمهوريت وغيره جا نعره بلند ڪيا. جڏهن موقعي پرست، پيٽي بورزوائي، سوشل ڊيموڪريٽس، ڪائوتسڪي جهڙن غدارن ۽ دنيا جهان جي ”مها انقلابين“ ۽

"مارڪسوادين" ڪنهن به انقلابي حالتن جو فائدو وٺڻ بدران موقعي پرستي ڪندي سرمائيدارن جي پاڙيتو هجڻ وارو ڪردار ادا ڪندي نه رڳو پنهنجن ملڪن اندر پورهيت طبقي سان دوڪا ۽ فريب ڪيا ۽ انقلاب جي ڳالهه ڪري انقلاب مخالف ڪارروائيون ڪيون پر جڏهن بالشويڪ پارٽي لينن جي اڳواڻي ۾ روس جهڙي پوئتي پيل ملڪ ۾ انقلاب لاءِ ڪوششون پئي ڪيون تڏهن به گهٽ ئي پئي چيو ته روس بدران جرمني ۾ انقلاب لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ هي وقت روس ۾ انقلاب لاءِ مناسب ناهي.

ٻئي طرف، روس جهڙي ملڪ ۾ مارڪس جي ڳالهين جو مطلب ته وري ڪن ڏرين مورڳو ئي ابتو ڪڍيو. سندن خيال هو جيئن ته مارڪس چيو ته سرمائيداري ظالم سماجي نظام آهي تنهنڪري بهتر اهو آهي ته روس ۾ سرمائيداري نه اچي. اينگلس پنهنجي هڪ روسي دوست کي 1895ع ۾ خط ۾ لکيو ته توهان جهڙن ملڪن (روس) ۾ جتي اوائلي گڏيل هارپي تي وڏي پيماني واري صنعت (Large Scale Industry) لڳائي ويئي آهي، جتي ساڳئي وقت تهذيب جا سمورا وچ وارا مرحلا هڪ ٻئي سان گڏ هڪ ئي هنڌ وجود رکندا هجن، اهڙي ملڪ ۾ جتي مطلق العنايت ذريعي دانشوراڻي چيني ديوار اڀي ڪئي وئي هجي، اهڙي ملڪ ۾ انتهائي ناقابل اعتبار ۽ عجيب خيالن جو ميلاپ ٿيڻ عجب جهڙي ڳالهه ناهي." روس ۾ 1860_70ع واري ڏهاڪي ۾ چيرنشيوڪي چيو ته "اسان جو مکيه دشمن سرمائيدار نه پر پنتي پيل روسي سماج آهي جنهن جي زندگي جون ايشيائي حالتون، ايشيائي سماجي سرشتو ۽ نظام آهي."

روس اندر زار شاهي جي پوليس طرفان مسلسل ڇاپن ۽ گرفتارين جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي انقلابين جا گروهه ۽ جٿا ختم ٿي ويا. ان حد تائين جو ڪيترن ئي علائقن ۾ هارين پاڻ پوليس کي گهرائي انقلابين کي گرفتار ڪرايو. 80 واري ڏهاڪي ۾ مايوسي جي لهر پوري روس تي ڇانيل هئي، انقلابي آدرش رکندڙ مٿئي به ٿي گروهه بچيا هئا. 83ع کان 93ع تائين Emancipation of labor group جلا وطن



رهيو. روس ۾ مارڪسزم جي ابي پليخانوف 1890ع کانپوءِ "عوام جي وچ ۾ وڃڻ" جي ڳالهه ڪئي.

روس ۾ جڏهن زار شاهي جي ظلم ۽ ڏاڍ جو راڄ هو تڏهن به مارڪس جي ڪتاب "سرمايو" جي روس ۾ گهرائڻ تي پابندي نه هئي (جنهن تي اتڪل گهٽ ملڪن ۾ پابندي هئي) ڇاڪاڻ ته زار شاهي سرڪار جو خيال هو ته "ڪتاب ۾ رڳو حسابي ۽ تجريدي ڳالهيون لکيل آهن، جيڪي تمام ڏکيون آهن ۽ جيڪڏهن سمجهه ۾ ايندو ته به مٺيئي ٿورڙن دانشورن کي سمجهه ۾ ايندو. مارڪس جو ڪتاب "سرمايو" جو پهريون جلد 1872ع ۾ روسي ٻولي ۾ ڇپيو.

لينن 23 سالن جو هو ته هن داس ڪيپيٽل جا به جلد پڙهي ڇڏيا هئا. 1902ع ۾ پنهنجي مضمون What is to be done? ۾ لکي ٿو ته وچ نوي واري ڏهاڪي ۾ صنعتي مزدورن جي هڙتالن سموري روس ۾ ڦهلجي ثابت ڪيو ته پورهيت سجاڳ ٿي رهيو هو، ....... ان سموري پورهيتن جي تحريڪن باوجود تمام گهٽيون ڏريون ۽ جماعتون ان خيال جون هيون ته صرف اقتصادي مطالبن تائين جدوجهد کي محدود رکجي. ان کي سياسي (مطلب ته زار شاهي خلاف) بنائڻ جي ضرورت ناهي، مزدورن جي جدوجهد آهستي آهستي ۽ مرحيلوار وڏي پاٽهي نتيجا حاصل ڪندي. لينن چيو ته طبقاتي جدوجهد سياسي جدوجهد آهي........ سمورن ملڪن جي تاريخ ڏيکاري ٿي ته پورهيت طبقو پنهنجين نرالين ڪوششن کان سواءِ صرف ٽريڊ يونين شعور کي ترقي ڏيڻ جي لائق آهي....... روسي پورهيت کي وڏيڪ اڻ ڳڻيون مصيبتون سهڻيون پونديون....... ضرورت آهي ته ملڪي سطح جي اخبار ڪيون جيڪا شروعاتي طور تي تنظيم جو بنياد وجهندي. جنهن کانپوءِ پروفيشنل انقلابين جي اڳواڻي هيٺ شعور، مرڪزيت ۽ رزداري جي بنياد تي هڪ سياسي جماعت/تنظيم ناهي، روس ۾ زار شاهي جي عذاب ۽ پارلياماني ادارن جي غيرموجودگي سبب خفيه طريقي سان ڪم ڪري سگهبو."

جنهن دور ۾ اڪثر مارڪسوادي گهٽ ترقي يافته صنعتي ملڪن ۾ هڪ ئي وقت انقلاب اچڻ جي توقع لڳايو ويٺا هئا ان وقت لينن هڪ اهڙي پوئتي پيل اڪيلي ملڪ ۾ انقلاب آندو هو جنهن جي باري ان وقت صرف سوال ۽ اعتراض ئي واري سگهيا پئي. انهن مان گهڻا ته اها خاطري ڪيو ويٺا هئا ته ڄاڻ ٿو اهو ملڪ ڊهي پوي.......

### پاڻ مارڪس ۽ لينن کان وڌيڪ خوشنصيب

پاڻ مارڪس ۽ لينن کان وڌيڪ خوش نصيب آهيون ڇاڪاڻ ته نه ڪارل مارڪس ۽ اينگلس، نه ئي لينن ۽ ٻين انقلابين وٽ ايتري انقلابي تجربي جي تاريخ هئي ۽ نه ئي سندن سامهون ڪو عملي ماڊل هو، جنهن جي ڪاميابين ۽ ناڪامين کي آڏو رکندي ڪو بهتر عملي سوشلسٽ ماڊل ٺاهي سگهن. پاڻ خوشنصيب آهيون ڇاڪاڻ ته پاڻ وٽ پهرين سوشلسٽ انقلاب روس جو تجربو، هڪ پٺتي پيل ملڪ جتي انقلاب لاءِ حالتون سازگار نه هوندي به اڳتي وڌي تمام گهڻو ڪجهه ڪري وڃڻ، باليشويڪ پارٽي، پهرين پورهيت رياست جو قيام، مارڪسي نظريي جو عملي روپ، سامراجي نظام هيٺ ڪنهن هڪ ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ، مارڪسي عقيدي پرستي خلاف نظرياتي ويڙهه، پهرين سوشلسٽ رياست جي تعمير وغيره لينن ازم جي روپ ۾ مليا، چيني، ويٽنامي، ڪوريائي، ڪيوبن انقلابن جا تجربا پڻ موجوده دور جي ماڻهن کي نصيب ٿيا آهن.

### پاڪستان، سنڌ ۽ عوامي تحريڪ

روس ڪنهن ٻاهرين قوم جو غلام نه هو، اتي اصلوڪي قوم جي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو به نه هو، روس ۽ چين جهڙو تهڙو پنهنجو قومي سرمائيدار ۽ صنعتي مزدور پڻ هو ۽ انقلاب آڻيندڙ اڳواڻ انهن ملڪن جي وڏين قومن منجهان هئا ۽ جڏهن انقلاب آيا عالمي سامراجي طاقتون پاڻ ۾ وڙهي ڪمزور ٿي چڪيون هيون. چيني ۽ ويٽنامي انقلاب وقت ته سوويت يونين ۽ سوشلسٽ بلاڪ ٻئي موجود هئا، پر عوامي تحريڪ جنهن ساڳئي نظريي هيٺ سنڌ اندر نه رڳو پاڻ کي مختلف سازشن جو شڪار ٿيڻ باوجود پنهنجو پاڻ کي



بچايو پر سنڌي عوام جي مسئلن تي مسلسل ويڙهه ڪري پنهنجي جدوجهد ۽ ثابت قدمي ذريعي سنڌي عوام جي دلين ۾ جاءِ ناهي آهي. اها ڳالهه سنڌ جهڙي سماج ۾ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. ڪنهن انقلابي اڳواڻ لکيو ته جيڪڏهن انقلابي پارٽي عوام سان گڏ ويڙهه ڪري ته اها ڪهڙو به ڪارنامو سرانجام ڏئي سگهي ٿي. ڪامريڊ مائو چوي ٿو ته عوام جي حمايت ڪانسواءِ ڪنهن به جنگ يا ويڙهه ۾ ڪاميابي ناممڪن آهي. آءُ سمجهان ٿو ته عوامي تحريڪ اخلاقي طرح اهو محاذ فتح ڪري ورتو آهي.

پاڪستان اندر موجود سياسي جماعتن جي ماضي ۽ حال تي نظر ڦيرائي ڏسبي ته معلوم ٿيندو ته ڪالهه اي اين پي جيڪا سامراج مخالف ۽ انقلابي پارٽي هئي هاڻي اقتداري ۽ هڪ حد تائين سامراج دوست بنجي چڪي آهي. ڪميونسٽ پارٽي جو باقي نالو بچيو آهي، جنهن جا ڪيترائي سورما اڳواڻ صوفي ٿي ويا ۽ ڪن کي وري پ پ ۾ سوشلزم نظر اچي ٿو. پ پ جنهن جو منشور جمهوريت، اسلام ۽ سوشلزم هو اها به پنهنجي منشور کان ڦري وئي، قومپرست ڌرين جي حالت ڪهڙي آهي سا ڳالهه ڪنهن کان به ڳجهي ناهي. پاڪستان ۾ ته اڄڪلهه دهشتگرد تنظيمن جا ”ليڊر“ به پنهنجو پاڻ کي ”انقلابي“ سڏائين ٿا. سياست جي مارڪيٽ ۾ جيڪا به نئين شي (Product) اچي ٿي اها به ٿي انقلابي. ڪتا پاليندڙ وڏيرا به اسان وٽ عوام جا هڏ ڏوکي هجڻ جا دعويدار، جن کي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جي خبر ناهي سي به ٿيا سنڌ جا اڳوڻ. لينن چيو ته جڏهن ڏسو ته رجعت پرست سوشل شاونسٽ پنهنجو پاڻ کي ”انقلابي“ ۽ سوشلسٽ سڏائڻ شروع ڪن ته سمجهڻ گهرجي ته هاڻي انهن ڳالهين کان وڌيڪ بهتر ۽ درست نعري لڳائڻ جي ضرورت آهي.

## عالمگيريت ۽ سرمائيداري مان چڱائي جي اميد

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته ”اڄ جو سرمائيدار ڪالهه جي سرمائيدار جي ڀيٽ وڌيڪ بهتر ۽ ڀلائي وارو آهي ۽ بهتر اهو ٿيندو ته ان سرمائيدار کي ساڻ کڻي اڳتي وڌجي.“ ان سموري لقاءَ کي ماضي کان

وڏيڪ حال سان پيٽڻ جي ضرورت آهي. اڄ کان پنجاهه سال اڳ سامراج سموري دنيا جي پنتي پيل ملڪن ۾ سڌي ريت قبضا ڪري ڦرلٽ ڪئي. ان ظلم مظلوم کي سڌي ريت ڄاڻ ٿي ڏني ته ساڻس ڪير ڪير ظلم ڪري رهيا آهن. ان دور جي هاري، مزدور، عوام جون ضرورتون، خواهشون ٻيون ۽ اڄ (يعني جديد دور) جي ڀيٽ ۾ گهٽ نوعيت واريون هيون ۽ اڄ جو پورهيت ۽ پيڙهيل عوام وڌيڪ باشعور، منظم هجڻ سان گڏوگڏ وڌيڪ ضرورت ۽ خواهش جي دٻاءَ هيٺ زندگي گهاري ٿو. جنهن جو اظهار ماڻهو مادي حوالي سان گهٽ پر نفسياتي ۽ جذباتي حوالي سان وڌيڪ ڪري ٿو. دنيا جي سموري آبادي جي ڀيٽ ۾ ضرور وڌيڪ خوشحال زندگي گهاريندڙن جو تعداد وڌيو آهي پر ساڳئي وقت ان بهتر زندگي گذاريندڙ فرد جي زندگي جا معيار ۽ ماپا پڻ بدلجي ويا هو پڻ پاڻ کي استحصال جو شڪار ٿيندي محسوس ڪن ٿا. اڄ کان پنجاهه سال اڳ واري اڪثريت عوام پنهنجو پاڻ عالمي سطح تي نه پئي ڏٺو، اڄ جو انسان پنهنجو پاڻ کي عالمي انسان تصور ڪري ٿو. سيٽلائيٽ، انٽرنيٽ، موبائل، ٽيليفون، ٽيليوزن، ڪار، جهاز سان گڏ ڪائڻ پيئڻ ۽ نوان لباس استعمال ڪرڻ جي ايڏي شديد ضرورت نه هئي، اڄ جو سرمائيدار ڪربين رپيا مارڪيٽنگ ۽ اشتهاربازي تي خرچ ڪري ٿو ۽ 24 ڪلاڪ ٽيليوزن، اخبارن، ريڊين، انٽرنيٽ، پمفليٽن ۽ سائن بوردن ذريعي عوام جي کيسي مان سندس ڪمائي کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ ۽ نين ”ضرورتن“ لاءِ اڪسائي ٿو. اڄڪلهه هڪ شاگرد گهٽ ۾ گهٽ 20 کان 23 سالن تائين مسلسل پڙهائي ڪانپوءِ ۽ زندگي جي ٻين سمورين رنگينين، خوبصورتين، خوشين ۽ خواهشن جي قرباني ڏيڻ، ۽ سماجي رشتن کان لاتعلق ٿيڻ ڪانپوءِ ئي ان لائق بنجي ٿو ته چڱو خاصو اجورو ڪمائي سگهي. فرد ڪي نه گهر لاءِ وقت، نه سياست لاءِ، نه ادب، تاريخ ۽ فلسفو پڙهڻ لاءِ، نه دوستن ۽ عزيزن سان ملڻ لاءِ ۽ نه ئي سيروسياحت ۽ باذوق محفلن ۽ موسيقي لاءِ، مطلب ته ڊگهي وانگر زندگي گذاري ٿو پر ان کان وڌيڪ هڪ مشين جي پرزي طور ڪم ڪري ٿو. چاڪاڻ ته



ڏڳو وري به ڪجهه نه ڪجهه محسوس ڪري ٿو. ماڻهو ويڳاڻپ جو شڪار ٿيندي پنهنجو وجود وڃائي ويهي ٿو، انسان پنهنجي تخليق ۽ پنهنجي هجڻ جي احساس جا سچا پچا ذريعا وڃائي ڇڏي ٿو. مارڪس موجب جيڪڏهن ڪاروبار بهتر ٿيندو ته ضرور پگهار ۾ پنج سيڪڙو اضافو ٿيندو ۽ جڏهن ته ڪل فائدو ٽيهه سيڪڙو وڌندو، ان جي ڀيٽ ۾ پگهارون وڌن نه پر گهٽ ٿين ٿيون. جيترو تيزي سان پيداواري سرمايو وڌي ٿو ساڳئي وقت اوترو ئي تيزي سان سرمائيدار ۽ مزدور جي وچ ۾ سماجي حيثيت ۾ به فرق اچي ٿو. سرمائي جي تمام تيزي سان واڌ جو مطلب ٿيو منافعي ۾ واڌ. جيتوڻيڪ پورهيت جيڪو ڪالهه تائين پنج رپين ۾ به يا ٽي شيون خريد ڪري سگهندو هو سو هاڻي ٽي کان چار شيون خريد ڪري سگهندو پر ان هوندي به پورهيت جو اجورو سرمائيدار کي ملندڙ منافعي کان تمام گهٽ هوندو، پيداواري سرمائي ۾ تيزي سان آيل واڌ ساڳئي وقت دولت، عيش عشرت، سماجي ضرورتن ۽ سماجي تفريحن ۾ به واڌ آڻين ٿيون. اهڙي طرح جيتوڻيڪ پورهيت جي خوشين (Enjoyments) ۾ به واڌارو ٿئي ٿو پر سندس سماجي اطمينان سرمائيداري جي خوشين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هيٺ ڪري ٿو جيڪي (خوشيون) هڪ پورهيت جي پهچ کان ئي پري هجن ٿيون. سماج جي مجموعي ترقي جي صورتحال جي ڀيٽ ۾ جيئين ته اسانجون خوشيون ۽ لطف سماج مان اپرن ٿا، اسانجي خوشين جي ماپ ۽ معيار سماج کي آڏو رکي ڪريون ٿا، نه ڪي انهن شين ذريعي جيڪي اسان پنهنجو پاڻ کي مطمعن رکڻ لاءِ استعمال ڪريون ٿا، چاڪاڻ ته خواهشن ۽ تفريح جا پيمانا سماج طئي ڪندو آهي، فرد جي حيثيت ۽ وجود هاڻي عالمي تاريخي وجود بڻجي ويو آهي جيڪو عالمي تاريخ سان ڳنڍيل آهي. مارڪس 1843ع ۾ لکيو ته تاريخ هاڻي پنهنجي صورت بدلائي عالمي تاريخ جو روپ اختيار ڪري رهي آهي، مثال طور جرمني کنڊ (Sugar) ۽ ڪافي جي کوٽ نيپولين خلاف هلايل جرمني جي آزادي جي تحريڪ جو بنياد مهيا ڪيو. اهڙي طرح هن جديد دور ۾ موجود مسئلا جيڪي اسان کان هزارين ميل

پري واري علائقي ۽ ڪنهن ٻئي مذهب، نسل ۽ قوم کي درپيش هجن ٿا پوءِ اهي عراق ۾ هجن يا فلسطين ۾، ورلڊ ٽريڊ سينٽر جو ڪرڻ هجي، يا محمد صلعم جو ڪارٽون ڇپجڻ، يورپ جي نئين آئين جو معاملو هجي يا افغانستان ۾ ٿيندڙ قتل عام، ايراني ائٽمي نيوڪلئير پاور تي بحث هجي يا آمريڪي اليڪشن، مهاتير محمد جون ڳالهيون هجن يا حماس جي ڪاميابي، ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي ننڍا وڏا واقعا هجن موجوده دور جو انسان انهن سمورن مسئلن تي نه رڳو بحث ڪري ٿو ۽ سوچي ٿو ۽ سندن خوشين ۽ ڏکن کي محسوس ڪري ٿو پر ان تي ڪنهن حد تائين ردعمل پڻ ظاهر ڪري ٿو، مختلف ۽ جدا جدا فردن جي سرگرمي ۾ آيل واڌارو سندن سرگرمي کي عالمي تاريخي سرگرمي بڻائي ڇڏيو آهي ۽ فرد ڏينهون ڏينهن اڻ ڏٺين ۽ ڌارين طاقتن جو غلام ٿيندو وڃي ۽ هڪ وڏي عالمي مارڪيٽ جي نه ڏسڻ ۾ ايندڙ ديوارن ۾ قيد ٿيندو پيو وڃي ۽ ساڳئي وقت اڳ ۾ جيڪي بهترين ۽ اعلىٰ قسم جون ايجادون ۽ هنر ۽ طريقا ڪيترين ئي صدين تائين تخليق ٿيندا ۽ تباهه ٿيندا رهيا ڇاڪاڻ ته مختلف علائقن جا انسان ٻين علائقن جي ماڻهن ۽ سندن علم کان واقف ئي نه هئا. هاڻ دنيا جي ڳنڍجڻ سان ڪيترائي ناياب ۽ انمول علمي خزانا، ايجادون، سائنسون ۽ بهترين رسمون رواج پوري عالمگير تهذيب جو حصو بڻجي چڪا آهن.

## مستقبل جو سوشلسٽ ماڊل

مارڪس لکيو آهي ته انسان پنهنجي تاريخ پاڻ ناهي ٿو پر ائين نه جيئن سندس مرضي هجي، نه ئي اهڙين حالتن ۾ ناهي ٿو، جيڪي پاڻ چوندي سگهي پر انهن حالتن تحت جيڪي سڌي ريت ساڻن ٽڪر ڪائيندي جيڪي ماضي کين ڏنيون ۽ منتقل ڪيون هجن. سمورن مرده نسلن جون روايتون زنده ماڻهن جي دماغ مٿان هڪ ڊيڄاريندڙ ۽ دهشت ناڪ خواب جيان بوجهه ٿين ٿيون ۽ جڏهن اهي پنهنجو پاڻ ۽ شين کي انقلابي بنائڻ ۾ مصروف ڏسڻ ۾ ايندا آهن، اهڙي شي ناهڻ ۾ جنهن جو اجا تائين ڪڏهن به وجود ناهي آيو اهڙن انقلابي بحرانن



جي دورن ۾ اهي فڪرمندي مان ماضي جي روحن کي جادوئي انداز سان ڪتب آڻين ٿا ۽ ماضي کان رواج، روايتون ۽ نالا اوڌارا وٺن ٿا ته جيئن نئين عالمي تاريخي نظاري کي ان اوڌاري ٻولي ۾ معتبر لباس ۾ بدلائي پيش ڪن.

نئين ٻولي سکندڙ ٻار وانگر جيڪو سدائين مادري ٻولي کي ئي واپس ترجمو (نقل) ڪري ٿو، پر نئين ٻولي جي روح کي ذهن نشين ڪندي پنهنجو پاڻ رواني سان اظهار تڏهن ڪري سگهندو جڏهن پرائي ٻولي کي روحاني ياد ڪرڻ کان بغير ۽ نئين ٻولي جو استعمال ڪندي پنهنجي پيدائشي ٻولي نقل ڪرڻ کي وساري ڇڏي.

انقلاب ڪڏهن ايندو ۽ هي ويڙهه ڪيستائين هلندي؟ ان جو نوس جواب ناهي ۽ نه ئي ٿي سگهي ٿو. ها مارڪسزم انقلابي تبديلي ڪڏهن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ ايندي ان لاءِ عام سائنسي اصول ڏنا آهن، جيڪي اڄ تائين غلط ثابت ناهن ٿيا. مثال طور پيدواري قوتن ۽ رشتن ۾ ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ انقلاب ايندا آهن، سماجي وجود سماجي شعور جو تعين ڪري ٿو، تاريخ جو اڏيندڙ انسان آهي، پيداواري صورت ئي پيداواري رشتن (سياست، قانون، اخلاق، فن، ادب ۽ مذهب وغيره) جي شڪل ناهي ٿي، تضاد ۽ ميلاپ، مقدار ۽ معيار جا اصول وغيره وغيره. جڏهن مارڪس سمجهيو ته انقلاب تمام ويجهو آهي ۽ انقلاب برطانيه، فرانس ۽ جرمني ۾ ايندو پر اتي نه آيو، جڏهن لينن انقلاب جي ڳالهه ڪئي ۽ پنهنجو جدوجهد جو آغز ڪيو ڇا ڪيس اها توقع هئي ته روس ۾ انقلاب لاءِ ايترو جلدي موقعو ملندو، مطلب ته جيڪڏهن مارڪس جي پيشنگوئي غلط ثابت ٿي ته وري لينن پيشنگوئي ڪرڻ کان بغير روس ۾ انقلاب آندو ته پوءِ اها ڪهڙي شي هئي جنهن لينن کي ايترو پوئتي پيل ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ تيار ڪيو (جيتوڻيڪ لينن کي خبر هئي ته روسي انقلاب وقت کان اڳ ڄاول ٻار آهي) اها ئي هئي انقلاب جي مارڪسي سائنس. ڇا لينن ان لمحي جو انتظار ڪري ها ته پهريائين انقلاب برطانيه يا جرمني ۾ اچي؟ جيڪڏهن روس ۾ وقت کان اڳ آيل انقلاب نه اچي ها ته اڄ دنيا

جو نقشو ڪهڙو هجي ها؟ ٻئي طرف چين ۾ انقلاب جي حوالي سان مائوزيتنگ لکي ٿو تہ اسان پئي سمجهيو تہ انقلاب اجا گهڻا سال پري آهي پر اسان سمجهون ٿا تہ اهو هاڻي گهڻو ويجهو پهچي چڪو آهي. (مطلب تہ جيڪڏهن ڪا پيشنگوئي غلط ثابت ٿي تہ ان جو ڍنڍورو پٽبو ۽ جيڪي ٻيون هزارين ڪاميابيون انهن ساڳين مارڪسي اصولن تحت حاصل ٿيون اهي ڪهڙي ڪاتي ۾ شامل ڪجن؟ اهو ضروري شرط ناهي تہ ڪو بهترين سوشلسٽ ماڊل موجود هجي تہ پوءِ جدوجهد ڪجي ۽ ڪوبہ ماڊل حتمي طور ڪنهن بہ ٻئي علائقي لاءِ ساڳيو جو ساڳيو رهي اهو پڻ ناممڪن آهي، پر اهو ضرور ٿيندو تہ ان جون ڪي خاص عالمي تاريخ اهميت رکندڙ خصوصيتون اتان ورتيون وينديون آهن. لازمي ناهي تہ جيڪي نظرِا ۽ فڪر يورپ لاءِ مدي خارج ٿي چڪا آهن سي ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جهڙن ڪندن لاءِ بہ مدي خارج هجن ۽ نہ ئي وري روس، چين، ويٽنام ۽ اتر ڪوريائي ڪو آخري ۽ حتمي ماڊل هئا پر ائين نہ ناهي تہ ايندڙ دور جا انقلاب ڪي انهن سمورن انقلاب ڪان نرالا ۽ الڳ هوندا، نہ بلڪل نہ. جيئن روسي انقلاب فرانسيسي انقلاب جو تسلسل هو، تيئن ايندڙ دور جا انقلاب گذريل سمورن انقلابن جو ئي تسلسل هوندا. مارڪس چيو تہ جيئن جيئن پيداواري قوتون ترقي ڪنديون ۽ جيڪي ڏکيا ۽ پيچيده ڪم خاص لياقت رکندڙ ماڻهو ئي سرانجام ڏئي سگهنا هجن اهي ڪم آهستي آهستي ايترا سولا ۽ آسان بنجي ويندا جو ڪوبہ ٿورو گهڻو پڙهيو لکيو ماڻهو ڪري ويندو.



## جنگ بابت قول

جنگ، ٻين طريقن سان (هٿياربند طريقن سان) سياست جو تسلسل آهي. ڪلازوٽ

جنگ خونريزه سياست آهي ۽ سياست خونريزي کانسواءِ واري جنگ آهي. مائو زيتنگ

جنگ جو فن دوکي جو فن آهي. سن زو

جنگ هڪڙو تمام سنجيده مسئلو آهي، تنهن ڪي فوجي اڳواڻن جي حوالي نٿو ڪري سگهجي. George Clemenceau

---

مون وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجھ بہ ناهي سواءِ سخت محنت، ڪشالن، لڙڪن ۽ پگهر جي. چرچل جا ٻي عالمي جنگ وقت لفظ

---

مسئلو جنگ يا امن جو ناهي، پر ڳالھ هي آهي تہ اسين پنهنجي آزاديءَ ڪي ڪهڙي بہ نموني برقرار رکڻ چاهيون ٿا. جنرل رسل

---

انسان ذات ڪي جنگ جو خاتمو ڪري ڇڏڻ گهرجي نہ تہ جنگ انسان ذات ڪي ضرور ختم ڪري ڇڏيندي. نامعلوم

# انسان دوست شعور ۽ سرگرمي کي روڪڻ لاءِ
# ٺاهيل ڪوڙڪيون ۽ سرڪڻ ڦاهيون

انساني تاريخ جي هزارين سالن جي داستان جو وڏو حصو انسان دشمن فڪر ۽ عمل سان ڀريو پيو آهي، ۽ ان لاءِ اڻ ڳڻيون ۽ لاتعداد، لڪل ۽ ظاهر، سڌيون ۽ اٽڪسڌيون، پرامن ۽ پرتشدد رڪاوٽون، رنڊڪون ۽ مصيبتون پيدا ڪيون وينديون رهيون آهن ۽ اهو عمل اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. انهن سڀني رخن کي تمام گهڻو قلمبند ڪيو ويو آهي پر هتي اسين انهن ڪوڙڪين، ڀيگهين، سرنگهن ۽ کڏن جو ذڪر ڪنداسين جيڪي عام طور تي اسانجي معاشري ۾ صدين کان ورجايون پيون وڃن ۽ جيڪي مون جهڙن بذات خود لاتعداد پيرا پنهنجن ڪنن سان ٻڌيون آهن. اهم ڳالهه هي آهي ته اهڙا خيال اڪثر ڪري انهن عام ماڻهن جي زبان وٽان ٻڌا آهن جن ڪڏهن ڪتابن جو ورق به ورائي نه ڏٺو هوندو آهي پر اهڙيون خبرون انهن ڌرين طرفان ڦهلايون ويون آهن جيڪي پنهنجن ناجائز مفادن خاطر ڪروڙين انسانن کي صدين کان ڦاسايو ويٺيون آهن.

جاگيرداري سرشتي هيٺ هلندڙ سماج اندر زندگي ۾ تبديلي جي رفتار انتهائي سست، سرگرمي جو دائرو محدود ۽ گهٽ مقابلي وارو، مقرر ٿيل روين ۽ لاڙن تي عمل ڪرڻ وارو ٿئي ٿو. سماجي ثقافت ۽ لاڙا انسان جي ذهني نشونما تي اثرانداز ٿيڻ ڪري جاگيرداراڻي سماج ۾ ماڻهو اڪثر آزمايل، مروج ۽ پراڻن طريقن کي نون طريقن تي ترجيح ڏين ٿا. نوان طريقا ۽ رويا، جيتوڻيڪ، انتهائي فائديمند ڇو نه هجن پر جلدي قبول نٿا ڪيا وڃن. مثال طور: گهڻو پڙهڻ، نياڻين کي پڙهائڻ، لباس ۽ ڍنگ جي تبديلي، ڪنهن کي اڳتي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ لاءِ اتساهه ۽ همت ڏيڻ وغيره. شروعات ۾ مخالفت ۽ مقابلو ڪرڻ ڪانپوءِ آهستي آهستي نوان لاڙا قبول ٿين ٿا.

مارڪس موجب ”سماج اندر سمورين برائين جو بنيادي سبب پيداواري ذريعن ۽ سماجي دولت جي غيرمنصفاڻي ورڇ آهي.“ اڪثر ماڻهو ان



غربت جو شڪار هجڻ ڪري تمام گهڻين مصيبتن جي ڌٻڻ ۾ ڦاٿل هجن ٿا، پر انهن موروثي ۽ سماجي مجبورين ۽ پابندين باوجود ڪجهه معاملي فرد جي هٿ وس به هجن ٿا. جيتوڻيڪ، سماجي وجود ئي سماجي شعور جي شڪل ٺاهي ٿو يعني سماجي اقتصادي جوڙجڪ ئي شعور جي صورت کي ظاهر ڪري ٿي، پر انساني شعور رڳو مادي پيداواري صورتن مان جنم ڪونه ٿو وٺي پر موٽ ۾ انهن تي اثرانداز پڻ ٿئي ٿو، ان ڪري شعور کي اڳتي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪوڙڪيون ۽ سرڪڻ ڦاهيون ٺاهيون وڃن ٿيون. ته جيئن مدي خارج ۽ رجعت پرست سماجي اقتصادي سرشتي ۽ جوڙجڪ (غلامداري، جاگيرداري، سرمائيداري وغيره) اخلاقي، قانوني، مذهبي ۽ ثقافتي نظرين ۽ روايتن کي ڍال طور ڪتب آڻي ٿو.

## انسان ۽ پورهيت دشمن ڪوڙڪيون

1. ”اميرن کي حساب ڪتاب واري ڏينهن نرڳ ۾ موڪليو ويندو“ (يعني اول ته امير ٿيڻ ڏوهه ۽ وري ان خلاف ويڙهه ٿي وئي بي معنيٰ، ڇاڪاڻ ته انهن لاءِ سزا ته اڳ ۾ ئي مقرر ٿيل آهي! توهين ڇا لاءِ پيا پريشان ٿيو!)
2. ”ظالم کي قدرت وارو ڏسي ٿو ۽ نتيجو ڏيندس“ يعني مظلوم ويهي گهر، جدوجهد ۽ جستجو نه ڪري!
3. ”هر ماڻهو پنهنجو ڀوڳيندو“ يعني اجتماعيت کي ليڪ، هر ڪو پنهنجي پنهنجي ننڍڙي دائري ۾ قيد! ڪروڙين مظلوم انسانن کي الڳ الڳ ۽ ڇڙوڇڙ ڪرڻ جو زبردست بندوبست!
4. ”دنيا ڏکن ۽ تڪليفن جو گهر آهي“ مطلب ته هتي خوش رهڻ ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪرڻ ئي ٿيو فضول ڪم!
5. ”جيڪو ملڻو آهي سو هوئڻ اڳتي ملندو تنهنڪري هتي صرف صبر ڪريو“ مطلب ته ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي!
6. ”فصل گهٽ لٿو، قدرت جي مرضي“ ”ڏڪار ٿيو، ته قدرت جي مرضي“ ”ظلم ۽ زيادتي وڌي، ته ادا ڏوهه وڌي ويا آهن“

7. ”وڏيري کي تہ قدرت نوازيو آهي، باقي قدرت وارو تہ غريب جو دوست آهي“

8. ”امير ۽ غريب، ڪاري ۽ اڇي جي فرق ڪانسواءِ دنيا نٿي هلي سگهي“

9. ”اڄ ڪائي ونو، سڀاڻي جا ڀاڳ سڀاڻي سان“ ڇاجي پرواهہ، ڇا جي رٿابندي! ”روزي تہ لکيل آهي“

10. ”حق ۽ حلال جي ڪائجي تہ سڪون ملندو“ ڇا پنهنجي جائز حق کان گهٽ اجورو وٺڻ ڏوهہ ناهي!

11. بيماري يا بک يا بدحالي يا حادثي سبب ماڻهو مري پيو ڇي ”ادا بس بهانو، جيڪو لکيل هو سو ٿيو.“

مٿي بيان ڪيل ڳالهيون، دليل ۽ منطق کي ڏينهن ٻن يا سال ٻن کان هلندڙ نہ آهن پر صديون پراڻيون خبرون آهن. جيڪڏهن هڪ باشعور انسان انهن ڳالهين کي ننڍپڻ کان وٺي جواني تائين مسلسل ٻڌندو رهي تہ پوءِ ان ۾ ڪهڙي اميد رکجي. ڇاڪاڻ تہ اهي ڳالهيون ٻڌڻ ڪانپوءِ انسان جي اندر هن دنيا کي بهتر بنائڻ جي آرزو ئي نہ رهندي، سندس اندر ۾ انصاف ۽ عدل جي اميد ئي نہ رهندي، اجتماعي مفادن لاءِ گڏيل ويڙهہ جا بنياد ئي نہ هوندا، هر ظلم ۽ ڏاڍ کي برداشت ڪندو رهندو ان ۾ ڪنهن ظالم ۽ جابر خلاف وڙهڻ لاءِ ڪاوڙ ئي پيدا نہ ٿيندي، جيڪو پنهنجي غربت، بک ۽ بدحالي کي قسمت جو لکيو سمجهندو سو ڪهڙي جستجو ۽ محنت ڪندو، جيڪو انسان سمجهي ٿو تہ اميري ۽ غريبي ضروري آهن اهو ڪيئن پنهنجي غربت تي ماتم ڪندو، جيڪو انسان مڙئي زندگي جا ڏينهن پورا ڪرڻ چاهيندو سو ڀلا هن دنيا ۾ ڪنهن تبديلي، انقلاب ۽ جدوجهد لاءِ ڇو تيار ٿيندو؟

## ”شڪ، خواهش ۽ ضرورت معنیٰ ڏوهہ!“

جيئن تہ انسان کي زندهہ رهڻ لاءِ پنهنجيون ضرورتون (ڪاڌ خوراڪ وغيره) پوريون ڪرڻيون پون ٿيون. انهيءَ ضرورتن جي پورائي لاءِ انسان جاکوڙ ڪري ٿو. ضروتن جي پورائي سان گڏوگڏ انسان جي اندر ڪيترين خواهشون جنم وٺن ٿيون، ۽ ساڳئي وقت، پاڻ، ٻين



انسانن، ڌرتي، فطرت، ۽ ڪائنات کي سمجهن لاءِ سندس اندر ۾ تجسس پيدا ٿئي ٿو. مطلب تہ انساني ضرورت، خواهش ۽ تجسس ئي انسان کي سندن عقل کان ڪم وٺڻ تي مجبور ڪن ٿا. نتيجي طور، عقل دشمن ڌرين هميشہ اهڙن بنيادي محرڪن (ضرورت، خواهش ۽ تجسس) کي بيڪار بنائڻ لاءِ نظرياتي سرڪڻ ڦآهيون ٺاهي انسان جي شڪ ڪرڻ جي قابليت، ضرورت جي پورائي لاءِ ڪوجنا ڪرڻ ۽ تجسس سبب جستجو ڪرڻ جهڙين بنيادي محرڪن کي ”ڏوهہ ۽ گناهہ“ قرار ڏنو.

صدين کان انسان کي سيکاريو ويو آهي تہ ”خواهشن، ضرورتن ۽ خوفن کي منهن ڏيڻ ۽ انهن جو پورائو ڪرڻ سان خواهشون ۽ ضرورتون گهٽجڻ بدران وڌنديون وينديون.“ تنهنڪري، ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ماڻهو نفس کي ماري. پاڻ کي خواهشن کان پاڪ ڪري، ماٺ ڪري سماج کان رشتا ٽوڙي جنگلن ۽ پهاڙن جو رخ ڪري مڪمل شانتي ۽ سڪون جي تلاش ڪري، دنيا جهڙي آهي تهڙي رهڻ ڏي. ظلم ٿئي تہ بہ رڳو برداشت ڪجي، ٻڙڪ بہ نہ ڪڇي. دنيا جهان جي بهتري ۽ تعمير بدران ماڻهن (خاص ڪري، ظالم بادشاهن، جاگيردارن) کي ڇڏي ڏجي تہ جيڪي وڻين سو ڪن، پاڻ بس چپ ڪري ويهي رهجي ۽ پوءِ بس چپ، چپ، ماٺ ماٺ ڇئي فراريت اختيار ڪري، خواهشن ۽ ضرورتن جو تابع ٿيڻ بدران انهن کي ماري بادو بي معيار تي ويهي رهجي. هزارين سالن اهو فلسفو ۽ فڪر ڪروڙين تي اثرانداز ٿيندو رهيو آهي. نتيجي طور، انسان زندگي سان پيار ڪرڻ ۽ ان کي سمجهڻ بدران زندگي کان نفرت ڪندي ان کي گناهہ سمجهڻ لڳو ۽ هن جسماني قيد کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن جهنگن، تہ ڪڏهن ريگستانن ۾ ڀٽڪندو رهيو، ۽ ”پاڻ سڃاڻو“ جي نعري پويان ڊوڙندي ڊوڙندي الٽو ”پاڻ وڃائي“ ويٺو ۽ سبق ڏنائين تہ ڪائنات هڪ وحدت آهي ۽ ڪٿي بہ ڪوبہ ڏڦيڙ يا خرابي ناهي (بنيادي خرابي صرف خواهشن ۽ ناقص عقل ۾ آهي.) فطرت هم آهنگ ۽ هڪ وحدت جو اولڙو ۽ مختلف رنگ آهن. اچو تہ فطرت سان پيار ڪريون. ”محبت“ ۽

"عشق" ذريعي پاڻ کي فنا ڪري "لافاني" ٿيون. يعني زندگي ۽ سماج کي ليڪ! متين سموري ڳالهه جو مطلب هي نڪتو ته جيڪا زندگي قابل استعمال ئي ناهي ته پوءِ ان متعلق شعور حاصل ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت!! انهن سمورين ڳالهين باوجود انسان نه صرف زنده رهيو پر زندگي ۽ دنيا کي سمجهڻ جي ضرورت محسوس ڪيائين. انسان وري ٿورو عقل کان ڪم ورتو ئي مس هو ته وري ساڳين رجعتي ڌرين طرفان چيو ويو ته ........

## "عقل ناقص آهي"

انساني عقل تي هميشه سڌي ۽ اڻسڌي طرح بندش لڳل هئي ۽ اجان تائين آهي. ڇاڪاڻ ته عقل سوال پيدا ڪري ٿو ۽ شڪ کي هٿي ڏئي ٿو. جنهن ڪري عقل جي رستا روڪ ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڌرين وري نعرو بلند ڪيو ته "شڪ ته شرڪ ۽ ڪفر کي جنم ڏيندو" تنهنڪري، "ايمان واري" لاءِ ضروري هو ته سمورين ڳالهين کي بغير عقل استعمال ڪرڻ جي قبول ڪري. ڪوهه جو ڏيڏر بڻجي ائين چوي ته "صرف اسان ئي هن دنيا ۾ سچ تي آهيون" ۽ "ٻيا سڀ ڪوڙ تي." سدائين عقل بدران "دل" تي گهڻو زور ڏنو ويو. مطلب ته "جيئن دل چوي تيئن ڪريو" ان لاءِ هنن دليل ڏنو ته "ڪجهه حقيقتون انساني عقل جي وس کان ٻاهر آهن." "عقل محدود آهي" "مڪمل رازن ۽ ڳجهن کي سمجهڻ عقل جي وس ۾ ناهي" عقل ناقص آهي. ائين، هنن همراهن ڪائنات، سماج ۽ انساني سوچ متعلق ڄاڻڻ جي ڪوشش کي ئي فضول ۽ بيڪار بڻائي ڇڏيو. جيڪو انسان ناقص عقل کان ڪم وٺندو سو هرورو "پريشان ئي ٿيندو" يعني جيڪو عقل هجي ئي ناقص اهو ضرور غلط شعور ۽ نتيجا ڏيندو. تنهنڪري، "عقل کي هٿو ڪڏ ۾!!"

## "الا ڏاهي م ٿيان!"

بهرحال متين سمورين ڪوڙڪين باوجود ڪو فرد جيڪڏهن ڪجهه سمجهه ۽ ڏاهپ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي پوي ته وري چوندا "الا ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن." ڪنهن ڏاهي مفڪر جي هزارين بهتر خيالن کي عام ڪرڻ بدران ڪجهه خيالن جي اڻپورن پاسن کي



ورجائي عام ڪيو ويندو. جهڙي طرح ڀٽائي جي شعر جي متين سٽ. جيڪي مروج روين ۽ ڦورو لاڙن کي برقرار رکڻ ۾ مدد ڏين ۽ انهن مان نتيجو اهو ڪڍيو ويندو ته جيڪو انسان شين ۽ لقائن متعلق ڄاڻ رکندو اهو وڌيڪ عذاب ڀوڳيندو تنهنڪري ان جو بهترين حل آهي ته جاهل ۽ اڻڄاڻ رهجي! نه ڪا ڄاڻ هوندي ۽ نه ڪا تڪليف ٿيندي!! جيڪو وڌيڪ پڙهندو ۽ ڄاڻندو اهو وڌيڪ مونجهارن جو شڪار ٿيندو، جن کي سلجهائي سگهبو ئي ڪونه.

سچ پچ جيڪڏهن انسان کي ڄاڻ هجي ته بيماري ختم ڪرڻ لاءِ فلاڻي دوا ڪائجي ۽ ان جي ابتڙ مريض دوا نه ڪائي ته عذاب وڌندو يا نه؟ ضرور وڌندو. ساڳئي ريت ڪنهن مسئلي جو علم هجي پر ان جي حل لاءِ ڪوشش نه ڪجي ته ضرور مسئلو شديد ٿيندو ويندو. مثال طور فرد کي خبر هجي ته سندس ڌرتي ۽ قوم سان زيادتيون ۽ ظلم ٿئي پيو ۽ ان جو حل ويڙهه ۽ جدوجهد ۾ آهي، پر ان باوجود اهو فرد ڪجهه به نه ڪري ته ظاهر آهي ته اهو انسان مايوس ئي ٿيندو. رڳو متفق ٿيڻ ڪافي ناهي، جيئن اسان وٽ اڪثر "دانشور" سمورو وقت اڻڄاڻ عوام کي جدوجهد ڪرڻ جا دليل ڏيندا آهن پر پاڻ ڪجهه به نه ڪندا آهن، الٽو مايوسي ڦهلائيندا ۽ پورهيت عوام جي ڪمزور يا مضبوط جدوجهد تي تنقيدون ڪندا. علم جي سچائي جي پرک عمل آهي. مطلب ته ڪنهن به شي جو علم هجڻ سان فرد ڏک نٿو ڏسي، پر ان تي عمل نه ڪرڻ سان ڏک ڏسي ٿو. پر هتي وري ڏاهپ کي ڏک ۽ پيڙا جو سبب ٻڌايو ويندو آهي. ان ڪوڙڪي مان نڪرڻ ڪانپوءِ وري ٻي ڪوڙڪي ناهبي.

## "ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ بڻائڻ"

هزارين سالن کان انسان کي ڪوڙ ٻڌائي دوکو ڏنو ويو آهي ۽ مسئلن جي درست حل بدران ڪوڙا هٿ ٺوڪيا ۽ اڻچاٽائي تي ٻڌل حل ٻڌائي سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ۾ بدلايو ويو آهي. ان لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ٿورو گهڻو سچ پڻ ٻڌايو ويو، ڇاڪاڻ ته ڪوڙ ۾ ڪجهه سچ جي ملاوت ڪانسواءِ ڪوڙ نسورو ڪوڙ لڳندو. جڏهن جڏهن نوان

انسان ۽ درست خيال، نظريا ۽ تجربا ظاهر ٿيا تڏهن تڏهن ڪوڙ ڪي پڻ نئين ۽ جديد صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. لينن لکيو ته ”عظيم انسانن ڪي سندن زندگي ۾ به هلڻ نه ڏبو ۽ سندن (عظيم شخصيتن جي) موت بعد ڪين چريو يا ڪافر سڏي سندن قبرن تي پڙ وجهي پوڄا ڪئي ويندي آهي.“ يعني ٻنهي صورتن ۾ سندن فڪر ۽ ڪردار کي دٻائي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. پر جيڪڏهن الزامن ۽ بندشن باوجود سندن خيال عوام تائين پهچي ويا ته پوءِ ان علم، ڏاهپ جي تشريح ۽ سمجهاڻي کي ٻئي ايترو بگاڙيو ويندو جو اصل صورت ئي گم ٿي وڃي. ان قسم جي طريقن جا شڪار اڪثر ڪري شاعر ٿيندا آهن. ساڳئي وقت، تاريخ ۾ سنن ۽ عظيم نعرن، نظرين ۽ انسانن جا ليبل هٽي ظالم ۽ ننگ حڪمرانن پنهنجن غلط ڪردار ۽ سازشي نظرين کي جائز بنائڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي.

ڪنهن سياڻي جي خيال موجب ”سچ وجود رکي ٿو صرف ڪوڙ ايجاد ڪرڻ جي ضرورت آهي.“ جنهن جو مثال آهي ته هن دنيا ۾ ڪيترائي اقتصادي، سياسي، اخلاقي ۽ مذهبي نظريا ناهيا ويا آهن. لائبريريون ڪروڙين ڪتابن سان سٽيون پيون آهن. انهن سمورن نظرين ۽ ڪتابن جي دعويٰ اها آهي ته اسانجو نظريو ئي صحيح آهي باقي ٻيا سڀ ڪوڙا ۽ ڪافر!! ضرور اهي سڀ نظريا صحيح ۽ سچا ته نه هوندا. ها ته پوءِ ايترا ڪتاب ڇالاءِ؟ ڪنهن ڏاهي جي چوڻ موجب ”دنيا ۾ گهٽي ڪان گهٽو علم ان لاءِ لکيو ويو آهي ته جيئن غريب غريب رهي، اهو اڳتي وڌي نه سگهي.“ مطلب ته اڪثر ”علم“ سچ کي ظاهر ڪرڻ بدران سچ کي لڪائڻ لاءِ لکيو ويو آهي. مثال طور دنيا ۾ ڪيترائي مذهب ۽ هر مذهب اندر ڪيترائي فرقا آهن جنهن مان هر هڪ جي دعويٰ آهي ته اسان ڪانسواءِ ٻيا سڀ واجب القتل آهن...... سياسي طور تي نظريا ڪوڙ، جمهوريت، بادشاهت، فاشزم، ۽ وري سوشلزم به. فلسفي ۾ ڪي خيال پرست، ڪي اڳنان واد ۽ مابعدالطبعياتي، ٻئي طرف، مادي پسند وغيره. مطلب ته ايترو لکيو ويو آهي جو سچ ڳولڻ به هڪ وڏو ۽ اهم مسئلو بڻجي ويو آهي.



چاڪاڻ ته انهن سيني ۾ ضرور ڪو هڪ سچ تي هوندو. اڄو ته ان ڪي ڳوليون، هر پيري ڪوڙن نظرين جي برقرار رهڻ ۾ ٻين سببن سان گڏ اسانجي اڻڄاڻائي ۽ جهالت جو به وڏو هٿ رهيو آهي.

ان ناقص عقل ڪي به اڳتي ناهي وڌڻ ڏيٺو. پر انهن ڪوڙڪين باوجود ڪو انسان عقل، دليل ۽ منطق جي ڳالهه ڪرڻ شروع ڪئي ۽ انهي عقل ڪي اڳتي وڌڻ ڪان روڪڻ ۾ جڏهن عقلي دليل به ڪم نه آيا ته پوءِ وري جذباتي ۽ اخلاقي هٿڪنڊا ڪم آندا ويا.

## ”غربت، سادگي، حلال جي ڪمائي ۽ ڪاميابي“ جا ڏتا

عوام ڪي پوئتي رکڻ لاءِ عوام ڪي جيڪو علم ڏنو ويندو آهي جنهن تي ڦورو ۽ استحصالي طبقا پاڻ عمل ناهن ڪندا پر اهي صرف عوام جي شعور ڪي ”اجاگر“ ڪرڻ لاءِ ناهيا ويندا آهن. جيئن غربت کي ”پلو“ ثابت ڪرڻ لاءِ سوين دليل ناهيا ويندا آهن. مثال طور: ”غريب ڪي ادا نه ڪا لٽي جي پرواهه ۽ نه ايري جي“ ”نه ڪو چوري جو ڊپ ۽ نه ئي بي آرامي“ ”غربت هڪ وڏي نعمت آهي“ ”غريب جو ڪير دشمن به ناهي هوندو، نه ڪو ملڪيت هوندي، نه ئي لالچ هوندي ۽ نه ئي جهيڙا ٿيندا، بس رکو سکو ڪائون ٿا اهو ڪافي آ.“

اهڙي طرح ”سادگي“ ۽ ”حق حلال جي ڪمائي“ جا ڪوڙا دليل ڏئي غريب کي دوکو ڏنو ويندو آهي. سادگي ته بهتر آهي پر زبردستي استحصال ۽ ظلم ذريعي پيدا ڪيل سادگي جا پاشن ۽ تقريرون ڪنهن جو بچاءُ ڪن ٿيون؟ لازمي طرح ظالم ۽ استحصالي ڌرين جو، جيڪي سمورو وقت عوام کي ”سادگي، ايمانداري ۽ سچائي“ جون هدايتون ڪندا رهن ٿا پر پاڻ عيش عشرت، بي حيائي ۽ بي ايماني جا علمبردار لڳا وينا هجن ٿا. حقيقت ۾، اهڙا ماڻهو پنهنجن بنگلن ۽ گهرن جي پٽين تي ”سبحان الله“ ”ماشاء الله“ ”الحمد الله“ ۽ ”لاالاه الله، محمد رسول الله“ جا لفظ لڪرائي عام ماڻهن کي دوکي ڏيڻ سان گڏوگڏ خود الله تعالي سان به دوکو ڪندا آهن.

پورهيت عوام ته هزارين سالن ڪان محنت ڪندو اچي پيو ۽ پورهيت عوام جي اڪثريت اڄ به غربت جي گهاٽي ۾ پيڙهجي پئي ۽

الٽو هنن کي ئي ”حق حلال جو ڪائڻ“ جا مقدس دليل ڏنا ويندا آهن، ”بس قسمت جو لکيو آ، ظالم سان حساب پاڻهي ٿيندو“ مطلب ته توهان پنهنجو ساڳيو ڪم ڪندا رهو ۽ ان ڪانپوءِ گهر وڃي ويهي ”غربت“ ”سادگي“ جي مزا وٺو. ”غربت ۽ سادگي جا مزا“ وٺندڙ انسانن کي وري ڪوڙي غيرت، شرم ۽ حيا جي سرڪڻ ڦاهين ۾ ڦاسيو ويندو آهي. حقيقت ۾، هڪڙي غريب لاءِ ڪوڙي ”غيرت، شرم ۽ حيا“ تي عمل ڪرڻ ائين آهي جيئن شينهن پالڻ، جيڪو گاهه نه پر گوشت ڪائيندو آهي. ساڳئي ريت، هڪ پورهيت جيڪو اڳئي غربت جي گهاڻي ۾ پسجي رهيو هوندو آهي ان جو باقي بچيل رت ست وري ”غيرت، عزت ۽ شرم“ جهڙا (حڪمران طبقن جي ٺاهيل) نفسياتي وهم پي ويندا آهن.

## ڪوڙي غيرت، شرم ۽ حيا!

جاگيرداري سماج ۾ اڪثر ماڻهو پنهنجي اندر ۾ هڪڙو ننڍڙو وڏيرو رکيو ويٺا هوندا آهن. جنهن جو اظهار عام ماڻهو مالي حوالي سان ته گهٽ ڪري سگهندو آهي پر نفسياتي حوالي سان ضرور ڪندو آهي. مثال طور اڪثر ماڻهو سوال ئي ناهن ڪندا، ڇاڪاڻ ته هو سمجهندا آهن ته سوال پڇڻ سان سندس گهٽتائي ٿيندي ۽ سمجهيو ويندو ته سوال پڇندڙ جو علم گهٽ آهي تنهنڪري سوال ئي نه ڪندو. عام ماڻهو مالي طور غربت جو شڪار ته اڳ ۾ ئي هوندو پر عزت، بي عزتي، غيرت، شرم، حيا ۽ بي حيائي، احساس ڪمتري ۽ برتري جهڙيون ذهني بيماريون ۽ وهم فرد جي غربت کي وڌيڪ شديد بڻائي ڇڏين ٿا. اٽي، لٽي ۽ اجهي ۽ روزگار جهڙين ضرورتن کي منهن ڏيڻ ته اڻٽر آهن ۽ انهن کان لنوائي به نٿو سگهجي پر ايترو ضرور ڪري سگهجي ٿو ته انسان پنهنجي ذهني غربت کان جند ڇڏائي سگهي ٿو.

ڪوڙي ”غيرت“ جو مثال اهو آهي ته جاگيرداري نظام هيٺ هڪ فرد تمام گهڻين تڪليفن ۽ مسئلن باوجود پنهنجين ذميوارين ۽ ڪمن ۾ عورتن کي شامل ڪرڻ بدران 8 کان 10 گهر ڀاتين جي پرورش جي ذميواري اڪيلي سر ڪڻندو آهي، ۽ پنهنجو پاڻ کي ”مڙس ماڻهو“



سمجهندي پاڻ ۽ خاندان جي زندگي تباهه ڪري ڇڏيندو آهي. گهر ۾ عورتن ۽ ٻارن کي برابري ڏيڻ بدران پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي حڪم هلائيندو. ڪين ذاتي ملڪيت سمجهي مٿن ڪوڙي ”شرم ۽ حيا“ جي ”اخلاقيات“ تي عمل ڪرڻ لاءِ پابند بڻائيندو آهي. ائين هڪڙو انسان، جيڪو اڳ ۾ غريب، مٿان وري ٻيا نفسياتي عذاب!

اهڙي معاشري ۾ عام ماڻهو ناڪامي کي به بي عزتي سمجهندو. مثال طور: جاگيرداري سماج ۾ اڪثر فرد ڪو نئون ڪم ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪاميابي جي ضمانت وٺندا آهن، ڇاڪاڻ ته ناڪامي کي پنهنجي بي عزتي سمجهيو ويندو آهي، مطلب ته غيرآزمايل ڪم نه ڪبو ۽ نه ئي رسڪ ڪٽبو، (ان جي ابتڙ ڪاروباري فرد، ڪاروبار ۽ تجارت ۾ سدائين رسڪ ئي ڪڻندو آهي، ۽ فائدي جي مڪمل پڪ نه به هوندي سيڙپ ڪندو آهي) ڇاڪاڻ ته سرمائيداري اتفاق ۽ انتشار جي قانون تي عمل ڪندي آهي) عام طور سرڪاري نوڪري کي ڪاروبار تي وڌيڪ ترجيح پڻ ان ڪري ڏني ويندي آهي ڇاڪاڻ ته هر مهيني پگهار جي اڳواٽ خاطري هوندي آهي.

## ”هيئن به نه ڪريو، هوئن به نه ڪريو“

”هي ڪتاب“ نه پڙهو، فلاڻن فلاڻن جون ڳالهيون نه ٻڌو، ٻين جي مسئلن ۽ پروگرامن ۾ شرڪت نه ڪريو، فلاڻي ٻولي نه سکو، پوءِ چوندا ته موسيقي به نه ٻڌو“ مطلب ته جيڪڏهن علم حاصل ڪرڻو اٿو ته به اسان جي دائري کان ٻاهر ليئو نه پائجو“ ائين آهستي آهستي ”نه، نه، نه، نه“ ڇئي دنيا جي مختلف رنگن، هر حسن، هر خوبصورتي، هر سُر، هر نظّاري ۽ نواڻ تي بندش. ائين لڳندو ڄڻ دنيا ۾ ئي دوزخ جو نظّارو. انسان کي محسوس ڪرائڻ ته ”مقدس دائري“ کان ٻاهر سندس هر عمل ۾ ڪي نه ڪي برايون آهن. انسان کي لڳندو ڄڻ سڄو ڏينهن ويٺو گناهه ڪري! اهڙي طرح گناهه جو احساس فرد کي اندران ئي اندران اوڏهي وانگر ڪائيندو رهندو ۽ سندس اعتماد، جوش، جذبي ۽ تجسس کي تباهه ڪندو رهندو ۽ نيٺ ڪيس هڪ بهترين ڍڳي وانگر هلڻ جي عادي بڻائي ڇڏيندو. اهڙي طرح سرگرمي ۽ علم جي ترقي

جي محرڪن (حسن، تخليق ۽ نواڻ) کي ئي گناهه قرار ڏئي ماڻهو کي ڪجهه بہ نہ ڪرڻ جي تلقين ڪئي ويندي آهي، مطلب تہ سچائي تائين پهچڻ ئي نہ ڏجي.

## جيڪڏهن انسان آزاد هجي ها!

جيتوڻيڪ، سمورا غلط خيال، نتيجا ۽ حل صرف دوکي ۽ ٺڳي لاءِ ايجاد نہ ڪيا ويا هئا. جيئن تہ تاريخ ۾ اڪثر ڏاهن، مفڪرن، سائنسدانن ۽ سياستدانن مسئلن ۽ مونجهارن جي حل لاءِ جيڪا سمجهہ ۽ ڏاهپ ڏني اها ان دور جي مادي پيداواري حالتن ۽ فڪر ۽ سوچ جي ارتقائي نقطہ نظر کان درست ۽ صحيح سمجهي پئي وئي. جنهن مان ڪيترائي خيال ۽ دريافتون اڄ تائين حقيقت سان ٺهڪندڙ پڻ آهن. پر جيئن تہ عام طور تي سمجهيو ويندو آهي تہ انسان جو عقل سندس شروعات کان وٺي اهڙو ئي هو جهڙو اڄ آهي. جيتوڻيڪ، انساني شعور جي اڏام وسيع، بلند ۽ گهري هجي ٿي ان باوجود شعور مادي پيداواري صورتن ۽ ان جي حد بندين اندر قيد ٿئي ٿو. مثال طور جيڪڏهن ارسطو کي اڄ جي ڏاهپ سان پيش ڪيو وڃي تہ واقعي بہ ارسطو اڄ جي پيٽ ۾ گهٽين ڳالهين ۾ غلط لڳندو. (۽ آهي بہ) چاڪاڻ تہ ارسطو جيڪو فڪر ڏنو اهو ان دور جي مادي پيداواري حالتن جي حد بندين کان وڌيڪ (يعني 21 صدي بابت) نہ ٻڌائي سگهي ها. ان باوجود ارسطو جي سوچ ۽ فڪر صدين تائين اثر ڇڏيا.

جيڪڏهن انسان سان ڪوڙ، دوکا، ٺڳيون نہ ٿين ها، جيڪڏهن ناجائز ڪاهون، حملا، جنگون ۽ قتل عام نہ ٿين ها، جيڪڏهن عقل جي رستا روڪ نہ ڪئي وڃي ها، جيڪڏهن ڪوڙي غيرت، شرم ۽ عزت جا اخلاقي قدر نہ هجن ها، جيڪڏهن انساني فڪر ۽ سوچ تي ڪا بندش نہ هجي ها، جيڪڏهن سقراط، افلاطون، ارسطو، برونو، ڊارون، نيوٽن، مارڪس ۽ اينگلس جهڙن عالمن، مفڪرن ۽ سائنسدانن جي فڪرن ۽ نظرين آڏو رڪاوٽون نہ وڌيون وڃن ها، جيڪڏهن انسان انهن سمورين هٿ ٺوڪين مصيبتن ۽ ڪوڙڪين کان آزاد هجي ها تہ اڄ انسان نہ رڳو پاڻ آزاد هجي ها پر ڪائنات جي ڏورانهن علائقن تائين پهچي



چڪو هجي ها، انساني شعور اڳيان رڪاوٽون وجهڻ بدران عقل کي آزاد ڇڏيو وڃي ها تہ انسان هن وقت جن شين بابت جديد "ديومالائي فلمن ۽ ڪتابن" ۾ تصور ۽ خواب پيش ڪري ٿو ان کان وڌيڪ تصور عملي روپ وٺي چڪا هجن ها. پر جيئن تہ انسان دشمن ڌريون پنهنجن مفادن خاطر هميشہ وقت کي قيد ڪري اڳتي وڌڻ کان روڪڻ چاهين ٿيون. مذي خارج، رجعت پرست سوچن ۽ نظرين کي مضبوط ڪري عقل تي بندشون وجهي ۽ ڏاهن انسانن کي سزائون ڏئي ترقي پسند ۽ انسان دوست فڪر کي ڪفر سڏي فتوائون جاري ڪيون ۽ انساني شعور کي پوئتي رکيو ويو. جنهن جو نتيجو آهي جو اڄ بہ هر سال وانگر لکين انسان بک وگهي مرن ٿا، ۽ اڄ بہ عراق ۽ افغانستان ۾ ساڳئي ڪوڙ "دهشتگردي خلاف جنگ" جي آڙ ۾ جنگ جاري آهي، اڄ بہ ڪانگو ۽ آفريڪا جي ٻين علائقن ۾ لکين انسان جنگ جو ڪاٺ ٻڄن ٿا.

## زندگي جو نعرو ........

مٿي بيان ڪيل سمورين ڪوڙڪين ۽ سرڪڻ ڦاهين مان جان ڪيئن ڇڏائجي؟ انسان دوست شعور ۽ سرگرمي کي ڪيئن وڌائجي؟

"زندگي ۾ ڪاميابي" حاصل ڪرڻ جي عنوان سان ڪوڙ سارا ڪتاب مارڪيٽ ۾ ملن ٿا، جن ۾ ڪامرانيون ماڻڻ لاءِ ڏٺن، خوش فهمين ۽ ٻناڪُن تي ٻڌل فارمولا ڏنل آهن. عام ڪمرشل فلمون پڻ ٽن ڪلاڪن اندر هيرو جي ڪامياب ٿيڻ جو سبق ڏين ٿيون. مطلب تہ زندگي جون ڪڙيون حقيقتون ٻڌائي مشڪلاتن ۽ تڪليفن سان مقابلي ڪرڻ بدران ماڻهو سڄو ڏينهن خيالي پلاءُ ناهي خوش فهمين جي سمنڊ ۾ غوطا هڻي سوالائي ۽ آساني سان اڳتي وڌڻ جا ڏينهن ڏٺي جو خواب ڏسي ٿو. جڏهن تہ سنڌ جهڙن سماجن ۾ زندگي جي تصوير ڪجهہ ابتڙ آهي ۽ ان ۾ ڪاميابي لاءِ حقيقي فارمولن کي انتهائي باريڪ بيني سان سمجهڻ جي ضرورت آهي.

ناميدي آجڪو اوڇڻ آديسين
ڪڏهن تازي پٽ تي، ڪڏهن هيٺ هلن

ساميئڙا سمونڊ ۾، تنبي جيئن ترن
جي واڳون وات وجن، تہ بہ ڪُسن ڪچن
ڪين ڪي

متي بيان ڪيل ڪوڙڪين ۽ سرڪڻ ڦاهين سان گڏوگڏ هن گندي سماجي نظام کي ڪيئن ڍاهجي؟ شعور ۽ عمل ذريعي سچ کي ڪيئن ڳولجي؟ ان تي مستقل مزاجي سان ڪيئن بيهجي؟ ۽ ان کي فنڪاراڻي انداز سان عمل ۾ ڪيئن آڻجي؟ اهي سمورا سوال مارڪس ۽ اينگلس طرفان فرسٽ انٽرنيشنل جو بنياد وجهڻ وقت بہ هئا، ۽ روسي انقلاب (پهرين سوشلسٽ انقلاب) کان پهريائين ۽ پوءِ بہ هئا. ان حوالي سان پاڻ وڏيڪ خوشنصيب آهيون. پاڻ کي تمام گهڻن سوالن جا حل سائنسي بنيادن تي مارڪسزم جي پوري تاريخ جي شڪل ۾ مليا آهن. اچو تہ هزارين سال پراڻين ذهني بيمارين، وهمن ۽ سامراجي استحصالي طبقن طرفان ناهيل ڪوڙڪين ۽ سرڪڻ ڦاهين کي پيچي پورا پورا ڪريون ۽ مارڪسي ليننني شعور ذريعي نئون جهان اڏيون.

ڪائنات جون سموريون شيون ابتڙن جو ميلاپ آهي، جتي تضاد آهن اتي اتحاد بہ آهي. اهڙي طرح، زندگي ۽ موت هڪبئي سان ڳنڍيل آهن، جتان زندگي شروع ٿئي ٿي اتان اها موت ڏانهن سفر شروع ڪري ٿي ۽ وري پاڻ منجهان ٻين جاندارن کي جنم ڏئي موت کي شڪست پڻ ڏئي ٿي. زندگي هڪ صابڻ، ڪنڊ يا بي جان مشين وانگر ناهي، جيڪا اڄ استعمال نہ ڪجي تہ جيئن سڀاڻي ڪم آڻي سگهجي. زندگي جو ڦيٿو ڪڏهن بہ رڪجي نٿو. جيڪڏهن عارضي طور ساهہ ڪٽي ٿو تہ جيئن ڪجھ وڌيڪ ڪم ڪري سگهي. تبديلي ڪانسواءِ صدين جي زندگي ڪجھ ڏينهن برابر آهي. مثال طور: ماڻهو پنهنجي زندگي جو وڏو حصو پنهنجي خاندان سان گذاري ٿو پر ڪيس صرف ڪجھ واقعا ياد رهندا آهن ۽ گهر سان لاڳاپيل ٻيا هزارين لڪين واقعا وسري ويندا آهن، ڇاڪاڻ تہ ساڳين شين، لاڳاپن ۽ ڪمن جو ورجاءُ ٿئي ٿو ۽ انهن ۾ نواڻ گهٽ هجي ٿي. پر ساڳين ماڻهن (گهرڀاتين) سان مختلف



ماحول ۾ ٿيل ملاقاتن، ڪچهري ۽ واقعا ياد رهندا آهن. مطلب تہ ماڻهو کي هزار ڪم، خفا ۽ تعلقات قائم ڪرڻ ڪپن. سرگرمي جي دائري ۾ واڌ تبديلي جو باعث بڻجندي ۽ آهستي آهستي انسان دنيا جهان جي احساسن کي پنهنجو محسوس ڪرڻ لڳندو ۽ دنيا جي ڏکن ۽ خوشين، ناڪام ۽ ڪامياب جدوجهدن کي پنهنجو سمجهندو ۽ اهڙا محرڪ ڪيس وڌيڪ سرگرمي لاءِ اتساهيندا. ساڳئي وقت، تاريخ جي مختلف دورن، فلسفي، فن ۽ سياست کي پڙهڻ سان پڻ ماڻهو، پنهنجي مختصر زندگي جي عرصي ۾، انهن سمورن واقعن ۽ فڪري ترقي سان ذهني طور شاهوڪار ٿيندو.

نون عملن وانگر نوان خيال بہ جلد قبول ۽ هضم ناهن ٿيندا. هوئن بہ اسانجا ذهن صدين کان آسان ۽ عام خيالن جا عادي بڻيل آهن جن لاءِ نوان ۽ اعلىٰ خيال، ابتدائي طور، تڪليف ڏيندڙ هجن ٿا. ڇاڪاڻ تہ اسان جا دماغ صدين جي بندشن سبب زنگجي ويا آهن، رڳو ڪتاب پڙهڻ ۽ شعور حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ اعلىٰ ۽ آدرشي خيال رکڻ ڪافي ناهي. پر انهن خيال کي پاڻي ڏيندو رهڻ بہ ضروري آهي نہ تہ ٻوٽي وانگر خوشبو ڏيڻ بدران زندگي مرجهائجي ويندي.

## سياست

هڪ سياستدان ايندڙ اليڪشن، ۽ هڪ مدبر سياستدان (Statesman)، ايندڙ نسل لاءِ سوچي ٿو. جي ايف ڪلارڪ

---

سياست ۾ شرڪت کان انڪار جي سزا هي آهي تہ توهان مٿان توهان کان ڪمتر ماڻهن طرفان حڪمراني ڪئي ويندي. افلاطون

# اعلي آدرش ۽ نفسياتي مونجهارا

جديد نفسيات جي ابي فرائيڊ جو خيال هو ته انسان جي سمورين سرگرمين، تصورن، خوابن ۽ خواهشن جو مرڪز جنس (Sex) آهي. مطلب ته انساني معاشري جي ترقي، ارتقا ۽ زوال جو بنيادي محرڪ جنس هوندي آهي. فرائيڊ موجب جيڪڏهن ڪنهن به ذهني مريض جي مرض جي ڇنڊڇاڻ ڪبي ته اهو مرض (بيماري) ڇنڊجي ڦوڪجي، ان جي آخري تهه (نقطي) ۾ جنسي سبب هوندو.

فرائيڊ جي شاگرد ايڊلر جو خيال هو ته انسان جي سرگرمي جو بنيادي سبب احساس ڪمتري آهي. هر ماڻهو ڪمزور توڙي طاقتور، خوبصورت ۽ بدصورت، پوڙهو ۽ جوان، غريب ۽ امير، جاهل ۽ عالم پنهنجين پنهنجين ڪوتن، عيبن ۽ اڻپوراين (احساس ڪمتري) کي ختم ڪرڻ ۽ بهتر کان بهتر ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. فرائيڊ ۽ ايڊلر جا نظريا مڪمل طور درست نه آهن، تنهن هوندي به، نفسيات جي گهڻن پاسن جي درست ڄاڻ ڏين ٿا. مثال طور: فرائيڊ جو هي خيال ته ڪوبه فعل اتفاقي ۽ غيرارادتا ناهي هوندو. توڙي جو ماڻهو ائين سمجهندو آهي ته سندس خيال ۽ سوچون اتفاقي آهن، ڇاڪاڻ ته انساني لاشعور جا محرڪ لڪي لڪي اهڙي طريقي سان ظاهر ٿيندا آهن جو انهن جي صورت ۽ اظهار اتفاقي ئي هوندو ۽ لڳندو آهي. هڪ انسان جي عاقل بالغ ٿيڻ تائين لاتعداد ڳالهيون ۽ واقعا انساني ذهن ۾ ذخيرو ٿيندا رهن ٿا ۽ اهي ئي خيال ٻيهر ظاهر پڻ ٿيندا رهن ٿا.

مارڪسزم موجب سماجي وجود (Social Being) سماجي شعور (Social Consciousness) جي شڪل ناهي ٿو ۽ ساڳئي وقت، سماجي شعور سماجي وجود تي اثر انداز ٿئي ٿو. مثال طور جاگيرداري نظام هيٺ ماڻهن جون سوچون، خواهشون ۽ خواب به جاگيرداري نظام کان متاثر ٿين ٿا. اڄ کان ڪيترين صديون اڳ جي انسان جا خواب ان دور جا عڪس هئا. ساڳئي ريت، سرمائيداري نظام اتفاق، انتشار، مقابلي ۽



سامراجي نظام هڪ هٽي ۽ بالادستي جي قانونن تي ٻيٺل سماج آهن. جتي فرد جي سوچ، خواهشون ۽ رويا به غيريقينيت جو شڪار ٿين ٿا. فرد جي نفسيات پڻ مقابلي، لالچ، حرص، ڪوڙ، دوکيبازي، رشوت خوري ۽ بي ايماني جا رجحان رکندڙ هجي ٿي. ڇاڪاڻ ته سماجي نظام جو اقتصادي ڍانچو ئي استحصال، لالچ، مقابلي ۽ ڪوڙ تي ٻيٺل هوندو آهي. اهڙي معاشري ۾ احساس ۽ شعور هوندي به فرد بي حس ۽ بي عقل هوندو آهي، اکيون هوندي ڏسي نه سگهندو آهي، ڪن هوندي ٻوڙو هوندو آهي.

## ذهني بيماري معنیٰ عيب!

طبقاتي معاشري ۾ نفسياتي بيماريون ٿيڻ اڻٽر آهن. پوءِ اهي معاشرا پاڪستان، هندستان ۽ افغانستان جهڙا هجن يا فرانس، برطانيه، جرمني ۽ آمريڪا جهڙا هجن. اهڙن معاشرن ۾ رهندڙ فردن جي اڪثريت نفسياتي بيمارين ۾ وچڙيل هوندي آهي. يورپ ۽ آمريڪا ۾ لکجندڙ ادب جو وڏو حصو پڻ انهن مسئلن کي موضوع بڻائي ٿو ۽ انهن بيمارين جي خاتمي لاءِ اتي تمام گهڻيون اسپتالون ۽ ڊاڪٽر به آهن. پر جاگيرداري سماج ۾ ذهني بيماري کي ئي عيب سمجهيو ويندو آهي. گهڻو ڪري اهڙن مريضن کي پيرن، وليهن، پوپن ۽ ٽوٽا ڦيڻا ڪندڙن ڏانهن وٺي وڃبو آهي. اهڙين بيمارين کي ”جن“ ”ڀوت“ ”پاڇو“ ”نظر لڳڻ“ جهڙن لفظن سان سڃاتو ويندو آهي.

جيڪڏهن فرد کي بخار، کنگهه، زڪام يا مٿي جو سور هوندو ته اهو مريض بيماري بابت گهر ڀاتين ۽ دوستن کي ٻڌائيندو ۽ علاج لاءِ ڊاڪٽر سان رابطو به ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو ڪيس سندس بيماري بابت ٻڌائيندو ته ان تي مريض ناراضگيءَ جو اظهار نه ڪندو بلڪ سرهائي محسوس ڪندو، پر نفسياتي بيماري ۾ معاملو الٽو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي نفسياتي بيماري هجي ۽ ان مريض کي ٻڌائجي ته توکي ذهني بيماري آهي. مثال طور: ”مونجهارو“ ”ڊپريشن“ ”خودغرضي“ ”بوريت“ ”اناپرستي“ ”وهم“ وغيره. اهڙي ڪنهن به بيماري جو ذڪر ڪرڻ سان مريض ڪاوڙ جو اظهار ڪندو،

مورڳو بيماري کي مڃڻ کان ئي انڪار ڪندو. سچ چوندا آهن ته ”چريي کي چريو چئبو ته انڪار ڪندو“ پر اهڙو ماڻهو ته آهي ئي چريو، جنهن جو عقل ڪم نٿو ڪري. پر ان جي ابتڙ عام ماڻهو جو عقل ته ڪم ڪندو آهي، فقط ڪنهن هڪ ذهني بيماري ۾ مبتلا هوندو آهي. پر ان باوجود اهڙو مريض بيماري کي مڃڻ کان ئي انڪار ڪندو آهي. ايتري حد تائين، جو ڪڏهن ڪڏهن مريض بيماري ۾ لطف ۽ تسڪين محسوس ڪندو آهي.

بهرحال، جيڪڏهن ڪنهن انسان کي بخار ٿئي ٿو ته ان ۾ ان فرد جو ڪهڙو ڏوهه! اهو ته فطري عمل آهي. تنهنڪري ان بخار تي لعنت ملامت ڪرڻ بدران ان جو علاج ڪرڻ گهرجي. ساڳئي ريت، ذهني بيماري کي عيب سمجهڻ يا ان کي خراب سمجهڻ ۽ نه مڃڻ سان مسئلو حل نه ٿيندو. بلڪ ان جو علاج ڪرڻ گهرجي. جهڙي طرح جسماني بيماريون فطري آهن اهڙي ريت نفسياتي مسئلا پڻ سماجي ۽ فطري آهن، جنهن جو ذميوار فقط مريض نه پر سمورو سماجي نظآم به هوندو آهي.

ڪنهن به ظالم ۽ استحصالي سماجي نظام ۾ فردن جو نفسياتي مسئلن جو شڪار ٿيڻ اٽڪر آهي. تنهنڪري، هڪ ڪاهوڙي کي عام ماڻهو سان هڪ ڊاڪٽر وانگر هلڻ گهرجي، جيڪو مريض کي بيمار هجڻ تي دڙڪا ۽ ڇڙٻون نه ڏيندو آهي پر ان جو علاج ڪندو آهي. تيئن اسان کي به گهرجي ته تفصيلي سمجهاڻي ۽ مسلسل علمي دليلن ۽ تربيت ذريعي ماڻهن جي ذهنن مان صديون پراڻا خيال ڪڍون.

## علمي وڏيرائپ

جاگيرداري سماج ۾ آبادي جي اقليتي حصي وٽ تمام گهڻي ملڪيت هوندي آهي پر جن ماڻهن وٽ مادي دولت نه هوندي آهي ۽ جيڪڏهن انهن وٽ علم جي گهڻائي هوندي آهي ته اهو عالم پنهنجي علمي وڏيرائپ (نفسياتي بيماري) ذريعي تسڪين حاصل ڪندو آهي. جهڙي طرح، عام ماڻهو وڏيري جي اوطاق تي حاضري ڀرائيندا آهن ۽ پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ منٿون ڪندا آهن. اهڙي طرح علمي وڏيرو به ان انتظار ۾ هوندو آهي ته ماڻهو هن وٽ اچي، حاضري ڏين ۽ هن کان سوال پڇن پر پاڻ عوام ڏانهن نه ويندو ۽ عوام جي ذهنن ۾ سوال نه اٿاريندو. جيڪڏهن عوام دعوت ڏني ته عالم وڏيرڪي انداز ۾ حاضري ڀرائيندو ۽ راڄ سان هڪ ٿي وڃڻ بدران انهن سيني کان الڳ ۽ مٿيرو هجڻ جو ڏيک ٿيندو. ماڻهو سندس ويجهو ويندي به ڀيا ڏڄندا ۽ سوال به نه ڪري سگهندا. جيئن وڏيرو ڪنهن وٽ هلي وڃڻ کي وڏو احسان سمجهندو آهي علمي وڏيرو به ائين ئي سمجهندو آهي. ڪچهري جو انداز به ساڳيو وڏيرڪو هوندو اٿس. مثال طور، سڀ کان اول ته ڪچهري کي فتح ۽ شڪست جو عمل سمجهڻ (نفسياتي بيماري). جيڪڏهن ٻي ڌر آخر ۾ توهان جي موقف سان متفق نه ٿي يا توهان مڃائي نه سگهيا ته ان کي شڪست ۽ بي عزتي تصور ڪيو ويندو ۽ ائين ماڻهو سان ٻيهر ڪچهري جا در ئي بند ڪري ڇڏبا يعني ٻهرين ۽ آخري گفتگو سمجهي بحث ڪيو ويندو. هر حالت ۾ سامهون واري ماڻهو کي مڃائڻو آهي نه ته اهو ٿيو ”ڪافرن“ جي لسٽ ۾ شامل. جيڪڏهن ڪو ٻيو دوست ان ”ڪافر“ سان ملڻ چاهيندو ته ان کي به منع ڪبي ته متان ويو آهين ان سان مون به گفتگو ڪئي هئي پر نه مڃيائين ۽ هاڻي به نه مڃيندو.

علمي وڏيرائپ جا ڪجهه اهم سبب (1) جاگيرداري سماجي نفسيات (2) عوام جي اڪثريت اڻپڙهيل (3) ٿورو گهڻو پڙهيل لکيل انسان طرفان عوامي انقلابي سائنس جو ماهر نه ٿيڻ (جيئن ته مارڪس، لينن ۽ مائو جون لکڻيون پڙهڻ ۽ سمجهڻ ڪانپوءِ هڪ انقلابي انسان ان قسم جي بيماري ۾ نٿو وچڙي سگهي، ڇاڪاڻ ته مارڪس، لينن ۽ مائو جي لکڻين جو محور ئي پورهيت عوام رهيو آهي).

ڪامريڊ مائوزيتنگ جي لکڻين ۾ هڪڙو لفظ ڪيترائي ڀيرا استعمال ٿيل آهي، اُهو آهي ”عوام“ جنهن کي ڪامريڊ مائو هڪ پيماني، معيار ۽ ماپي طور ڪتب آندو آهي. ان جا مکيه نقطا هي آهن (1) بهترين سکيا ڏيندڙ عوام آهي (2) عوامي حمايت کانسواءِ فتح ناممڪن آهي (3) عوام کان سکجي ۽ وري سکڻ کانپوءِ عوام کي سيکارجي ۽ اهو

سلسلو هلندو رهي (5) عوام سان ٿي وجڻ گهرجي (6) جيڪو ماڻهو عوام کان پري رهندو اهو سياسي بيوروڪريسي، مهم جوئي، ڇڙواڳي ۽ وائڙائپ جو شڪار ٿيندو ۽ سدائين هڪ طرفا ۽ غلط فيصلا ڪندو ۽ عمل ۾ آڏيندو رهندو (7) عوام کي سمجهائڻ لاءِ تفصيلي گفتگو ڪرڻ گهرجي، پنجاهه پنجاهه گڏجاڻيون ڪرڻ گهرجن وغيره.

## حال نہ پر مستقبل جا انقلابي

زندگي جي بنيادي ۽ اهم مسئلن ۽ معاملن تي وقت کان اڳ يا وقت سر بحث يا غور ويچار ۽ رٿابندي نہ ڪرڻ سبب اهي ئي ننڍڙا توڙي وڏا مسئلا سياڻي ڪنهن پل اوچتو سامهون ٽڪرائجڻ جي نتيجي ۾ انسان بوکلائجي اڪثر تڪڙ ۾ غلطيون ڪري ٿو. جيڪڏهن انهن ننڍڙن ننڍڙن مسئلن کي اڳ ۾ ئي اوتري اهميت ڏني وڃي ها تہ اهي وڏي وڻ نہ ٿين ها. ڇاڪاڻ تہ سادن مسئلن جا حل سادا ٿين ٿا جڏهن تہ پيچيده مسئلن جا حل وري پيچيده ٿيندا آهن. اسان ڪڏهن ڪڏهن سماج جي وڏن ۽ مستقبل جي اهم مسئلن تي بحث مباحثو ڪندا آهيون ۽ ڪنهن حد تائين انهن تي متفق پڻ ٿيندا آهيون، پر روز روز جي ننڍڙن ننڍڙن مسئلن ڏانهن مناسب ڌيان ناهيون ڏيندا. گهڻي قدر، انقلابي عام اصولن کي مڃيندا آهيون، پر انهن عام انقلابي اصولن کي روزانو جي نوس حالتن سان ڳنڍڻ جي سطح تائين عمل ۾ ڪيئن آڻجي ان جو علم حاصل نہ ڪندا آهيون. نتيجي طور، صرف وڏين تبديلين جي انتظار ۾ رهندا آهيون يا اهو سڄو بار فقط ڪجهه ڏاهن، اڳواڻن يا پارٽين تي ڇڏي ڏيندا آهيون.

”مستقبل جا انقلابي“ پاڻ انقلابي هجڻ جا دعويدار هوندا آهن، هن ظالم سماجي نظام سان نفرت بہ ڪندا آهن، مارڪس، لينن جي ڏنل واٽ تي هلڻ جا خواهشمند بہ هوندا آهن، پر جدوجهد جي سخت مشڪل ۽ تڪليفن وارن مرحلن ۾ فقط پنهنجي ذاتي زندگي جي مفادن کي ڇهنيا پيا هوندا آهن، باقي تقريرون ڪرڻ ۾ ڪهڙي تڪليف! جڏهن بہ ڪائنن سوال پڇجي تہ توهان ڪنهن سان گڏ آهيو؟



ترت جواب ڏيندا تہ ”توهان سان“ (پر هيئنر نہ! جڏهن انقلاب آيو تڏهن ڏنو ويندو!) مطلب تہ حال نہ پر مستقبل جا انقلابي! جيئن تہ پاڻ کي خبر آهي مستقبل نالي ڪا شي نہ ٿيندي آهي ڇاڪاڻ تہ مستقبل پڻ پنهنجو اظهار حال جي صورت ۾ ئي ڪندو آهي ۽ اهو حال ئي هوندو آهي جيڪو مستقبل جو تعين ڪندو آهي.

هر سماج ۾ انقلابي اُڀار جي ابتدائي دور ۾ نہ رڳو مظلوم (هاري، مزدور ۽ دانشور وغيره) پر ظالمن (سرمائيدار ۽ جاگيردارن) جو ڪجهه حلقو پڻ پاڻ کي انقلابي سڏائيندي جدوجهد ڪندو آهي. (جيتوڻيڪ، جاگيردار، سرمائيدار ۽ وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ فرد ۽ ٽولا ٿورو اڳتي هلي پنهنجي اصليت کي ظاهر ڪندي رجعت پرست ٿي پوندا آهن.) ڇاڪاڻ تہ مظلومن جي فائدي واري جدوجهد کي توڙ تائين پهچائڻ جي نتيجي ۾ سندس ظالم وجود خطري ۾ پئجي ويندو. تڏهن تہ لينن لکيو تہ ”بهتر انقلابي اهو آهي جيڪو هر دور (انقلابي اڀار توڙي انقلاب_دشمني واري دور) ۾ جدوجهد ڪندو رهي ڇاڪاڻ تہ انقلابي اڀار وارن ڏينهن ۾ تہ گهڻائي انقلاب جا دعويدار هوندا آهن.“ انهيءَ حوالي سان لينن ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ ”هڪ مارڪسوادي ڪنهن بہ انقلابي جدوجهد جي اڳواٽي ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريائين ميدان ۾ ايندو آهي ۽ سڀ کان آخر ۾ ميدان ڇڏيندو آهي، اهو بہ تڏهن جڏهن سموريون ڪوششون ناڪام ٿي وڃن.“

اهڙا مستقبل جا انقلابي بلڪل نئون سماج اڏڻ چاهين ٿا، جنهن جو حقيقي ۽ سائنسي تصور سندن ملڪ جي ايجاد بہ ناهي ۽ سندن مقابلو عالمي سطح جي سامراجي طاقتن سان آهي ۽ ٿيندو. پر پر پنهنجي علم ۽ عمل جي پيٽ ۾ سمورو وقت پنهنجي چوگرد رهندڙ عام ماڻهن سان ڪري ٿو ۽ مطمئن ٿي گهڻا خفا ۽ ڪم ڪرڻ کان ئي لنوائي ٿو پر جيڪڏهن مستقبل جي بهتر حالتن جو انتظار ڪرڻ بدران مستقبل جي وڏن مقصدن کي آڏو رکندي روزانو جي ننڍن ننڍن مسئلن کي وقت سر حل ڪندو اچجي تہ مستقبل جون تمام وڏيون رڪاوٽون بہ ختم ٿي وينديون. پنهنجي تاريخي سفر کي صدين جي سست ۽

پاڻمرادي ترقي بدران چالن ۽ اٽڪلن سان اڳتي وڌائڻ تي زور ڏيڻ گهرجي.

## گهر ۽ سماج

گهر سماج جو هڪڙو ننڍڙو يونٽ آهي. جاگيرداري معاشري ۾ گهر "گڏيل خانداني سرشتي" (Joint Family System) تي ٻڌل هوندا آهن. اهڙن معاشرن ۾ گهر ۽ خاندان جي وڏڙن جي عزت ڪئي ويندي آهي (ڀلي پوءِ وڏڙا تباهي ڪري ڇڏين) ۽ گهر کي "مقدس" حيثيت حاصل هوندي آهي. اهڙن معاشرن ۾ ڪٿي ڪٿي خانداني رشتا ۽ تعلقات سماجي، معاشي ۽ سياسي قانونن کان وڌيڪ سگهارا ۽ مضبوط ٿين ٿا. هڪ ڪاهوڙي انسان دنيا جهان جي مسئلن کي منهن ڏئي سگهي ٿو پر عام روايتي گهر (جتي گهرڀاتين کي "مقدس" حيثيت حاصل هجي) ان لاءِ وڏي رڪاوٽ هجي ٿو. عام ماڻهو تہ خاندان جي ڪري سڄي جهان جي سمورين قوتن کي ليڪ ڏئي ڇڏي ٿو. غلام معاشرن جي گهرن جا فرد خانداني جذباتي رشتن جي زنجيرن ۾ قيد هجن ٿا. چوندا آهن تہ "جيءُ خوش تہ جهان خوش" پر هتي قصو ٿورو مختلف آهي "گهر خوش تہ جهان خوش" اهوئي سبب آهي لکين انسان گهڻو ڪجهه سمجهندي فقط گهر تائين ئي محدود رهجي وڃن ٿا.

اسان جڏهن بہ ڪنهن سياسي، مذهبي، قانوني ۽ اخلاقي مسئلن تي گفتگو ڪندا آهيون تڏهن سماج جي مجموعي صورتحال کي اڳيان رکي عالمي، ملڪي ۽ علائقائي ۽ طبقاتي ۽ قومي نقط نگاھ کان تجزيو ۽ نتيجو پڻ پيش ڪندا آهيون. پر جڏهن گهر يا ذاتي مسئلن تي سوچيندا آهيون تڏهن ان مسئلي کي الڳ، اڪيلو ۽ ٻين سمورن سماجي معاملن کان غيرواسطيدار ۽ ڪٽيل سمجهي تجزيو ڪندا آهيون. مطلب تہ سياسي، معاشي، تاريخي ۽ سماجي واڌاري جي قانونن کي سماج جي يونٽن ۽ ان جي ميمبر تي لاڳو ناهيون ڪندا. جن مسئلن ۽ مصيبتن کي سماج جي اڪثريت منهن ڏيندي هجي، اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ اهو مسئلو اسانجي گهر سان لاڳاپيل نہ هوندو. مثال طور: ماڻهو شڪايت ڪندو "ادا منهنجي ڀاءُ جي 25 سال عمر آهي



۽ پڙهيل بہ آهي پر اڃان تائين بيروزگار آهي" حقيقت ۾، بيروزگار رڳو توهان يا توهان جو پٽ يا ڀاءُ ناهن پر هن سماج ۾ لکين ماڻهو بيروزگاري جو شڪار هوندا آهن. انگريزي ٻوليءَ کان رڳو توهان ۽ توهانجا گهر ڀاتي اڻڄاڻ ناهن پر مجموعي طور تي اسانجي سماج جي وڏي اڪثريت اڻڄاڻ آهي ۽ رکي وئي آهي.

ٻاهر عام ماڻهن سان جمهوريت جون ڳالهيون ڪندا آهيون، پر ساڳئي وقت، گهر اندر غيرجمهوري ۽ آمراڻو رويو اختيار ڪندا آهيون ۽ اندر ئي اندر ۾ اهو طئي ڪري ڇڏيندا آهيون "جيئن تہ مان صحيح آهيان، جيئن آءُ ڪريان ٿو منهنجي ٻين گهرڀاتين کي بہ ائين ڪرڻ گهرجي" ننڍن ڀائرن، پٽن ۽ نياڻين کي بهتر سياسي تعليم ۽ تربيت نہ ڏيندا آهيون ۽ بغير تفصيل ۽ مسلسل گفتگو جي، اها توقع ڪندا آهيون تہ "انهن کي بس سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ آءُ صحيح پيو ڪريان"

جيئن مجموعي طور سماجي تبديلي، جمهوريت ۽ برابري وارو سماج قائم ڪرڻ لاءِ اسين لاتعداد پيرا رٿابندي ڪندا آهيون ۽ ڪيترائي پيرا ناڪام ٿيندا آهيون پر سمجهندا آهيون تہ ائين ٿيڻ اڻٽر هو. پر اهو ساڳيو اصول اسين گهر جي مسئلن کي حل ڪرڻ وقت وساري ڇڏيندا آهيون. مثال طور: اڪثر دوست چوندا آهن تہ "يار منهنجو ڀاءُ ڪم جو ناهي" "ادا گهر وارن کي ڪيترائي پيرا چيو اٿم پر نٿا اچن چا ڪريان" اصل ۾ ڪيترائي ڪاهوڙي ماڻهو جهڙي ريت، گهر کان ٻاهر مختلف ماڻهن سان "موجوده صورتحال" "سياسي ڳالھ ٻولھ" "علمي ۽ فڪري سوالن" تي بحث مباحثو ڪندا آهن، ساڳئي ريت، گهر اندر گهرڀاتين سان حال احوال ڪندا ئي ناهن. انهن کي فقط "متفقہ فوج" سمجهي ڪين فقط پوئلڳي ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي. مطلب تہ جيتري محنت اسين ٻاهرين ماڻهن تي ڪندا آهيون اوتري محنت گهر ۾ نہ ڪندا آهيون. اڪثر دوست انقلابي قافلي ۾ پاڻ شريڪ ٿيندا آهن پر گهرڀاتين کي شريڪ نہ ڪندا آهن. جڏهن ڪائنن سبب پڇبو تہ چوندا "آءُ ڪافي آهيان". اهڙن ماڻهن کي، ظالم حڪومت خلاف ويڙھ ڪرڻ آسان هوندي پر گهر جا معاملا وڌيڪ ڏکيا لڳندا آهن. اهو گهر ڏٽي

ٻاهر انقلاب جون دعوائون ڪندو آهي پر ان متعلق گهرپاتين سان ڳالهائڻ ئي گوارا نہ ڪندو. سندس ذات تي جيڪڏهن ڪا مصيبت ايندي تہ ان کي منهن ڏئي ويندو پر گهرپاتين کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جي تربيت ئي نہ ڏيندو نتيجي طور سدائين هزارين خسيس ۽ ننڍڙن مسئلن جي دٻڻ ۾ ڦاٿل رهندو آهي.

ڪي ماڻهو وري ان ڪوشش ۾ هوندا آهن تہ سماجي مسئلن کي ختم ڪرڻ تہ سندس وس ۾ ناهي، گهٽ ۾ گهٽ گهر جا مسئلا تہ حل ڪري وٺان. جتي مجموعي طور تي، سماجي نظام ئي خراب هجي، روزانو ظلم ۽ ڏاڍ جون دانهون ٿينديون هجن، اُتي ڪيئن ممڪن آهي تہ توهانجو گهر انهن مصيبتن ۽ عذابن جي باهہ کان آجا هوندا. ساڳئي وقت هڪ حد تائين مطمعن ٿيندي خوشي حاصل ڪري سگهجي ٿي پر جيڪڏهن ان ظالم سماجي نظام خلاف ويڙهہ ۾ خوشي محسوس ٿئي ۽ سماجي واڌاري جي عام قانونن کي سمجهندي زندگي گذارجي. انهيءَ حوالي سان پليخانوف لکيو آهي تہ ”جبر جي شعور جو نالو اختيار (آزادي) آهي.“ مطلب جيڪو عمل اٽڙ آهي ان جو شعور حاصل ڪجي ان لاءِ اڳ ۾ ئي ذهني طور تياري ڪجي تہ جيئن اوچتي چرڪ کان بچي سگهجي. مثال طور: ماڻهو کي خبر هجي تہ جنهن منزل ڏانهن وڃان پيو ان رستي ۾ دريا بہ آهن ۽ جبل بہ آهن ۽ انهن کي پار ڪرڻ ڪانسواءِ اڳتي نٿو وڌي سگهجي، پوءِ انهن مصيبتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تياري ڪندو ۽ اوچتو دريا يا جبل ظاهر ٿيڻ سان چرڪ ۾ بيهوش نہ ٿيندو.

## ”منهنجو گهر ڪڏهن بہ نہ سڌرندو“

گهرن ۾ ٿيندڙ جهيڙا ۽ تڪرار بنيادي طور سماجي تڪرارن ۽ جهيڙن جو نتيجو هجن ٿا. پر ان باوجود، گهر جي مسئلن کي ڪنهن حد تائين بهتر بڻائي سگهجي ٿو ۽ ڪيترائي گهرو تڪرار غيرضروري طور پيدا ڪيا ويندا آهن. گهر جي حوالي سان ٻن قسمن جا رويا ڏٺا ويا آهن. هڪ، فقط پنهنجي گهر کي بهترين بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، ٻيو، ”منهنجو گهر (گهرپاتي وغيره) ڪڏهن بہ نہ سڌرندو!“ (مثال طور:



هڪڙو پيءُ ڏينهن رات هڪ ڪري 25 سالن تائين پنهنجي اولاد جي پرورش ۽ تربيت ڪري ٿو، پر 25 سال گذرڻ ڪانپوءِ سندس اولاد لوفر، بي ادب ۽ نافرمان ٿيو وڃي. جيتوڻيڪ، ان ۾ (ٻيا سبب پڻ هوندا آهن) پيءُ پنهنجي وسان تہ ڪين گهٽايو هوندو، پر مسئلو فقط عمل ڪرڻ ناهي، اصل مسئلو آهي تہ ڇا پيءُ کي اولاد جي درست پرورش ۽ تربيت ڪرڻ اچي ٿي يا نہ؟ حقيقت ۾، ڪيترن فردن کي ان شي جي ڄاڻ ئي نہ هوندي آهي تہ اولاد جي تربيت ڪيئن ڪجي.) گهر کي سماج کان الڳ ڪري ڏسڻ، ان کي پهاڙ جيڏو وڏو مسئلو سمجهڻ جو رجحان پڻ ڏٺو ويو آهي. مثال طور: اسانجي گهرن ۾ ڪيتريون ئي سچيون ڳالهيون پيءُ پٽ کي نہ چئي سگهندو آهي ۽ خود پٽ بہ پيءُ کي نہ چئي سگهندو آهي. پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ رشتو دوستاڻي قسم جو هجڻ گهرجي پر اسان وٽ پيءُ ذري گهٽ ”جن“ ۽ ”ڀوت“ برابر هوندو آهي. اولاد سڄو ڏينهن ان کي ڏسي ڊڄندو پيو آهي. ساڳئي ريت، سسُ ننهن کي، پيڻ يا ڪي، زال مڙس کي ڪيتريون ئي چوڻ جهڙيون ڳالهيون ٽيبل تي رکڻ بدران دٻائي ڇڏيبيون آهن. فقط هڪٻئي کي برداشت ڪبو آهي. اهو ساڳيو نوجوان، گهر کان ٻاهر، پنهنجن دوستن سان گارگند واري هجت رکندو آهي ۽ انهن ڳالهين کي معمولي سمجهي ٽاري ڇڏيندو آهي پر جيڪڏهن پيءُ، وڏي ڀاءُ يا ڪنهن ٻئي مائٽ ڪجھ چيس تہ همراهہ آپي مان ٻاهر نڪري ويندو. ڪيترن سالن تائين اهي ڳالهيون اندر ۾ سانديي رکبيون ۽ گلائون ڪبيون. جيتوڻيڪ، اهڙا مسئلا هڪ يا ٻن ڪچهرين ذريعي حل ڪري سگهجن پيا پر معاملا ظاهر ئي نہ ڪبا ۽ فرض ڪري وٺبو تہ ”آءُ تہ درست آهيان“ ائين ننڍڙا ننڍڙا مسئلا گڏ ٿيندا رهندا ۽ اوچتو ڪنهن موڙ تي معمولي ڳالهہ تان وڏو ممڻ مچي پوندو، ماڻهو سمجهندو تہ ان هڪڙي مخصوص واقعي سبب جهيڙو ٿيو. حقيقت ۾، گهرن جا تمام گهڻا مسئلا ڪجھ ڪچهرين جو خرچ هوندا آهن. هڪ ڪاهوڙي انسان کي گهرجي تہ پنهنجي معاشي سرگرمي ۽ انقلابي سرگرمي سان گڏوگڏ وقت سر گهر جي معاملن کي سائنسي ۽ جدلياتي انداز سان حل

ڪندو رهي. گهر کي ڪو الڳ وجود نه سمجهي، ان تي اهي ساڳيا ئي اصول لاڳو ڪري جيڪي هُو سماج جي ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻي ٿو. نه ته ٻي صورت ۾، ڪاهوڙي جي زندگيءَ جو وڏو حصو فقط ئي فقط گهر جا ننڍڙا ننڍڙا مسئلا حل ڪرڻ ۾ گذري ويندس.

عام طور تي، ٻارن کي ٻار سمجهي سندن تربيت ڪئي ويندي آهي. حقيقت ۾، ان ٻار کي مستقبل جو هڪ مضبوط، پراعتماد ۽ سمجهدار نوجوان سمجهي تربيت ڪرڻ گهرجي. اسان مان گهڻا ننڍپڻ ۾ ڪي شيون (بسڪوٽ، خرچي، ڪٽمنڙا وغيره) گهٽ ملڻ تي احتجاجن اسڪول نه ويا هوندا يا منهن سڃائي بائيڪاٽ ڪيو هوندو. ننڍپڻ ۾ اهڙا عمل ته هڪ حد تائين درست هجن ٿا ڇاڪاڻ ته ان وقت انسان جي سمجهه ۽ تجربو بلڪل ٻاراڻي سطح جو هجي ٿو. پر ڪيترائي انسان اهڙا به هجن ٿا جيڪي جوان توڙي پوڙهو ٿي وڃڻ تائين ساڳي "ٻاراڻي ريس" جي نفسياتي بيماري ۾ ڦاٿل هوندا آهن. مثال طور: "فلاڻو ڪم ڪري ئي ڪونه ٿو ته پوءِ آءٌ ڇو ڪريان؟" "توهين فلاڻي دوست کي ڪجهه چئو ئي نٿا" "رڳو اسان تي تنقيد پيا ڪريو" "مون فلاڻو ڪم ڪيو هو، هاڻي فلاڻي ڪم سان منهنجو واسطو ئي ناهي" "فلاڻي کي عهدو ڏنو اٿو، اهو ڪم ڪري ئي نٿو" "فلاڻو هيترو پڙهيل آهي ته اهو ڪم ڇو نٿو ڪري!" اهي ۽ اهڙيون ٻيون ڳالهيون آڏو رکندي، ٻين کي سهائيندي ۽ ريس ڪندي، آهستي آهستي اهو ڪاهوڙي انسان غيرسرگرم ۽ سست ٿي ويندو آهي. ائين لاشعوري طور اُهو انسان پنهنجي قافلي، اداري، قوم ۽ عوام جي وسيع تر مفادن کي (لاشعوري طور) ڇيهو رسائيندو آهي. مطلب ته ماڻهو جي عمر 30 کان 40 سال ٿي وڃي ٿي پر ننڍپڻ جا رويا، سوچون ۽ عادتون ڪيس ڦاسايو ويٺيون هونديون آهن.

## اسان وڏيون قربانيون پيا ڏيون!

سچ جي راهه تي هلندي انسان گهڻيون مصيبتون ۽ عذاب سهي ٿو ۽ محسوس ائين ڪندو آهي جڻ ته تمام گهڻيون قربانيون پيو ڏئي. اهو خيال بلڪل درست لڳندو جيڪڏهن ان جي پيٽ مٿين طبقي جي عياشين ۾



تفريحن ۾ صدين جي وهمن وسوسن جي نشي ۾ ورتل ڪجهه فرد سان ڪئي وڃي ته سچ پچ اهڙا انسان قربانيون ڏيندي نظر ايندا. حقيقت ۾، سماج جي وڏي اڪثريت صدين کان سخت محنت ۽ پورهيو ڪندي پئي اچي، جنهن کي صدين کان ڪڏهن غلام_مالڪن، ته ڪڏهن جاگيردارن ۽ ڪڏهن سرمائيدارن جا ظلم برداشت ڪرڻا پيا ۽ ڪين پنهنجو جائز اجورو به نه مليو. هزارين سالن کان اڄ تائين، عورتون ٻڪرين ۽ ڍورن وانگر گهرن ۾ واڙيون پيون آهن، جن جي گهڻي اڪثريت پنهنجي پيدائش کان مرڻ تائين هڪ چوديواري ۾ بغير ڪنهن ڏوهه ڪرڻ جي قيد ڪاٽي ٿي ۽ مختلف ظلم برداشت ڪندي رهي آهي. هاري مزدور جيڪو ڪالهه به هاري ۽ مزدور هو سو اڄ به هاري ۽ مزدور آهي. جيڪڏهن انهن سيني مظلومن طرفان برداشت ڪيل عذابن، مصيبتن ۽ تڪليفن کي آڏو رکيو وڃي ته خبر پئجي ويندي ته "قربانيون ڪير پيو ڏئي!"

"اسان قربانيون پيا ڏيون!" اهڙو احساس تڏهن جنم وٺي ٿو، جڏهن هڪ انقلابي، پنهنجي ابتدائي زندگي ۾، جدوجهد ڪرڻ کان پهريائين، هن کي نه ڪو ظالم سماج جي خراب رسمن ۽ رواجن جو علم هو، نه ئي پيڙا. جيئن جيئن سماج ۾ ٿيندڙ ظلم، جبر ۽ زيادتين جي ڄاڻ ملي ٿي، تيئن تيئن عذاب پڻ شدت اختيار ڪندو رهي ٿو. پر هڪڙو ماڻهو جيڪو سدائين غلام ۽ محڪوم رهيو هجي، سدائين مارون ۽ موچڙا کائيندو رهيو هجي، ڪڏهن به جائز عزت نه ملي هجيس، ڪڏهن درست علم نه پڙهيو هجيس، نتيجي طور سدائين جاهلن ۽ ويچارن وانگر سست زندگي ڀوڳي هجيس، ان ماڻهو کي جڏهن به انهن زيادتين جي ڄاڻ پوندي ۽ ان مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، تڏهن ان کي ضرور تڪليف ٿيندي. حقيقت ۾، اهڙي انسان کي پنهنجين پراڻين عادتن، سوچن ۽ روين (سستي، ڪاهلي، لاپرواهي، وقت ۽ زبان جي فضول خرچي) جي قرباني ڏيڻي پوندس. جيئن هڪ مريض بيماري جو علاج ڪرائڻ لاءِ اڪثر ڪڙيون ۽ اڻوڻندڙ دوائون کائيندو آهي يا ڪري ڪندو آهي. (مطلب ته مريض کي جيڪي ڪاڌ خوراڪ جون شيون پسند

هونديون آهن انهن کان پرهيز ڪندو.) جيڪڏهن مرض پراڻو ۽ خطرناڪ هوندو ته ان جو آپريشن ڪرائڻ جي لاءِ جسم جي وڍ ڪٽ پاڻ ڪرائيندو. اهڙي طرح هڪ نئون انسان ٿيڻ لاءِ جدوجهد ڪندڙ کي تڪليف ڏسڻي پوندي، جيئن نئين نئين ٻار جي پيدائش وقت ۽ نئين سماج کي اڏڻ دوران تڪليفن کي برداشت ڪرڻو پوندو آهي.

ڪنهن به ظالم سماج ۾ اڪثر فردن جا ابتدائي آدرش ظالم سماجي نظام سان دشمني وارا نه پر ان جهڙا ٿيڻ جا هوندا آهن. مثال طور: جيڪڏهن ڪو غريب ماڻهو امير ٿيڻ چاهيندو آهي ته ”زندگي خوشحال گذارڻ“ جي خواهش سان گڏوگڏ ان پنيان تصور ”خود جاگيردار جهڙو ٿيڻ“ هوندو آهي. بقول پائلو فراري جي ته ”مظلوم شروعاتي طور تبديلي جي خواهش ۾ خود ظالم جو نقل ڪندو آهي.“ تنهنڪري، مارڪس جي خيال وانگر ضرورت آهي هڪ نئين انسان ٿيڻ جي. جيڪو نه ظالم هجي نه مظلوم، نه غلام هجي نه مالڪ. بلڪ هڪ آزاد معاشري جو آزاد فرد هجي. نئون انسان ٿيڻ لاءِ فراريت نه پر سڀ کان پهريائين ذميوار فرد ٿيڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته آزادي ذميواري ڪانسواءِ نه ملندي آهي. جنهن لاءِ سخت محنت گهربل آهي. ظالم سماج (جاگيرداري وغيره) ۾ فرد مجبوري ۽ ضرورت سبب پورهيو ڪري ٿو، نه ڪي آزاد ۽ رضاڪارانه ذميواري جي بنياد تي. جيڪو فرد ذميواري، عمل ۽ اڳواٽي کان لنوائيندو رهندو، اهو سدائين سست، ڪاهل ۽ نڪمو رهندو. ڇاڪاڻ ته ان جي اندر جون لڪل صلاحيتون ۽ قابليتون استعمال ئي ڪونه ٿينديون ۽ نتيجي طور اهي صلاحيتون بيڪار ٿي وينديون.

## ”ڪجھ به نه ڪرڻ“ اعليٰ ترين مقصد

جديد دور جي پيٽ ۾، اوائلي انسان تمام گهڻين مصيبتن ۽ عذابن جو شڪار هو. هر وقت ڄڻ ته حالت جنگ ۾ هو. بک، بيماري، طاقتور جانور، زهريلا جيت، گرمي، سردي، زلزلا، ٻوڏون، طوفان ۽ اونده توڙي روشني، مطلب ته، هر شي ڄڻ سندس وجود جي ويري هئي. نتيجي طور انسان پورهيو ڪري پنهنجي بقا لاءِ اوزار ٺاهيا ۽ هڪ



سماج اڏيو. پر ان باوجود اوائلي دور جي انسان کي تمام گهڻا عذاب ڀوڳڻا پيا. انسان انهن ڏينهن جي مصيبتن کان بيزار ٿي هڪ نئين بهتر دنيا جو خواب ڏسڻ لڳو. سخت مشڪلاتن ۽ عذابن جي انتها ماڻهو کي الٽو ٻي انتها تي سوچڻ تي مجبور ڪيو. هن زندگي جو اعليٰ ترين مطلب ۽ مقصد اهو ڪڍيو ته اهڙي زندگي هجي جتي ”ڪجھ به نه“ ڪرڻو پوي. اڻچاٽائي سبب پنهنجو پاڻ کي مطمعن ڪرڻ لاءِ جسم کي فاني ۽ روح کي لافاني قرار ڏنو ۽ موت کانپوءِ واري زندگيءَ جي تصور جي روپ ۾ انسان جنت ٺاهي پاڻ کي آٿت ڏني. جيڪي ڪم، خواهشون ۽ خواب هن دنيا ۾ پورا نه پئي ٿي سگهيا، انهن کي ”خيالي دنيا“ يا ”آسماني دنيا“ ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيا. جتي انسان لافاني هوندو، جنهن به شي جو تصور ڪندو اها سندس آڏو هوندي ۽ سڄي عمر جوان رهندو ۽ سڀ کان وڏي ڳالھ ته ”ڪجھ به نه“ ڪندو. انسان ماٺ ڪيو وينا هوندا، پوءِ ”ڪاءُ ڙي وتايا ڪاءُ“

ڪائناتي اصولن مطابق هر شي تبديل ٿيندي رهندي آهي، ڪابه شي لافاني ناهي. سواءِ مادي جي تبديلي جي. اهڙي طرح، صرف تصور ڪرڻ ذريعي نه پر عمل ذريعي شيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون، نه ئي ڪابه زندگي دائمي طور جوان رهي سگهندي آهي. ايتري قدر جو، علامه اقبال پڻ پنهنجي شاعري ۾ اهڙي آسماني دنيا جي ”ڪجھ به نه“ ڪرڻ واري تصور کي رد ڪيو آهي:

اب ميري يهان گذر، ممڪن نهين، ممڪن نهين
ڪس قدر خاموش هي يه عالم، ڪاخ و ڪو

اها ته هئي ماضي جي صورتحال جنهن ۾ انسان هڪڙي تصوراتي خيالي جنت جوڙي، پر هن وقت، سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي ترقي سبب هن دنيا کي به محنت ڪندڙ جي حقيقي جنت بڻائي سگهجي ٿو. پر بدقسمتي سان، ساڳين عقيدن ۽ اڻبرابري تي قائم سماجي نظامن (جاگيرداري ۽ سرمائيداري وغيره) سبب اڄ ڏينهن تائين پورهيي ۽ محنت ڪرڻ کي نفسياتي طور تي عار سمجهيو وڃي ٿو ۽ وڏيري ۽

سرمائيدار وانگر ”ڪجھ بہ نہ“ ڪرڻ کي اعليٰ ترين خوبي سمجهيو وڃي ٿو.

بهرحال، ڪنهن انسان کي ٿوري محنت ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجھ حاصل ٿئي ٿو تہ پوءِ ماڻهو سڄو ڏينهن آرام ڪندو ۽ اندر ئي اندر ۾ (ذهني طرح) پاڻ کي مطمعن ڪندي گهٽا ڪم، خفا ۽ ذميواريون ڪٽڻ کان لهرائيندو. حقيقت ۾، پورهيو انسان لاءِ لازمي آهي ڇاڪاڻ تہ فطرت انسان جي ضرورت جون شيون تيار ٿيل (Ready made) نٿي مهيا ڪري، جديد مشينون پڻ انسان جي هلائڻ ڪانسواءِ حرڪت ۾ نٿيون اچن. بقول اينگلس جي تہ هر وقت سخت محنت ڪرڻ گهرجي، جيستائين ضرورت جي بادشاهت (Kingdom of Necessity) آزادي جي بادشاهت (Kingdom of Freedom) ۾ تبديل نٿي ٿئي، جنهن ۾ معاشري جي آزادي بعد فرد کي بہ حقيقي آزادي ملندي. جتي ڪم (پورهيو) مجبوري ۽ عذاب نہ پر تفريح ۽ لطف وارو هوندو، جتي ”سموريون شيون انسانن لاءِ“ جو نعرو هوندو.

## ”ادا بس سُستي!“

جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي دوست کان پڇندو آهي تہ ”ادا فلاڻو ڪم ڇو نہ ڪئي“ يا ”يلا ٻڌايو تہ ڪم اڳتي ڇو نٿو وڌي ۽ سرگرمي ڇو نٿي ٿئي“ جواب ملندو ”ادا بس سستي!“

سُستي بنيادي طور تي هڪ سماجي بيماري آهي ۽ ساڳئي وقت نفسياتي ڍال آهي. صدين کان غلامي هيٺ رهندڙ معاشري جي سماجي نفسيات مابعدالطبياتي قسم جي ٿئي ٿي ۽ ڪئي وڃي ٿي. ان سماج جا فرد هر شي ۽ لقاءَ کي حتمي، آخري ۽ قطعي سمجهندا آهن اهي شين ۽ لقائن کي حرڪت ۽ تبديلي واري نقط نگاهہ کان نہ ڏسندا آهن. مثال طور ماڻهو چوندا ”ادا ظالم ختم ٿيندو پر ظلم ختم نہ ٿيندو“ ”سياست معنيٰ ننگي“ يعني سموري سياست ننگي، ان ۾ بهتري جي ڪابہ گنجائش نہ هئي، نہ آهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿي!. ”فلاڻو ماڻهو ضديرو آهي“ فلاڻو دوست پڙهندو ئي نہ“ مطلب تہ ضد ۽ نہ پڙهڻ وارو عمل ڦن تہ اٽل هُجن ۽ اُهي ڪڏهن بہ بدلائي نٿا سگهجن! جڏهن بہ



ڪنهن کان پڇ تہ فلاڻو ڪم ڇو نہ ٿيو يا ڇو نہ پيو ٿئي تہ جواب ملندو ”ادا سُستي“ جڻ تہ سُستي آخري ۽ جائز جواز هجي ۽ ان جي تھ ۾ ڪا ٻي قوت ڪارفرما نٿي ٿي سگهي. جڻ تہ سُستي بدلجي چُستي نٿي ٿي سگهي!

## واندڪائي ڪمزورن دماغن لاءِ پناهگاهہ

”سنڌي ماڻهو سست آهن“ اهو خيال ڪنهن حد تائين درست بہ آهي. (جيتوڻيڪ ان جا حياتياتي، آبهوائي، تاريخي، سماجي ۽ اقتصادي سبب آهن) پر سستي هڪ اهڙي بيماري آهي جنهن لکن جي تعداد ۾ هڪ واندي فوج پيدا ڪئي آهي سستي جي ٻين هزار سببن سان گڏ اهم سبب هي نعرو بہ آهي ”ڪجھ بہ نہ ڪندو آهيان“ ۽ انهي نعري جي ڪرامت آهي جو روزانو ڪيترائي ماڻهو ملندا آهن جن سان حال احوال ٿيندو آهي جڏهن بہ سوال ڪجي تہ ”دوست اوهانجو تعارف“ جواب ملندو ”ادا منهنجو نالو فلاڻو ۽ فلاڻي هنڌ رهائش آهي.“ وري جيڪڏهن سوال ڪجي تہ ”دوست اوهين ڇا ڪندا آهيو؟“ جواب ملندو ”واندو آهيان“ اهو جواب عجيب لڳندو آهي تہ هيڏي ساري جهان ۾ هيڏن سارن مسئلن، مصيبتن، عذابن ۽ دهشتگرد حڪمران ٽولن جي هوندي ماڻهو ماٺ ڪري ڪيئن ٿو ويهي سگهي!؟ ۽ زندگي جي هزارين حسناڪين ۽ خوبصورتين جي هوندي هڪ باحواس انسان واندو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ دنيا ۾ ڪروڙين ڪتاب، رسالا، اخبارون، انٽرنيٽ وغيره هوندي بہ ماڻهو واندو! ڪائنات، زندگي ۽ انساني سمجھ بابت لاتعداد سوالن باوجود انسان واندو!! ان قسم جي واندن ماڻهن ۾ گهٽا ماڻهو اهي آهن جيڪي بيچلر يا ماسٽرس جون ڊگريون رکندڙ آهن جيڪي ان انتظار ۾ ويٺا آهن تہ ڪين ڪو پاڻهي ڪم ملي وڃي تہ زبردست. باقي بہ اڪر پڙهڻ لاءِ چئو تہ پوءِ ٻرو!

بنيادي طور تي نفسيات ٻن قسمن جي ٿيندي آهي، هڪ انفرادي نفسيات ۽ ٻي سماجي نفسيات. ڪنهن بہ معاشري جي سماجي نفسيات ڏينهن ٻن ۾ يا سال ٻن ۾ نہ جڙندي آهي پر اها صدين جي سفر ۾ تيار ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ، انهيءَ معاشري جي هر هڪ فرد جي انفرادي

نفسيات (سندس لاڙا، عادتون، جذبا، ارادا، خيال، خواب، رويا وغيره) بين ڪان مختلف هوندا آهن پر ان باوجود فرد جي انفرادي نفسيات جا بنياد سماجي نفسيات جو اولڙو هوندا آهن. مثال طور يورپ ۽ آمريڪا ۾ جنم وٺندڙ ماڻهو جو زندگي، ڪاروبار ۽ عورت ڏانهن رويو سنڌ ۾ جنم وٺندڙ ماڻهو جي رويي ڪان بلڪل مختلف آهي. سنڌ جهڙي سماج ۾ پرورش ورتل ٻار بہ عورت کي برقعي ۾ ڍڪيل ڏسڻ چاهي ٿو ۽ عورت بابت غيرت جو ساڳيو تصور رکي ٿو جيڪو سنڌ جهڙي معاشري ۾ اڳواٽ مروج هجي ٿو. اهو ڪو فطري ۽ پيدائشي رجحان نہ آهي. ائين ڇو ٿو ٿئي؟ ڇاڪاڻ تہ آمريڪي فرد جي انفرادي نفسيات بنيادي طور تي آمريڪي سماجي نفسيات جو اولڙو آهي. نہ ڪي ان فرد جي پنهنجي انفرادي چونڊ آهي. پر سوال پيدا ٿو ٿئي تہ ڇا ان سماج جي سمورن فردن جا بنيادي نفسياتي تصور ۽ رجحان ساڳيا هوندا؟ جيئن تہ هر معاشرو مسلسل تبديلي جي عمل مان گذرندو رهي ٿو تنهنڪري انهيءَ ساڳئي معاشري ۾ ڪيترائي فرد اهڙا بہ پيدا ٿين ٿا جيڪي ان معاشري جي سماجي نفسيات جي بلڪل ابتڙ هجن ٿا.

ڦرلٽ تي قائم معاشري ۽ طبقاتي سماجي نظام ۾ وڪيل، پوليس، ڊاڪٽر ۽ انجنيئر وغيره نہ چاهيندا تہ چوريون، ڦرون، اغوائون وغيره گهٽجي وڃن، بيماريون ختم ٿي وڃن ۽ روڊ رستا ۽ عمارتون نہ ڊهن. ڇاڪاڻ تہ طبقاتي معاشري ۾ سندن گذر سفر ئي انهن بيمارين ۽ مصيبتن جي هجڻ ۽ وڌڻ سان مشروط هجي ٿو. جيڪڏهن بيماريون نہ هونديون تہ ڊاڪٽر ڪٿان ڪمائيندو، ميڊيڪل اسٽور وارو ڪٿان گذارو ڪندو. جيڪڏهن ڏوهہ نہ ٿيندا تہ وڪيل جو گذر سفر ڪٿان ٿيندو. ساڳئي ريت، انهيءَ معاشري کي برقرار رکڻ لاءِ وڙهندڙ سياستدان ۽ حڪمران ڪڏهن بہ نہ چاهيندا تہ ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني هجي ڇاڪاڻ تہ ان سان عوام ۾ اميد ۽ حوصلو پيدا ٿيندو، عوام انصاف ۽ عدل جي توقع ڪندو ۽ نتيجي طور جدوجهد ۽ جستجو ڪرڻ لاءِ تيار هوندو. تنهنڪري، ظالم حڪمران طبقا روزانو هزارين قسم جي ٿيندڙ احتجاجن کي ڏسڻ باوجود انهن مسئلن جو حل



نہ ڪيندا آهن ۽ نہ ئي ڪو تدارڪ ڪندا آهن، جيڪڏهن ڪجهہ ڪندا آهن اهو بہ تڏهن جڏهن عوام جي احتجاج جي طاقت گهٽجي ٿي ويندي آهي. مطلب تہ عوام ۾ مايوسي، نااميدي ۽ بي همتي کي برقرار رکڻ سان ئي سندن اقتدار قائم رهندو. طبقاتي معاشري اندر ظالم حڪمران جو هجڻ ظلم سان مشروط آهي نہ تہ ٻي صورت ۾ هُو زندهہ نہ رهي سگهندو. (جيئن تہ مٿي بيان ڪري چڪو آهيان تہ اهڙو معاشرو مسلسل تبديل جي عمل مان گذرندو رهي ٿو تنهنڪري ان ۾ اهڙي قسم جا فرد (وڪيل، ڊآڪٽر، انجنئر ۽ سياستدان وغيره)، گروهہ ۽ ادارا پڻ جنم وٺن ٿا جيڪي چاهيندا آهن تہ ڏوهہ ۽ بيماريون بلڪل نيست و نابود ٿي وڃن. ان لاءِ فقط سندن شعبن ۾ بهتر ڪارڪردگي سان مسئلو حل نہ ٿيندو.)

ظالم حڪمران طبقن طرفان ڦهلايل مايوسي ۽ نااميدي اڳتي هلي سستي کي جنم ڏيندي آهي ڇاڪاڻ تہ وسيع تر عوام ۾ انصاف ۽ عدل جي اميد ختم ٿي ويندي آهي ۽ نتيجي طور عوام جي وڏي اڪثريت آهستي آهستي توڪل ۽ الہ توهار ڪري مڙئي زندهہ رهڻ تي پاڙيندي آهي. عام ماڻهو ائين سمجهندو آهي تہ اصل ۾ خرابي منهنجي اندر ۾ آهي ۽ ان ۾ دشمن جو ڪوبہ هٿ ڪونہ آهي. سستي کي ائين ڪري پيش ڪندا جڻ تہ ڪنهن وقت هنن ڪان ريفرينڊم ذريعي پڇيو ويو هو تہ "توهان کي سستي پسند آهي يا چستي" تہ ان تي هنن (مظلومن) جڻ تہ پنهنجي رضا خوشي سان "سستي" جي چونڊ ڪئي هئي. ان ۾ دشمن جي پرچارڪ، قانوني، اخلاقي، مذهبي ۽ معاشي رڪاوٽن جو جڻ تہ ڪوبہ هٿ نہ هو ۽ نہ آهي.

## "سُستي خود شيطان کي بہ پڙڪائي ٿي!"

سستي پيدا ٿيڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ ڪجهہ اهم ڪارڻ هيٺ ڏجن ٿا:

1. معاشي اڻبرابري ۽ ڦرلٽ: جيڪو معاشرو طبقاتي ڦرلٽ تي قائم هوندو آهي ان معاشري جي اڪثريت (هاري مزدور) کي پنهنجي محنت جو پورو اجُورو نہ ملندو آهي. تنهنڪري

پورهيت آهستي آهستي اٽسٽي ريت ڪم ۾ دلچسپي گهٽائي ڇڏيندا آهن.

2. زراعتي معاشرو: زراعتي پيداوارا سرشتو سست رفتار پيداوار نظام آهي جنهن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو لمحن، منٽن ۽ ڪلاڪن ۽ ڏينهن جي حساب ڪتاب سان سرگرمي نه ڪندو آهي پر مهينن ۽ ڇهه ماهي ۽ ساليانې دورانيي جي حساب سان ڪم ڪندو آهي. مثال طور هڪ دڪاندار سڄو ڏينهن پنهنجي دڪان تي ويهڻ تي مجبور هجي ٿو ۽ ذري پرزي جو حساب رکي ٿو ۽ ان جي ابتڙ زمين تي هارپو ڪندڙ ڪڙمي ائين نه ڪندو آهي. يورپ ۽ آمريڪا جا ماڻهو جيڪڏهن تيز رفتاري سان ڪم ڪن ٿا ته ان جو بنيادي سبب صنعتي معاشرو آهي. اتي مشيني پيداواري نظام آهي جيڪو انتهائي وڏي مقدار ۾ تيز رفتاري سان پيدوار ڪندو آهي.

3. رجعت پرست نظريا: آفريڪا ۽ ايشيا جا اڪثر ملڪ اڄان تائين صدين پراڻن فلسفن ۽ فڪرن ۾ قائل آهن. اڄ تائين هنن معاشرن ۾ بادشاهت، غلام داري، عورت جي تذليل، پيرپرستي، توهم پرستي، عقيدن جا نظام وڏو اثر رکن ٿا. سنڌ جهڙي معاشري ۾ ماڻهو پنهنجي زندگي جي عذابن کي دشمن جي پيداوار نه ٿو سمجهي بلڪ پنهنجو پاڻ کي ڏوهاري نهرائي ٿو ۽ دشمن کي سازشن کي نتو ڏسي. مثال طور نفس ڪشي جو فلسفو، عقيدن جا پورهيت دشمن خيال، ”هر ڪو پنهنجو قبر ڇڏائيندو“ ”ظالم کي الله ڏکهو رسو ڏنو آهي“ ”جيڪو قسمت ۾ لکيل هوندو سو ٿيندو“ ”وڏيري کي الله نوازيو آهي“ وغيره.

4. ٻاهريان حملي آور: سنڌ جهڙا معاشرا هميشه ڌارين حملي آورن جو شڪار ٿيندا رهيا آهن ۽ گهڻو وقت غلامي هيٺ سفر ڪيو اٿن. ظالم ۽ سفاڪ حڪمرانن ۽ حملي آورن کان بچاءَ جون ٻه صورتون رهيون آهن. هڪ ته ويڙهه ڪري مري



وڃجي يا فتح ماڻجي، ٻيو، پنهنجو علائقو ڇڏي ٻين علائقن ڏانهن لڏي وڃجي، ٽيون، ماٺ ڪري غلامي قبول ڪري مڙئي زندگي جا ڏينهن پورا ڪجن. ٽيئن رويي سبب ان علائقي جي ماڻهن ۾ passivity جو رجحان پيدا ٿئي ٿو.

5. نفسياتي دفاعي سرشتو: هر ماڻهو کي پنهنجي بهتر توڙي بدترين حالت ۾ رهڻ لاءِ ڪي نه ڪي جواز گهرجن ٿا، ڇاڪاڻ ته انسان باحواس باشعور سماجي جانور آهي جيڪو پنهنجو پاڻ کي مطمعن ڪرڻ ڪانسواءِ نٿو رهي سگهي. جيڪي ماڻهو سماج ۾ ٿيندڙ روزمره جي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف آواز نٿا اٿارين ۽ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ سرگرم ڪردار ادا نٿا ڪن. ان جا ٻيا ڪيترائي سبب هوندا پر هڪڙو اهم سبب اڻڄاڻائي آهي. ساڳئي وقت، نفسياتي طور تي سنڌ جهڙن معاشرن ۾ عام ماڻهو پنهنجي اڻڄاڻائي کي قبول نه ڪندو آهي. تنهنڪري، پنهنجو پاڻ کي مطمعن ڪرڻ لاءِ ”سُستي“ (نفسياتي دفاع) جو سهارو وٺندو آهي.

سُستي بنيادي طور ردعمل آهي جيڪا اڳتي هلي تمام گهڻين بيمارين کي جنم ڏئي ٿي. واندڪائي ۽ سُستي جي اثرن بابت مختلف ڏاهن ۽ عالمن جا خيال ڪجهه هن ريت آهن. ”واندڪائي هڪ مسلسل ڏوهه آهي ۽ پورهيو هڪ فرض آهي.“ (باڪسٽر) ”واندڪائي سدائين مايوسي کي ئي جنم ڏئي ٿي.“ (ڪارلائل) ”سستي سمورين برائين جي سرگرم سبب بڻجي ٿي جيئن اڌ رنگي (فالج) جي بيماري بخار کان وڌيڪ لوڙائي ٿي ۽ ديگهه ڪري ٿي. ترڪي ۾ هڪ چوٽي آهي ته شيطان سيني انسانن کي پڙڪائي ٿو پر منهنجو خيال آهي ته سستي شيطان کي پڙڪائي ٿي.“ (ڪالٽن) ”واندڪائي ڪمزور دماغن لاءِ پناهگاهه آهي ۽ بيوقوفن لاءِ موڪل جو ڏينهن آهي.“ (چيسٽرفيلڊ) ”ڪم ڪندڙ انسان ڪنهن هڪ مصيبت ۾ ڦاسي سگهي ٿو پر واندو هزارن ۾.“ ”واندڪائي ڪُند جسم جو نالو آهي پر ڪُند يا اياڻپ، دماغ جي

زندگي کي سڌاري رهيو آهي“ جيڪو هڪڙي ڦرلٽ تي ٻڌل معاشري ۾ ناممڪن آهي (سواءِ چند اتفاقن جي). تنهنڪري، اصل ۾ وڏو ۽ بنيادي ڪم (سموري سماجي نظام کي بدلائڻ) لاءِ ”غيرضروري“ ڪم ڪرڻ آهي. اُهي انقلابي ۽ آدرشي انسان ئي آهن جيڪي نه فقط پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ ويڙهه ڪن ٿا پر ترجيح گڏيل اجتماعي مفادن کي ڏين ٿا.

## ڇا سستي ناقابل تبديل آهي؟

”هڪ نااميد پرست شخص هر موقعي ۾ ڏکيائي کي ڏسندو ۽ هڪ اميدپرست هر ڏکيائي ۾ موقعي کي ڏسي ٿو.“ چرچل

”سنڌي ماڻهو سُست آهن!“ جيتوڻيڪ، هڪ حد تائين اها حقيقت به آهي پر ان کي سيني ماڻهن تي هڪجهڙائي سان نٿو لاڳو ڪري سگهجي. هاري، مزدور صدين کان پورهيو ڪندا پيا اچن. عورتون گهر ۽ ٻارن جي پرورش جهڙا ڏکيا ڪم ڪندي نظر اچن ٿيون. ڪيترائي شخص عمل جي ميدان ۾ سست هجن ٿا ته وري علم جي ميدان ۾ چُست هجن ٿا، ڪي وري جسماني ڪم ۾ چُست ۽ علمي طرح سُست ٿين ٿا. ڪيترائي انسان پنهنجي ذاتي زندگي سان لاڳاپيل ڪمن جي معاملي ۾ انتهائي چُست نظر ايندا ته وري اجتماعي ڪمن جي معاملي ۾ سُست هوندا آهن. سستي گهڻ طرفو ردعمل آهي، مسلسل خوشحال رهندڙ قومون يا نسل سست ۽ نڪما ٿي پوندا آهن ۽ ٻئي طرف وري نسل جا نسل جائز اجورو نه ملڻ جي ڪري (غربت) سستي جي بيماري ۾ وڪڙجي پون ٿا. ڪي ماڻهو اقتصادي خوشحالي سبب ۽ گهڻا وري بدحالي ۽ غربت سبب سستي جي بيماري جو شڪار ٿين ٿا. حقيقت ۾ سستي خود ناانصافي خلاف بغاوت جي هڪ صورت به آهي. اقتصادي جبر سبب ماڻهو مجبور آهي ته جيئڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري. پر ”ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ“ وارو عمل جهالت سبب غلط صورت وٺي ٿي، ڪجهه ماڻهو ڏوهاري ۽ ڪجهه موالي ٿين ٿا. هر شي جو ڪو نه ڪو سبب هجي ٿو ۽ ان جو اثر به ٿئي ٿو. جتي سستي تمام گهڻين مصيبتن جو سبب آهي اتي اها پاڻ خود ڪن ٻين سببن جو نتيجو



واندڪائي جو نالو آهي.“ (سيوم) ”واندڪائي آهستي آهستي سفر ڪري ٿي ۽ جلدئي غربت ان کان اڳ ڪيڏي ويندي آهي.“ (هنٽر)

## ”اوهين ته آهيو واندا ماڻهو“

سماج ۾ ڪيترائي ماڻهو اهڙا ملندا آهن جيڪي ڪاهوڙين ۽ انقلابين جي ڳالهه ٻولهه ۽ تبليغ ٻڌڻ ڪانپوءِ تبصرا ڪندا آهن ته ”اوهين ته آهيو واندا ماڻهو“ ”سڄو ڏينهن پيا ماڻهن جو مٿو کائو.“ ”ادا اوهان کي ڇا آهي، اوهانکي هجي گهر جي پرواهه ته خبر پوي“ وغيره. عارضي طور انهن انقلابين بابت ڪيل تبصرن کي پاسيرو رکندي ٿورو ٻئي پاسي جي حقيقت جي جاچ ڪريون. اهڙن تبصري نگارن کان منهنجو سوال آهي ته ڇا اوهين ”مصروف“ ماڻهو جيڪو ڪجهه ڪريو ٿا (مثال طور، ڪيبن هلائڻ، هوٽل هلائڻ، ڪاروبار ڪرڻ، گهر هلائڻ، ٻارن جي پرورش ڪرڻ وغيره). اهڙا ”ضروري“ ڪم ته صدين کان ٿيندا پيا اچن، پر اُڄ به ڪيبن هلائڻ وارو ڪيبن ئي هلائي ٿو ۽ گهر هلائڻ وارو گهر ئي هلائي ٿو، اڄُ به نااهل، قاتل ۽ رهزن ماڻهو اسان مٿان حڪمراني ڪن ٿا، اڄُ به عوام جي مجموعي زندگي ساڳي جا ساڳي عذاب! جيتوڻيڪ انهن ”مصروف ماڻهن“ مان هر هڪ پنهنجي زندگي جو سمورو عرصو انهن ڪمن کي سرانجام ڏيندي گهاري ٿو پر ان باوجود حاصل ڇا ٿيو سواءِ کائڻ، پيئڻ، ٻار ڄڻڻ ۽ مري وڃڻ جي. اهڙن ماڻهن لاءِ سقراط چيو هو ته ”واندو اهو ماڻهو ناهي جيڪو ڪجهه به نه ٿو ڪري پر گهٽو ڪري اُهو (ماڻهو) هجي ٿو جيڪو گهٽو ڪجهه ڪندي نظر اچي ٿو.“ مطلب ته انقلابين جي ابتڙ ڪيترائي ماڻهو سڄو ڏينهن لڳا پيا هوندا آهن پر اهي ڪم ڪنهن جو پيا ڪن؟ سا ڪين به ڄاڻ ناهي. حقيقت ۾ اهڙا انفرادي ۽ ذاتي ڪم اُٽسڌي ريت سندن دشمنن کي سگهارو بڻائين ٿا. ڇاڪاڻ ته عام ماڻهو ڇا ڇا ڪن ۽ ڇا ڇا نه ڪن؟ ان جو فيصلو اُهي پاڻ نه ڪندا آهن. طبقاتي سماج جا نه ڏسڻ ۾ ايندڙ معاشي ڦرلٽ وارا قانون معاشري جي وڏي اڪثريت کي سندن خواهش جي ابتڙ ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن. انهن قانونن جو شڪار ٿيندڙ هر هڪ ماڻهو ائين سمجهندو آهي ته ”هُو پنهنجي

هجي ٿي. پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا سنڌي ماڻهو سدائين سست ئي رهندا ۽ سندن اهو مزاج اٽل ۽ حتمي آهي جيڪو ڪڏهن به تبديل نٿو ٿي سگهي؟

”سُستي“ کي اٽل ۽ دائمي حقيقت ڪري پيش ڪرڻ پڻ دشمن جي فائدي ۾ آهي. مظلوم پڻ ان قسم جي پرچارڪ جو شڪار ٿيندي ”سُستي“ کي ناقابل تبديل شي سمجهي ٿو. ظالم طبقا، گروهه ۽ ڌريون هميشه کان اهڙي قسم جو نفسياتي، اخلاقي، ثقافتي ۽ نظرياتي ماحول تيار ڪنديون ۽ ڪرائينديون رهيون آهن جو هر ڏسندڙ ۽ ٻُڌندڙ کي ائين لڳي ڄڻ ته اهي تصور، خيال، عادتون ۽ رويا ناقابل شڪست، طاقتور ۽ دائمي قوتون هجن. حقيقت ۾ اهي ڌريون (جاگيردار ۽ سرمائيدار) پاڻ نه صرف ڪمزور، بي بنياد ۽ بي پاڙي هجن ٿا پر هميشه کان مظلوم عوام جي سهاري، مدد ۽ ٽيڪ تي ئي بيٺل هونديون آهن ۽ انهن جي ئي پورهئي ۽ رت تي پلجنديون رهن ٿيون ۽ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اندران ئي اندران کوکليون، اڌهي ڪاڌل ۽ زنگيل بنجي وڃن ٿيون پر سندن ابتدائي ظلم، ڌاڙ ۽ جبر، قانوني، اخلاقي، مذهبي ۽ نظرياتي سرڪڻ ڦاهيون صدين کان هلندي دائمي ۽ اٽل صورت جو ڏيک ڏين ٿيون. نتيجي طور ظلم جو شڪار عوام پڻ صدين تائين ظالمن جي ظاهري ڏيک کي ئي ڏسي سگهندو آهي ۽ اندر ئي اندر ۾ ظالمن جي حاڪم خيالن کي دائمي ۽ آخري حقيقت سمجهڻ لڳندو آهي.

ڪنهن سائنسدان جو خيال آهي ته انساني ارتقا لاءِ ٻين سببن سان گڏ هڪ سبب هي به هو ته پولڙن ۾ هڪ خوبي آهي ته هُو ماٺ ڪري نه ويهندا آهن ۽ هڪٻئي منجهان جُون به ڪڍندا ۽ هڪٻئي کي ڪنهندا رهندا آهن. ساڳئي ريت انسان لاءِ پڻ مسلسل سرگرمي ۽ چرپر فطري گهرج آهي. مثال طور، واندڪائي دوران پٽ تي ويٺل ماڻهو مٽيءَ تي لڪيرون پيو ڪڍندو، ڪنهن محفل ۾ هٿ ۾ پين رکي پيو آواز ڪڍندو يا موبائيل سان حرڪت ڪندي نظر ايندو، ڪلاڪ ڪن لاءِ هڪڙي ڪرسي تي هڪڙي انداز سان نه ويهي سگهندو پيو اسٽائيل



بدلائيندو، اڪيلائيءَ ۾ ماڻهو ڳانا پيو گنگنائيدو وغيره. اهي سڀ علامتون ٻڌائين ٿيون ته انسان مسلسل ڪانه ڪا مصروفيت جو فطري رجحان رکي ٿو پر ان رجحان کي غلط رخ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

بهرحال، عام ماڻهن جي اڪثريت کي ته سرڪار غربت ۽ بيروزگاري ذريعي بندوبست ڪري واندڪائي مهيا ڪئي آهي ۽ ٻيا اُهي آهن جن کي ڪوبه ڪم ڪرڻو ئي نه پوندو آهي اهي آهن جاگيردار، مير ۽ وڏيرا جيڪي پنهنجي واندڪائي دوران هن ظالم سماج کي ٽيڪ ڏيڻ ۽ ان کي طاقتور بڻائڻ لاء سمورو وقت لڳا پيا هوندا آهن. هتي واندن مان منهنجي مراد هيٺين ۽ وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ انسانن سان آهي. مجون به ڪٽي ته خرچ پکي ڪانسواءِ ڪم نٽا ٿين پر ڇا هڪ سياسي گفتگو ڪرڻ، ميڙاڪن کي خطاب ڪرڻ، ڪتاب پڙهڻ، مضمون لکڻ، ماڻهن کي اميد ۽ حوصلو ڏيڻ تي به ڪي گهڻا پيسا خرچ ٿيندا آهن ڇا؟ نيپولين چيو ته ”منهنجي هر شي تي بادشاهي هلي ٿي پر هڪ شي تي نٿي هلي ۽ اهو آهي وقت.“ واندن انسانن وٽ وڏي ۾ وڏو هٿيار وقت جو موجود آهي جنهن سان هي تمام گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا پر اهو تڏهن ڪندا جڏهن انهي واندڪائي جو فائدو وٺندي ان کي درست رُخ ۾ استعمال ڪن ۽ مطالعو ڪن.

پر ڇا ان قسم جي سماجي نفسياتي بيمارين کي ختم ڪرڻ ۾ اوترو ئي وقت لڳندو جيترو انهن کي نهڻ ۾ لڳو؟ نه بلڪل نه. ڇاڪاڻ ته انساني تاريخ هزارين سالن ۾ جيڪي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن ان کان وڌيڪ ڪاميابيون ۽ ڪارناما فقط گذريل سو سالن جي تاريخ ۾ سرانجام ڏنا ويا آهن. ڇاڪاڻ ته هن وقت دنيا جديد ٽيڪنالوجي ۽ عالمي شعور رکندڙ عالمي انسان جي دنيا آهي. مثال طور اڄ کان ٻه ٽي سو سال اڳ جيڪڏهن ڪو ماڻهو گڏهه تي چڙهي ٻه سو ڪلوميٽرن جو پنڌ ڏهن کان پندرنهن ڏينهن ۾ ڪندو هو ته اڄ جي جديد ٽيڪنالوجي (جهاز وغيره) ذريعي ان سفر کي اڌ ڪلاڪ جي سفر ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ساڳئي ريت هن وقت، سماجن کي بدلائڻ جي سست رفتار تاريخي عمل بدران تيز رفتاري سان سماج کي بلندترين

منزل تي پهچائي سگهجي ٿو. اهو عمل خود هڪ سائنس بڻجي چڪو آهي جنهن کي انقلابي سائنس سڏجي ٿو. مطلب ته سُستي جهڙين سماجي بيمارين کي آساني سان ختم ڪري سگهجي ٿو. ضرورت ان ڳالھ جي آهي ته ان ردعمل کي درست رُخ ۾ استعمال ڪيو وڃي ته اُهو ساڳيو سُست ماڻهو چُست ٿي ويندو.



## ڄاڻ جي ذريعن کي مڏو ۽ محدود بنائڻ جون اٽڪلون

انساني فڪر ۽ سوچ جي تاريخ ۾ ابتدا کان وٺي هن مهل تائين مختلف مفڪرن ۽ ڏاهن جي وچ ۾ تڪرار پئي رهيو آهي ته ”انساني ڄاڻ جو ذريعو ڇا آهي؟“ ان سوال جي جواب ۾ هڪڙن مفڪرن جو خيال رهيو آهي ته ڄاڻ جو ذريعو صرف انساني حواس ئي آهن جن کي تجربيت پسند (Experimentalists) سڏيو وڃي ٿو. جڏهن ته ٻين مفڪرن جي دعویٰ رهي آهي ته ڄاڻ انساني عقل ذريعي حاصل ٿئي ٿي. ان قسم جي فلسفين کي عقليت پسند (Rationalists) چيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ اهي ٻئي فڪري ڌارائون حواسن ۽ عقل جي حقيقت کي قبول ڪن ٿيون ۽ انهن جي اهميت کي مڃين ٿيون. پر ”ڄاڻ جو بنيادي ذريعو ڪهڙو آهي؟“ ان سوال تي ٻئي هڪٻئي جي ابتڙ آهن. جڏهن ته مارڪسي فلسفو چوي ٿو ته اصل ۾ ڄاڻ حقيقت جي عقلي ۽ حواسي عڪسن جي اتحادن جو نالو آهي. ڄاڻ جو ذريعو حواسي تجربو آهي، ڪنهن بہ انسان ۾ پيدائشي طور ڄاڻ موجود ناهي هوندي اها نسل در نسل منتقل ٿيندي رهي ٿي. اهو هڪ جدلياتي عمل آهي. جڏهن ته فقط حواسن ذريعي درست ڄاڻ نٿي ملي. مثال طور: انساني اک (ڏسڻ جو حواس) کي چنڊ تمام ننڍو گول چمڪندڙ ۽ ڪڏهن ڪڏهن نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ شيءَ نظر ايندو، روڊ تي پري کان پاڻي نظر ايندو آهي، انڌي ماڻهو کي رات ڏينهن جي خبر نہ پئجي سگهندي. پر ان جو مطلب اهو ناهي ته چنڊ اهڙو ئي آهي جهڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، روڊ تي پاڻي آهي ۽ رات ڏينهن جو ڪوبہ وجود ناهي. ٻوڙي انسان کي آواز ٻڌڻ ۾ نہ ايندو آهي پر ان جو هرگز اهو مطلب ناهي ته آواز جو ڪوبہ وجود نہ آهي. بهرحال، تجربن جي نتيجي ۾ قائم ٿيل خيالن جي بنياد تي عقل ذريعي تجربي کان تمام مٿانهين (تجريدي Abstract) اُڏام ڪري سگهجي ٿي. ڄاڻ خود هڪ تاريخي ۽ سماجي عمل آهي. مثال طور: جڏهن اسين چئون ٿا ته ”گلاب جو گل ڳاڙهو آهي“ تڏهن اسين فقط اُن سامهون واري گلاب جي گل کي ڏسي اهو جملو نہ چوندا

آهيون. ڇاڪاڻ ته گل مان مراد فقط گلاب جو گل ناهي، ٻيا به ڪيترائي گل ٿين ٿا (موتيو، چنبلي). مطلب ته گل جو تصور هڪ گل جو نه پر سمورن گلن جو عام تصور (General Concept) آهي. نه رڳو ايترو پر خود گلاب جو تصور به صرف ان گلاب مان نٿو ورتو وڃي، جنهن کي اسين اُن وقت ڏسون ٿا پيا، پر گلاب جو تصور (لفظ) به سمورن گلابن جي عام خاصيت جو نالو آهي، ڪنهن هڪ گلاب جي گل جو نه. ايتري قدر جو ڳاڙهو رنگ به عام ۽ خاص ۽ وري خاص ۽ عام خاصيت جي گڏپ جو نالو هجي ٿو. ٻولي به انساني جي ڊگهي تاريخي عمل جي پيداوار آهي. تنهنڪري، صرف تجربي جي بنياد تي اسين گلاب جي گل جي سڃاڻپ نٿا ڪري سگهون. جهڙي طرح ڪرسي، ميز، وڻ ۽ انسان وغيره جا تصور اسان کي پنهنجن حواسن ذريعي ڪٿي به نظر نه ايندا. ان لاءِ تجربي جي بنياد تي قائم ٿيل عقل (تاريخي ۽ سماجي عقل) ۽ خود ٻولي وغيره به لازم هجن ٿا. اسين فقط تجربي جي بنياد تي گوتم ٻڌ، سقراط، محمد بن قاسم، مارڪس ۽ قائد اعظم کي نٿا ڏسي سگهون.

مٿين سمورن مثالن مان ظاهر ٿيو ته فقط تجربي ۽ فقط عقل ذريعي درست ڄاڻ حاصل نٿي ٿئي. ڄاڻ لاءِ ٻئي ذريعا ڪتب اچن ٿا. پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته سنڌ جهڙي معاشري ۾ ڪروڙين انسان 24 ڪلاڪ، صبح شآم لڳا پيا آهن، سمورو وقت تجربا ڪندي نظر اچن ٿا ته پوءِ ڪين درست ڄاڻ ڇو نٿي حاصل ٿئي؟ ڪين غلط ۽ صحيح جي پرک ڇو نٿي ملي؟ اُهي حق ۽ سچ کي ڇو نٿا سڃاڻي سگهن؟ جيتوڻيڪ، اڄ جي جديد دور ۾ انساني تجربن ۽ عقل جي بنياد تي ٺاهيل مشينن انساني حواسن ۽ عقل جي دائرن کي تمام وسيع ڪري ڇڏيو آهي. پر ان باوجود ماڻهن کي درست ڄاڻ ڇو نٿي حاصل ٿئي؟ ڇاڪاڻ ته ظالم حڪمران طبقن حواسن، عقل ۽ مشين جي هجڻ باوجود انسانن جي حواسن کي بي حواس ۽ عقل کي بي عقل بڻائي ڇڏيو آهي. نتيجي طور خود ٻولي جو استعمال پڻ غيرسائنسي انداز ۾ ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته انسان جي ڄاڻ جي ذريعي کي ئي مُڏو، محدود ۽ هڪ طرفو بنايو



ويو آهي، انساني عقل کي تالا لڳايا ويا آهن ۽ انساني حواسن کي بي حواس بنايو ويو آهي ته جيئن انسان پنهنجن حواسن ۽ عقل کان ڪم ئي نه وٺي سگهي.

## عقل کي بي عقل بنائڻ

يونان جي دور ۾ هڪڙن فلسفين کي sophist سڏيو ويندو هو. جيڪي ماڻهن جي ذهني تربيت ڪرڻ لاءِ پيسا ڏوکڙ وٺندا هئا، پوءِ پلي ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻو هجي ان لاءِ دليل ڏيندا هئا. بهرحال، جتي انهيءَ طريقي ڪار يونان فلسفي کي نقصان پهچايو اُتي انهن جي سوال ڪرڻ جي روايت يونان کي تمام گهڻو فائدو ڏنو. اڳ ۾ جيڪا ڳالهه ديوتائن يا ٻين حوالن سان چئي ويندي هئي ته ماڻهو صرف هائوڪار ڪندا هئا ۽ سوال نه ڪندا هئا ۽ نه ئي اعتراض ڪندا هئا. جيتوڻيڪ، فڪري تاريخ ڪوڙن دليلن، ۽ سوچن سان ڀري پئي آهي. جنهن سان عام ماڻهو کي گمراهه ڪيو وڃي ٿو ۽ هو انهن ئي بي بنياد دليلن جي آڌار تي زندگيءَ جي ذلالت کي قبول ڪري ٿو. ظالم حڪمران پنهنجا ناجائز مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا جنگ ڪرڻ کان پهريائين نفسياتي جنگ ڪندا آهن. جنهن جا هٿيار ڪوڙ، دوکو، ڌمڪيون، ڌهڪاءُ، افواهون ۽ ڪوڙا نظريا ۽ وظيفا ۽ پرچار وغيره هجن ٿا. انهن هٿيارن جو شڪار ٿيڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ کي پنهنجن حواسن ۽ عقل تي به شڪ ٿي پوي ٿو. ماڻهو پاڻ کان سوال ڪري ٿو ”نه اها ڳالهه ائين نه هوندي جيئن آءُ سوچيان ٿو.“ ”هزارين ماڻهو ان خيال کي قبول ڪن ٿا اهي سڀ غلط ڪيئن ٿا ٿي سگهن!“ ”مٿان آءُ ئي غلط هجان!“ پر ائين ڇو ٿو ٿئي؟ مارڪسزم موجب هر طبقاتي معاشري جو بقاءُ ئي ان جي تضادن جي قائم رهڻ تي آهي. جڏهن اُهي دشمناڻا تضاد ختم ٿي ويندا ته پوءِ ان جو ٻيو مطلب بذات خود طبقن جو خاتمو هوندو. اهڙن انسان دشمن تضادن کي لڪائڻ، انهن کي ويس وڳا پارائي خوبصورت بڻائڻ، انهن کي زندگي جو لازم حصو ڪري پيش ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو وڃي ٿو. اهڙي طرح عقل کي بي عقل بنائڻ يا عقل کي ڪم ۾ نه آڻڻ لاءِ قابض حڪمران

ٿولا نفسياتي جنگ سان گڏ ٻيا طريقا بہ استعمال ڪن ٿا. جن مان هڪڙو آهي معاشي طور تي عوام جي اڪثريت کي لولو لنگڙو بنائي ڇڏڻ تہ جيئن ماڻهو زندگي جو گهڻو وقت رڳو پنهنجي ذات کي بچائڻ جي جنگ ۾ مصروف هجن. انهن کي ايترو وقت ۽ وسيلا ئي نہ ملن جو هو اقتصادي سرگرمي کان علاوه زندگي جي ٻين معاملن ۽ رخن (سياست، تاريخ، ادب ۽ فن وغيره) بابت غور ويچار يا عمل ڪري سگهن ۽ ڪو ماڻهو زندگي جي ڪيترين ئي ضرورتن، خواهشن ۽ خوابن جي قرباني ڏيڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪجھ رقم بچت ڪري وجهي تہ بہ اقتصادي مقابلي ۾ سيڙپ ڪري وڏيڪ دولت ڪمائڻ ۾ لڳايو وڃي ٿو. يا اشتهارن ذريعي هٿرادو پيدا ڪيل ضروتن تي خرچ ڪرايو وڃي ٿو ۽ پوءِ وقت نہ ملڻ سبب ائين آهستي آهستي قابض حڪمرانن طرفان پيش ڪيل (مڙهيل) نظرين ۽ خيالن جو ايترو تہ پرچار ڪيو وڃي ٿو جو هزارين سالن جا آڳاٽا ڪوڙ هن وقت تائين بہ سچ سمجهيا وڃن ٿا، انهن خيالن جو دائرو رڳو عقيدي پرستي تائين محدود ناهي پر سياسي، سماجي، اخلاقي ۽ اقتصادي قانونن جي عوام دشمن وصف ۽ تشريح تائين ڦهليل هجي ٿو. انهيءَ حوالي سان مارڪس چيو تہ ”مادي (مالي) طور حڪمران طبقن جا خيال بہ سماج جا غالب (حاڪم) خيال هوندا آهن.“ يعني عام ماڻهو بالادست طبقن (جاگيردار ۽ سرمائيدار) جي سياست، ثقافت، اخلاق ۽ مذهب وغيره کي ئي درست ۽ بهتر سمجهي قبول ڪري ٿو. اهڙي طرح بالادست طبقن طرفان جسماني پورهئي سان نفرت ڪرڻ سبب هيٺين طبقي جا ڪجھ پورهيت پڻ ڪجھ ڪمن ۾ عار محسوس ڪن ٿا. چاڪاڻ تہ حڪمران طبقا انهن ڪمن کي ناپسند ڪندا آهن. عام ماڻهو زندگيءِ جي گهڻن معاملن جي ڪنهن حد تائين صحيح ۽ هڪ طرفي ڄاڻ حاصل ڪري وٺي ٿو پر سياست جي پيٽ ۾ اقتصادي قانونن کان تہ بلڪل اڻ واقف رکيو وڃي ٿو. انهن قانونن کي حتمي ۽ اٽل سمجهي ٿو. موقعي پرست سياستدان جي چالبازين بابت عام ماڻهو هڪ حد تائين سمجھ حاصل ڪري وٺندو آهي پر وڏي اڪثريت اڄ تائين ان ڳالھ کان



ناواقف رکي وئي آهي تہ اقتصادي طرح سندس ڦرلٽ ڪئين ٿئي ٿي؟ اها ڦرلٽ ڪير ٿو ڪري ۽ ڪئين ٿو ڪري؟ اسان اڪثر پورهيتن جي واتان ٻڌندا آهيون تہ ”آدا آءُ جيترو ڪم ڪريان ٿو، اوترو اُجورو ملي!“ ”آءُ حق حلال جو ڪمايان ٿو!“ ”سيٺ جيڪڏهن مون کي وڌيڪ (پورو) اجورو ڏيندو تہ پاڻ ڪٿان ڪائيندو!“ (واھ! پنهنجي ڳٽي نہ پر سيٺ لاءِ پريشان!). هڪڙي سوناري پڇيم تہ ”موجوده حڪومت جي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو رايو آهي؟“ تہ چيائين ”حڪومت ظلم پئي ڪري.“ ۽ جڏهن پڇيومانس تہ ”سون مهانگو ڇو هوندو آهي؟“ مٿي کي ڪنهندي جواب ڏنائين تہ ”اهو تہ قدرتي طور تي مهانگو آهي.“ يعني سون ڪڍڻ پٺِيان جيڪا سخت محنت، پورهيو ۽ وقت سيڙپ ٿيل آهي ان کي تہ ڳڻپ ۾ ئي نٿو آڻي. (مارڪس پنهنجي ڪتاب ”داس ڪيپٽل“ ۾ جيڪب جو حوالو ڏنو آهي. جنهن ۾ جيڪب شڪ ڪندي چوي ٿو تہ ”سون جي مڪمل قيمت شايد ئي ڪڏهن ادا ڪئي وئي هجي؟!“ انهيءَ ڪتاب ۾ مارڪس چوي ٿو تہ ”جيڪڏهن ٿوري پورهئي سان ڪاربان کي هيري ۾ بدلائجي تہ پوءِ هيري جي اهميت مٽيءَ جي سرن کان بہ گهٽجي ويندي.“) بهرحال، اهو سونارو جيڪو سونارڪي ڌنڌي سان ڪيترن سالن کان لاڳاپيل آهي، ان کي سون جي بنيادي ڳالھ جي بہ خبر ناهي.

وري چوندا ”ادا اڳ ۾ آني ۾ پڳڙن جو ڍير ملندو هو“ ”ادا مون ويھ رپين ۾ ڍڳي ورتي هئي هاڻي ويھ هزارن ۾ بہ نٿي ملي“ ”ادا اڳ ۾ پنجاھ روپيا پگهار هو تہ بہ زندگي خوشحال گذرندي هئي“ ”شُڪر هو ۽ هاڻي ڏھ هزار آمدني آهي تہ بہ پوري نٿي ٿئي.“ ”ماڻهن پنهنجا خرچ وڌائي ڇڏيا آهن ۽ ناشُڪرا ٿي پيا آهن“ مطلب تہ سڄو ڏوھ روپيي جي ڪاغذ کي ڏيندا، ڄڻ تہ روپئي واري نوٽ ۾ ڪا خرابي هجي! (حڪمرانن ۽ سرمائيدار کي ڏوهاري ڪونہ سمجهندا) تنهنڪري، پاڻ کي گهرجي تہ اقتصادي قانون جيڪي صدين کان راز بڻيل آهن، انهن رازن تان پردو هٽائيندڙ مارڪس جهڙن عالمن جون ڳالهيون عام ماڻهن تائين پهچايون.

معاشي هٽڪندڙ ڪانپوءِ روحاني زنجيرن سان ماڻهو جي عقل کي قيدي بڻائي ڪيس ڪجهه به ڪرڻ کان روڪيو وڃي ٿو. مثال طور: جيڪڏهن ڪو ماڻهو سياسي طور ڪنهن ظلم خلاف آواز اٿارڻ جي ڪوشش ڪندو ته وري ٻيا ماڻهو اخلاقي واعظ ڏيئي ان کي روڪيندا. "ادا ويڙهه نه ڪرڻ گهرجي" "ڪاوڙ حرام آهي" "هر ڪو پنهنجي قبر پاڻ ڇڏائيندو" "محبت وڌائڻ ڪپي" وغيره جهڙا اخلاقي وظيفا ذهن نشين ڪرائي ان کي مزاحمت ڪرڻ کان روڪيندا. جيتوڻيڪ، هن کي انهن ڳالهين جي خبر ناهي هوندي ته اهي درست آهن يا غلط. چاڪاڻ ته اخلاقي وظيفا ايترا پيرا ورجايا ويا آهن جو هاڻي عام ماڻهو انهن وظيفن بابت سمجهي ٿو ته اُهي غلط ٿي ئي نٿا سگهن! يعني ٻن گهڙين لاءِ شڪ ڪرڻ جي همت به گوارا نٿا ڪن. اهڙي طرح، اها ته آهي عام ماڻهو جي حالت. پر حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته ڪيترائي ماڻهو اُٺ ڪتابن جا پڙهن ٿا پر عورت جي آزادي جي معاملي تي ساڳيو ئي رجعتي، بدبودار ۽ ذاتي ملڪيت وارو "اخلاقي" قدر سندس اندر ۾ موجود رهي ٿو. عام ماڻهن جي سامهون ظاهري طرح عورتن جي آزادي جي حمايت پڻ ڪندا آهن. پر پنهنجين عورتن کي برقعن ۾ ونيو پيا هلندا. جيتوڻيڪ سماجي رڪاوٽون پڻ آهن پر انهن کي ٽوڙڻ بعد جي ڳالهه آهي، پهريائين، ذهني طرح پاڻ اهڙي قسم جي آزادي وارن کي قبول ڪرڻ آهي. سماجي معاملن ۾ بهادري بعد جو ڪم آهي پر ذهني طرح بهادر ۽ آزاد انسان ته ٿئي! اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن عام ماڻهو کي چئجي ته ٻه واڌو ٻه برابر آهي پنجن جي (2+2=5) ته اُهو ماڻهو اوهان سان اعتراض ڪندو، چاڪاڻ ته هُو روزمره جي زندگي ۾ اهو حساب عمل ۾ ايندي ڏسي ٿو، پر جيڪڏهن ڪانئس سوال ڪجي ته "ڌرتي ڇا تي بيٺل آهي؟" ته جواب ملندو "ڍڳي جي سڱ تي!" وري جيڪڏهن پڇيس ته "ڏسي آيو آهين يا ڪنهن سائنسدان ٻڌايو اٿئي؟" چوندو "نه" ته پوءِ اهو ماڻهو ايڏي وڏي دعويٰ ڪيئن ٿو قبول ڪري؟" جنهن تي وراڻي ڏيندو ته "فلاڻي همراهه ٻڌايو ته فلاڻي ڪتاب ۾ لکيل آهي." حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته جيڪو ماڻهو "ٻه واڌو ٻه برابر پنج"



کي قبولڻ لاءِ تيار ناهي اهوئي ماڻهو ٻن گهڙين لاءِ وڏي ڳالهه (ڌرتي ڍڳي جي سڱ تي بيٺل آهي) تي سوچڻ ۽ شڪ ڪرڻ لاءِ به تيار نٿو ٿئي. مطلب ته اسانکي گهرجي ته جسماني بهادري ضرور ڪريون پر ان کان پهريائين ۽ وڏي بهادري ذهني مڙسي ٿئي ٿي. اچو ته ذهني طور بهادر ٿيون، هر خيال، نظريي ۽ عقيدي تي سوال ڪريون، شڪ ڪريون ۽ پوءِ جاچ ڪري قبول ڪريون. سائنسي رويو اختيار ڪريون. جهڙي طرح انساني عقل کي مُنڊو ڪرڻ لاءِ ڪوڙا دليل ڏنا وڃن ٿا تئين وري انسان جي حواسن کي بيڪار بنائڻ لاءِ حواسن کي ٻي حواس بڻايو وڃي ٿو.

## حواسن کي ٻي حواس بنائڻ

انسان باحواس سماجي جانور آهي ۽ پنج ئي حواس انسان کي مسلسل رپورٽ ڏيندا رهن ٿا. جيئن ته انسان فطرت جو جاندار حصو آهي. فطرت جو اصول آهي ته هر عمل جو ردعمل ٿئي ٿو. اهڙي طرح انسان به سردي گرمي کان سياسي، سماجي مثبت توڙي منفي خيالن تائين هر منفي ۽ مثبت شي کان متاثر ٿئي ٿو ۽ ان تي ردعمل پڻ ڪري ٿو. ظلم سان ڪاوڙ ۽ مظلوم سان محبت ڪري ٿو، پر انهن حواسن کي ٻي حواس بنائڻ لاءِ انسان کي روحاني آفيم ڏنو وڃي ٿو ته جيئن هو هن گندي ۽ بدبودار سماجي نظام ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتي خلاف آواز ئي نه اٿاري ۽ ظلم جو ڪاروهنوار جاري رهي. جهڙي طرح ميڊيڪل سائنس ۾ هڪ ڊڪاٽر مريض کي نشي واري دوا ڏيئي ان کي بهوش ڪندو آهي ۽ پوءِ پلي ڊاڪٽر کهڙي به وڍ ڪٽ ڪري پر مريض کي خبر ئي نه پوندي. اهڙي طرح سنڌ جهڙن معاشرن ۾ هڪ انسان هجڻ ناتي انساني حواس اسان کي هر وقت معاشري جي مختلف واقعن، لقائن ۽ شين متعلق رپورٽ ڏڏين ٿا پر جيڪڏهن ڪنهن عام ماڻهوءَ کي چئجي ته "ادا زندگي ڪيئن پئي گذري؟" ته اڪثر جواب ملندو "زبردست" "شُڪر آهي" جيتوڻيڪ، ڪڏهن ڪڏهن اهو انسان اندر ۾ ڪاوڙ به محسوس ڪندو هوندو پر چوندو ڪونه. سوال ٿو پيدا ٿئي ته ته سنڌ جهڙي معاشري ۾ جتي انسان هڪ ظلم جي گهاٽي ۾

پيپڙهجندو هجي، جتي روڊ، رستن تي گندگي جا ڍير لڳا پيا هجن، انهن ڍيرن سبب بدبود ۽ آلودگي کي سگهندو هجي، وبائي بيمارين ۾ ٻين انسانن کي مرندي ڏسندو هجي، بک ۾ پاهه ٿيندڙ معصوم ٻارن، گهٽين ۾ ٿيندڙ پوڙهن ۽ پوڙهين جو دانهون، حڪمرانن جون ناٽڪي ۽ ڪوڙيون تقريرون، "نہ رهندين تون نہ رهندس مان، وڙهون ٻئي چا لاءِ" جهڙا گيت ٻڌي، ٽي وي ۽ ريڊيو تي ظلم جو شڪار ٿيندڙ عورتن ۽ مردن جون دانهون ٻڌندو هجي، روز غيرت جي نالي تي قتل عام ٿيندي ڏسندو هجي، نوجوانن کي خودڪشيون ڪندي ڏسندو ۽ ٻڌندو هجي، بلوچستان، سنڌ ۽ عراق جي گهٽين ۾ ڪريل لاش ڏسندو هجي، دهشتگردن ۽ قاتلن کي آزاد ۽ خوش ٿيندي ڏسندو هجي ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ناانصافيون ۽ ڏاڍايون ڏسندو، ٻڌندو ۽ محسوس ڪندو هجي تہ پوءِ ڪيئن ممڪن آهي تہ "انسان خوش هوندو" جيڪڏهن خوش آهي تہ پوءِ ان جون مکيہ ٻہ صورتون آهي. هڪ، يا تہ نشي ۾ ڌت آهي، ۽ سندس حواس ايترا تہ بيحواس ڪيا ويا آهن جو ان کي معاشري جي گندگي ۽ بدبو ۾ لطف اچي ٿو تڏهن چوي ٿو تہ "زندگي زبردست" پئي گذري. ماڻهو کي تڪليف ٿئي ۽ انهن ناانصافين سان نفرت ٿئي تہ ويڙهہ ٻہ ڪري، نفرت ئي نہ ٿيندي تہ ويڙهہ ڪيئن ڪندو. خوش رهڻ جي ٻي مکيہ صورت اها آهي تہ ان گندي سماجي نظام کي ڊاهي هڪ خوبصورت جهان ٺاهڻ جي جدوجهد ۾ مصروف هجي، نوان انسان دوست جذبا، خيال ۽ خواب ڏسندو هجي.

مارڪس چوي ٿو تہ انسان جي ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ، ڏسڻ ۽ ڇهڻ جي حواسن جو واڌارو ۽ انهن ۾ جيڪو حُسن ۽ خوبصورتي کي سڃاڻڻ جو پيمانو ٿئي ٿو، اُهو تاريخ جو نتيجو آهي. خوبصورت تصورن، حسين نظارن ۽ دلفريب موسيقي سميت جمالياتي تصور هڪ ڊگهي تاريخي عمل جي پيداوار آهن. پسند ۽ ناپسند، محبت ۽ نفرت، ڏک ۽ خوشي، خوبصورتي ۽ بدصورتي تصور پڻ هڪ انسان طئي نٿو ڪري پر سمورو سماج انهن جي صورت تشڪيل ڏئي ٿو. (جيتوڻيڪ، اُهي احساس، جذبا، تصور، خواب ۽ خواهشون ماڻهو کي پنهنجا ذاتي



احساس، جذبا، تصور، خواب ۽ خواهشون لڳندا آهن.) پر معاشي سرگرمي سان گڏوگڏ انسان کي هزارين غيرضروري، غيرپيداواري ۽ غيرانساني ڪمن ۾ ڦاسايو ويو آهي. ٻيو انسانن جي اڪثريت کي پنهنجن احساسياتي ۽ جمالياتي تصورن جي تربيت ڪرڻ جو وقت ئي نٿو ڏنو وڃي، نتيجي طور انسان تاريخي حوالي سان غيرضروري، غيرپيداواري ۽ غيرانساني ڪمن ۽ سرگرمين سان لاڳاپيل منفي احساس ۽ جمالياتي تصورن مان تسڪين حاصل ڪري ٿو. مثال طور جيڪي ڪم هڪ انسان لاءِ ڪنهن بہ لحاظ کان ضروري ناهن، انهن ۾ عقيدن جا نظام، انسان دشمن اخلاقي قدر، رجعتي قانون، عوام دشمن سياست، ادب ۽ فن سميت هٿيار، فوجون، پوليس ٿاڻا ۽ رياست وغيره شامل آهن. جن ڪمن جو تاريخ جي ابتدائي ڏاڪن ۾ تہ ضرورت هئي پر هن وقت انهن ڪمن جو انساني زندگي سان ڪوبہ واسطو ناهي رهيو. پر ماڻهو سڄو ڏينهن لڳو پيو آهي. مثال طور سنڌ جهڙن معاشرن ۾ "شهپر" مڙسي جي نشاني سمجهيا وڃن ٿا، اهڙي "مڙسي" بابت سوچيندي سال گذريو وڃن، ٻيا همراه وري "ڏاڙهي" بابت تصورن ۾ ڦاٿل آهن، عورتن کي برقعن ۾ قيد ڪرڻ کي عزت سمجهيو وڃي ٿو. انسان شهپرن، ڏاڙهين، برقعن ۽ ٻين ڪمن مان واندو ٿئي تہ ٻي ڪنهن ڳالهہ ۽ عمل تي سوچي. جيتوڻيڪ، تاريخي طور مٿين ڪمن مان گهڻا ڪم ائين ئي ٽيٽا هئا. اجان بہ ڪيترن ئي علائقن ۾ انهن مان گهڻا ڪم ضروري ۽ انقلابي پڻ آهن. مثال طور اسان جهڙن معاشرن ۾ وطن دوست انقلابي جمهوري سياست وغيره. جڏهن تہ ڪامريڊ مائوزيتنگ لکيو آهي تہ "اسين اُهي ماڻهو آهيون جيڪي سڄو ڏينهن سياست پيا ڪريون تہ جيئن اڳتي هلي سياست جي ضرورت ئي نہ پوي." پر ان جي ابتڙ رجعت پرست ڌريون ساڳين غيرضروري ۽ غيرپيداواري شعبن ۽ ڪمن کي برقرار رکڻ ۾ مصروف آهن. پاڻ کي گهرجي تہ پنهنجن حواسن ۽ عقل ذريعي حقيقي ڄاڻ حاصل ڪري جمالياتي حُسن جي تربيت ڪريون تہ جيئن اسين روز جي معمول ۾ ٿيندڙ واقعن کي ڏسي، ٻڌي ۽ محسوس ڪري

سگھون ۽ انھن جي تربيت ڪندي حقيقي حُسن، خوبصورتي جي تلاش ڪريون ۽ بدصورت ۽ گندي سماجي نظام ڪي مٿائي ڇڏيون.

## غلاماڻا احساس، جذبا ۽ رويا

غلامي ۽ جاگيرداري تسلط ھيٺ ھلندڙ سماجي نظام ۾ احساس، جذبا ۽ رويا پڻ غلاماڻا ۽ جاگيرداراڻا ٿيندا آھن. ھڪ غلام معاشري جي سماجي زندگي جي مختلف پاسن بابت عام ماڻھن جون ڳالھيون ڪجھ ھن ريت ھونديون آھن. گھڻي قدر حتمي ۽ قطعي معنائون ڪيون وينديون آھن. مطلب تہ اڪثر ڪري ڳالھائڻ دوران نہ ڪو وقت، نہ ئي حالتن کي آڏو رکيو ويندو آھي. عام ماڻھو چوندا آھن تہ ”ادا نفرت نہ ڪرڻ گھرجي“ ڪاوڙ حرام آھي“ ”ڪنھن کي بہ ايذائڻ نہ گھرجي“ ”برداشت بھتر عمل آھي“ ”سُک انسان کي خراب ڪن ٿا“ ”محبتون ڪرڻ گھرجن“ وغيره. صدين کان محڪوم ۽ محروم رھڻ ۽ جاگيرداري نظام سبب عوام جي اڪثريت قناعت، توڪل، برداشت، درگذر، حساب ڪتاب نہ ڪرڻ، رڳو ٺلھي ليکي ڳالھيون ڪرڻ ۽ اٿھوند جي ساراھ ڪرڻ کي اھميت ڏيندي رھي آھي. ڪاوڙ، نفرت، حساب ڪتاب ۽ ايتريقدر جو خوشي ۽ سُک بہ ناپسند قرار ڏنا ويندا رھيا آھن. اھڙي طرح انساني جذبن کي حتمي طور تي ساراھيو يا ننديو ويندو آھي. مثال طور: اسان جھڙن معاشرن ۾ ڪاوڙ کي ھر حالت ۾ منفي سمجھيو ويندو آھي ۽ جيڪو ماڻھو ڪاوڙ نہ ڪندو، ماٺ ڪيو ويٺو ھوندو ان کي ”شريف“ سمجھيو ويندو آھي. ”شريف“ ماڻھو مان مراد جيڪو ”نہ ڏئي ۽ نہ ئي ڏڪائي“ مطلب تہ جيڪو ڀلو ڏڳو ھجي اھو ٿيو ”شريف!“ ڀلي بدمعاش ماڻھو ڪيس ذليل ڪن پر جوابي ڪارروائي نہ ڪري. چوي تہ ”آءُ شريف ماڻھو انھن بدمعاشن کي ڇا ڪريان اھي تہ آھن ئي لوفر، انھن سان ڦڏو ڪري پنھنجي عزت خراب ڪونہ ڪبي“ ساڳئي وقت ائين بہ چيو ويندو آھي تہ ”ادا فلاڻو ماڻھو چڙي ٿو“ (يعني ماڻھو جي اکين ۾ آڱريون ٽنبجن پر ڪيس گھرجي تہ چڙي بہ نہ! ڪير ڪيس برو ڀلو چوي تڏھن بہ چڙي نہ! ٺٺول ۽ طنز ذريعي ڪيس ذليل ڪيو وڃي پر چڙي نہ!) ”ڪاوڙ انسان کان



غلط ڪم ڪرائيندي آھي“ (ڄڻ تہ معاشري ۾ ٿيندڙ سمورن غلط ڪمن پٺيان ڪاوڙ جو ھٿ ھجي!) ”ڪاوڙ ٻچڙي بلا آھي“ ”ڪاوڙ پي ڇڏجي“ ”نہ رھندين تون، نہ رھندس مان، وڙھون ٻئي ڇا لاءِ“ (اھي ٻول جيڪڏھن عراق ۾ عراقين کي ٻڌائجن تہ نہ اوھين رھندو نہ ئي آمريڪي حملي آور! تنھنڪري، وڙھڻ جي ڪھڙي ضرورت!) مطلب تہ اڪثر ڪري ڪاوڙ ۽ نفرت کي مڪمل طور تي غلط يا منفي جذبو سڏيو ويندو آھي ائين آھستي آھستي ننڍپڻ کان وٺي جواني تائين ان قسم جون اخلاقي ھدايتون ٻڌي ٻڌي ماڻھو مان غلط خيالن ۽ ظلم خلاف ڪاوڙ ۽ نفرت ڄڻ تہ موڪلائي وڃي ٿي ۽ پوءِ ماڻھو چوويھ ڪلاڪ پنھنجو ”نفس مارڻ“ جي پريشاني ۾ ھوندو آھي. جيڪو عمل سڌي ۽ اٽسڌي طرح ناجائز حڪمرانن جي فائدي ۾ وڃي ٿو. نہ وقت، نہ ئي حالت، نہ سبب ۽ نہ ئي نتيجي کي ڏٺو ويندو ۽ حتمي طور ڪاوڙ کي غلط سمجھيو ويندو جيڪو جدلياتي ۽ سائنسي حوالي سان بلڪل غلط رويو آھي. غلام سماج ۾ ظلم ٿيڻ اٽٽر آھي ۽ رد عمل ۾ ڪاوڙ اچڻ پڻ اٽٽر آھي. تنھنڪري، ”ڪاوڙ پي ڇڏڻ يا نہ ڪرڻ“ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ڪاوڙ پنھنجو اظھار ضرور ڪندي، جنھن جون ڪيتريون ئي صورتون ٿين ٿيون. مثال طور: ڏاڙھي نہ لاھڻ، نہ وھنجڻ، ماني نہ کائڻ، گفتگو ۾ شائستگي نہ ھجڻ سميت سگريٽ ۽ نشو واپرائڻ جھڙن عملن ذريعي ڪاوڙ کي ٿڌو ڪرڻ يا دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي جيڪو عارضي حل آھي پر ڏکھي نظر ۾ انسان دشمن ڪوشش آھي. تنھنڪري بھتر اھو آھي تہ ان ڪاوڙ کي درست ۽ جائز انداز سان وقت سر استعمال ڪيو وڃي نہ ڪي ان کي دٻائجي. پنھنجي جھالت ۽ سستي تي ڪاوڙ ڪرڻ گھرجي، غلام سماج کي ڊاھڻ لاءِ ڪاوڙ کي ھٿيار بڻائجي، تقريرن، احتجاجن، نعرن ۽ ڪڇھرين ذريعي ڪاوڙ کي ڪم آڻجي، ڇاڪاڻ تہ ڪائنات ۾ ڪابہ شي ختم نٿي ٿئي پر پنھنجي صورت بدلائي ٿي اھڙي طرح ڪاوڙ پڻ ختم نٿي ٿئي پر پنھنجي صورت بدلائي ٿي. ان ڪري اسان کي گھرجي تہ ان ڪاوڙ کي درست جاءِ، درست وقت، درست ماڻھو ۽ درست رخ ۾

ڪتب آڻيون، نه ته پوءِ نتيجو ڇا نڪرندو اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي. ڇاڪاڻ ته هر عمل جو ردعمل ٿيندو آهي ۽ ردعمل درست رستو نه ملڻ تي غلط رستو اختيار ڪندو. ان حوالي سان برنارڊ شا چيو ته ”بيزاري ڪنهن به فرد يا قوم جي ترقي لاءِ پهريون عنصر آهي“ اسان جهڙن معاشرن ۾ جتي نفرت ۽ ڪاوڙ کي منفي جذبو سمجهيو وڃي ٿو، اُتي ئي ڪاوڙ جي ابتڙ محبت ۽ پيار کي تمام گهڻو ساراهيو وڃي ٿو. مثال طور: چيو ويندو آهي ته ”محبت ڪانسواءِ زندگي اڌوري آهي“ (زندگي سڄي هجي ته اڌوري به ٿئي) ”محبت انڌي ٿيندي آهي“ (جيڪڏهن ڪو انسان پنهنجي وطن، قوم ۽ عوام سان محبت ڪري ۽ انهن جي تقدير بدلائڻ لاءِ ڪنهن نظريي ۽ فڪر سان محبت ڪري ٿو ته اُها انڌي محبت ڪيئن ٿي!) ”محبت جون حدون ناهن هونديون“ ۽ ”محبت لافاني آهي“ ”دوست توڙي دشمن ٻنهي سان محبت ڪرڻ گهرجي“ ”محبت زمان ۽ مڪان ڪان مٿانهين هوندي آهي“ وغيره. اڄڪلهه انهيءَ ”محبت“ جا پاٺ گرورجنيش طرفان لکيل ڪتابن ۾ ملن ٿا. جن کي تمام گهڻو پڙهيو وڃي ٿو هن صاحب جو خيال آهي ته ڪائنات ۾ هيڪڙائي ۽ هم آهنگي آهي، ڪوبه ڦڏو، جهيڙو ۽ ٽڪراءُ وغيره ناهي. تنهنڪري اچو ته محبتون وڏايون، محبت ذريعي دنيا کي بهتر بنايون!“ بهرحال، مٿيان ۽ گرورجنيش جا خيال ڪي نوان ناهن. گوتم ٻڌ ۽ مهاوير کان ويندي گانڌي تائين اهڙا خيال هلندا پيا اچن. (جيتوڻيڪ، تاريخي طور انهن مان گهڻن جا خيال ان دور جا انقلابي خيال هئا ۽ وقت گذرڻ سان گڏ مدي خارج ٿي ويا. ڪجھ پاسا اڄاتائين به بهتر آهن، تنهن هوندي به هن وقت انهن خيالن جي گهڻائي خيالي پلاءُ ۽ غيرسائنسي آهي. ڇاڪاڻ ته جدليات ثابت ڪري ٿي ته ڪائنات توڙي سماج ۾ ”اتحاد“ (محبت) به آهي ته ”تضاد“ به آهن. جيڪي عالمگير ۽ حتمي آهن. ڪائنات ۽ سماج جي واڌاري جو سبب تضادن جي ڇڪتاڻ آهي. جڏهن ته هم آهنگي، توازن، ماٺ ۽ هڪجهڙائي عارضي ۽ نسبتي آهن. مطلب ته انساني جذبن جي حرڪت هڪ جدلياتي عمل آهي. هروپرو حتمي طرح طئي ٿيل ناهي ته هر حالت ۾



هر وقت نفرت توڙي محبت سنا يا خراب آهن. باهه سان ماڻهو ڪهڙي محبت ڪندو؟ ٻڪري شينهن سان ڪهڙي محبت ڪندي؟ گهوڙو گاهه سان ڪهڙي محبت ڪندو؟ ساڳئي طرح، ظالم حڪمران ٽولو پورهيتن سان ڪهڙي محبت ڪندو؟ خود پورهيت ظالم سرمائيدار سان ڪهڙي محبت ڪندو؟ عراقي ماڻهو آمريڪي فوجين يا آمريڪي حڪمران ٽولي سان ڪهڙي محبت ڪندو؟ هاري وڏيري سان ڪهڙي محبت ڪندو؟ اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي. غلام سماج اندر عورت ۽ مرد جي محبت جي نوعيت به غلاماڻي ٿيندي. جتي عورت ڪوٺن ۾ قيد هجي ۽ مرد ”آزاد“ هجي اهڙي صورتحال ۾ هڪ طرف بالادست ۽ حاڪم مرد ۽ هيسايل ۽ دٻايل عورت ۾ ڪهڙي محبت ٿيندي؟ اهو سمجهڻ پڻ ڏکيو ناهي. بهرحال، مٿين سمورن سوالن ۽ خيالن جو هرگز مطلب اهو ناهي ته غلام سماج اندر محبت نٿي ڪري سگهجي. انهن ماڻهن کي هڪٻئي سان محبت ڪرڻ گهرجي جن جي محبت جا بنياد انسان دوستي تي بيٺل هجن، هر مظلوم ماڻهو کي محبت ڪرڻ گهرجي، سٺن انسان، اعليٰ آدرشن، عظيم مقصدن ۽ خيالن سان محبت ٿيڻ گهرجي، ڏاهپ ۽ سمجھ سان محبت ٿيڻ گهرجي. جيئن ته زندگي ۽ ان جي واڌاري سان پيار ڪريون ٿا تيئن ان جي سمورن مثبت پاسن سان پيار ڪريون. جڏهن اسين فطرت ۾ زندگي ۽ خاص طور تي، سماج کي بدتر حالت ۾ ڏسون ٿا ۽ زندگي سان پيار ڪريون ٿا تنهنڪري هر ان شي سان نفرت ڪريون ٿا جيڪا سٺي زندگي جي واڌ ويجھ آڏو رڪاوٽ بڻجي ٿي. انهن رڪاوٽن ۽ رنڊڪن کي هٽائڻ لاءِ جدوجهد دوران مصيبتون برداشت ڪريون ٿا ڇاڪاڻ ته اڳيان فتح جي جهلڪ نظر اچي ٿي. ان فتح مان مراد آهي ”مدي خارج، روايتي، ڪل جوڳي ۽ ذلالت تي ٻڌل سماج جي جاءِ تي هڪ نئون ۽ بهتر جهان اڏڻ جي نظريي ۽ جدوجهد سان محبت ڪرڻ جتي انسان آزاد هجن.“

عام طور تي انسان جي منفي جذبن جي مذمت ڪرڻ بدران الٽو جذبن ۽ احساسن کي ئي ڏوهي قرار ڏنو ويندو آهي. جڏهن ته جذبا نه ڪي سنا ٿيندا آهن نه ڪي بُرا. اهو ته وقت ۽ حالتون طئي ڪنديون آهن ته

هي جذبو (محبت توڙي نفرت، ڏک توڙي خوشي) منفي آهن يا مثبت. مثال طور: خوش رهڻ بهتر عمل آهي پر جيڪڏهن ڪنهن دوست جو عزيز فوت ٿي وڃي ۽ اوهين ان جي تڏي تي وڃي وڏا ٺهڪ ڏيو ته ڇا هو خوشي جو اظهار درست هوندو؟ بلڪل نه. ساڳئي ريت، ڪنهن خوشي جي محفل ۾ ماڻهو ويهي پٽڪو شروع ڪري ته ان کي غلط سمجهيو ويندو. مطلب ته جذبا بذات خود سنا يا خراب نٿا ٿين.

صدين کان غلامي هيٺ رهندڙ قوم جي فردن جا رويا پڻ منفي قسم جا ٿين ٿا. مثال طور: هر شي ۽ ڳالھ کي مشڪوڪ انداز سان ڏسڻ، ذميوارين کان ڪترائڻ، پوئتي رهڻ، اڳواٽي نه ڪرڻ، پيش قدمي نه ڪرڻ وغيره. سدائين نڳين ۽ دوکن جو شڪار رهڻ سبب اهڙي قوم جي فرد سان، جيڪڏهن ڪو ڀيو ماڻهو چڱائي به ڪرڻ چاهيندو تڏهن به هُو اندر ئي اندر ۾ اهوئي سوچيندو ته متان اها به نڳي نه هجي. گهڻي محنت ۽ جدوجهد جي نتيجي ۾ ته عزت ملندي آهي پر جيڪڏهن ڪنهن مشڪل ڪانسواءِ ڪيس عزت ملي ته به شڪ ٿي پوندس. ”هي همراه ايتري جو عزت ڏئي ٿو ضرور ڪو ڪم (مفاد) هوندس!!“ چوندا آهن ته ”نانگ جو ڏنگيل نوڙي کان به ڊڄي“ تنهنڪري، اهڙن معاشرن جي فردن کي سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته ضرور اُهي عجيب سوال ۽ اعتراض ڪندا. جيڪڏهن عوام سوال ڪري ۽ شڪ ڪري ته ان تي لعنت ملامت نه ڪرڻ گهرجي بلڪ مسلسل تفصيلي تعليم ڏيڻ گهرجي. صدين کان پنتي پيل ۽ غلام رهڻ سبب اهڙن معاشرن جي فردن فڪري جرئت به ڪمزور ٿي پوندي آهي. ڪوشش ڪجي ته هُو پنهنجي اندر جي شڪن کي ٻاهر ڪڍن ۽ انهن جو ڀرپور اظهار ڪن ته جيئن ان جي تعليم ڪري سگهجي.

گهڻي عرصي کان اندرين توڙي ٻاهرين (وڏيرڪي ۽ سرمائيدار) غلامي ۾ رهندي رهندي غلام قومن جي فردن جي گهڻائي رڳو حڪمن جي منتظر رهڻ واري نفيسات جي عادي ٿي پوندي آهي. انهيءَ لاءِ پنهنجي سر پيش قدمي ڪرڻ ڏکيو ڪم هوندو آهي. اڳواٽي ڪرڻ کان ڪيٻائيندي ۽ ذميواري کڻڻ کان ننائيندي ۽ سدائين پوئتي



رهڻ کي ئي بهتر سمجهندي آهي. جڏهن ان جي ابتڙ، هڪ انقلابي تڏهن ويڙھ ڪري سگهندو جڏهن هُو هجومن جي به رهنمائي ۽ اڳواٽي ڪري سگهي ۽ وقت اچڻ تي اڪيلي سر به بيهي ۽ اڳتي وڌي جدوجهد ڪري سگهي. پنهنجي سرگرمي کي ذميواري ۽ فرض ضرور سمجهي پر خود ان سرگرمي مان خوشي به محسوس ڪري. مارڪس کان پڇيو ويو ته ”اوهان جي خوشي جو سبب ڪهڙو آهي“ مارڪس جواب ڏنو ته ”جدوجهد“

اڪثر ڪري چيو ويندو آهي ته ”ادا فلاڻو مڙندو هوئن ڪونه، تنهنڪري ڪاوڙ ڪرڻ يا وات وڄائڻ مان ڪهڙو فائدو!“ ”فلاڻو جذباتي آهي“ اهڙا جملا چئي جڻ ته فرض ڪري ڇڏبو ته اهڙا انسان ڪڏهن به نه بدلجندا. ان قسم جو رويو غيرجدلياتي ۽ غير سائنسي آهي. ڪائنات ۾ هر شي تبديل ٿيندي رهي ٿي. اهڙي طرح انسانن جا رويا به بدلبا رهن ٿا. ڊڄڻو بهادر، بهادر ڊڄڻو، دشمن دوست ۽ دوست دشمن (وقت ۽ حالت کي آڏو رکندي) ٿي سگهن ٿا. شيون هڪٻئي جي ابتڙن بدلجي وڃن ٿيون. جيڪي ڪاڏا، ڪپڙا، ڪتاب، فلمون ۽ موسيقي اڄ اسان جي پسند آهن سي وري سياڻي ان جي ابتڙ به ٿي سگهن ٿا. مسخرو غم زده ٿي سگهي ٿو، حاڪم محڪوم ۽ محڪوم حاڪم ٿي سگهي ٿو. پر جدليات ۽ سائنس جا سمورا قانون رٽي ياد ڪرڻ باوجود ڪيترن ماڻهن جو گهر، ڳوٺ ۽ ذات وارن ڏانهن وريو ساڳيو رهندو آهي. هُو پنهنجي گهر، ڳوٺ ۽ برادري وارن کي جڻ ته جدليات جي قانونن کان بالاتر سمجهندو آهي. مثال طور: ”منهنجا مائٽ اهي ڳالهيون سمجهندا ئي ڪونه!“ مطلب ته ڪائنات جي مسلسل تبديلي جو قانون سموري ڪائنات تي لاڳو ٿي سگهي ٿو پر هن جي گهرڀاتين تي لاڳو نٿو ٿئي! ڪجھ ماڻهو وري هيئن به چوندا آهن ”ادا اسانجي قوم بدلجي نه سگهندي. اهي روسي ۽ چيني هئا جيڪي بدلجي ويا!“ بهرحال، اهڙا انسان پنهنجي لاعلمي کي قبول ڪرڻ بدران موضوعي اندازا ۽ مفروضا ناهي پنهنجو پاڻ مطمعن ڪندا آهن. حقيقت ۾، ڪائنات، سماج ۽ انساني سمجھ مسلسل تبديلي جي عمل مان گذرندي رهي ٿي

۽ هر شي (وقت ۽ حالتن آهر) بدلائي سگھجي ٿي. مثال طور: پاڻي کي اُبارڻ لاءِ 100 سينٽي گريڊ گرمي پد ۽ ٻيون حالتون گھربل هونديون آهن. جيڪڏهن اهي ميسر هجن ته پوءِ ڀلي آمريڪا هجي، يا آسٽريليا ۽ پاڪستان، افغانستان هجي يا انڊيا، يا اسانجو پنهنجو گھر هجي، ان سان ڪوبه فرق نٿو پوي. پاڻي هر هنڌ ٻاڦ بنجي ويندو. اهڙي طرح سماجي سائنس جي علم کي لاڳو ڪندي ڪهڙي به سماج کي بدلائي سگھجي ٿو.

ڪامريڊ لينن چيو ته ”دنيا جي ثقافت جو وڏو حصو ظالم طبقاتي سماجي جي پيداوار آهي. تنهنڪري اُهو رجعت پرست آهي.“ پاڻ کي گھرجي ته دنيا جهان جي سمورين قومن جي ثقافت جي ترقي پسند پاسن کي اپنائيون ۽ ان عالمگير تهذيب جي ڏنل روايتن کي پنهنجي پسند بنايون ۽ علائقائي ۽ قومي حدن تائين پاڻ کي محدود نه رکون. طبقاتي سماج طرفان مڙهيل بي عقل ۽ بي حواسي، پسند ۽ ناپسند، محبت ۽ نفرت کي رد ڪريون ۽ عوام دوست پسند ۽ ناپسند، محبت ۽ نفرت، عقل ۽ حواسن کي اپنائيون پوءِ ڀلي چو نه ٿورا مشڪل هجن.

## زندگي جي جدليات: تبديلي

روسي اديب Anatoly چوي ٿو ته ڪو اهڙو عمل جيڪو اڳ ۾ ٿي چڪو هجي، اُهو ٻيهر ورجائڻ ۽ ٻڌڻ سان، (ڀلي اها ڪهاڻي ڦيريون ڦيرو ڪيتري ئي دلچسپ چو نه هجي) اهو اوترو نه وڻندو. حقيقي خواهشن ۽ تصوري خواهشن ۾ فرق ڪرڻ گھرجي، ڇاڪاڻ ته تصوري خواهشون ڪڏهن به انسان کي مطمعئن نٿيون ڪري سگھن. جماليات جي ماهرن جو خيال آهي ته زندگي لهرون لهرون ٿي اڳتي وڌي ٿي ۽ حقيقي خوبصورتي پنهنجي لهرن ۾ ڪٺي وڃي ٿي. اها ڳالهه درست آهي پر جيئن جيئن زندگي اڳتي وڌي ٿي تيئن تيئن اسان جون خواهشون به پنهنجي جوهر ۾ تبديل ٿينديون رهن ٿيون. هڪڙا خوبصورت لقاءَ غائب ٿيڻ سان پڇتاءُ به ٿيندو آهي ۽ هڪ حسين لقاءَ جي ضم ٿيڻ مان اطمينان به ملندو آهي ته ان جو ڪم پورو ٿيو اوترو



جمالياتي احساس ڏنائين جيترو ان ۾ ان وقت موجود هو. هر نئين ڏينهن جي نين گھرجن کي نئين خوبصورتي مطمعن ڪري سگھي ٿي. جيڪڏهن خوبصورتي جامد ۽ لافاني هجي جيئن ڪجھ جماليات پسند چاهين ٿا، ته اها خوبصورتي بيزار ڪندڙ هوندي. هڪ جاندار انسان بي حرڪت زندگي جو خواهشمند نٿو ٿي سگھي. ڪي ماڻهو ساڪن ۽ غيرفاني تفريح ماڻڻ لاءِ خيالي جنتون پڻ اڏين ٿا. اهڙيون بي حرڪت خوبصورتيون، مفروضن جي پيداوار آهن ته جيئن انسان جي حواسن کي موڳو ڪري ڪيس زندگي جي حقيقتن کان پري ڪري ڇڏجي. چيرنسيوسڪي چوي ٿو ته زندگي متحرڪ نبض وانگر هوندي آهي، اها تڏهن حسين لڳندي جڏهن مسلسل بدلجندي رهندي. متحرڪ فطرت ئي زندگي جي لائق آهي. جيڪي ماڻهو زندگي جو جوهر ماٺ ۽ خاموشي کي سمجهن ٿا ته پوءِ ڪين گھرجي ته قبر پيڙا ٿين جتي ڪين اهڙي ماٺ ۽ خاموشي ملي ويندي.

هڪ ڪاهوڙي جنهن جي سرگرمي جو دائرو ساڳيو، ماڻهو ساڳيا، موضوع به ساڳيا هوندا ته اُهو ماڻهو زندگي جي حسن کي بهتر نموني نه پسي سگھندو. جيتوڻيڪ، ساڳي سرگرمي منجهان تفريح ماڻي سگھجي ٿي پر ماڻهو، موضوع يا جاءِ مختلف هجن. مطلب ته زندگي نالو آهي تبديلي جو.

# مضبوط ۽ سائنسي سوچ وارا ماڻهو به ڌهي سگهن ٿا

اڄڪلهه تمام زور شور سان هزارين سال پراڻن خيالن، عقيدن ۽ وهمن جي وري وري تشريح ڪئي پئي وڃي، صدين پراڻين ممين/ڍانچن کي سرخي پائوڊر هڻي انهن بيجان مردن ۾ وري روح ڦوڪڻ جي فضول ڪوشش ڪئي پئي وڃي، پر وڏي اهم ڳالهه اها آهي ته انهن خيالن کي سائنسي طرح سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽي جو زور پڻ لڳايو پيو وڃي. جن ڌرين جي تاريخ ئي سائنس دشمن رهي هجي، ۽ عقل دشمن رهي هجي، جن ڪالهه تائين سائنس جي ڳالهه ڪندڙن کي ڪافر ڪوني فتوائون ۽ سزائون ڏنيون هجن اهي پاڻ سائنس جا دليل ڏئي رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته سائنس جون دريافتون سچيون ۽ انهن رجعتي ڌرين جا مفروضا ڪوڙا ثابت ٿيا، ۽ هاڻي سائنس ڪين ايترو مجبور ڪري ڇڏيو آهي جو هو به پنهنجن پراڻن ڏنن، حوالن، ديومالائي قصن ڪهاڻين ۽ خيالن جي ثابتي ۽ بچاءَ لاءِ سائنسي ايجادن ۽ دريافتن جو سهارو وٺن ٿا (جيتوڻيڪ انهن ڌرين جا بنيادي نقطا يا نتيجا ساڳيا ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن) نه ته ٻي صورت ۾ سندن صدين پراڻا افسانوي محل ڌهي پٽ ٿيڻ جو خطرو آهي، ۽ سچائي ثابت ٿيڻ ڪانپوءِ آفيم ۾ ورتل ڪروڙين انسان جڏهن اکيون کوليندا ته رجعت پرست ڌرين جو ڪاروبار ٺپ ٿي ويندو.

بهرحال، سائنس جي سچائي جو هڪڙو عام ثبوت هي آهي ته جن ماڻهن ڪالهه چيو ته ٽي وي هڪ لعنت آهي اهي همراهه پاڻ اڄڪلهه ٽي وي تي روزانو تقريرون ڪندي نظر اچن ٿا، انهن ۾ هڪڙو همراهه طوطي وانگر رٽيل ڪجهه پراڻن "علمي نسخن" جا فر فر حوالا ڏيندي



نظر ايندو آهي (ڪيترائي سطحي ماڻهو ان کان متاثر پڻ ٿين ٿا). جيتوڻيڪ، ان قسم جون تقريرون ڪندڙن کي اڳيئي به وڏا فائدا حاصل آهن، هڪ ته انهن وٽ تمام گهڻا وسيلا آهن ۽ ماڻهن ۾ جهالت وافر مقدار ۾ ميسر آهي ۽ ٻيو ته هزارين سالن کان ٿيندڙ پرچار سبب سندن پاڙون ماڻهن جي ذهنن جي اونهائين تائين ڪتل آهن، ٽئين طرف عام ماڻهو توڙي ٿوري گهڻي اخباري ڄاڻ رکندڙ فردن کي موجوده صورتحال ۾ عالمي سطح تي ڪو به ماضي جهڙو روسي ۽ چيني قسم جو اپار نظر نٿو اچي، عالمي سطح تي وڌن پيا بنيادپرست ۽ سامراج، ۽ وري ميڊيا، اخبارن، ڪتابن ۽ ٻين پرچار جي ذريعن تي پڻ صبح شام ان قسم جا بحث (سرمائيدارن طرفان سندن حمايت ۾) ٿين ٿا، مارڪيٽ ۾ موجود ڪتابن ("تهذيبن جو ٽڪراءُ" "تاريخ جو خاتمو" وغيره) جي گهڻائي جا موضوع به ساڳيا آهن، ۽ عام ماڻهو به انهن ئي ذريعن تي پاڙي ٿو. نتيجي طور سطحي قسم جو علم رکندڙ ماڻهو پڻ انهن لقائن/مظهرن کان متاثر ٿين ٿا. معاملن جي جوهر/اصليت کي نٿا سمجهن. ان لاءِ عام ماڻهو وٽ دليل جي سطح ڪهڙي هجي ٿي ان کي سمجهڻ لاءِ آءٌ هڪڙو مثال ٻڌايان ٿو.

هڪ ڀيرو هڪ دوست مون کي چيو ته تون سدائين منهنجون ڳالهيون نه مڃيندو آهين ته پوءِ اڄ ڀلا هڪڙي سوال جو جواب ڏي، مون وراڻيس ڀلي پڇ، هن پڇيو ته مون هڪڙي "عالم" کان پڇيو ته منهنجو وڏو ڀاءُ سدائين ڏکن ۽ مصيبتن ۾ رهندو پيو اچي ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ جنهن تي "عالم سڳوري" مونکي جواب ڏنو ته تنهنجي ڀاءُ گهڻو وقت اڳ پنهنجي پيءُ سان جهيڙو ڪيو هو جنهنڪري هو سدائين مشڪلاتن ۾ رهي ٿو. حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته هو منهنجي وڏي ڀاءُ کي سڃاڻي به ڪونه. ته پوءِ هن کي اها خبر ڪئين پئي ته منهجو ڀاءُ پنهنجي پيءُ سان وڙهيو هو. جيڪا حقيقت آهي". مون پنهنجي مائٽ کي جواب ڏنو ته ان عالم سڳوري ته صرف تنهنجي ڀاءُ متعلق پيشنگوئي ڪئي آهي جڏهن ته ڪيترائي فلسفي ۽ سائنسدان اهڙا ٿي گذريا آهن جن نه رڳو پنهنجي علائقي يا دور جي

متعلق اڳڪٿيون ڪيون پر ڌرتي، آسمان، سج، ڪهڪشان ۽ هن ڪائنات جي هزارن رازن متعلق بہ پيشنگوئيون ڪيون جيڪي سچ ثابت ٿيون، اڄڪلهہ تہ اهو بہ ٻڌائي سگهجي ٿو تہ اڄ ڪان ويهہ سال پوءِ چنڊ يا سج گرهڻ ڪڏهن، ڪٿي، ڪهڙي وقت ظاهر ٿيندو ۽ ڪيترو وقت برقرار رهندو (گليلو ڌرتي جي گول هجڻ جي دعوي ڪئي، ڪوپرنيڪس چيو تہ سج ڌرتي جي نہ پر ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي، مارڪس چيو تہ جڏهن جڏهن پيداواري رشتن ۽ پيداواري قوتن ۾ ٽڪر ٿيندو تہ نتيجي ۾ انقلاب ايندو، لينن روس ۾ انقلاب آڻڻ جي دعوىٰ ڪئي جيڪي پنهنجي پنهنجي دور جون وڏيون ۽ تاريخي پيشن گوئيون هيون، جن تاريخ جو رخ موڙي ڇڏيو.) تہ پوءِ تون انهن کي "پهتل" يا "سڀگورو" ڇو نٿو سڏين؟ رهي ڳالهہ ان عالم طرفان ڪيل پيشنگوئي جي، اهو تہ عام لقاءَ آهي جنهن لاءِ سخت محنت گهربل آهي نہ ڪي ان ماڻهو جو "پهتل" هجڻ ضروري آ! مثال طور ڪوڙ سارا ڊاڪٽر مريض کي پري ڪان ڏسي ۽ ڪجهہ پڇڻ ڪانسواءِ بيماري متعلق ٻڌائيندا آهن پر اسان ڪڏهن انهن کي تہ "پهتل" ناهي چيو. ڇو!؟ ائين ئي سياست جا ماهر مستقبل جي سماج متعلق اڳڪٿيون ڪندا آهن، پر انهن کي تہ اسان ڪڏهن "پهتل" ناهيون چوندا! اهڙي طرح نفسيات جا ماهر ماڻهو جي چرپر، گفتگو ۽ سندس خواب جو ٻڌي معلوم ڪري وٺندا آهن تہ اهو سڀ ڪجهہ ڇو ٿو ٿئي. پر اسان ڪڏهن انهن کي "پهتل" ناهي سڏيو، تہ پوءِ تو واري "سڀگوري" صرف تنهنجي ياءَ متعلق پيشنگوئي ڪئي تہ اهو ٿي ويو پهتل!

اها تہ آهي عام ماڻهو جي حالت، جيڪو پنهنجي جهالت سبب جاگيرداري ۽ سرمائيداري جي نظرياتي پرچار (وهم وسوسا، عقيدا، ديومالائي قصا ڪهاڻيون، ٽوٽا ٽوٽڪا، جادو وغيره) جو جلد شڪار ٿي وڃي ٿو پر پڙهيل لکيل ماڻهو پڻ اندر ئي اندر ۾ پنهنجن پراڻن خيالن کي ڇهٽيا پيا هوندا آهن

ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي "سائنسي" هجڻ جون دعوائون ڪن ٿا پر اندر ئي اندر ۾ ساڳيا غيريقيني وارا خيال بہ رکن ٿا. (سائنسي



ڪورس پورو نہ ڪرڻ جي صورت ۾) اهڙا فرد ڪجهہ هن قسم جا مفروضا اندر ئي اندر سانديي رکن ٿا. مثال طور "هي سمورو جهان ايترو منظم ۽ باترتيب ڪئين ٿو ٿي سگهي ان جو مطلب آهي تہ ڪا نہ ڪا شي آهي جيڪا هن گاڏي کي هلائي ٿي" يا "متان ڪا شي هجي!!" اهڙي سوچ واري فرد لاءِ ڪنهن سياڻي لکيو تہ "جهالت نہ پر جهالت جي اڌڇاڻائي علم جو موت آهي" ڪنهن ٻئي هئين بہ چيو آهي تہ "هڪڙي ڀار کي تہ معاف ڪري سگهجي ٿو جيڪو اونداهي ڪان ڊڄي ٿو پر حقيقي زندگي جو الميو تہ اهو آهي جڏهن ماڻهو روشني (ڄاڻ/علم) ڪان ڊڄندو هجي." اهڙا فرد ظاهري طور تي ترقي پسند، سائنسي ۽ مدلل نظر ايندا آهن پر سندن اندر کوکلا هوندا آهن، ان جو وڏو سبب اڻپوري ڄاڻ، غيرسرگرمي ۽ (تنظيمي) لاڳاپي جو نہ هجڻ هوندو آهي. نتيجي طور اهڙا فرد سوال ئي نہ اٿاريندا ۽ پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا. ڪنهن سياڻي چيو آهي تہ "پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيڻ سڀ ڪان آسان ڪم آهي" ڇاڪاڻ تہ اتي ماڻهو فريادي بہ پاڻ، جوابدار، وڪيل ۽ جج بہ پاڻ هوندو آهي. هونئن بہ غيرسرگرمي ۽ تازي ڄاڻ جو عدم تسلسل مضبوط ۽ سائنسي سوچ واري ماڻهو کي بہ لوڏي سگهي ٿو.

عام طور تي جڏهن ڪا بہ شي خراب ٿيندي آهي تہ اسين ان شي سان لاڳاپيل ماهر سان رابطو ڪندا آهيون جهڙوڪ، ٽي وي، پکو، ڪار، موبائيل، گهر جي مرمت سميت ٻيا سمورا ڪم جيڪي اسين نہ ڄاڻيندا آهيون تہ اسين ميڪنڪ، رازي، ٽيڪنيشن وغيره سان رابطو ڪندا آهيون پر جڏهن مسئلو اسانجي ذات (خاص طور ذهني مونجهارا ۽ مسئلا) هوندو آهي تڏهن اسين ڪنهن سان بہ انهن مسئلن جو ذڪر نہ ڪندا آهيون پر پنهنجو پاڻ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، جهڙي طرح ٻيا معاملا جن ۾ اسين ماهر نہ هوندا آهيون تہ ماهرن سان رابطو ڪندا آهيون تہ پوءِ اسان پنهنجي مختصر زندگي جي تجربي ۽ علم جي بنياد تي پنهنجا ذهني مسئلا يا مونجهارا ڪيئن حل ڪري سگهنداسين؟ ان لاءِ ضروري آهي تہ ڪنهن سمجهدار/نفسياتدان/ ڏاهي

(تنظيمي شعور) سان رابطو ڪجي، نه ڪي اندر ئي اندر ۾ ڪچٽي ناهي غلط نتيجا ڪڍي پنهنجو پاڻ ڪي دوکو ڏئي پاڻ ڪي تباه ڪجي. اهڙي صورتحال خاص طور عقيدن جي معاملي ۾ نظر ايندي آهي جتي شڪ ڪرڻ جي گنجائش ئي نه هوندي آهي ۽ نتيجي طور ماڻهو اندر ئي اندر ۾ سدائين غيريقيني صورتحال ۾ رهندو آهي. اوهين ڪيترائي دليل ڏيو ۽ سمورا دليل مڃڻ باوجود اهو ماڻهو اندر ئي اندر ۾ پراڻن وهمن ڪي چنبڙيو پيو هوندو. چاڪاڻ ته سندن ڄاڻ اڻپوري ۽ ان ۾ به عدم تسلسل، مٿان وري غيرسرگرمي ۽ ڪنهن تنظيمي رشتي/لاڳاپي جي کوٽ هجي ٿي. تنهنڪري ان قسم جي رجعتي رجحانن جي موجودگي ۾ هن وقت انتهائي ضروري آهي ته مارڪسي فلسفي جي بنيادي قانونن جو ورائي ورائي جائزو ورتو وڃي ۽ صبح شام انهن تي بحث ڪيو وڃي. مختلف فورمن تي انهن ڳالهين جو ذڪر ڪجي، انهن موضوعن تي جيڪي ڪجھ لکجي پيو (جيڪو پڻ گهٽو ڪري سرمائيدارن طرفان لکرايو پيو وڃي) پنهنجن فورمن اندر سوال ڪريون. اسانجو دشمن وڏي ڊام ڊوم ۽ نڪ جي پڪائي سان صديون پراڻيون خبرون، ڏتا ۽ هوائي ڳالهيون ڪري پيو (بيوقوفياڻيون خبرون پيو ڪري پر ان باوجود ان جو تمام وڏو اثر آهي ۽ اسين سچو ڏينهن ان انتظار ۾ آهيون ته ڪيڏي مهل ٿو مڪمل سچ ظاهر ٿئي ته پوءِ ڪجھ ڪريون......" بهرحال جيڪي ماڻهو حق سچ تي آهن، انهن ڪي سائنسي بنيادن تي قائم ٿيل نظرين جي پرچار ڪرڻ گهرجي ۽ انهن ڪي جديد حالتن سان هم آهنگ ڪري، نه ڪي دشمن جي پرچار جو شڪار ٿئي. اچو ته جائزو وٺون ته ان قسم جي سوالن جي پيدا ٿيڻ جا سبب ڪهڙا آهن؟

## (1) اڻپوري ڄاڻ ۽ ان ۾ عدم تسلسل

گهڻا ماڻهو ائين سمجهندا آهن جيئن ته اڄ کان 20/10 سال اڳ مون فلاڻا فلاڻا بنيادي ڪتاب پڙهيا هئا تنهنڪري انهن جي ته ڳالهه ئي نه ڪريو ۽ جيئن ته مون اڳ ۾ ئي پڙهي ڇڏيا آهن تنهنڪري انهن ڪي وري پڙهڻ جي ضرورت ناهي" يا "هاڻي صرف تجربا ڪرڻ گهرجن"



اهڙن ماڻهن سان اوهين جڏهن به ملندا اهي اڪثر ڪري شڪايتون ڪندا يا غيرحقيقي تجويزن جا انبار لڳائي ڇڏيندا. بيڪن چيو ته "فلسفي جو سرسري طور مطالعو شڪن ڪي اپاري ٿو پر ان جو مڪمل اپياس/کوجنا انهن ڪي ڊوڙائي ڇڏي ٿو" جيتوڻيڪ شڪ حتمي طور ختم ته نٿو ٿي سگهي پر ڪجھ بنيادي اصولن ڪي مڪمل ڪندو هلي ٿو ۽ وقت سان گڏوگڏ نون رازن جي کوجنا جاري رهي ٿي. جيئن ته انساني تربيت جا مکيه ٽي مرحلا ٿين ٿا، پهريون، تجربو ۽ مطالعو، ٻيون، ادراڪ/عام تصور ۽ ٽيون، فنڪارانه عمل. مثال طور ڪجھ ماڻهو مطالعو ۽ تجربا ڪن ٿا، پر سندن پيٽ علائقائي سطح جي ٿئي ٿي ۽ ان تي پاڙي مطمعئن ٿي وڏيڪ کوجنا جاري نٿا رکن، جنهن ڪري ان ۾ واڌارو نٿو ٿئي. ٻيو مرحلو ادراڪ جو هجي ٿو مثال طور ڪنهن ماڻهو طرفان ڪو هڪڙو ڪتاب پڙهڻ سان ان ۾ موجود گهڻيون ڳالهيون ڪيس سمجھ ۾ نه ايندئون آهن ۽ ائين ٻيو، ٽيون يا چوٿون ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ انهن سمورن ڪتابن جي بنياد تي انساني ذهن ۾ عام تصور جڙن ٿا جن جي مدد سان انسان ٻين هزارين خيالن ڪي به سمجهڻ شروع ڪري ٿو. اهو ٿيو سائنسي سمجھ ۽ ادراڪ حاصل ڪرڻ جو مرحلو. بهرحال، معاملو اتي ختم نٿو ٿئي سڀ کان اهم مرحلو ان علم ڪي عمل ۾ آڻڻ جو هجي ٿو (اهم ڳالهه ته خوبصورتي سان عمل ۾ آڻڻ هجي ٿو) جيتوڻيڪ انهن ٽنهي مرحلن جو هڪٻئي سان گهرو تعلق آهي ۽ ڪنهن به هڪ مرحلي جي اڻپوري هجڻ سبب اڪثر ڪري ماڻهو سدائين شڪ، غير يقيني، بڌتر ۽ متاثر ٿيندو رهڻ واري ڪيفيت ۾ رهي ٿو. ڪي ماڻهو پرائمري جو ڪورس پورو ڪن ٿا ته ڪي وري ميٽرڪ ۽ ڪجھ ماڻهو يونيورسٽي سطح تائين تعليم پرائين ٿا. جهڙي طرح هڪ ڊاڪٽر، وڪيل، انجنيئر وغيره ٿيڻ لاءِ مخصوص عرصي جو ڪورس پورو ڪرڻ لازمي هوندو آهي پر جيڪڏهن ڪو به شاگرد اڌ ڪورس پورو ڪري ته پوءِ ڇا اسين ان ڪي ڊاڪٽر، انجنيئر چونداسين؟ نه بلڪل نه. مطلب ته ڪنهن به شعبي جو ماهر ٿيڻ لاءِ اسانکي انهن مکيه ٽن مرحلن جو ڪورس

لازمي طور پورو ڪرڻ گهرجي نہ تہ بہ صورت ۾ ماڻهو هڪ ڊاڪٽر، انجنئير يا وڪيل نہ ٿي سگهندو. پر وڪيل، ڊاڪٽر يا مينيجر جو واسطو تہ صرف ان جي شعبي ۽ موجوده معاملن کي سمجهڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ سان هوندو آهي پر هڪ انقلابي رڳو هڪ شعبي ۾ نہ پر گهڻن شعبن ۽ وڏي ڳالهہ تہ ماضي جي مصيبتن کي بہ منهن ڏيندو آهي ۽ مستقبل جي معاملن لاءِ پڻ غور ويچار ۽ رٿابندي ڪندو آهي. مثال طور دنيا ۾ اڪثر ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل وغيره (جيڪي صرف پنهنجي شعبي جا ماهر آهن) ظاهري طور نوان لڳن ٿا پر پنهنجي اندر ۾ هزارين سال پراڻن وهمن ۽ وسوسن جو شڪار هوندا آهن نہ رڳو عام ڊاڪٽر يا انجنيئر پر وڏا وڏا سائنسدان پڻ اندروني طور وهمي ۽ آسماني مفروضن جو شڪار هوندا آهن. اهڙي طرح هڪ انقلابي لاءِ تہ لازمي آهي تہ هو هن ڪائنات، سماج ۽ شعور جي عام قانونن کي سمجهڻ لاءِ جدلياتي ماديت جو مڪمل ڪورس ڪرڻ لاءِ پهرين ان جو مطالعو ڪري، پوءِ سمجهي ۽ ان کي عمل ۾ آڻڻ جو فن سکي. پر معاملو اتي ختم نٿو ٿئي، ٿئي مڪيہ مرحلا پورا ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ان ۾ تسلسل (جديد دريافتون ۽ ڄاڻ) ۽ ڳانڍاپو (تنظيم) بہ لازمي آهي نہ تہ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اها ڄاڻ ۽ جوش بہ ٺڏو ٿي ويندو. (مٿين ڳالهين جو مطلب اهو ناهي تہ ماڻهو ڪجهہ ڪتاب بہ نہ پڙهي، ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور پڙهي پر ان سان گڏوگڏ تنظيم ۽ سرگرمي کي بہ جاري رکندي پنهنجي علم ۾ آهستي آهستي واڌارو آڻيندو رهي.)

## (2) غيرسرگرمي

ڪائناتي اصولن موجب هر شي ۽ لقاءُ مسلسل حرڪت ۾ آهي ۽ ڪابہ شي ساڪن ۽ بيٺل ناهي. مطلب تہ مڪمل طور تي غيرسرگرمي نٿي ٿي سگهي، جيڪڏهن ان جو وجود آهي تہ اهو عارضي، نسبتي آهي. هتي غيرسرگرمي مان مراد جامد ۽ متحرڪ ۽ سرگرم ۽ غيرسرگرم بابت فلسفياڻي تشريح نہ آهي پر انساني سماج ۾ هڪ فرد



جي سرگرمي جا مختلف دائرا، رخ ۽ طرف ٿين ٿا جن مان هتي انقلابي سرگرمي جي رخ تي بحث ڪيو ويو آهي.

ننڍن ڳوٺن، ڀراڙين يا شهرن ۾ ڪيترين ئي ڪچهرين ٻڌندا آهيون جنهن ۾ هي جملو **"اڳ ۾ هئين هوندو هو"** ورجايو ويندو آهي. مثال طور "سائين اڳ ۾ ماڻهن ۾ پيار ۽ محبت هوندي هئي" "اڳ ۾ ننڍا وڏن جو ادب ڪندا هئا" "پروسو، سچائي ۽ ايمانداري هوندي هئي" "اڳ ۾ ادا ايتريون بيماريون ئي نہ هيون" "هاڻي ياءِ زمانو بدلجي ويو آهي، ڪير ڪنهن جو ناهي" "نفسا نفسي جو دور آ" حقيقت هي آهي تہ سماجي پيداواري قوتون ۽ رشتا بدلجن پيا ۽ سماج پڄ ڊاهہ جي عمل مان گذري رهيو آهي، جاگيرداري نظام ۽ سرمائيداري ۽ سامراجي نظام هڪ ئي وقت موجود آهن، تنهنڪري عام ماڻهو (سطحي علم هجڻ سبب) ان تبديلي جو ڏوهہ وري "زماني" مٿان هڻندو آهي. بهرحال، مجون ٿا تہ ڪڏهن ڪڏهن موجوده دور جون حالتون ايتريون پيچيده، منجهائيندڙ ۽ ڏکيون، بڌتر، اميد ۽ نااميدي واريون هونديون آهن جو ائين محسوس ٿيندو آهي تہ فلاڻو دور ڪيڏو نہ پلو زمانو هو، جدوجهد هئي، ويڙهہ هئي، اميد ۽ حوصلو هو، سمجهہ ۽ ڏاهپ هئي. پر ائين بہ ٿيندو آهي تہ موجوده دور جي ڀيٽ ڪڏهن ڪڏهن ماضي جي هڪ عرصي دوران معاشري جو مزاج بهتر هوندو آهي. ان جي باوجود، اڳ جو انسان اڄ جي انسان کان وڌيڪ سماجي بيمارين ۾ وڪوڙيل هو ۽ ايتري حد تائين جو هو پاڻ کي مظلوم ئي ڪونہ سمجهندو هو ۽ هاڻي ان ۾ ڪجهہ شعور آيو آهي تہ ضرور ٿوري تڪليف تہ ٿيندي. جيتوڻيڪ مجون ٿا تہ اڄ جو انسان بہ مڪمل آزاد ۽ پورهيت دوست ناهي پر ماضي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بهتر آهي. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن ماضي تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ تنهن زماني ۾ بہ ڪو گل گلزار نہ هو! ڇا سنڌ جا ماڻهو آزاد خيال، انسان دوست ۽ پورهيت دوست هئا جن کان اها پورهيت دوستي يا آزاد خيالي کسجي وئي؟ ڇا عورتن کي انسان سمجهيو ويندو هو؟ ڇا غربت نہ هئي؟ ڇا ذات پات جو وجود ئي نہ هو؟

اهو ته عام ماڻهو پر ٻئي طرف پڙهيل لکيل ۽ ماضي ۾ انقلابي رهندڙ انسان به ساڳئي قسم جون خبرون ڪندي ٻڌندا آهيون. جڏهن اسين انهن پراڻن غيرسرگرم ”انقلابين“ سان ملندا آهيون تڏهن اڪثر هن قسم جا جملا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. مثال طور ”ساڳيون پراڻيون ڳالهيون ٿا ڪريو جيڪي اسان اڄ کان 30/20 سال اڳ ڪندا هئاسين“ ”پراڻين خبرن کي ڇڏيو ڪا نئين ڳالهه ڪريو“ ”فلاڻن فلاڻن عظيم انسانن جي حوالن ڏيڻ جي ضرورت ناهي، سندن ملڪ جا ماڻهو انهن کي ڪونه ٿا پڇن اوهين انهن کي چنبڙيا پيا آهيو“.

حقيقت هي آهي ته انسان هڪ سوچيندڙ سماجي جانور آهي، تنهنڪري اهو جنهن حيثيت ۽ حالت ۾ هجي ٿو، پوءِ ڪٿي اها حالت بهترين هجي يا بدترين، ٻنهي صورتن ۾ اهو فرد پنهنجو پاڻ کي مطمعن ڪرڻ لاءِ دليل، منطق ۽ جواز ڳولي ٿو. مشهور نفسياتدان ايرڪ فرام لکي ٿو ته شايد ئي ڪا اهڙي نفسياتي ڪيفيت هجي جنهن کي انسان برداشت نه ڪري سگهندو هجي ۽ جنهن جي تسلط هيٺ اچي هُو زنده نه رهي سگهي. انسان آزاد به رهي سگهي ٿو ۽ غلام به، عياشي ۾ توڙي غربت ۾، انسان جنگجو به ٿي سگهي ٿو ته امن پسند به، مطلب ته شايد ئي ڪا اهڙي نفسياتي ڪيفيت هجي جنهن ۾ انسان نه رهي سگهي. مثال طور فقير توڙي جسم فروشي ڪندڙ ٻئي انهيءُ گندي ۽ ظالم سماج ۾ نه صرف تذليل ۽ خواري کي برداشت ڪن ٿا پر زنده به رهن ٿا. ان جا ٻيا ڪيترائي ڪارڻ هوندا پر ان قسم جا فرد پنهنجو پاڻ کي دليل ڏئي جواز پيش ڪري مطمعن ڪن ٿا، تڏهن ئي انهن لاءِ ان قسم جي بدترين حالتن ۾ جيئڻ ممڪن ٿئي ٿو.

ڪجهه ڏريون پنهنجن هزارين سال پراڻين ۽ ڪوڙين ڳالهين، ڏڌن ۽ هوائي خبرن جي بنياد تي اڃان تائين لڳيون پيون آهن، جيتوڻيڪ غلط آهن پر انهن کان هڪڙي ڳالهه سکڻ جهڙي آهي اها آهي سندن زبردست پرچار، جنهن جي بنياد تي دنيا جي وڏي آبادي کي 21 صدي تائين بيوقوف رکيو پيا اچن. ان جي ابتڙ، ڪاهوڙي انسان حق سچ تي



هوندا آهن پر همراهن کي ڳالهه پوري سمجهه ۾ به نه اچي نه ادا!!. بهرحال مٿي بيان ڪيل جملن جو جواب ڪجهه هن ريت آهي ته مارڪس ۽ لينن جي روس ۽ جرمني کي ڪٿي گهٽ ضرورت هجي پر پاڻ کي ته آهي، پاڻ جيڪي گندگي جي دٻڻ ۾ ڦاٿا پيا آهيون، يورپ (جيڪو اجا تائين ڪيترن بيمارين ۾ وڪوڙيل آهي تڏهن به) عالمي ۽ تاريخي طور تي تمام گهڻن مرضن کان جان آجي ڪرائي چڪو آهي، ان کي به گهٽ ضرورت هوندي، پر اسان وٽ ته اجا تائين بدبودار جاگيرداري، غلامداري، بادشاهي رواج، عقيدن جا نظام، ذات پات، پردو، قبائليت، جهالت وغيره جهڙيون لعنتون موجود آهن. جنهن لاءِ مارڪس، لينن، ڊارون، نيوٽن، گليلو ۽ ٻين جهڙن ماهر طبيبن جا نسخا ئي ڪم اچي سگهن ٿا.

جيڪي غيرسرگرم فرد چون ٿا ”پراڻين ڳالهين کي ڇڏيو“ انهن کي گذارش آهي ته مهرباني ڪري اهي لکڻيون جيڪي هنن 20 سال اڳ پڙهيون هيون انهن کي وري پڙهي ڏسن ته ڪين خبر پئجي ويندي ته انهن جي اهميت ڪيتري آهي. ڇاڪاڻ ته انهن ويهن سالن دوران ڪيتريون ئي تبديليون اچي چڪيون هونديون آهن ۽ دشمن جي نظرياتي ويڙهه پڻ هلندڙ هجي ٿي، دشمن ماٺ ڪري نٿو ويهي. ڪامريڊ پڻ انهن نظرياتي سرڪڻ ڦاهين جو شڪار ٿين ٿا. ڪامريڊ لينن 1902 ۾ (اڄ کان 108 سال اڳ) هڪڙو مضمون لکيو. هن جن ڳالهين تي بحث ڪيو آهي اُهي ساڳيون خبرون هن وقت به مارڪيٽ ۾ وڏي زور شور سان ٿين ٿيون. مثال طور: ”ادا هر ڪنهن کي پنهنجا خيال ادارن توڙي ٻاهر پيش ڪرڻ جو حق آهي.“ ”جمهوري دور آهي، گهڻا مسئلا ته حل ٿي وڃن ٿا“ وغيره. ڪامريڊ لينن لکيو ته هن وقت دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ سوشلسٽن ۽ جمهوريت پسندن وچ ۾ ”تنقيد جي آزادي“ تي تڪرار هلي ٿو پيو. اهو نعرو حقيقت ۾ سوشل ڊيموڪريسي کي انقلاب جي پارٽي مان بدلائي سماجي اصلاحن جي جمهوري پارٽي بنائڻ لاءِ هنيو ويو آهي. جيڪي (برشٽائن وغيره) چون ٿا ته آخري مقصد (Ultimate Aim) (سوشلزم) کي ڇڏيو جيڪو ۽ جيترو

حاصل ٿيندو وجي اهو حاصل ڪريو. جمهوريت اچي وئي آهي، اڪثريت کي پنهنجن فيصلن ڪرڻ جو حق آهي، تنهنڪري هاٽي طبقاتي جدوجهد هلائڻ جي ضرورت نه آهي.” اهڙن خيالن جو جواب ڏيندي لينن لکيو ته ”تنقيد جي آزادي“ ائين آهي جيئن سرمائيدار ”تجارت جي آزادي“ ۽ ”پورهئي جي آزادي“ جي نعرن ۾ ڦرلٽ ڪندو آهي، تيئن اهو نعرو سوشلزم ۾ سرمائيدار نظريي کي چور دروازي کان آڻڻ جي ڪوشش آهي.“ ٻئي هنڌ لکيائين ته ”ڪابه انقلابي تنظيم وسيع جمهوريت واري اصول کي پلي ڪيترو به پسند ڪندي هجي، ته به، ان (طبقاتي معاشري ۾) نه ڪڏهن اڳ ان تي عمل ڪيو آهي، يا نه ئي ڪڏهن ڪري سگهندي.“ ”خالص مزدورن جي سياست (pure trade unionist struggle) اصل ۾ پورهيتن لاءِ سرمائيدار نظريي جي غلامي جو نالو آهي.“ جيڪڏهن ماڻهو جديد علم سان گڏوگڏ بنيادي علم کي به ورجائي پڙهندو رهي ته ڪيس اهي ۽ اهڙا ڪيترائي انمول خيالن جو خزانو ملي ويندو.

ٻئي طرف ڪجھ غيرسرگرم همراه وري ماضي جا قصا بيان ڪرڻ ۾ لڳا پيا هوندا آهن. مثال طور اڪثر اسين ٻڌندا آهيون ”ادا فلاڻو ماڻهو تمام زبردست هو پر هاڻي الائي ڇو ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري، اڳ ۾ وهمن وسوسن کي نه مڃيندو هو ۽ هاڻي سڄو ڏينهن نوڙت ۾ ٿو گذاري“ ۽ پوءِ اهڙن ماڻهن کي دليل بنائيندي نتيجو اهو ڪڍندا آهن ته ”ادا هيڏو زبردست خيالن ۽ پختن ارادن وارو ماڻهو ڦري ويو سو اسان جي ڪهڙي حيثيت! تون به هليو آهين ساڳيون ڳالهيون ڪرڻ! پلي ڪر پر نتيجو ساڳيو نڪرندو تنهنڪري ته پاڻ گهڻا خفا ئي ڪونه ڪريون جو سياڻي انهن تان هٿ ڪڍڻو پوي“ ٻيا وري چوندا ”ادا اهي ڳالهيون اسين به ڪندا هئاسون پر.........“ حقيقت ۾ جيئن ته (اڻپوري ڄاڻ ۽ ان ۾ عدم تسلسل، غيرسرگرمي ۽ لاڳاپو نه هجڻ سبب) همراه پاڻ ٿڪجي پيا ۽ پوءِ ائين قبول ڪرڻ ته ”اسين ٿڪجي پيا آهيون“ يا ”اسانکي ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي“ چوڻ بدران ائين چون ٿا ته اهي خيال/نظريا ئي غلط هئا. اسين سمجهون ٿا ته جهڙي طرح هڪ ريل



گاڏي جنهن جي روزانو انجڻ تبديل ڪئي ويندي آهي ۽ ان پراڻي انجن جي بنياد تي نيون انجڻون پڻ ناهيون ويندون آهن جيڪو اڻتر عمل هوندو آهي پر ان باوجود انجڻن جو مقصد ۽ مطلب نٿو بدلجي اهڙي طرح سماج جي گاڏي کي اڳتي ڌڪڻ لاءِ هڪڙا ماڻهو ايندا جيڪي نوان، تازا ۽ تيز هوندا جيڪي آهستي آهستي پنهنجو هڪ حد تائين ڪم پورو ڪندا ۽ پنهنجي جاءِ ٻين ماڻهن کي سونپيندا رهندا نه ته ٻي صورت ۾ مقصد تائين نه ٿو پهچي سگهجي پر ان جو مطلب اهو ڪيڏڻ ته اسين به جواني ۾ ائين چوندا هئاسين، بلڪل درست، پر ان جو اهو مطلب ڪٿان نڪتو ته جيڪي اچ ڳالھ ڪن ٿا اهي غلط آهن. جدليات جي اصول موجب ڪا به شي ساڳي نٿي رهي اها مسلسل تبديل ٿيندي رهي ٿي، ۽ نفي جي نفي واري قانون تي عمل ڪندي تمام گهڻو بدلجڻ باوجود ساڳئي پراڻي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن صفتي تبديلي سبب پنهنجي ابتڙ ۾ بدلجي وڃي ٿي. حقيقت هيءُ به آهي ته جڏهن اوهين اهي ڳالهيون ڪندا هئا تڏهن اوهين به درست هئا ۽ اهو ان وقت جو سچ هيو ۽ توهين غلط نه هئا پر اوهان پنهنجو پاڻ ۾ وقت سر تبديليون نه آنديون، ۽ وقت کي قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، بدليل حالتن موجب اوهان جي ڄاڻ اڻپوري هئي جنهنڪري اوهين اتي ئي رهجي ويا، غيرسرگرمي ۽ لاڳاپي نه هجڻ ڪري اوهان زنگجي ويا جڏهن ته ان جي ابتڙ ٻيا ماڻهو جيڪي ان قافلي سان هلندا پيا اچن انهن نه رڳو پنهنجن خيالن ۾ نوان واڌارا ڪيا پر مسلسل لاڳاپي ۾ به رهيا.

مٿين خبرن جي جواب جي حوالي سان ڏسبو ته انسان دوست ڳالهيون ته افلاطون ۽ سقراط کان اڳ جا ماڻهو به ڪندا هئا، مارڪس، لينن ۽ مائو به ڪيون پر ڇا اهي ڳالهيون صرف ڳالهيون ئي رهجي ويون؟ نه بلڪل نه. جيڪڏهن اڄ افلاطون هتي هجي ته هو حيران ٿي ويندو ته جيڪي خيال مون پيش ڪيا هئا ان مان ته تمام گهڻا خيال عمل ۾ اچي چڪا آهن پر اڄ ته منهنجن خيالن کان وڌيڪ بهتر، سائنسي ۽ عملي خيال پڻ اچي چڪا آهن ۽ هو انهن خيالن کان متاثر

تيندي پنهنجن خيالن تان بہ هٽ ڪٽي وڃي ها ۽ وڌيڪ سائنسي ۽ پختن خيالن کي قبول ڪري ها.

## (3) تنظيمي رشتي کان ڪٽجڻ

جيڪڏهن مٿين خبرن ۾ بہ ڪو نہ ڦاٿو تہ پوءِ وري چوندا ”ادا جواني جو جوش آ، تنهنڪري ٿو اهڙيون ڳالهيون ڪرين، فلاڻا فلاڻا وڏا شاعر، فلسفي ۽ ڏاها هئا جن بہ ساڳيون ڳالهيون ڪيون هيون پوءِ وري ڦري ويا سو تو تہ اجان مڙئي بہ ٽي ڪتاب پڙهيا آهن“ ۽ وري جڏهن اهوئي فرد سندن دقيانوسي خيالن ڏانهن موٽي ايندو آهي تڏهن هيئن چوندا ”ادا فلاڻو ماڻهو جيڪو ڪالهہ تائين غلط رستي تي پئي هليو سو هاڻي صحيح راهہ تي اچي ويو آهي“ (يعني اهو بہ ٿيو جڳ جهڙو تڏهن هي بہ ٿيا خوش) ان سموري لقاءَ کي سمجهڻ لاءِ فلسفي جي ٻن تصورن کي سمجهڻ ضروري آهي. فلسفي ۾ ڪل (Whole) ۽ جز (Part) جا ٻہ تصور ٿين ٿا جنهن متعلق مابعدالطبعياتي فلسفي جي دعوىٰ آهي تہ جزا (Parts) ئي ڪل کي ترتيب ڏين ٿا ۽ ڪل (Whole) ۾ اهي ئي خصوصيتون ٿين ٿيون جيڪي جزن (Parts) ۾ اڳ ۾ ئي موجود هجن ٿيون جڏهن تہ ان جي ابتڙ جدلياتي ماديت چوي ٿي تہ جز (Part) گڏجي ڪل (Whole) جي شڪل ناهين ٿا پر ڪل (Whole) ۾ جيڪي خصوصيتون پيدا ٿين ٿيون ان ۾ ڪجهہ خصوصيتون جزن جون هونديون آهن جڏهن تہ باقي ٻيون خصوصيتون جزن جي ڪري نہ پر ڪل (Whole) جي ڪري پيدا ٿي پونديون آهن جيڪي اڳواٽ جز (Part) ۾ موجود نہ هونديون آهن. جز ۽ ڪل جي اصول کي فرد ۽ تنظيم جي وچ ۾ رشتي تي بہ لاڳو ڪري سگهجي ٿو. هڪ فرد جي شعور، اعتماد، همٿ، سرگرمي ۽ ڪنهن تنظيم سان لاڳاپيل فرد جي شعور، اعتماد، همٿ، سرگرمي ۾ ڏينهن رات جو فرق هوندو آهي. مٿيون ڳالهيون ڪندڙ فردن جي اڪثريت، هڪ تہ، پنهنجي پراڻن رابطن يا لاڳاپن کان ڪٽجي ويندي آهي يا مڙئي ڪڏهن ڪڏهن دعا سلام ڪندي نظر ايندي آهي، ٻيو، اهي ماڻهو پنهنجي علم کي موجوده حالتن سان هم آهنگ نہ ڪندا آهن، ۽ واڌ ويجهہ رڪجي وڃي



ٿي. وڏي اهم ڳالهہ تہ هن دور جي تبديلي جي تيز رفتاري کي اڪيلي فرد جو علم/تجربو نٿو پهچي سگهي پر تنظيم جي قيادت جي اٿاهہ علم، تجربي سبب جاڻ جو وڏو مقدار ملندو رهي ٿو جيڪو عام ماڻهو لاءِ مختصر عرصي دوران حاصل ڪرڻ ناممڪن هجي ٿو، ڪاهوڙي ماڻهو جڏهن قافلا ڇڏي ويندا آهن تڏهن وري ساڳيا عام ماڻهو ٿي پوندا آهن ۽ انهن مان اڳوڻا خيال ۽ ڪردار غائب ٿي ويندا، ڇاڪاڻ تہ اهي همتون، جوش، طاقتون، اعتماد، بهادري، ذميداريون، اميد، حوصلو ان قافلي (ڪل/تنظيم) جو نتيجو هيون ۽ انهن جو دائرو وسيع ۽ گهرو هو پر اڪيلو ٿيڻ ڪانپوءِ انهن جو دائرو تمام ننڍڙو، سطحي ۽ ڪڏهن ڪڏهن غائب ٿي وڃي ٿو. اينگلس لکيو تہ هڪ فوج جو سپاهي بهادر، چست ۽ ضابطي وارو هوندو آهي پر جيڪڏهن ان ئي فوجي کي ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ اها خبر پوي تہ جنهن فوج جو هو پاڻ سپاهي هو اها هاڻي ختم ٿي چڪي آهي يا ڪيس ان فوج مان خارج ڪيو ويو آهي تہ پوءِ ان فوجي منجهان اها بهادري، چستي ۽ ضابطو پڻ ختم ٿي ويندو ڇاڪاڻ تہ اهي خصوصيتون تہ فوج جي تنظيم جون هيون نہ ڪي ان هڪ سپاهي جون. ساڳي طرح انساني دماغ جنهن ۾ لکين جيوگهرڙا هڪ ئي وقت عمل ڪن ٿا ۽ نتيجي طور انساني شعور جنم وٺي ٿو جڏهن تہ انهن جيوگهرڙن مان هر هڪ ۾ شعور نہ هوندو آهي. مطلب مختلف سپاهين يا جيوگهرڙن جي تنظيم يا ڪل جي ڪري جزن ۾ نيون خصوصيتون جنم وٺن ٿيون جيڪي اڳ ۾ انهن جزن ۾ نہ ٿيون هجن.

غالب چوي ٿو تہ پاڻي جي قطري جي وڏي ۾ وڏي عياشي اها آهي تہ هو دريا ۾ سمائجي وڃي، نہ تہ سچ پچ هڪڙي ڦڙي جي حيثيت نہ هجڻ جي برابر هوندي آهي، پر جڏهن اهو دريا سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ ان ۾ اهي طاقتون اچي وڃن ٿيون جن سان هو تمام وڏا وڏا ڪم ڪري سگهي ٿو.

عشرت قطره هي دريا مين فنا هو جانا

ساڳي وقت غالب چوي ٿو تہ جن ماڻهن جون تڪليفون حد کان وڌي وڃن ٿيون تہ پوءِ انهن جو علاج بہ ٿي وڃي ٿو

درد کا حد سي گذرجانا، هي دوا هو جانا

بيٺل پاڻي جلد خراب ٿي ويندو آهي جڏهن تہ وهڪري وارو پاڻي تازو رهندو آهي ڇاڪاڻ تہ اهو پاڻي تمام تيز رفتاري سان پنهنجي نفي جي نفي ڪندو رهي ٿو ۽ ان ڪري ان ۾ مسلسل خراب ۽ سٺا جزا وڌندا ۽ گهٽجندا رهن ٿا. اهڙي طرح علمي ۽ عملي حوالي سان بيٺل ۽ محدود دائري ۾ سرگرمي ڪندڙ ماڻهو پڻ جلدي ۾ بدبودار ٿي پوندو. ان جي ابتڙ، هڪ ڪاهوڙ، جيڪو مسلسل متحرڪ، ۽ پنهنجي علم ۾ اضافو ڪندو رهي ٿو اهو ڪنهن اداري/تنظيم جي وسيع دائري ۾ هجڻ سبب خوشبودار ۽ تازو توانو رهي ٿو، نہ صرف پاڻ کي توانو رکي ٿو پر ٻين کي بہ خوشبو ڏئي ٿو.

جن فردن کي ماضي ۾ رهڻ ۽ ان کي پڏائڻ جو مرض لڳل هوندو آهي انهن کي حال ۾ مثبت پاسا گهٽ نظر ايندا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي ڪل ملڪيت ماضي هجي ٿو ۽ اهي فرد هن وقت (حال ۾) گهٽ پڙهڻ، غيرسرگرم هجڻ ۽ تنظيمي رشتي ۾ نہ هجڻ سبب حال ۾ پرجوش، پراميد ۽ حوصلي مند نہ هوندا آهن. تنهنڪري يا تہ پاڻ پڏائيندا يا ڪنهن ٻئي کي مهڻا ڏئي تسڪين حاصل ڪندا رهن ٿا، ۽ ماضي ۾ ٽپيون هڻي پنهنجي حال جي ڪڙاڻ کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڏهن تہ حقيقت هي آهي تہ ڪائنات جي اصولن موجب وقت (Time) واپس نہ ٿيندو آهي، باقي مڪان (Space) ۾ واپسي ٿيندي آهي پر اها بہ ساڳي حالت ۾ نہ. ڇاڪاڻ تہ مڪان وقت کان الڳ شي ناهي تنهنڪري مڪان ۾ واپسي پڻ ساڳي نٿي ٿي سگهي. جيئن چانهہ ٺاهڻ لاءِ ڪجهہ شين/حالتن جي ضرورت هوندي آهي، کير، کنڊ، پتي، باهہ، چلهو، ماچيس، پاڻي، مخصوص گرمي پد ۽ هوا جو دٻاءُ وغيره، انهن مان ڪنهن بہ هڪڙي شي جي کوٽ سبب چانهہ تيار نہ ٿي سگهندي آهي. اهو تہ آهي چانهہ ٺاهڻ جو فارمولو جيڪو انتهائي سادو عمل آهي، ۽ ان عمل/حرڪت جي صورت کي ورجائڻ لاءِ سمورين



گهربل شين جو مقدار ۽ حالتن جو هجڻ ضروري هجي ٿو. پر جڏهن معاشري جي ڳالهہ ٿئي ٿي تڏهن معاملو تمام پيچيده هجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ بقول اينگلس جي تہ ڪائنات جا سمورا مظهر/شڪليون مادي جي حرڪت جون صورتون آهن، اينگلس حرڪت جا مختلف قسم ڄاڻايا آهن، جن ۾ ميڪانيڪي، طبعي، ڪيميائي، حياتياتي ۽ سماجي حرڪتن جون صورتون شامل اهن، پر انهن سمورين حرڪت جي صورتن مان سماجي حرڪت تمام مٿانهين ۽ پيچيدا حرڪت ٿيندي آهي. مطلب تہ سماج جي ڪنهن لقاءِ جي جئين جو تئين واپسي (مڪان ۾) جي ڳالهہ/توقع ئي فضول آهي. تنهنڪري ماڻهو کي گهرجي تہ ڪالهہ کي ياد ڪرڻ بدران اڄ جي خوبصورتي کي ڏسي، ڇاڪاڻ تہ ماضي جو ڪوبہ وجود نہ ٿيندو آهي ماضي پاڻ کي حال ۾ ظاهر ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪالهہ کي وڻبو تہ پوءِ ڪالهہ تہ روس، چين ۽ ويٽنام ۾ انقلاب بہ آيا هئا، ڪالهہ تہ يونان بہ هو جيڪو اڄ تائين ٻيو سقراط، افلاطون يا ارسطو پيدا ناهي ڪري سگهيو، ڪالهہ تہ موئن جو دڙو بہ هيو، ڪالهہ سنڌ بادشاهي جي صورت ۾ خودمختيار بہ هئي، ڪالهہ ڊارون بہ هيو، مارڪس، اينگلس، نيوٽن، فرائيڊ، روسو، والٽيئر بہ هئا، ڪالهہ عرب دنيا جي وڏي حصي تي حڪومت بہ ڪندا هيا، ڪالهہ تہ نئين سجاڳي جو دور بہ هليو هو، ڪالهہ شيڪسپيئر، هومر، غالب ۽ ڀٽائي جهڙا شاعر بہ هئا. تنهنڪري، ماضي پرستي مان جان ڇڏائڻ گهرجي.

رڳو ائين چوڻ تہ ”ڪالهہ هئين يا هوئن ٿيندو هو اڳي اسان هئين ڪندا هئاسون“ ۽ ”هاڻي تہ ڪجهہ بہ نہ ٿو ٿئي جيڪڏهن هوئن ٿي پوي تہ....“، تہ پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اوهين هيئنر ڇو ڪجهہ نٿا ڪريو جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهہ اوهان جي ڪري ئي ٿيندو هو. پر نہ اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ٿيندو هو جو ان قسم جون سموريون گهربل حالتون موجود هيون اوهان جو بہ ڪردار هو. جهڙي طرح خسيس چانهہ ٺاهڻ لاءِ بہ سموريون ضروري شين جو هجڻ مشروط آهي تہ پوءِ سماج جي ڪنهن لقاءِ جي واپسي جيڪا طبعي، ڪيميائي، حياتياتي قسم جي

حرڪت ناهي بلڪ سماجي حرڪت (مٿاهين، اعليٰ ۽ پيچيده حرڪت) آهي تنهنڪري جڏهن بہ ماضي متعلق ڳالهايو وڃي تہ پوءِ سمورن عنصرن کي نظر ۾ رکي ڳالهائجي تہ مثبت نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا. رڳو اسين نہ پر حالتون بہ، مطلب تہ اندروني (تنظيمي) ۽ ٻاهرين (حالتن) جو نهڪندڙ لازمي آهي. جيڪڏهن ماضي ۾ ڪا ڪم جي شي آهي تہ بہ اها آهي تہ ان اسانکي ڪهڙا سبق سيکاريا ۽ انهن کي اڄ ڪئين ڪتب آڻجي.

هوئن بہ ههڙي بدبودار، انسان دشمن ۽ استحصال تي ٻيڌل سماجي نظام ۾ رهندي هڪ فرد لاءِ تمام ڏکيو آهي تہ هو اڪثر پراميد، همت ڀريو، تازو ۽ اتساهہ سان سرشار رهي، سبب، هتي تہ ماڻهو روز مختلف حالتن کي منهن ڏئي ٿو ۽ نتيجي ۾ خوشي ۽ ڏک محسوس ڪري ٿو ۽ بذات خود مان حاصل ڪرڻ جي توقع ئي فضول ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ انسان سماجي جانور آهي ۽ هر وقت پاڻ ٻين کي ۽ ٻيا هن کي متاثر ڪندا رهن ٿا. جيڪڏهن هي ماڻ ڪري ويهي رهي ٿو تہ ان جو اهو مطلب تہ ناهي تہ ٻيون ڌريون (عوام دشمن) بہ ماڻ ڪري ويهي رهيون آهن اهڙي بيمار سماج ۾ توهان جيڪڏهن پاڻ کي روز بہ روز دوائون نہ کارائيندا تہ پوءِ اوهين بہ بيمار ٿي پوندا ڇاڪاڻ تہ اوهان جو دشمن تہ پنهنجي ڪم کي لڳو پيو آهي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو واقعي بہ جواني ۾ انقلابي ڳالهيون ڪري ٿو ۽ پوڙهو ٿيڻ ڪانپوءِ انهن ۾ ٿوري گهڻي تبديلي آڻي ٿو تہ بہ ان ۾ ڪا حيرت جهڙي ڳالهہ ڪانهي ڇاڪاڻ تہ خيالن جي تازگي ۽ پختگي لاءِ رڳو بهتر ۽ سائنسي خيال نہ پر ان سان گڏوگڏ سرگرمي، تسلسل، لاڳاپو ۽ واڌ لازمي آهن نہ تہ بي صورت ۾ ڪيڏا بہ طاقتور ۽ سائنسي خيال يا نظريا ڇو نہ هجن انهن جا مڃيندڙ لڏي سگهن ٿا پر اڳتي هلي انهن تان هٽ پڻ ڪٽي سگهن ٿا ۽ ان ڪان اڳتي هلي مخالفت ڪندي ماضي سان (مطلب ساڳيا بدبودار ۽ صدين پراڻن غيرمهذب معاشري جو حصو بڻجي سگهن ٿا) رابطو بحال بہ ڪري سگهن ٿا.



رڳو بهتر ۽ سائنسي خيال هجڻ ان ڳالهہ جي ضمانت نٿا ڏين تہ اهو ماڻهو صرف انهن خيالن جي بنياد تي اڪيلي سر ٻيهي سگهندو ڇاڪاڻ تہ اسين ڄاڻون ٿا تہ انسان هڪ سماجي جانور آهي جنهن جو هر عمل ان سماجي لاڳاپي جي عڪاسي ڪري ٿو اهڙي طرح ان جا خيال پڻ ان سماج جي گڏيل پورهيي جو نتيجو آهن تنهنڪري اهو تمام ڏکيو آهي تہ ماڻهو پنهنجا خيال اڪيلي سر ڪٽي هلي ۽ انهن تي مستقل قائم رهي ان لاءِ لازمي آهي تہ ٻين پاسن سان گڏوگڏ سرگرمي ضرور ڪري. بيڪن لکيو تہ سنا خيال، عمل ڪانسواءِ صرف ائين آهن جئين سنا خواب. (جيڪي رات جو سمهڻ وقت ڏسي سگهجن ٿا ۽ جڏهن اک کلي ٿي تہ گم ........) ڊزرائيلي چيو آهي تہ شايد عمل سدائين خوشيون نہ آڻيندو هجي پر عمل ڪانسواءِ خوشيون نہ ٿيون ملي سگهن“ ”اسانکي پنهنجين خوشين ۽ عزت/سرهائي کي سرگرمي ۾ ئي ڳولڻ گهرجي؛ ۽ پورهيو، ٻين سيني سنين شين وانگر پنهنجو انعام پاڻ هوندو آهي.“ (اي، پي وپل) اسانکي سيکارڻ گهرجي تہ ڪنهن ڪم جي شروعات ڪرڻ لاءِ اتساهہ جو انتظار نہ ڪريون پر اهو عمل ئي آهي جيڪو اتساهہ کي پيدا ڪري ٿو ۽ جڏهن تہ اتساهہ مڙئي ڇٽي ڇهہ ماهي عمل کي پيدا ڪندو آهي.

اڃو تہ ڀيريائين انهن عام ڳالهين جو جائزو وٺون جيڪي تنظيم ناهڻ آڏو رڪاوٽ بڻجن ٿيون. جيڪي عام ماڻهو کي ڪنهن سياسي پارٽي ۾ ڪم ڪرڻ کان روڪين ٿيون..

اڪثر ڪري ماڻهو چوندا آهن تہ ”ادا هر ڪو پنهنجي پنهنجي ذات، گهر يا برادري کي ترقي وٺرائيندو تہ سڄو معاشرو بهتر ٿي ويندو“ ”همراهہ گهر سڌاري ڪونہ ٿو، هليو آهي معاشري کي سڌارڻ! ميان ڀهرين پاڻ ۽ پنهنجي گهر کي تہ سڌار“ ”ماڻهو چا چوندا تہ ادا گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهيس باقي هليو آهي قوم ۽ عوام لاءِ جدوجهد ڪرڻ“ حقيقت ۾ ان قسم جون ڳالهيون ڪرڻ ۾ عام ماڻهو جو ڏوهہ گهٽ ۽ انهن ماڻهن جو وڌيڪ آهي جن لاءِ مارڪس لکيو تہ ”مريو وڃن پر تہ بہ اڄ جي ماڻهو لاءِ مصيبتون بڻيل آهن“. اهڙيون عام

روايتي سوچون هزارين سالن جي عوام دشمن ڌرين جي پرچار (پروپيگنڊا) جو نتيجو آهن (پروپيگنڊا/پرچارڪ جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ مٿي بيان ڪيل ڳالهين ۽ انهن جي نتيجن کي ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هڪڙيون بي بنياد ۽ ڪوڙيون ڳالهيون ڪيئن هزارين سالن تائين انسان جي زندگي کي نپوڙينديون رهن ٿيون) ۽ خود هن استحصالي نظام جي پڻ گهرج اها آهي تہ ماڻهو وڏ ۾ وڏ پنهنجي ذات لاءِ ڪوششون ڪري ۽ ٻين کي هٽي ڪڏ ۾، نہ تہ جيڪڏهن اهي گڏجي پيا تہ پوءِ انهن کي منهن ڪير ڏيندو. تنهنڪري اسانجو دشمن گذريل هزارين سالن کان صبح شام ان قسم جي سازشن ۾ مصروف رهيو آهي تہ ”هڪڙن ماڻهن کي ٻين ماڻهن کان پري رکجي“ ”عوام جي وچ ۾ ڏڦيڙ ۽ نفاق پيدا ڪجي“ ۽ ان وٽ اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ وسيلا بہ هوندا آهن، اهو تہ آهي عوام کي پنهنجي طابع رکڻ جو معاملو پر اهو ئي لقاءَ اسين توهين پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ بہ ڏسندا آهيون جتي گهر جو وڏو گهر ڀاتين کي پنهنجو تابع رکڻ لاءِ تمام گهٽيون سازشون ڪندو رهندو آهي. ان لاءِ ڪڏهن دڙڪا، تہ ڪڏهن خرچيون، تہ ڪڏهن شاباسون، تہ ڪڏهن موچڙا بہ هٽندو آهي (ان جو گهڻو شڪار ٻار ۽ عورتون ٿين ٿا) جيڪي پڻ اڳتي هلي سڄي معاشري لاءِ مسئلو ٿي پون ٿا. جئين تہ پاڻ کي خبر آهي تہ گهر سماج جو هڪ يونٽ/جز آهي جيڪو سماج/ڪل کان متاثر ٿئي ٿو، تنهنڪري جهڙو سماج هوندو اهڙا ئي گهر ۽ گهر ڀاتي هوندا. ان ڪري عام ماڻهن جي اهڙن روين ۽ سوالن تي ڪاوڙ بہ نہ ڪرڻ گهرجي پر سائنسي فضيلت سان تفصيلي طور انهن ڳالهين جي سببن ۽ نتيجن کي سمجهائڻ گهرجي. سبب، ماڻهو جي جسماني عمر ڀلي 30/20 سال هجي پر ان جي ذهني ڄمار ۽ اهي دقيانوسي خيال هزارين سال پراڻا هجن ٿا جيڪي ضروري ناهن تہ هڪڙي ڪچهري ۾ ختم ٿي وڃن چاڪاڻ دشمن بہ هڪ قسط ۾ اهي خيال ذهن نشين ناهن ڪرايا اهو تہ صبح شام پرچار ۽ تبليغ ۾ مصروف آهي، (ان جو هڪرو مثال هي بہ آهي تہ ننڍڙو معصوم ٻار جنهن کي الف ب جي بہ ڄاڻ نہ هوندي آهي



اهي همراهہ ان تي محنت ڪندا رهن ٿا، ۽ اسان جهڙا گهڻا دوست وري ڪنهن حد تائين سمجهدار فرد جي تلاش ۾ هوندا ۽ پوءِ ان سان گفتگو ڪن ٿا. خود دشمن جي وڏي ۾ وڏي ساٿاري عوام جي جهالت بہ آهي. وڪٽر هيوگو چيو آهي تہ ”جيڪڏهن اوهين ڪنهن کي سڌارڻ چاهيو ٿا تہ شروعات سندس ڏاڏي کان ڪريو“.

باقي رهي ڳالهہ مٿين خيالن جي جواب جي تہ اها هن ريت آهي

پهريون، مارڪس چيو هو تہ هن بدبودار سماج کي ڊاهڻ ۽ نئون سماج اڏڻ جو ڪم هٿين خالي پورهيت ڪندا، سبب، جيڪي ماڻهو ان استحصالي سماج مان فائدو وٺندا اهي ڇو وڙهندا؟ انهن وٽ تہ ٿورو گهڻو هوندو آهي جيڪو سماج جي تبديل ٿيڻ سان هٿن مان نڪرڻ جو خطرو هوندو آهي ۽ نتيجي طور اهي عوام دشمن ڌريون ڪنهن بہ عوام دوست سماجي تبديلي جي ڳالهہ نہ ڪنديون پر مورڳو پنهنجن عياشين ۽ ملڪيتن کي بچائڻ لاءِ پورهيتن خلاف ويڙهہ ڪنديون. جڏهن تہ پورهيت ان ڪري وڙهندو ڇاڪاڻ تہ ان وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو ماسواءِ غلامي جي زنجيرن جي، ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا هوندي.

ٻيو، هر ڪنهن طرفان پهريائين پنهنجو گهر سڌارڻ ڪانپوءِ معاشرو پاڻهي بهتر ٿي ويندو! اهو ائين آهي تہ هڪڙو ٻيڙو ٻڏندو هجي ۽ ان ۾ سوار ماڻهو وري پنهنجي پنهنجي ڪيبن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪن ۽ سڄي ٻيڙي ڏانهن ڪير بہ ڌيان نہ ڏئي نتيجو سڀني جي تباهي. اهڙي طرح جيڪڏهن وڏيرن، سرمائيدار، ڦورن ۽ ٻين ظالمن کي بہ ”پنهنجو پنهنجو گهر“ ناهڻ جي اجازت ڏجي تہ نتيجو ڇا نڪرندو، ظاهر آهي تہ وڏيري جو گهر آباد ئي غريب جي گهر جي بربادي سان ٿيندو آهي. پر ان سڄي ظلم خلاف هر هڪ ماڻهو گڏجي ويڙهہ ڪري ڇاڪاڻ تہ ڪل جون خوبيون جزن ۾ ناهن هونديون ۽ هڪ وڏي طاقت ذريعي ئي ظالمن سان مقابلو ڪري سگهجي ٿو ۽ وڏي ڳالهہ تہ خود ظالم ڪو اڪيلي سر ظلم ڪندا آهن ڇا؟ نہ، اهي تہ سڄي دنيا جهان جي ظالمن کي گڏ ڪٽي ويڙهہ ڪندا آهن تہ پوءِ اسين وري اڪيلي سر

ڪئين وڙهنداسين؟!! جيڪو اڪيلي سر پنهنجي ذات ڪي سڌارڻ جي ڳالهه ڪري ٿو اصل ۾ اهو ظالم جي ڏسيل رستي تي هلي ٿو.

ٿيون، ”گهر ۾ ڪجهه اٽس ڪونهه هليو آهي قوم ۽ عوام لاءِ جدوجهد ڪرڻ“ ڪجهه گهڙين لاءِ ڪٽي تصور به ڪريون ته جيڪڏهن هڪ پورهيت سموري نظام ڪي ڍاهڻ جي ڪوشش نٿو ڪري ته پوءِ ڇا اهو خوشحال ٿي ويندو ۽ هن جي ذات ۽ گهر به بهتر ٿي ويندا ؟ نه،

گهر همارا، جو نه روتي بهي تو، ويران هوتا
بحر گر، بحر نه هوتا، تو بيابان هوتا
تنگي دل ڪا گلا ڪيا، يه وه ڪافر دل هي
ڪه اگر تنگ نه هوتا، تو پريشان هوتا. (غالب)

توهان پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرائي ڏسو ته توهان ڪي نظر ايندو جيڪي پورهيت هئا سي اڄان تائين پورهيت آهن، جيڪڏهن ڪجهه اڳتي وڌي به ويا آهن ته اهي انهن ماڻهن منجهان آهن جن پنهنجي سموري زندگي پورهيو ڪندي گذاري ڇڏي ۽ هاڻي ڪجهه ناهي به ويا ته ان جو فائدو ان جي اولاد ڪي ملندو، پر شرط آهي ته اهو پورهيت پنهنجي پويان 10/8 گهر ياتي ڇڏي نه ويو هجي نه ته اولاد جي حصي ۾ مڙئي جريب/ايڪڙ ٻني جو ايندو، جيڪا ساڳي صورتحال ڏانهن واپسي ٿيندي جتان سندن ڏاڏي يا پيءُ شروعات ڪئي هئي. هزارين سالن ڪان پورهيت پورهيو ڪندا پيا اچن پر اڄ تائين انهن جي اڪثريت غربت جو شڪار آهي. ۽ جيڪڏهن آبادي جي ڪجهه حصي ڪي ڪي سهولتون مليون آهن ته اهي به تمام گهڻين جدوجهدن ۽ لڙائين، قربانين ڪانپوءِ مليون آهن ظالمن رضا خوشي سان ڪونه ڏنيون آهن.

تنظيمي رشتي يا لاڳاپي جي حوالي سان ڏسجي ته هي سموري ڪائنات هڪ وڏي تنظيم آهي (جنهن جي هر لقاءَ ۽ هر عمل ۾ ترتيب به آهي ته بي ترتيبي پڻ آهي، پر ان بي ترتيبي پنيان به ڪي قانون هجن ٿا.) اهڙي طرح اسان جي ڌرتي تي موجود سماج پڻ هڪ تنظيم آهي جنهن اندر ٻيون اڻڳڻيون تنظيمون ڪم ڪن ٿيون، جهڙوڪ: گهر، ڳوٺ، علائقو، شهر، ذات، برادري، فرقو، مذهب، سياست،



ڪاروبار وغيره جي بنياد تي مختلف تنظيمون ڪم ڪن ٿيون، ۽ انهن تنظيمن جي ميمبرن جي وڏي تعداد ڪي اها خبر به نه هوندي آهي ته اهي ڪهڙي تنظيم جا ميمبر آهن پر ان هوندي به ڪم ان لاءِ ڪندا آهن، (جهڙي طرح پورهيت صدين ڪان ڪندو پيو اچي ۽ ان ڪي انهي تنظيم ٻڌايو اهو آهي ته تون جنهن حالت ۾ آهين بهترين آهين ڇاڪاڻ ته اسانجو صدر پورهيتن سان پيار ڪندو“ واهه جو پيار آهي!!!) ڇاڪاڻ ته ڪوڙ سارين تنظيمن جو ڪم ئي ماڻهن ڪي اڻڄاڻ رکڻ هوندو آهي ته ڪي وري پنهنجن ميمبرن ڪي نشي ۾ رکنديون آهن، ڪي تنظيمون مايوسي، بي همتي، ڊپ، جهالت وغيرهه ڦهلائين ٿيون جن جو آئين /منشور ئي (مٿي بيان ڪيل خيالن سان گڏوگڏ) ”نه سوچڻ“ ”تقدير پرستي“ ”هلو هلو هن دنيا ڪي هٽو ڪڏ ۾، اڳتي هلو“ ”شڪ نه ڪريو“ ” نه ڪپي نه ڪپي هي دنيا ئي نه ڪپي“ ” ”اسانجي پارٽي ۾ ايندو ته اڳتي توهان ڪي شراب، ڪباب ۽ جيڪو اوهين چاهيندو/تصور ڪندو سو ملندو“ ”جيڪڏهن توهان ڪڏهن به نه ٿا مرڻ چاهيو، هميشه جوان رهڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اسانجي تنظيم ۾ شامل ٿيو“ ”جيڪو اسانجي ڳالهه نه مڃيندو يا سوال ڪندو اهو ذليل ۽ خوار ٿيندو“ ”بس اسانجي پيروي ڪريو نه ته .......“ مطلب ته گذريل هزارين سالن ڪان اها تنظيم پروپيگندا ڪندي پئي اچي ۽ اڄا تائين (21 صدي جي سائنسي ايجادن ڪانپوءِ به) ڪروڙين ماڻهو انهن تنظيمن جا ميمبر آهن، يعني ڪوڙ ۽ دوکي تي ٻڌل ”آئين ۽ منشور“ جا پوئلڳ پنهنجي پرچار ۾ لڳا پيا آهن.

هن دنيا ۾ اهو ممڪن ئي ناهي ته ماڻهو ڪنهن تنظيم جو ميمبر نه هجي، ڀلي پوءِ اهو ماڻهو پاڻ ائين نه سمجهندو هجي ته به سندس خيال/ ڪردار ان تنظيم جي ڏسيل واٽ تي هلندي نظر ايندا. هن دنيا ۾ ڪو به ماڻهو اڻ ڌريو /غيرجانبدار نه ٿو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته انساني معاشري ۾ ٻين رشتن ڪان علاوه سچ ۽ ڪوڙ، حق ۽ ناحق، ظالم ۽ مظلوم جا رشتا هجن ٿا، ۽ ان ۾ ماڻهو يا ته حق جي پاسي هوندو يا ناحق جي، ۽ ساڳئي وقت ٻنهي پاسي به (تناسب جي حساب سان) پر

ماڻهو چوي ته آءَ غيرجانبدار ۽ اڻ ڏريو آهيان ته پوءِ اهو ڪوڙ ڳالهائي ٿو. مثال طور ڪنهن ماڻهو سان ظلم ٿيندو هجي ۽ اوهان اهو ڏسندا هجو ۽ ان ظلم خلاف وڙهڻ ۽ ان کي روڪڻ اوهانجي وس ۾ به هجي پر اوهين ڪو به ردعمل نه ڪريو ان جو مطلب اهو ٿيو ته اوهان اڻسڌي طرح ظالم جو ساٿ ڏنو. مطلب ته جڏهن اوهين حق سچ جي تنظيم جو ساٿ ڇڏيو ته اوهين ڪوڙ ناحق جي تنظيم جا ميمبر ٿي وڃو ٿا. مٿي بيان ڪيل ڪوڙ سارين تنظيمن جا ”صدر“، ”جنرل سيڪريٽري“ ۽ ٻيا عهديدار ۽ مرڪزي ڪميٽيون به هزارين سال اڳ ختم ٿي چڪيون آهن پر ان باوجود اڄ ڪروڙين ماڻهو ان جا سرگرم ميمبر آهن جن جون مختلف شڪليون آهن، ڪي ماڻهن جي عادت، ته ڪي رسم رواج، ته ڪي وري ضرورت وغيره جي شڪل ۾ ڪم ڪن ٿيون

ان قسم جي پراڻن خيالن/ عقيدن کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪا طاقت، همٿ، شعور ۽ اعتماد گهربل آهي اهو به ڪنهن انسان دوست تنظيم کانسواءِ ممڪن نه ٿيندو. اڪيلي سر ٿيندڙ ويڙهه جو گهڻو فائدو خود اوهان جي دشمن کي ٿئي ٿو. اڳ ۾ ته ان کانسواءِ ٻيا حل نه هئا پر هاڻي دنيا بدلجي وئي آهي دنيا جي تاريخ ۾ غيرمعمولي انسانن جو انگ تمام ٿورڙو رهيو آهي جن اڪيلي سر ٻيهي پنهنجن خيالن جي پرچار ڪئي (۽ سندن نظرين/ڪردار/دريافتن کي ڪتب به اڳتي هلي تنظيمن ئي آندو) ۽ ٻئي پاسي لاتعداد هجوم ٿين ٿا. انهن غيرمعمولي شخصيتن جي اڪثريت پڻ پنهنجي پنهنجي دور ۾ پنهنجي فڪر کي ڦهلائڻ لاءِ مختلف تنظيمون ناهيون. مثال طور، سقراط پاڻ سان گڏ ايٿنز جي گهٽين ۾ نوجوانن جي ٽولن سان ڪچهريون ڪندو هو، افلاطون اڪيڊمي کولي، حضرت عيسي! به پنهنجا شاگرد ناهيا، اهڙي طرح گوتم ٻڌ، مهاوير جين، مارڪس، لينن سميت اڪبر اعظم، سڪندر، چنگيز، هلاڪو، هٽلر پڻ تنظيمون ناهيون. ۽ انهن تنظيمن جي بدولت رڳو پاڻ يا پنهنجي علائقي يا دور تي نه پر انساني تاريخ جا رخ موڙي ڇڏيائون.



ان قسم جي جنگ وڙهڻ لاءِ ۽ استحصالي سماج کي بدلائڻ لاءِ جيڪي خصوصيتون گهربل هجن ٿيون اهي هڪ فرد ۾ ممڪن ئي ناهن ڇاڪاڻ ته اهي خصوصيتون اجتماع جو نتيجو هجن ٿيون. (هتي فرد مان منهنجي مراد اها ناهي ته ڪو فرد ڪا الڳ شي نه هوندو آهي پر حقيقت ۾ اهو فرد ان تنظيم جو ميمبر ضرور آهي جنهن جو مقصد ئي ماڻهن کي انفرادي طور هلڻ، هر ڪو پنهنجو گهر ٺاهي سماج ڀاڙهي نيڪ ٿي ويندو يا نه ٿيو ته اسانجو ڇا؟) جي تبليغ ڪرڻ آهي. جئين ته فرد پنهنجي ذات ۾ سماج آهي، جڏهن اهو ئي فرد تمام گهڻن ماڻهن جي مفاد جي ڳالهه ڪري ٿو تڏهن اهو فرد نٿو رهي.

انسان دوست تنظيم جون ڪجهه خصوصيتون هن ريت آهن، هر هڪ ماڻهو وٽ پنهنجي هڪ اڌ خوبي هجي ٿي جيڪا سندس سماجي پرورش دوران جڙي ٿي، نتيجي طور ان کي ئي پنهنجي طاقت ٻڻائي ٻين کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو نه ڪي نيون ضروري عادتون اپنائي ٿو. هڪ فرد ۾ تبديلي واڌو (1+2+3+4 ......) ۾ ٿئي ٿي، هڪ فرد جي خصوصيتن جو دائرو تمام محدود ۽ دشمن جي دائري جي ڀيٽ ۾ ڪمزور ۽ ناڪاره ٿي وڃي ٿو. پر جڏهن اهو ئي فرد تنظيمي شڪل اختيار ڪري ٿو ته ان جون ۽ تنظيم جون خوبيون ضرب (2-4-8-16) جي حساب سان وڌن ٿيون. مثال طور جڏهن هڪ فرد ڪجهه علم حاصل ڪري ٿو نتيجي طور سندس سوچ ضرور تبديل ٿئي ٿي. پر ٻئي طرف جيڪو فرد هڪ تنظيم جو ميمبر هجي ٿو جيڪا شعور سان هٿياربند آهي يا شعور ڦهلائڻ لاءِ ڪوششون ڪري ٿي ان فرد جو علم/سمجهه/ڄاڻ وڌيڪ هجي ٿو پر اهو علم پختو ۽ موثر پڻ هجي ٿو، سبب، اهو ميمبر ڪٿي به ٿي ڪتاب پڙهيل هجي پر تنظيم ۾ موجود سڀني (ٿورو/تمام گهڻو پڙهيلن) ميمبرن جو علم (گڏيل سمجهه) ان تنظيم جي هر هڪ ميمبر ڏانهن تمام تيزي سان منتقل ٿيندي رهي ٿي، جيڪا ٻي صورت ۾ ممڪن ناهي. تنهنڪري اوهين اڪثر ڏسندا هوندا ته هڪ انقلابي تنظيم جو ميمبر چڱي ڀلي پڙهيل لکيل ماڻهو کان ڪجهه ڳالهين ۾ وڌيڪ سمجهدار ٿيندو آهي.

اهڙي طرح عوام دشمن ۽ عوام دوست فوجي تنظيم ۾ به فرق هوندو آهي ڇاڪاڻ ته انقلابي سياسي تنظيم جو بنياد شعور ۽ ضابطي تي ۽ عام فوجي تنظيم جو بنياد صرف ضابطي تي هوندو آهي. پهرين ۾ گڏيل ۽ جمهوري انداز ۾ فيصلا ٿيندا آهن ۽ پوءِ حڪم ملندا آهن جڏهن ته پوئين تنظيم ۾ صرف حڪم ملندا آهن. پهرين تنظيم پنهنجي ۽ قوم جي مفادن لاءِ ويڙه ڪندي آهي ۽ پوئين صرف آقائن لاءِ ڪم ڪندي آهي. تنهنڪري انهن ٻنهي جي ڪمٽمينٽ ۾ ڏينهن رات جو فرق هوندو آهي. اڪثر ماڻهو علائقي جي وڏيري، خان يا صوبيدار خلاف وڙهڻ ته ٺهيو پر سوچڻ جي به همٿ نه ساريندا آهن، ٻئي طرف انسان دوست تنظيم جو ميمبر نه رڳو علائقي جي ظالم وڏيري، خان، سردار يا صوبيدار خلاف ڳالهائيندو آهي پر ان خلاف ويڙهه پڻ ڪندو آهي. ساڳئي وقت ان جي جدوجهد جو دائرو رڳو پنهنجو علائقو نه پر سمورو جهان هوندو آهي. طاقتور رياستي مشينري هجي، هزارين سال پراڻن وهمن وسون، رسمن رواج هجن، نوڙتون هجن ۽ ايتري حد تائين آسمان سان به ٽڪر کائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. عام ماڻهو ٽڪي پيسي جي معمولي ڳالهه تان به چڙي پوندو، ”عزت“ بيعزتي جو خيال ڪندو ۽ ان پتڪڙي عزت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ سڀ چمار ڪو به اهڙو ڪم نه ڪندو جنهن سان سندس پتڪڙي ”عزت“ خطري ۾ نه پئجي وڃي. ٻئي طرف هڪ انقلابي تنظيم جي ميمبر هجڻ جي ڪري دنيا جهان جون ذلتون، رسوائيون، تنقيدون، ملامتون نه رڳو برداشت ڪندو پر ان تي خوش به ٿيندو. عام ماڻهو جيڪو سڄي زندگي پنهنجي گهر کي سڌارڻ جو ئي خواب ڏسندو ۽ جيڪڏهن اهو ڪري ورتائين ته سمجهندو ته وڏو ڪم ڪري ڇڏيائين. ٻئي طرف هڪ انقلابي ماڻهو رڳو پنهنجي گهر نه پر پوري سماج کي ڊاهي نئون سماج اڏڻ جي ذميواري کڻي ٿو. ٻيو ماڻهو به پنهنجي زندگي جا سٺ سال گذاري ٿو ۽ هي به گذاري ٿو پر فرق ته ڏسو!



# ناڪامي ۽ ڪاميابي جو سوال

## خيال ۽ نظريي جي سچائي جي پرک

انساني تاريخ جي سموري سفر ۾ (دنيا کي سمجهڻ ۽ ان کي بدلائڻ لاءِ) اڻ ڳڻيا خيال، فڪر ۽ نظريا پيش ٿيندا رهيا آهن، جن مان ڪيترائي دفن ٿي ويا ۽ ڪيترائي عمل ۾ ئي نه اچي سگهيا، ڪجهه اڌ ساپيان ٿيا ۽ ڪي مڪمل، ۽ ڪي وري اڄ ڏينهن تائين ڪروڙين انسانن تي پنهنجا اثر ڇڏين ٿا. پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته ان سوچ ۽ فڪر جي سموري سفر ۾ ڪهڙا خيال، فڪر ۽ نظريا درست هئا ۽ آهن؟ ڪهڙا فڪر ۽ نظريا غلط هئا ۽ آهن؟ فڪر ۽ نظريي جي سچائي جي پرک ڪهڙي آهي؟ ڪهڙا ماپا ۽ معيار آهن جن بنيادن تي انهن فڪرن ۽ نظرين کي سچو ۽ ڪوڙو چئجي؟ مثال طور جيتوڻيڪ طبعي سائنس (فزڪس، ڪيمسٽري، بائيولاجي وغيره) جي معاملي ۾ ڪيترائي سائنسي خيال، نظريا نه صرف ساپيان ٿيا آهن پر ڪروڙين انسانن جو تقديرون بدلائي ڇڏيون اٿن پر ان باوجود وڏي اڪثريت انهن نظرين تي عمل ڪندي به اجا تائين انهن نظرين کي درست نٿي سمجهي. ائين ڇو آهي؟ طبعي سائنس جي ڀيٽ ۾ سماجي سائنس وارو معاملو اڃا وڌيڪ پيچيده آهي تنهنڪري ان جي سچائي کي پرکڻ وري اوترو وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي. مثال طور صدين کان وٺي هن مهل تائين دنيا جي وڏي آبادي (ڪروڙين نه پر اربين انسان) ڏينهن رات اهڙن خيالن، فڪرن ۽ نظرين تي عمل ڪن ٿا جيڪي نسورا ڪوڙا، بي بنياد ۽ گشن پٽن تي ٻيٺل آهن، جن جو نه ڪو آهي اڳ، نه پڇ! پر ماڻهو نه صرف پنهنجين زندگين جا روشن ڏينهن ڏيئا به انهن ڪوڙن ۽ گشن جي ڪري اجهائي ڇڏين ٿا پر ٻين ماڻهن کي به ختم ڪري ڇڏين ٿا. مطلب ته لازم ناهي ته جيڪڏهن انسانن جي اڪثريت جنهن خيال، فڪر ۽ نظريي تي عمل ڪندي هجي اهو ئي سچو هجي، ۽

ساڳئي وقت اهو به لازم ناهي ته جيئن ته هن وقت ماڻهن جي ٿورائي انهن خيالن کي قبول ڪري ٿي ان ڪري اهي غلط آهن. (جڏهن ته طبعي سائنس جي معاملي ۾ قصو ٿورو ٻيو آهي.) بهرحال، صدين کان وٺي سماج کي سمجهڻ ۽ درست خيال، فڪر ۽ نظريي جي پرک نه ڪري سگهڻ ۽ پوءِ عمل نه ڪري سگهڻ جا ڪهڙا سبب آهن؟ ان حوالي سان پروفيسر جي ڊِي برنال (J. D. Bernal) جو چوڻ آهي ته "سماج جون سائنسون (Social Sciences) انتهائي اڻپوريون ۽ سست رو رهيون آهن، ۽ اهو به شڪ ٿيندو آهي ته موجوده صورت ۾ موجود (سماجي) سائنسن (اقتصاديات، سياست، قانون، تاريخ، سماجيات وغيره) کي ڪيتري حد تائين سائنسون سڏي سگهجي ٿو." پروفيسر سماجي سائنسن جي پٺتي رهڻ جا چار سبب ٻڌائي ٿو طبعي ۽ حياتياتي سائنسن (Physical & Biological Sciences) جي ڀيٽ ۾ (1) سماجي سائنس جو مطالعو ڪندڙ انسان هوندو آهي ۽ ان مطالعي جو موضوع به خود انسان هوندو آهي مطلب ان جي موضوعي سوچ انهن نتيجن تي اثرانداز ٿيندي آهي (2) طبعي ۽ حياتياتي شين جي ڀيٽ ۾ انسان وڌيڪ پيچيده جانور آهي، يعني ان کي سمجهڻ جو عمل پيچيده آهي، (3) سماج جي مسلسل تبديل ٿيندڙ حالت، مطلب ته ٻين سائنسن ۾ فطرت جي ورجاءَ جو هڪ نظام هجي ٿو جنهن مان اندازو لڳائڻ آسان هجي ٿو (4) سماجي سائنس جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ ان مروج سماج مان فائدو حاصل ڪندڙ قوتون هونديون آهن جيڪي سماج کي جيئن جو تيئن برقرار رکڻ چاهينديون آهن ۽ ان ۾ تبديلي جو مطلب ٿيندو ته سندن فرمانبردار غلام کي "بگاڙڻ". وڌيڪ چوي ٿو ته سماجي سائنسون گهڻو ڪري مروج نظام جون مددگار هجن ٿيون ۽ جڏهن سماج ۾ ڪي وڏيون اٿلون پٿلون اچن ٿيون تڏهن اهي (سائنسون) به انهن سان گڏ بدلجن ٿيون." پروفيسر لکي ٿو ته سماج جي سائنس (Science of Society) کي تخليق ڪرڻ جو وڏو ڪارنامو مارڪس ۽ اينگلز سرانجام ڏنو."



مطلب ته مروج سماج کي سمجهڻ جي علم جي واڌ ويجهه نه ٿيڻ سبب سماج کي بدلائڻ جو علم به گهڻو ڪري اڻپورو، غيرپختو ۽ امڪانن تي ٻڌل هجي ٿو جنهن ڪري ان سماج جي عام پڙهيل لکيل توڙي دانشور حلقي جو پنهنجي سماج بابت تجزيو ۽ انهن جي مسئلن جو حل ماهراڻي سائنسي انداز بدران ڏڪن، اندازن، مفروضن ۽ اڻپورن سچن تي ٻيڌل هجي ٿو. ان جي باوجود، هر طبقاتي سماج اندر تمام ٿورڙا ماڻهو اهڙا پيدا ٿين ٿا جيڪي پنهنجي سموري زندگي حق جي تلاش کي ارپڻ ڪانپوءِ حقيقت جا ٿورا يا گهڻا پاسا دريافت ڪن ٿا پوءِ اهي فطرت بابت هجن، سماج بابت يا انساني سوچ ۽ فڪر بابت. مثال طور ڪشش ثقل جي قانون جي دريافت نيوٽن ڪئي، انسانن ۽ جانورن جي ارتقا جو قانون چارلس ڊارون دريافت ڪيو، ڌرتي جي گول هجڻ جي دعویٰ گليلو ڪئي، طبقاتي اڻبرابري بنيادي طرح اضافي قدر جي نتيجي ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ غيرطبقاتي معاشري جي قيام سان مسئلا حل ٿي ويندا، اهو قانون مارڪس معلوم ڪيو ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه. پر ڇا ڪشش ثقل، ارتقا، ڌرتي جو گول هجڻ ۽ اَضافي قدر انهن شخصيتن جي پيدا ٿيڻ سان وجود ۾ آيا؟ بلڪل نه، اهي لقاءِ ۽ اهڙا ٻيا لاتعداد لقاءِ اڳ ۾ به موجود هيا پر انهن حقيقتن کي دريافت ڪرڻ لاءِ انهن عظيم انسانن کي اهڙيون مادي حالتون به مليون پر اهم ڳالهه ته انهن شخصيتن پنهنجي پنهنجي زندگي جو وڏو حصو انهن حقيقتن معلوم ڪرڻ کي پڻ ارپيو هو. مطلب ان سموري عرصي دوران هن ڌرتي جي گولي تي ڪروڙين اربين انسان پيدا ٿيا ۽ ختم ٿي ويا پر انهن مان صرف چند ماڻهو اهڙا ٿيا جن اهي حقيقتون معلوم ڪيون جڏهن ته وڏي اڪثريت انهن سمورن لقائن جو حصو هجڻ باوجود انهن جي بنيادي ۽ ابتدائي ڳالهيون کان به اڻڄاڻ رهي ۽ رکي وئي.

جيئن ته ڪنهن به علم جي پرک ۽ سچائي عمل ذريعي ئي ثابت ٿيندي آهي. پر هن دنيا ۾ ڪيترائي سچ اهڙا به هئا ۽ اجا تائين آهن جيڪي عملي طرح نه ڪو ثابت ٿي سگهيا آهن ۽ نه ئي اجا تائين

حالتون انهن جي سچو ثابت ٿيڻ لاءِ تيار آهن. ڪيترائي سچ اهڙا به هئا جيڪي وقت اڳ دفن ٿي ويا ۽ ڪيترائي سچ وقت کان اڳ پيدا ٿيڻ ڪري مڪمل لاڀ نہ ڏئي سگهيا. پر انهن سمورن پاسن باوجود ڪنهن سچ جي دريافت جي اهميت گهٽجي نٿي.

مٿين ڳالهہ جو مطلب هي آهي تہ ڪنهن خيال، نظريي ۽ عمل جي نتيجي جو ظاهر ٿيڻ ٻن شرطن تي ٻڌل آهي هڪ تہ اهو خيال، نظريو ۽ عمل حقيقت جي عڪاسي ڪندڙ هجي ۽ ٻيو تہ ان جي نتيجي ظاهر ٿيڻ لاٰ مادي حالتون (زمان ۽ مڪان وغيره) تيار هجن. جيتوڻيڪ هر خيال پنهنجي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ حالتن جو محتاج هجي ٿو پر جيڪڏهن حالتون اجازت نہ ڏين تہ ان جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ اهو خيال ئي غلط سمجهيو وڃي. مثال طور ڪنهن مريض ڪي اها معلومات هجي تہ سندس علاج ٻاهرين ملڪ ۾ فلاڻي ڊاڪٽر وٽان ٿي سگهي ٿو، پر ضروري ناهي تہ سندس درست ڇاڻ جي لاءِ حالتون (ٻاهر وڃڻ ۽ اچڻ جو خرچ وغيره) بہ ميسر هجن پر جيئن تہ حالتون ميسر ناهن تہ ان جو هرگز اهو مطلب نہ ٿيو تہ ٻاهر وڃڻ ۽ ان ڊاڪٽر وٽان علاج ڪرائڻ جو خيال ئي غلط آهي. اهو تہ آهي هڪ مريض جو مسئلو پر جڏهن قومن، طبقن ۽ عوام جي شڪست ۽ فتح جو معاملو هجي تڏهن پڻ انهيءَ سماج بدلائڻ جو درست نظريو تہ هجي ٿو پر ڪڏهن ڪڏهن معروضي حالتن جو نهڪندڙ نہ هجڻ ۽ دشمن گهڻو طاقتور هجڻ سبب گهربل نتيجا حاصل نہ ڪري سگهبا آهن، پر ان باوجود اهو نظريو غلط نہ هوندو آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن قوم، طبقي ۽ ملڪ جا مرض هڪ تہ (1) پراڻا، (2) طاقتور ۽ (3) ڏکيا هجن ۽ جيڪڏهن اها قوم ۽ طبقو دشمن جي پيٽ ۾ تمام ڪمزور هجي تہ معاملو وڌيڪ پيچيده ٿي پوندو ۽ پيچيده مسئلن جو حل بہ پيچيدا ٿئي ٿو. طبقاتي سماجن اندر انهن پيچيده مسئلن ڪي سمجهڻ ۽ انهن ڪي بدلائڻ جي فن جا ماهر ڪجهہ فرد ٿين ٿا، پر قومي، طبقاتي، جمهوري سوالن تي ٿيندڙ ويڙهہ ۾ هڪ يا بہ اڳواڻ نہ پر لکين ڪروڙين ماڻهن جي سڌي ۽ اڻسڌي شرڪت لازم هجي ٿي ان ڪري



اهڙي جدوجهد جي سفر دوران ڪيترن ئي عام ماڻهن جو مختلف ذهني مونجهارن جو شڪار ٿيڻ پڻ اڻٽر آهي. جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو پنهنجي اڻپوري علم ۽ تجربي سبب تڪڙن، تيز، سادن ۽ سڌن نتيجن جي طلب ۽ توقع ڪن ٿا جڏهن تہ جدوجهد ڊگهي، اڻانگي، وروڪڙن واري پيچيدا صورت ۾ هجي ٿي.

ڇا سنڌ ان قسم جي پراڻي، مشڪل ۽ خطرناڪ بيماري ۾ ورتل آهي؟ ڇا ان جي حل لاءِ ڪو فڪر ۽ نظريو وغيره موجود آهي؟ ڇا ان خيال ۽ فڪر جي پرک اها آهي تہ اهو ڪيترو عمل آيو؟ ڇا ان جو حل سڌو، تيز ۽ تڪڙو نٿو ٿي سگهي؟ جواب آهي ها ۽ نہ. اهو وري ڪيئن؟

## مارڪسي "معجزو"

ڪيتري عرصي کان مختلف لکڻين ۽ ڪچهرين ۾ هڪ ڳالهہ عام طور ورجائي ويندي رهي آهي اها آهي تہ "سوويت يونين ناڪام ٿي ويو"، "چين سرمائيداراڻي رستي ڏانهن وڃي پيو"، "ڪيوبا اڳتي نہ وڌي سگهيو" وغيره وغيره. جيئن تہ هي ويڙهہ سماجي نظامن جي ويڙهہ آهي تنهنڪري اهو گهٽ ۾ گهٽ صدين جو سفر آهي تنهنڪري ان ۾ نہ صرف ڪجهہ پر ڪيترين ئي ناڪامين ٿي سگهن ٿيون، جيڪي ان وڏي جنگ، سماجي نظام بدلائڻ واري جنگ، جون مختلف لڙائيون ۽ مهمون، ۽ جنگ جا مختلف مرحلا ٿي سگهن ٿا. پر ان باوجود ان سموري لقاءِ ڪي مجموعي طور تي ڏسجي تہ ڪهڙي سماجي نظام ڪي ڪيتري ڪاميابي ملي ۽ ڪيتري شڪست؟ ۽ ڪهڙو سماجي نظام هن وقت ڪهڙي ڏاڪي تي بيٺو آهي؟

مارڪس لکيو تہ "انقلاب، ترت دردناڪ ۽ ڪل جهڙن ڪارنامن جي حاصلات سان نہ پر هڪ طاقتور جوابي_انقلاب سان ترقي ڪري ٿو. متحد مخالف (دشمنن) سان ويڙهہ ۾ ئي حقيقي انقلابي پارٽي پڇي راس ٿئي ٿي." (فرانس ۾ طبقاتي جدوجهد، 1850)

حقيقت هي آهي تہ ان سموري جنگ و جدل جو مجموعي طور تي جائزو وٺبو تہ معلوم ٿيندو تہ گذريل ڏيڍ صدي جي ويڙهہ ۾ مجموعي

طور تي سماجوادي ڌرين وڏيڪ ڪاميابيون ماڻيون آهن ۽ سرمائيدار (سامراجي نظام) وڏيڪ شڪستون پوڳيون آهن. مثال طور اڄ ڪان ڇهه ست ڏهاڪا اڳ پوري دنيا سڌي ريت ڪجھ عالمي سامراجي قوتن (برطانيہ، فرانس، جرمني، اٽلي، جاپان، ۽ آمريڪا) جي غلامي ۽ قبضي هيٺ هئي، مطلب تہ عالمي سامراج جي وڏي ۾ وڏي شڪست اها تي اهو سڌي عالمي بالادستي جي محاذ ڪان ڦري مخصوص دائرن تائين محدود ٿي ويو، جيڪا عالمي سامراج جي شڪست هئي ۽ ٻئي طرف دنيا جي نقشي تي ڪيترائي نوان آزاد ملڪ نمودار ٿيا جيڪا سوشلسٽ قوتن جي فتح هئي.

سامراجي قوتون اڄ ڏينهن تائين انهن ڪسيل سندن مقبوضہ علائقن تي ٻيهر قبضي ڪرڻ جي همت ناهن ڪري سگهيون. چين، ويٽنام، ڪوريا، ڪمبوڊيا، ڪيوبا وغيره ڪي مڪمل شڪست نہ ڏئي سگهيا ۽ پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيا جيئن تہ اڳرائي سامراجي قوتن طرفان ڪئي وئي هئي تنهنڪري ان عمل کي انهن (سامراجين) جي شڪست چئبو.

رهيو سوال ڌرين جي ڏاڪي يا مرحلي جو تہ يورپ هن وقت جنهن منزل تي پهتو آهي ان سرمائيداراڻي ترقي يافتہ منزل تي پهچڻ ۾ ان کي گهٽ ۾ گهٽ پنج سوءِ سالن جو سفر طئي ڪرڻو پيو آهي. ان سموري سفر جو داستان نئين سجاڳي، اصلاح پسندي، قومي ۽ جمهوري جدوجهدن، جنگين ۽ انقلابن وغيره سان ڀرپور آهي. جنهن ۾ ڪروڙين انسانن قربانيون ڏنيون ۽ ڪروڙين انسان سرمائيدارن جي جنگين جو ڪاچ بڻيا. مطلب تہ يورپ (1) پنج سو سال سفر ۽ (2) ڪروڙين انسانن جي قتل عام ڪانپوءِ ان ڏاڪي تي پهتو آهي. جڏهن تہ ان جي بلڪل ابتڙ سوشلسٽ ڌريون (روس، چين وغيره) جن کي ناڪام سڏيو وڃي ٿو انهن سرمائيداري واري مرحلي تائين پهچڻ ۾ 25 ڪان 30 سالن جو عرصو لڳايو. جيڪو سماجي تاريخي عمل جي عام قانونن موجب ڪنهن ”معجزي“ ڪان گهٽ ناهي (جيڪو مارڪسزم جي سائنس تي آڌاريل آهي.) چاڪاڻ تہ يورپ پنهنجو تاريخي سفر ڏاڪي بہ ڏاڪي مرحليوار طئي ڪيو آهي (ڪٿي ڪٿي



ڪنهن استثنا ڪانسواءِ يعني ترتيبوار غلامداري، جاگيرداري ۽ سرمائيداري وغيره). نہ صرف ايترو پر يورپ اندر فڪري آزادي لاءِ يورپ جا فلسفي (ڊيڪارٽ، نطشي، ڪانٽ، روسو، والٽيئر، هيگل، فيوئر باخ وغيره)، سائنسدان (برونو، ڊارون، نيوٽن، آئن ايسٽائين، گليلو وغيره)، مفڪر (رابرٽ اون، ٿامس مور، ٽالسٽاءِ، سينٽ سائمن، ايڊم سمٿ، رڪارڊو)، اديب، دانشور، فنڪار، مصور (مائيڪل اينجلو وغيره) شاعر (شيڪسپيئر) ويڙهہ ڪري چڪا هئا، ان سان گڏوگڏ يورپ اندر قومي سوال تي ويڙهہ جو تاريخي فرض اتان جي سرمائيدار سرانجام ڏنو، جمهوري سوال تي پڻ يورپي سرمائيدار وڏيون لڙائيون ڪري چڪو هو. جڏهن تہ روس (هڪ حد تائين)، چين ۽ ويٽنام جهڙا ملڪ پنهنجو سفر يورپ جي تاريخي سماجي واڌاري واري مرحليوار سلسلي وانگر طئي نہ ڪري آيا هئا. اها ڳالهہ ثابت ڪري ٿي تہ تاريخي طور تي ڪمزور قوتون مختصر عرصي ۾ تمام وڏو پنڌ اڪاري اچن ٿيون جيڪو طويل تاريخ رکندڙ ۽ مضبوط سامراجي نظام جي سفر کي شڪست ڏيڻ برابر هو. (ان فتح ڪان علاوه ٻيون ڪيتريون ئي سوڀون حاصل ٿيون پر مضمون جي گنجائش کي ڏسندي انهن جو ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي.)

جيتوڻيڪ اهو سوال/اعتراض عام طور تي اٿاريو وڃي ٿو تہ سوشلسٽ ملڪ ناڪام ٿي ويا (جيڪو لقاءِ سمجھ ۾ بہ اچي ٿو) پر ڇا سرمائيدار جي پنج سو سالا جدوجهد ڪانپوءِ حاصل ڪيل سرمائيدار جمهوري ماڊل ڪامياب ويو آهي؟ هن وقت بہ دنيا جي ملڪن جو سرسري طور جائزو ورتو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ دنيا جا اڪثر ملڪ جتي سرمائيدار جمهوري (رياستي) ماڊل آهن انهن مان ڪيترا ڪامياب آهن ۽ ڪيترا ناڪام، مثال طور پاڪستان، انڊيا، افغانستان، عراق، فلسطين، سريلنڪا، يوٿان ڪان ويندي آفريڪي کنڊ، لاطيني آمريڪا جا ڪيترائي ملڪ، چلي، ارجنٽائين، خود اوڀر يورپ جون رياستون وغيره ۾ جمهوري رياستي نظام جون ڪچيون نهيل آهن جيڪي عالمي سامراج ناهرايون آهن. هن وقت بہ لکين انسان بک،

بيروزگاري، بيماري ۽ جنگن سبب مرن ٿا. لڪين معصوم ٻارڙا پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾ پوءِ بغير ڪنهن ڏوهه جي حياتيون وڃائين ٿا، لڪين عورتون غلامن کان بدتر زندگي گهارين ٿيون، لڪين عورتون جسم فروشي ۽ جسماني نمائش طور استعمال ٿين ٿيون، ڪروڙين انسان انگ اگهاڙا ڪري هلن ٿا، ڪروڙين انسان ڪليل آسمان هيٺ سسڪندي سسڪندي مڙئي زندگي جا ڏينهن پورا ڪن ٿا. ڇا اهي آهن سرمائيدار جمهوري ماڊل جي ڪاميابي جون علامتون؟ ڇا انهن کي اعلىٰ مهذب سماج سڏي سگهجي ٿو؟ ڇا اهي آهن تاريخي معيار ۽ ماپا ڪنهن جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جا؟ ڇا ان کي بدبودار انسان دشمن سماجي نظام چئون يا ڪجهه ٻيو؟

## پينڊوليم افيڪٽ ۽ ”سوڙ آهر پير ڊگهيرڻ“

اچو ته هن سماجي نظام بدلائڻ واري ڊگهي جنگ ۾ ڪهڙو سماجي نظام ڪامياب ٿيندو ۽ ڪهڙو ناڪام واري سوال جو مختصر جائزو وٺون. سماجي واڌاري جا ٻه پاسا ٿين ٿا، هڪڙو ارتقائي ۽ ٻيو انقلابي. انهن ٻنهين کي جدليات جي مقدار ۽ معيار جي قانون ذريعي ٻه سمجهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن سماجي نظام بدلائڻ واري جدوجهد کي هڪ جنگ سمجهون، ته پوءِ ساڳئي طرح انهن تي پڻ اهو ساڳيو قانون لاڳو ٿئي ٿو. مثال طور هڪ جنگ اندر ڪيترين ئي لڙائين ۾ ڪامياب ٿيڻ سان لازمي ناهي ته پوري جنگ ۾ ڪاميابي حاصل ٿئي ساڳئي ريت ڪيتريون ئي لڙائيون هارائڻ باوجود ضروري ناهي ته سموري جنگ ۾ شڪست ملي. دنيا ۾ ڪيترائي ئي مثال ملن ٿا جن ۾ گهڻيون فتحون حاصل ڪرڻ کانپوءِ هڪ ٻن لڙائين ۾ ناڪامي ملڻ جي نتيجي ۾ پوري جنگ ۾ شڪست ملي آهي ۽ ڪيترين ئي لڙائين ۾ شڪست ملڻ کانپوءِ هڪ ٻن لڙائين ۾ ڪاميابي ملڻ بعد پوري جنگ ۾ ڪاميابي ملي آهي. جهڙوڪ، نيپولين مختلف ملڪن تي ڪيتريون ئي ڪاهون ڪيون ۽ انهن لڙائين ۾ فتحمند ٿيو، ۽ روس ۽ اسپين جي لڙائي ۾ شڪست ملڻ باوجود هن پوري جنگ نه هارائي هئي ۽ جڏهن ان کي واٽرلو جي لڙائي ۾ شڪست ملي ته هو پوري



جنگ هارائي ويو. ساڳئي ريت هٽلر ڪيتريون ئي فتحون ماڻيون ۽ ڳچ حصي تي قبضو ڪري ورتو، پر جڏهن ڪيس روس جي لڙائي ۾ شڪست ملي ته پوءِ سموري جنگ هارائي ويو، ٻئي طرف روس ڪيتريون لڙائيون هارائيون هيون پر اسٽالن گراڊ جي لڙائي ۾ ڪاميابي ملڻ کانپوءِ ان کي اڳتي هلي پوري جنگ ۾ ڪاميابي ملي، نه صرف پنهنجا علائقا آزاد ڪرايا پر خود اڌ جرمني کي به آزاد ڪرايو. ساڳئي ريت فرانس_ويٽنام جنگ ۾ ٻنهين ڌرين کي شڪستون توڙي فتحون حاصل ٿيون پر ڊين بين ڦو جي لڙائي سموري جنگ جو فيصلو ڪيو. چين ۾ ٻين انقلابي گهرو جنگ جي دور ۾ پنجين مهم ۾ مليل شڪست کي ڪامريڊ مائوزيتنگ جزوي شڪست چوي ٿو جيتوڻيڪ ان (شڪست) ۾ پارٽي ڪارڪنن، هٿياربند فوج ۽ فوجي اڏن جي علائقن جو نوي (90) سيڪڙو ضايع ٿي چڪو هو ۽ نتيجي طور حڪمت علمي جي حوالي سان پٺتي هٽڻ (لانگ مارچ) جو رستو اختيار ڪيو. اڳتي هلي جاپان به چين تي حملو ڪيو ان باوجود مائوزيتنگ چيو ته آخري فتح اسانجي ٿيندي پر جلد نه ڊگهي جنگ کانپوءِ.

رهيو سوال سوشلسٽ نظامن جي ناڪامي جو ته ان کي سمجهڻ ايترو ڏکيو ناهي. ڪيترائي ليکڪ ۽ دانشور سوال ڪندا ته جيڪڏهن انهن کي اتي ئي موٽي اچڻو هو ته پوءِ اڳتي وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ جيڪڏهن گنجائش نه هئي ته پوءِ ايترو خفو ڪرڻ ۽ ناڪام ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ سائنس ۾ پينڊوليم افيڪٽ اصول ٻڌائي ٿو ته ڪو عمل هڪ نقطي (الف) کان ٻئي نقطي (ب) تائين پهچي وري واپس نقطي (الف) تي موٽي اچي ٿو. (مطلب ته ڪو عمل پنهنجي گنجائش کان وڌيڪ زوُن ڪري اڳتي نڪري ويندو، عارضي طور جهل نه ڏيندو ۽ وري تيزي سان ساڳئي هنڌ موٽي به ايندو) ساڳئي ريت ان عمل جي سائنسي سمجهاڻي لاءِ جدلياتيماديت جي نفي جي نفي واري قانون جي مدد وٺي سگهجي ٿي. جيئن هر ڪم ۽ خيال ابتدائي طور تي ڪمزور هوندو آهي جيسيتائين اهو پختو ۽ پڪل صورت

ونئي، (پر پنهنجي ابتدائي مرحلي ۾ سڄي ساري ڪم کي اڪلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جيڪو ابتدائي طور تي ڪچو، اڻپورو ۽ اڌورو هجي ٿو، نتيجي طور) اهو پنهنجي اڻپوري صورت ۾ مڪمل فائدا نٿو ڏئي ۽ ساڳئي وقت ڪنهن به خيال تي عمل ڪرڻ دوران ان ۾ ڪيترا نوان پاسا ظاهر ٿين ٿا جن جو اڳواٽ تصور ڪرڻ ناممڪن هجي ٿو ۽ ان عمل دوران ئي ان کي بهتر ڪندو رهجي ٿو ۽ ڪيتريون ئي غلطيون به ٿين ٿيون. (مثال طور، ٻولي سکڻ، ڊرائيونگ ڪرڻ، راند کيڏڻ، ڳالهائڻ، لکڻ، ڪاروبار ڪرڻ، ڪان ويندي سياست ۽ جنگ تائين اهو عمل جاري و ساري هجي ٿو) ساڳيو اصول سماجي نظامن جي ويڙهه تي به لاڳو ٿئي ٿو. مثال طور غلام داري نظام پنهنجي طاقت ۾ مست ٿي پنهنجي گنجائش ڪان وڌيڪ غلامن تي ظلم ڪرڻ شروع ڪيو، ساڳئي ريت جاگيرداري به ڪيو تنهن ڪانپوءِ سرمائيداري به (پنهنجي گنجائش ڪان وڌيڪ) ساڳيو رستو اختيار ڪيو ۽ نتيجي طور ڪيترين ئي ننڍين وڏين جنگين سان گڏ پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ به ڪئي ۽ ايٽمي هٿيار به استعمال ڪيا. پر سموري جنگ ۾ فتح باوجود برطانيہ ۽ فرانس جي سلطنتن کي تہ شڪست ئي ملي، چاڪاڻ تہ جنگ ڪان اڳ اهي سلطنتون هيون جيڪي شڪستون ڪائي ڪائي صرف پنهنجن محدود ملڪي سرحدن تائين وڃي بچيون.

سرمائيدار قوتن سوشلسٽ بلاڪ کي شڪست ڏيڻ لاءِ (پنهنجي گنجائش ڪان وڌيڪ) انڌاڌنڌ انتهاپسندن، دهشتگردن، فاشسٽن ۽ نسل پرستن کي جنم ڏنو پر سوشلسٽ بلاڪ جي ٽٽڻ ڪانپوءِ اهي سموريون انتهاپسند قوتون سندس ڳڃي ۾ پيون. هٽلر پنهنجي گنجائش ڪان وڌيڪ علائقن تي قبضو ڪيو ۽ شڪست ڪاڌائين، چنگيزخان، نيپولين، سڪندراعظم، عربن جون فتحون ۽ چين خلاف جاپاني سامراجين جو به ساڳيو حشر ٿيو. مطلب تہ ڪابہ ڌر جيڪڏهن پنهنجي گنجائش ڪان وڌيڪ ڪجھ ڪندي تہ اها ناڪامي جو منهن ڏسندي.



ساڳئي ريت انسان دوست نئين سماجي نظام سان بہ ائين ئي ٿيو مثال طور پيرس ڪميون مزدور انقلاب جو پهريون تجربو هو جيڪو ناڪام ٿيو، تنهن ڪانپوءِ روس ۾ آڪٽوبر انقلاب آيو، جنهن لاءِ ان وقت روس ۾ حالتون مڪمل طور تي تيار نہ هيون، مطلب تہ بالشوڪن پنهنجي گنجائش ڪان وڌيڪ ڪم ڪيو ۽ هر سال جشن پئي ملهايائون تہ "اڃا بچي ويا آهيون" اهو معاملو اتي ختم نہ ٿيو پر سامراجي قوتن جي ويڙهه ۽ ٻين الاقوامي انقلاب جي گهرجن سوويت يونين کي پنهنجي گنجائش ڪان وڌيڪ اڳتي نڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ ان جي نتيجي ۾ سوويت يونين ڊير ٿي پئي ۽ ڪئي وئي. جيڪا هڪ ناڪامي هئي.

ان حوالي سان ڪامريڊ لينن چيو هو تہ "1917 جي مخصوص، تاريخي طور تي تمام خاص حالتن ۾ روس لاءِ سوشلسٽ انقلاب جي شروعات ڪرڻ آسان هئي، پر يورپي ملڪن جي ڀيٽ ۾ روس لاءِ انقلاب کي جاري رکڻ ۽ ان کي توڙ تائين پڄائڻ وڌيڪ ڏکيو ٿيندو. اهڙين مخصوص ساڳين حالتن جو ورجاءَ تمام آساني سان نہ ٿيندو."

جيتوڻيڪ جتي سوويت يونين ڊير ٿيو اتي پهچڻ پڻ ان لاءِ وڏي ڪاميابي هئي. مطلب تہ نفي جي نفي قانون مطابق ڪنهن عمل جو ساڳئي پوئين نقطي تي واپس اچڻ بہ هڪ واڌارو ئي آهي. مثال طور ڪي بہ ماڻهو حيدرآباد ڪان ڪراچي طرف سفر ڪن ٿا پر انهن مان هڪڙو تڪڙ ڪري ڪراچي وڃي پهچي ٿو ۽ حالتن جي جبر سبب موٽي اتي ئي اچي ٿو جتي سندس ٻيو همسفر هجي ٿو، پر ٻنهين ۾ فرق اهو آهي تہ ٻئي همراهہ کي ڪراچي ڏسڻ جو تجربو حاصل آهي. مثال طور هڪڙو ماڻهو جيڪا تعليم ڏهن سالن ۾ حاصل ڪري ۽ ٻيو ماڻهو اوتري ئي تعليم ڏهن مهينن ۾ حاصل ڪري، هڪڙو ماڻهو 20 ڪلاڪ ڊوڙڻ ڪانپوءِ جتي پهچي اتي ئي ٻيو ماڻهو ڪلاڪ ڪن ۾ پهچي (جيتوڻيڪ ٻئي ماڻهو کي پهرين ماڻهو ڪان اڃان بہ اڳتي وڃڻ کپندو هو پر ان باوجود ان منزل تي پهچڻ ڪنهن بہ حوالي ڪان گهٽ ناهي) تہ ڇا اها ڪاميابي ناهي؟ بلڪل وڏي ڪاميابي آهي.

جيئن تہ روس آڏو ڪو جٽادار سوشلسٽ ماڊل موجود نہ هو، پئرس ڪميون ٿورڙي مدت رهيو، پر روس جي پيٽ ۾ چين جي سامهون روس جي صورت ۾ جٽادار ۽ مضبوط سوشلسٽ ماڊل موجود هو. جنهن مان هي گهٽو ڪجھ سکيا تنهنڪري هنن ”سوڙ آهر پير ڊگهيڙڻ“ واري پاليسي تي عمل ڪيو.

چا ”سوڙ آهر پير ڊگهيڙڻ“ واري اصول تي هر حالت ۾ عمل ڪري سگهجي ٿو؟ اهو اصول معقول آهي پر تاريخ جا سمورا ابتدائي مرحلا گهٽو ڪري ان اصول تحت تي عمل ناهن ڪري سگهندا. مثال طور پيرس ڪميون ۽ سوويت يونين. جيتوڻيڪ چين ڪيترن پاسن کان سرمائيدار واٽ وٺڻ تي مجبور ٿيو آهي پر ان عمل کي جنگ ۾ پنتي هٽڻ واري عمل طور ڏسي سگهجي ٿو، پنتي هٽجي تہ جيئن ٻيٽي قوت سان اڳتي وڌي سگهجي يا عارضي طور ساهي پٽجي يا دشمن کي غلطيون ڪرڻ ۽ ٿڪجڻ جو انتظار ڪجي. مثال طور لينن طرفان NEP نئين اقتصادي پاليسي جو اعلان ۽ بريسٽ معاهدو، نيپولين خلاف جنگ ۾ ۽ هٽلر خلاف ٻي عالمي جنگ ۾ روس جو پنتي هٽڻ، جاپان خلاف جنگ دوران چيني فوج جو پنتي هٽڻ وغيره. ڪامريڊ مائوزيتنگ لکي ٿو تہ ملڪ جي پرپاسي ۾ فتح حاصل ڪرڻ ڏھ هزار ميل (لي) ڊگهي لانگ مارچ جو صرف پهريون قدم آهي. جيتوڻيڪ اهو هق قدم بہ قابل فخر آهي، پيٽ جي حوالي سان تمام ننڍڙو آهي؛ وڏيڪ قابل فخر (سفر) پنڌ تہ اجان اڇٽو آهي.

## ”نہ صرف زندهہ پر مرده مصيبتن کي بہ پوڳيون ٿا“

مٿين سموري معاملي سان اسانجو ڪهڙو تعلق؟ چا اسانجي خطي، سنڌ ۽ روس ۽ چين جي تاريخي ۽ سماجي حالتن ۾ ڪي هڪجهڙايون آهن؟ چا رڳو هڪجهڙايون آهن يا ڪي نراليون خصوصيتون بہ آهن؟ ۽ جيڪڏهن ڪي نراليون خصوصيتون آهن تہ پوءِ چا انهن نرالين خصوصيتن هوندي اسان وٽ بہ ان رفتار سان ۽ ساڳئي ريت نتيجا ملڻ گهربا ها؟ جيڪڏهن نہ، تہ پوءِ انهن نرالين خصوصيتن هوندي اسانجي ڪاميابي ۽ ناڪامي جو سفر ڪهڙي منزل تي پهتو آهي؟ چا ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ صحيح نظريو هجڻ ڪافي آهي؟ چا حالتون ۽ نظريي جو نهڪندڙ هجڻ لازمي آهي؟ ڪاميابي جو پيمانو ڪهڙو آهي؟ ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ ڪنهن بہ ڪاميابي جي پرک لاءِ ”ڪاميابي حاصل ٿي“ نہ پر اهو ڏسجي تہ ڪيترن ڏکيائين ۽ تڪليفن کانپوءِ ڪاميابي حاصل ٿي آهي. مطلب تہ جيڪڏهن منزل ڏانهن ويندڙ رستي آڏو هماليہ جبل جيڏيون مصيبتون ۽ رڪاوٽون هجن تہ پوءِ چا ان سفر کي بہ ساڳئي روسي ۽ چيني سماج جي ترقي جي رفتار سان ماپي سگهجي ٿو؟ جيتوڻيڪ ڪيترن پاسن کان سنڌ جو سماجي نظام روس، چين ۽ ويٽنام جي سماجي نظامن سان هڪجهڙايون رکي ٿو (مثال طور طبقاتي نظام يعني جاگيرداري ۽ سرمائيداري، عورتن سان ظلم، عقيدا، سامراجي ظلم، قومي غلامي (روس سان اهو مسئلو نہ هو)، جنگيون، فوجي راڄ وغيره، پر انهن سڀني خصوصيتن ۾ گهٽ وڌ جو بہ فرق هو) پر اهم ڳالھ سنڌ جون پنهنجيون نراليون خصوصيتون آهن جن بنيادن تي سنڌ جي ناڪامي ۽ ڪاميابي جي سوال کي ڏسي ۽ انصاف ڪري سگهجي ٿو. تنهنڪري اچو تہ ٿورو جائزو وٺون تہ اهي ڪهڙيون خصوصيتون آهن جيڪي سنڌ کي دنيا جي ٻين ملڪن ۽ خطن جي حالتن کان نرالو ڪري بيهارين ٿيون.

مارڪس ”داس ڪيپٽل“ جي پيش لفظ ۾ جرمني جي صورتحال تي برطانيہ جي سرمائيداري سان پيٽ ڪندي لکي ٿو تہ ”اسين (جرمن ماڻهو) باقي اولھ يورپ کنڊ جي سڀني ماڻهن وانگر، ٻين سمورن معاملن (دائرن) ۾، نہ صرف سرمائيداراڻي پيداوار جي ترقي کي، پر ان جي اڻپوري ترقي کي بہ پوڳيون ٿا. جديد بڇڙاين سان گڏوگڏ، ورثي ۾ مليل بڇڙاين جو هڪ پورو سلسلو اسانکي ڪچلي ٿو، جيڪو آڳاٽن پيداواري طريقن جي جامد (غيرمتحرڪ) بچيل حصن، سندن اڻٽر سماجي ۽ سياسي (تاريخي غلطين) دقيانوسي روايتن جي قطار (قافلي train) سان گڏ ايري ٿو. اسين نہ صرف زندهہ پر مردن (جي مصيبت) کي پڻ پوڳيون ٿا.“ مارڪس اهو لکيل ٽڪرو جرمني جي حوالي سان لکيو آهي جڏهن تہ سنڌ ان ڏاڪي تي بہ نہ پهتي آهي جتي

ان وقت جرمني هئي. مادي حالتون ته پري جي ڳالهه پر فڪري طور تي به سنڌ جو سماج ان ڏاڪي تي نه پهچي سگهيو آهي. هتي مردار جاگيرداري نه صرف وري زنده ڪئي وئي آهي پر اٽپوري سرمائيداري جي مصيبت به آهي ۽ اهم ڳالهه ته اها سرمائيداري به سنڌين جي ناهي. اهو ته آهي هڪڙو پاسو اچو ته سنڌ جي انهن تاريخي ۽ سماجي مخصوص خصوصيتن جو جائزو وٺون ته اهي ڪهڙيون آهن؟

### (1) ايشيائي پيداواري نظام ۽ ذاتي ملڪيت جو نه هجڻ

اسين جنهن سماجي نظام ۾ رهون ٿا، ان کي مارڪس نه ڪو غلامداري، نه جاگيرداري ۽ نه ئي سرمائيداري نظام ڪوٺيو آهي، جڏهن ان جي ابتڙ يورپ جي تاريخ کي مارڪس ترتيبوار انهن سماجي نظامن (غلامداري، جاگيرداري، سرمائيداري) ۾ ورهائي پيش ڪيو آهي، ترتيبوار هڪٻئي جي جاءِ والاريندا رهيا آهن، مارڪس چوي ٿو ايشيا اندر جيڪو پيداوري نظام آهي، خاص ڪري هن خطي (برصغير) ۾ اهو ايشيائي پيداوري Asiatic Mode of Production نظام آهي، جنهن جون خاصيتون يورپي تاريخي سلسلي جي ڀيٽ ۾ نراليون آهن، ان جا ٻيا سبب به گهڻا ڏسي ٿو پر بنيادي ڳالهه چوي ٿو ته يورپ ۾ ماڻهو وٽ ڪانه ڪا ذاتي ملڪيت هئي (طبقاتي سماج ۾ جنهن ماڻهو وٽ ذاتي ملڪيت هوندي آهي ته اهو ماڻهو ان جو بچاءُ ۽ ان جي واڌاري لاءِ به ڪوشش ڪندو آهي چاڪاڻ ته ان مان ڪيس ڪجهه نه ڪجهه حاصل ٿيندو آهي) پر ايشيائي سماجن ۾ وڏيون سلطنتون هيون ۽ سموري سلطنت جي ملڪيت بادشاهه يا شهنشاهه جي ذاتي ملڪيت سمجهي ويندي هئي ۽ ماڻهن وٽ ڪجهه به ڪونه هو. هڪڙو بادشاهه تخت تان لهندو يا ماريو ويندو هو ته ان جي جاءِ تي جيڪو بادشاهه ايندو هو ته سلطنت جي سموري ملڪيت ان جي ملڪيت ٿي ويندي هئي، فرد جي ملڪيت نه هوندي هئي. مارڪس ان جا سبب ڄاڻائيدي لکي ٿو ته يورپ اندر بارشون مسلسل پونديون رهن ٿيون، جيتوڻيڪ ايشيا جي ڀيٽ ۾ يورپ تمام ننڍو خطو آهي، ايشيا هڪ ته تمام وڏو خطو آهي پر اهم ڳالهه ته هتي بارشون تمام گهٽ پونديون هيون، ۽ جيئن ته



ماڻهو جي گذرسفر جو ذريعو زراعت رهيو آهي، ۽ ان جو پوک ڪرڻ لاءِ ماڻهو هٿرادو آبپاشي سرشتي تي ڀاڙڻ تي مجبور هو.

اينگلز لکي ٿو ته اوپر جي ملڪن جي حڪومتن وٽ ٽن کان وڌيڪ کاتا ناهن رهيا، (1) ماليات (گهر اندر ڦرلٽ)، (2) جنگ (گهر اندر ۽ ٻاهر ڦرلٽ ڪرڻ) ۽ (3) پبلڪ ورڪس (ٻيهر پيدوار جو بندوبست). انڊيا ۾ برطانوي حڪومت (1) ۽ (2) جا انتظام ڪيا پر (3) کي مڪمل ريت ڦٽو ڪري ڇڏيو، ائين انڊيا جي زراعت کي تباهه ڪيو ويو. اهو ئي سبب آهي ته جيڪڏهن هنن علائقن (مصر، ايران ۽ هندستان جي ضلعن وغيره) ۾ ڪا جنگ ٿئي ۽ هتان جي آبپاشي سرشتي کي نقصان رسائي ته اهي علائقا صدين تائين غيرآباد ٿي وڃن ٿا."

جيئن ته هتي دريا وڏا اهن ۽ برساتون گهٽ پون ٿيون تنهنڪري هتي ڪينال ۽ بئراج سرشتو ۽ وڏن دريائن کي سنيال ۽ انتظام ڪرڻ لاءِ وڏين رياستن ۽ وڏين سلطنتن جنم ورتو. دنيا جي پهرين وڏي سلطنت ايراني سلطنت خود ايشيا ۾ هئي، گذريل 25 سو سالن جي تاريخ ۾ ڪيترين ئي سلطنتن جنم ورتو (جڏهن ته يورپ ۾ وڏي ۾ وڏي سلطنت رومي سلطنت هئي هوئن به يورپ ننڍو خطو هو ان ڪري اهو ممڪن به نه هو.) اهڙي ريت وڏن خطن تي حڪومت ڪرڻ ۽ ان جي تحفظ ۽ ڦرلٽ لاءِ وڏين فوجن جنم ورتو. يورپ اندر پهريون ڀيرو فرانس وٽ 17/16 صدي ۾ 3 کان ساڍا 3 لک فوج هئي، جڏهن ته ان جي ابتڙ هتي ايتري فوج ايشيا ۾ ڪيترن ئي سلطنتن وٽ ڪيترائي ڀيرا رهي، مطلب ته هتي ايڏين وڏين فوجن جو هجڻ خير جهڙي ڳالهه هو. خود ايشيا اندر وڏن شهرن جي واڌويجهه به يورپ جي وڏن شهرن جهڙوڪ پئرس، مانچسٽر، لنڊن وغيره، جي ڪاروباري شهرن وانگر نه ٿي پر هتان جا اڪثر وڏا شهر جهڙوڪ لاهور، دهلي، ملتان، آگرو وغيره فوجي جنرلن جا اڏيل شهر ۽ فوجي ڪيمپن جي حيثيت ۾ ابريا آهن ۽ ايتريقدر جو انڊيا ۾ ٻولي به لشڪري (اردو) زبان طور پيدا ٿي چاڪاڻ ته جتي لکن جي تعداد ۾ مختلف علائقن جي ماڻهن تي مشتمل فوج هجي اتي رابطي لاءِ ٻولي ته گهربل هئي.

## ڳوٺاڻو سرشتو (هڪ مڪمل ”دنيا“)

اسانجي ٻهراڙين ۾ اڪثر چيو ويندو آهي تہ ”سڄو جهان“ فلاڻي جي خلاف آهي، ”دنيا جهان“ جا ماڻهو هئين چون ٿا، ”سڄي دنيا“ ۾ هي ڳالهہ پئي هلي، ”سڀ ماڻهو“ هڪ پاسي باقي تون ٻئي پاسي وغيره. هن وقت بہ اهي لفظ ”سڄو جهان“، ”دنيا جهان“ ۽ ”سڄي دنيا“ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ عام جام ورجايا ويندا آهن جن جو مطلب هوندو آهي اسانجو ”ڳوٺ“.

هندستان جي ڳوٺاڻي نظام بابت برطانوي حڪومت جي هڪ رپورٽ جو حوالو ڏيندي مارڪس لکي ٿو تہ ”ڳوٺن جو حدون مڙئي ڪڏهن ڪو تبديل ٿيون هونديون؛ ۽ جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺن کي نقصان پهچايو ويو، ۽ ايتريقدر جو جنگ، ڏڪار يا بيمارين سبب اهي ڳوٺ تباهہ ۽ برباد بہ ٿيا، پر صدين تائين انهن جا نالا ساڳيا، سرحدون ساڳيون، مفاد ساڳيا، ۽ ايتريقدر جو خاندان بہ ساڳيا ئي رهيا. بادشاهتن جي ورهاست ۽ ٽٽڻ ڳوٺاڻن لاءِ ڄڻ تہ ڪو مسئلو ئي نہ هو؛ جڏهن تہ ڳوٺ ساڳيا ئي رهيا، هنن کي پرواهہ نہ هئي تہ ڪين ڪهڙين طاقتن جي اقتدار ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي، يا مٿن ڪهڙي حڪومت جو اختيار آهي؛ ان جي اندروني اقتصادي زندگي تبديل نہ ٿي. پٽيل اڃا تائين رهواسين جو اڳواڻ، ۽ اڃا تائين جج يا ميجسٽريٽ، ۽ ڪليڪٽر يا مسواڙ وٺندڙ آهي.“ ان حوالي سان نمبودريپد لکي ٿو تہ ذات پات جي نظام خود ڪفيل ڳوناٽي نظام کي جنم ڏنو ۽ ڳوٺ اندر ماڻهو شيون پنهنجي ضرورت لاءِ ٺاهيندا هئا جڏهن تہ تمام ٿورڙيون شيون مٽاسٽا لاءِ پيدا ڪندا هئا. غلامداري سماجي نظام ۾ استحصالي ۽ ٿورو طبقا پنهنجن غلامن جي محنت سان پيدا ڪيل واڌو شيون کپائي ڏوڪڙ حاصل ڪندا هئا ۽ عياشيون ڪندا هئا. انهيءَ مقصد خاطر اولهہ ايشيا جي حڪمران طبقن انديا تي حملا ڪيا. انديا جا پنهنجا ٿورو طبقا خود ڪفيل ڳوناٽي سرشتي سبب مزاحمت نہ ڪري سگهيا ۽ اڪثر حملي آورن هٿان شڪستون کاڌائون.



اهو ئي سبب هو جو جڏهن برطانيہ انديا تي قبضو ڪيو تہ مارڪس ان کي هڪ حوالي سان ڀليڪار ڪيو تہ برطانيہ جهڙو صنعتي ملڪ انديا ۾ وچي اتان جي ڇڙوڇڙ زراعتي پيداواري نظام ۽ ڳوناٽي نظام کي ڊاهي اتي هڪ نئون جديد نظام اڏيندو. پر هتي بہ قصو ٿورو الٽ آهي تہ برطانيہ هتان جي اڳاٽي پيداوري نظام کي هڪ حد تائين تہ ڊاهيو پر ان جي جاءِ تي نئون جديد صنعتي پيداواري نظام نہ اڏيو. جيڪڏهن صرف هڪ شي کي ڊاهجي ۽ ان جي جاءِ تي ڪا نئين شي نہ اڏجي تہ نتيجو بهتري بدران وڌيڪ بدتري ٿيندو ۽ اهو حشر هن خطي سان ٿيو. اهو لقاءَ صرف هن خطي (انديا) سان نہ پر جديد يورپي ملڪن پوري ايشيا ۽ آفريڪا ۾ ڪا خاص وڏي تبديلي نہ آندي الٽو انهن کي اڄ ڏينهن تائين ايشيائي ۽ آفريڪي پراڻين وبائن (قبائليت، بادشاهت، جاگيرداري، عورت سان غلامي کان بدتر حيثيت، وحشي رسمون ۽ قانون) ۾ ڦاسائي رکيو آهي.

مارڪس لکيو تہ ”ان ۾ ڪوبہ شڪ نٿو ٿي سگهي تہ هندستان کي جيڪي عذاب برطانيہ ڏنا آهن اهي هن (برطانيہ) کان اڳ هندستان کي مليل سمورن بلڪل مختلف ۽ انتهائي شديد عذابن کان وڌيڪ آهن.“

انهي حُوالي سان جواهر لال نهرو لکي ٿو تہ جڏهن اڪثر دنيا ۾ شهر وڌيا پئي ۽ ٻهراڙين جي ماڻهن شهرن ڏانهن رخ ڪيو پئي تہ عين ان وقت انديا ۾ برطانوي سامراجي اقتصادي پاليسين سبب انڊِيا جي شهرن جو ماڻهو بک، بدحالي ۽ بيروزگاري سبب شهرن مان نڪري ٻهراڙين جو رخ ڪيو. مارڪس لکي ٿو تہ برطانيہ جي تجارتي پاليسي سبب ڍاڪا جي آبادي جيڪا 150,000 هئي سان بدلجي 20,000 تي وئي. مٿيان نقطا هڪڙا تاريخي مسئلا آهن ۽ انهن کي سمجهڻ کانسواءِ سنڌي سماج کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪامياب نہ ٿي سگهندي.

### انگريز سامراج ۽ پاڪستان

مٿي سمورو ذڪر تہ اڻ ورهايل هندستان جو هو. جڏهن انگريزن انديا تي قبضو ڪيو هو تڏهن هتي مسلمانن جي حڪومت هئي تنهنڪري پاڪستان نهڻ کان اڳ گڏيل هندستان ۾ انگريز سامراج مسلمانن سان

تعصب ڪندي هندستان جي موجوده علائقن ۾ تمام گهڻيون تبديليون آنديون، جڏهن ته ان جي بلڪل ابتڙ، موجوده پاڪستاني علائقن کي هندستان جي علائقن کان بدتر حالت ۾ رکيو. جنهن جا ڪجهه مثال هي آهن (1) هنن علائقن ۾ هڪ به يونيورسٽي نه کولي وئي (جڏهن ته ممبئي، مدراس ۽ ڪلڪتي ۾ يونيورسٽيون کوليون ويون)، (2) هتي ڪارخانا نه لڳايا ويا، (3) هتي گهڻو زور، خاص ڪري پنجاب مان، فوج ڀرتي ڪرڻ تي ڏنو، (4) سنڌ کي ممبئي سان ڳنڍي ڇڏيو، پختونن جي علائقي کي هڪ فوجي سرحد (فرنٽيئر) جي حيثيت ۾ رکيو ۽ بلوچستان کي ته صوبي جو درجو به نه ڏنو، پوءِ عليحدگي وقت هٽرادو مذهبي رتوڇاڻ ڪرائي زبردستي لڏپلاڻ ڪرائي وئي، نتيجي ۾، سنڌ جي ٿورو اڳتي وڌيل (هندو) آبادي هتان لڏي وئي ۽ هتي ڌارين جي لوڏ مڙهي وئي وغيره، مطلب ته ڪن تاريخي مسئلن سان گڏوگڏ ان دور جي پيدا ڪيل مسئلن کي اڄ ڏينهن تائين سنڌ ڀوڳي پئي.

## (2) عورت جي غلامي کان بدتر حيثيت

هن وقت عالمي سطح تي مسلمان دنيا، سياسي ۽ جاگرافيائي حوالي سان انتهائي اهم حيثيت هئڻ باوجود، سڀني کان پوئتي پيل آبادي آهي، جتي 21 صدي ۾ به بادشاهي، قبائلي، آمريتي ۽ مذهبي قسم جون حڪومتون انتهائي مضبوط حيثيت ۾ موجود آهن. جيتوڻيڪ موجوده دنيا جي گولي تان عالمي طور تي غلامداري نظام جو خاتمو ٿي چڪو آهي پر هن وقت به مسلمان علائقن ۾ غلامداري دور جون علامتون نمايان صورت ۾ موجود آهن جنهن جو سڀ کان وڏو مثال عورت جي بدتر حيثيت آهي، هن وقت به شادي جي صورت ۾ ٽڪن تي نياڻين جو وڪرو، ڪنهن ڏوهه جي ڏنڊ ۾ عورت کي عيوضي طور ڏيڻ، عورتن جا نندڍپڻ ۾ رشتا طئي ڪرڻ وغيره جهڙيون ڪڌيون رسمون ۽ رواج شامل آهن.

### گهر: سهڻا ۽ ڪليل جيل

عورت صدين کان وٺي غلام پئي رهي آهي. يورپ هجي توڙي ايشيا ۽ آفريڪا عورت سان تمام گهڻو ظلم ٿيو آهي. پر عورت جي



معاملي ۾ جيڪا مصيبت اسانجي ڳچي ۾ پيل آهي اها يورپ توڙي روس، چين ۽ ويٽنام ۾ نه هئي. اهو آهي پردو. عورت ۽ خود مرد به مظلوم آهي اهو ته نيڪ پر مظلوم کي دانهن ڪوڪ ڪرڻ، گڏجڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڳالهائڻ، سماجي ڪاروهنوار ڪرڻ جي ڪنهن نه ڪنهن حد تائين اجازت پئي رهي آهي پر عورت جڏهن گهر کان ٻاهر نڪري ٿي ته مٿان برقعو وجهيو هلي ته نيڪ نه ته عذاب. يعني چهرو، آواز ۽ ڳالهائڻ ته پري جي ڳالهه پر پردي کان ٻاهر هٿ به نه ٿي ڪڍي سگهي، ڪنهن ڏي نهاري به نه ۽ ٻين سڀني مردن کي حق هجي ته اهي ان برقعي ۾ بند عورت کي به سندس پيرن کان متي تائين وحشي نظرن سان گهوري گهوري ڏسن ۽ موٺ ۾ وري اها عورت عزت ۽ معاشري جي دٻ کان احتجاج به نه ڪري سگهي. ڪنهن به ملڪ اندر ڏوهارين کي سزا ڏيڻ لاءِ جيل ناهيا ويندا آهن جتي ڪڪڙ جي چوري کان وٺي زنا ۽ خون جهڙن ڏوهن جي مجرمن کي قيد ڀوڳڻي پوندي آهي پر ان جو به مخصوص مدو هوندو آهي ۽ وڏن ثبوتن ۽ شاهدين ۽ عدالتي ۽ پوليس ڪارروائين کانپوءِ ڏوهاري کي سزا ٻڌائي ويندي آهي پر ان جي بلڪل ابتڙ اسانجي معاشري ۾ عورتن کي بغير ڪنهن ڏوهه جي، بغير ڪنهن شاهدي جي، بغير ڪنهن عدالتي ڪارروائي جي، پيدا ٿيڻ صورت ئي ڪيس ”عورت هجڻ واري ڏوهه“ ۾ ٿوري مدت جي سزا نه پر عمر قيد جي سزا ڏني ويندي آهي جنهن لاءِ سرڪاري جيل نه پر سندن گهر جن جا دروازا هر وقت ڪليل هوندي به اهي عورتون انهن دروازن کان ٻاهر نٿيون وڃي سگهن جن کي ڪليل جيل چئي سگهجي ٿو جتي ڪي به سپاهي بيٺل نه هوندا آهن.

### فالج زده آبادي ۽ غيرت

محترم رسول بخش پليجي لکيو ته ”سنڌ جي ماڻهو ۾ جيڪي بيماريون آهن انهن جو وڏو ڪارڻ مائرن جي غلامي آهي“. ظاهر ڳالهه آهي ته جنهن گهر ۾ هڪ ٻار صبح شام پنهنجي پيءَ هٿان پنهنجي ماءَ ۽ ڀيڻ جي بي عزتي ٿيندي ڏسندو هجي ۽ ان تي ڪوبه ردعمل نه ڪري سگهي ڇاڪاڻ ته مرد (پيءَ) کي حق آهي ته اهو عورت سان

جهڙو وٽيس اهڙو سلوڪ ڪري چاڪاڻ ته اها سندس ذاتي ملڪيت تصور ڪئي ويندي آهي اهڙي گهر ۾ پيدا ٿيل ٻار ۾ ڪهڙي مڙسي ۽ ڪهڙي غيرت هوندي، جنهن ماڻهو کي ننڍپڻ کان ئي ماءُ ۽ ڀيڻ سان ٿيندڙ ظلم تي غيرت نٿي اچي سو وري ڪيئن قوم، وطن، مظلوم طبقي ۽ ٻين لکين انسانن سان ٿيندڙ ظلم تي ڪاوڙ ڪندو. ڪنهن به سماج جي آبادي جو اڌ حصو عورت هجي ٿي ۽ جيڪڏهن اها اڌ آبادي ان سماج جي اقتصادي، سياسي ۽ سماجي ويڙهه ۾ شريڪ نه ٿي سگهي ته ان سماج جو اڳتي وڌڻ ناممڪن هوندو. (جيتوڻيڪ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ٿيندڙ اقتصادي سرگرمي ۾ عورت جو مکيه ڪردار آهي پر موٽ ۾ ڪيس ڪجهه به نه ٿو ملي ۽ الٽو ظلم ۽ جبر به ڪيو وڃي ٿو.) مطلب اڌ آبادي فالج جي مرض ۾ ورتل هجي پلي پوءِ جسم جو ٻيو اڌ ڪيترو به صحتمند چو نه هجي اهو ڪجهه به نه ڪري سگهندو ۽ جيئري لاش وانگر ڪٽ تي پيو هوندو. نتيجي طور ان سماج جي مرد تي وري ٻيٽو وزن پوي ٿو. مثال طور جيڪڏهن هڪ گهر ۾ هجن 8 کان 10 ڀاتي ته گهٽ ۾ گهٽ 5 کان 6 ته عورتون هونديون ۽ اهي مرد وري غيرت جي نالي ۾ سيني گهرڀاتين جو وزن پنهنجي ڪلهي تي کڻي هلڻ پنهنجو فرض سمجهندو ۽ سڄي زندگي صرف ئي صرف گهر ئي هلائي سگهندو ته سمجهبو وڏو ڪم ڪري ڇڏيائين. ۽ پوءِ وري اهوئي مرد سياسي ۽ نظرياتي جدوجهد به ڪري، موچڙا به کائي، جيل به وڃي، مظاهرا به ڪري مطلب ته اهو خود ان مرد لاءِ به ٻيٽو عذاب ٿي پوي ٿو. تنهنڪري عورت جي سياسي سماجي جدوجهد ۾ شراڪت ڪانسواءِ ڪنهن به قسم جي سياسي، سماجي آزادي جو تصور ڪرڻ به فضول ٿيندو.

**گهر ۾ پوليس**

هن وقت عراق ۽ افغانستان ۾ موجود آمريڪي فوج کي ڏسي ردعمل ۾ عراقين ۽ افغانين کي سخت ڪاوڙ ۽ غصو ٿيندو هوندو. ۽ جڏهن ڪنهن ملڪ اندر ڪو ماڻهو پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿاريندو ۽ احتجاج ڪندو آهي ته ملڪ جي پوليس يا فوج مٿس تشدد ڪندي آهي



يا ڪيس گرفتار ڪندي اهي ۽ ان تي ماڻهو کي ڪاوڙ ايندي آهي پر جڏهن ڪا قوم اندروني طور تي پنهنجن پنهنجن گهرن اندر هڪڙي ناڪاره، هيسايل، دٻايل، پيڙهيل ۽ ويچاري عورت جي صورت ۾ هڪڙي قسم جي فوج يا پوليس جي گهيري هيٺ هجي ۽ اهو ماڻهو جڏهن سماج ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتي خلاف ويڙهه ڪرڻ چاهي يا جوکم کڻڻ، وڏو سفر ڪرڻ، ويڙهه ڪرڻ، ٻاهر وڃڻ کان ڪيس صبح شام روڪيندي هجي ۽ حالت اها هجي ته ماڻهو ڪاوڙ به نه ڪري سگهي. ۽ مجبور ٿي پنهنجي پنهنجي گهر تي روزانو ڪجهه ڪلاڪ چوڪيداري به ڏئي ته ان ڪليل جيل منجهان ڪو قيدي ٻاهر نه پڄي وڃي.

(3) **عقيدن جا نظام**

مارڪس اينجلس ڏانهن موڪليل پنهنجي هڪ خط ۾ سواليه انداز ۾ پڇي ٿو ته اوڀر جي تاريخ مذهبن جي تاريخ وانگر چو ٿي لڳي؟ ان جي جواب ۾ لکي ٿو ته اوڀر جي سمورن لقائن جي بنيادن جي باري ۾ برنيئر بلڪل درست سمجهي ٿو (ترڪي، ايران ۽ هندستان جو حوالو ڏيندي) ته اهو (بنياد) آهي زمين ۾ ذاتي ملڪيت جو نه هجڻ. ايتريقدر جو اوڀر جي جنتن (جي تصورن) جي به، اها آهي اصل ڪنجي.“ مطلب ته هتان جي سياسي ۽ مذهبي تاريخ جي بنيادن کي سمجهڻ جي اصل ڪنجي زمين ۾ ذاتي ملڪيت جو نه هجڻ آهي.

يورپي سماج جا بنياد يوناني عقل تي بيٺل آهن (پليجو صاحب اڪثر ڪري ان تاريخي ۽ تهذيبي فرق تي ڳالهائيندو رهيو آهي ۽ اها ڳالهه صرف فڪري ۽ علمي ناهي پر اها سماج کي بدلائڻ لاءِ ٿيندڙ جدوجهد لاءِ لازمي نقطو آهي) ان جي ڀيٽ ۾ اسين هڪ اهڙي خطي ۾ پيدا ٿيا آهيون جنهن هن وقت جا وڏا اثر رکندڙ عالمي مذهبن کي جنم ڏنو. مثال طور يهوديت، عيسائيت، (اسلام؟)، هندو ڌرم، ڪنفيوشس، ٻڌ ڌرم، سک مت، تائو مت ۽ جين مت وغيره. اهي سڀ جو سڀ ايشيا جي پيداوار آهن، جيتوڻيڪ انهن جا يورپ تي وڏا اثر پيا پر اهي يورپ جي پيداوار ناهن. انهن عقيدن سبب انسان هن دنيا کي دشمن سمجهڻ، مڙئي مهمان ٿي رهڻ، زندگي سان محبت نه ڪرڻ، مطلب ته

هن دنيا کي بهتر بنائڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ڪئي ۽ الٽو قدرت ۽ نصيب تي ڀاڙيو جنهن جي نتيجي ۾ صدين تائين فڪر، سوچ ۽ عقل کي تالو لڳل رهيو ۽ خود اهو اهم سبب آهي تہ هتي فڪري غلامي طاقتور آهي ۽ اهو ئي سبب آهي تہ هتان جي اڪثر مفڪرن شاعري جي زبان ۾ سچ ڳالهايو ۽ سائنس جا دروازا جيڪي ٿوري عرصي لاءِ کليا ها سي وري اڄ ڏينهن تائين ناهن کلي سگهيا. پر اسين جتي رهون ٿا ان تي وري انديا جي تهذيب جو وڏو اثر رهيو آهي، جڏهن تہ ٻئي پاسي وارن عقيدن ۾ ٿوري گهڻي ويڙهہ جي ڳالهہ ٻولهہ ٿيل آهي، پر هن پاسي وري ماٺ ڪري ويهڻ، جنگلن، ريگستانن ۽ جبلن ڏانهن منهن ڪرڻ، ايتريقدر جو پنهنجي جسم کي عذاب سمجهڻ، مطلب تہ پنهنجي جسم مان نجات حاصل ڪرڻ کي ئي مسئلن جو حل سمجهڻ، يعني سيني برائين جي جڙ آهي ئي انساني جسم، تنهنڪري جيسيتائين جسم هوندو تيسين برائي هوندي، ان حد تائين جو گانڌي جهڙي ماڻهو بہ چيو تہ شاديون ئي نہ ڪجن تہ مسئلو حل آهي، نہ شادي ڪندا ۽ نہ ئي ٻار ڄڻيندا ۽ نہ ئي انساني نسل پيدا ٿيندو، نہ ئي ڪو انسان هوندو نہ ئي ڪو مسئلو ۽ ائين سيني کي مڪتي ملي ويندي. مارڪس لکي ٿو تہ هندستاني مذهب هڪ ئي وقت پرجوش شهوت پرست (جسماني لذت پرست) ۽ پنهنجو پاڻ تي تشدد ڪندڙ نفس ڪشي وارا مذهب آهن.

يورپ هزار سالن جي اونداهي دور ڪانپوءِ عقيدن جي نظام خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو ۽ ان مان هڪ حد تائين پنهنجي جان آجي ڪرائي ۽ نتيجي طور اتي نئين سجاڳي، سائنس، صنعت ۽ سماجي انقلاب آيا. پر ٻئي طرف اهي ئي يورپي قومون جيڪي خود صدين تائين ظلم جو شڪار رهيون انهن وري ٽين دنيا اندر هڪ حد تائين تبديلي آندي پر ساڳئي وقت جاگيرداري، عقيدي پرستي، بادشاهت ۽ فوجي راڄ جهڙين مصيبتن کي نہ صرف جيئن جو تيئن برقرار رکيو پر ڪٿي ڪٿي وڌيڪ مضبوط بڻايو.



لينن لکيو تہ ”پهريائين، عقيدن خلاف ويڙهہ جو ڪم تاريخي طور انقلابي سرمائيداري کي ڪرڻو آهي، ۽ اولهہ ۾، انقلابن جي دورن يا جاگيرداري ۽ قبائليت تي حملي وقت اهو ڪردار گهڻي حد تائين سرمائيدار جمهوريت ادا ڪيو پر روس ۾، سرمائيدار جمهوري انقلاب جي حالتن سبب، ان ڪم جي ذميواري بہ پورهيت طبقي جي ڪلهن تي پوي ٿي.“

پر روس ۽ اوپر جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾، وڏي مصيبت اها ٿي تہ پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ پنهنجي اقتدار کي مستقل بنائڻ لاءِ پاڪستاني رياست کي ئي مذهبي رياست بڻائي ڇڏيو، ۽ اصلوڪين قومن جي سڃاڻپ ختم ڪئي وئي ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو مسئلو اسانجي ڳچي ۾ پيل آهي.

## (4) ذات پات جو نظام

يورپ توڙي دنيا جي ٻين ڪندن ۾ ذات پات جي بنياد تي متڀيد رهيو آهي پر ذات پات جي صورت ۾ هڪ سماجي نظام جي مڪيہ خصوصيت نہ رهيو آهي جڏهن تہ انديا جي سماج جا بنياد ئي جڻ تہ ذات پات جي نظام (برهمڻ، ويش، ڪتري ۽ شودر وغيره) تي ٻڌل آهن. جنهن ۾ خاص ڪري اڇوت جن کي ڇهي بہ نٿو سگهجي.

انهيءَ ذات پات جي نظام جي حوالي سان نمبودريپد (E. M. S. Namboodiripad) لکي ٿو تہ ”(1) انديا ۾ قبيلائي سماجي نظام جي ٽٽڻ ڪانپوءِ پيداواري سرگرمي مختلف روپ اختيار ڪيا، جنهن پورهيي جي ورڇ جي اهڙي صورت کي پيدا ڪيو جنهن ۾ ماڻهن جو مخصوص گروهہ مخصوص قسم جي ڌنڌي ۾ مصروف ٿيو. ان جي نتيجي نون پيداواري رشتن جنم ورتو جنهن کي ذات پات جي نظام جي شڪل ڏني وئي.

(2) اڳاٽي روم، يونان ۽ ٻين اولهہ ايشيائي ملڪن جي غلامداري نظام ۽ انديا جي ذات پات جي نظام ۾ ڪو بنيادي فرق نہ هو پر هڪ فرق اهو هو تہ غلامن جو استحصال کليل نموني اعلانيہ ڪيو ويندو هو ۽ هتي ساڳيو ڪم ذات پات جي لباس ۾ ڪيو ويو.

(3) انهيءَ مخصوص ذات پات جي نظام جي بنياد تي هتي خاص مذهبي ۽ نظرياتي_فلاسافيڪل سرشتي جنم ورتو جيڪو هندو ثقافت، هندو مذهب ۽ هندو فلسفو ۾ ظاهر ٿيو.

(4) ذات پات جي نظام هيٺ پيداواري سرگرمي غلامداري نظام کان سست رهي.

(5) ذات پات جي نظام خود ڪفيل ڳوٺاٽي نظام کي جنم ڏنو ۽ ڳوٺ اندر ماڻهو شيون پنهنجي ضرورت لاءِ ٺاهيندا هئا جڏهن ته تمام ٿورڙيون شيون مٽاسٽا لاءِ پيدا ڪندا هئا.

(6) غلامداري سماجي نظام ۾ استحصالي ۽ ڦورو طبقا پنهنجن غلامن جي محنت سان پيدا ڪيل واڌو شيون ڪپائي ڏوڪڙ حاصل ڪندا هئا ۽ عياشيون ڪندا هئا. انهيءَ مقصد خاطر اولهه ايشيا جي حڪمران طبقن انديا تي حملا ڪيا. انديا جا پنهنجا ڦورو طبقا خود ڪفيل ڳوٺاٽي سرشتي سبب مزاحمت نه ڪري سگهيا ۽ اڪثر حملي آورن هٿان شڪستون کاڌائون.

(7) ٻاهرين حملي آورن ڪانپوءِ شين جي مٽاسٽا ۾ جيڪو ٿورو گهڻو واڌارو ٿيو اهو به صرف حڪمران طبقن جي طلب پوري ڪرڻ تائين محدود هو.

(8) انهن ٻاهرين حملي آورن مان ڪو به ذات پات ۽ خد ڪفيل ڳوٺاٽي نظام جي بنيادن کي ڊاهي نه سگهيو، نتيجو اهو نڪتو جو هندن جي مختلف ذاتين سان گڏوگڏ ”مسلمان ذات“ به پيدا ٿي پئي.

مارڪس لکيو ته هندستان ۾ هڪٻئي پٺيان ٿيندڙ سموريون خانه جنگيون، حملا، انقلاب، فتحون، ڏڪار، عجيب پيچيده، تيز تر ۽ تباهه ڪندڙ عمل لڳن ٿا، پر اهي سڀ ان جي (سماجي نظام جي) مٿاڇري کان هيٺ نه لهي لٿا. برطانيه انڊين سماج جي ڍانچي کي مڪمل طور ڊاهي ڇڏيو آهي، پر ڪنهن نئين تعمير جي نشاني يا علامت ڪانسواءِ.“

ان جا اثر سنڌ تي به پيا. هن وقت به سنڌ ۾، جيتوڻيڪ اڪثريت آبادي جي مسلمان اهي، پر ان باوجود عام طور تي ڪن ذاتين بابت ٽوڪون ۽ ٺٺولون ڪيون وينديون آهن. مختلف علائقن ۾ مختلف ذاتين کي نفرت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي مثال طور ادا فلاڻي ذات ”ڏڦير ذات آهي“، فلاڻي ذات ”هلڪڙي“ ذات آهي، فلاڻا ”گهٽ ذات“، ”نياڳي“ ۽ ”نڪمي“ ذات وغيره. ساڳئي وقت هتي هڪ ذات کان ٻاهر رشتيداري کي عيب سمجهيو ويندو آهي ۽ صدين کان برادري ۽ قبيلائي بنيادن تي محدود هجڻ سبب مٿيون مائٽيون ۽ رشتا ناتا پڻ سوڙهن، ماساتن ۽ پڦاتن کان ٻاهر نه جڙي سگهيا، وڏو ڇيهه ٿيندو ته ڳوٺ، اجان اڳتي ته پوءِ پيلا ذات، مطلب ته چانڊيا چانڊين مان، سومرا سومرن سان، مگسي مگسين سان، شاهه شاهن سان، راڄپر راڄپرن سان، سما سمن سان مٽيون مائٽيون ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي ذات واري ٻي ذات وٽان شادي ڪئي ته چوندا ”ادا ٻڌئي فلاڻي جي فلاڻي جاءِ تان شادي ٿي اٿس“ ٻيو وراڻيندو ”اڙي ان هلڪڙي ذات مان!“. جتيوڻيڪ اهو صرف سماجي پاسو آهي جڏهن ته ٻيو اهم رخ صحت جو پڻ آهي ڇاڪاڻ ته پنهنجي خاندان منجهان شاديون ڪرڻ سبب بيماريون پڻ موروثي طور تي منتقل ٿين ٿيون.

پاڪستان ۾ وري گذريل سٺ سالن دوران مختلف فوجي آمرن طرفان متعارف ڪرايل لوڪل باڊيز جي مختلف نمونن سنڌ ۽ پاڪستان اندر موجود ذات پات جي نظام جي باقيات کي ٻيهر جيئاري ۽ سگهارو بڻايو. مطلب ته ڪابه سياسي ۽ سماجي جدوجهد هلائڻ ۾ جيڪي رڪاوٽون آهن انهن ۾ ٻين مصيبتن سان گڏ هتي جو ذات پات جو نظام به آهي. ۽ اهڙي مصيبت يورپ، روس، چين ۽ ويٽنام ۾ اهڙي صورت ۾ نه هئي، جيڪا اسان وٽ آهي.

## (5) ٻاهريون يلغارون ۽ جنگن جو داستان

ايشيا جي تاريخ جو وڏو داستان جنگين، ويڙهن، ڪاهن، حملن ۽ فتحن جي تاريخ سان ڀريو پيو آهي. ايشيا کنڊ جا جتي ڪيترائي علائقا خوشحال ۽ سرسبر پئي رهيا آهن اتي ئي هن کنڊ ۾ وڏا علائقا ريگستان ۽ رڻ پٽ تي به مشتمل آهن. وڏيون سلطنتون ۽ وڏيون فوجون به هتي رهيون آهن. تنهنڪري هن کنڊ ۾ ٻاهرين ڪاهن کان وڌيڪ اندروني حملي آورن هڪٻئي تي ڪاهون پئي ڪيون آهن.

آرين، ايرانين، رومين، تاتارن، منگولن ۽ عربن وغيره هڪٻئي پٺيان ڪيترين ئي خونريزه ڪاهون ڪيون. پر هن ڪنڌ ۾ ٻئي طرف ڪجهه اهڙا خطا بہ رهيا جتان جي سموري تاريخ جو وڏو حصو ٻاهرين يلغارن، حملن ۽ ڪاهن جو شڪار بڻجندو پئي رهيو آهي. خاص طور انديا ۽ سنڌ.

انديا جي اٿلي سان پيٽ ڪندي مارڪس لکي ٿو تہ ”جهڙي ريت اٿلي، وقت بہ وقت، فاتحن جي تلوارن جي دٻاءِ هيٺ مختلف قومن ۾ پئي ورهائجندي رهي آهي، ساڳيو ئي عمل اسين هندستان ۾ بہ ڏسون ٿا، جڏهن اجا عربن، يا مغلن، يا انگريزن جو دٻاءِ نہ هو، تڏهن بہ (هندستان) ايترين ڪيترين ئي آزاد ۽ هڪٻئي سان وڙهندڙ رياستن ۾ ورهايل هو جيترا اتي شهر، يا ڳوٺ هئا.“

سنڌ تي سدائين کان ٻاهرين قوتن ڪاهون پئي ڪيون آهن ڪڏهن آرين، تہ ڪڏهن عربن، ارغونن، ترخانن، مغلن، انگريزن ۽ وري يوپي ۽ سي پي جي حملي آورن سنڌ کي ڦري لٽي ان کي برباد ڪرڻ جون ڪوششون پئي ڪيون آهن. مطلب تہ ٻين قومن جي پيٽ ۾ جيڪا قوم سدائين ڌارين يلغارن جو شڪار پئي ٿيندي رهي آهي ان سبب ڪري سنڌي قوم جي نفسيات، مزاج، لاڙن، عادتن ۽ ارادن ۾ ان جو عڪس نظر اچي ٿو، اخلاقي، سياسي سرگرمي ۾ ان جي جهلڪ نظر ايندي رهي ٿي. مثال طور سنڌ اندر ڪنهن بہ وڏي ۽ ننڍي تباهي يا ڏک جو اظهار ڪرڻ لاءِ ”گهوڙا ڙي گهوڙا“ جا لفظ اچاريا ويندا آهن جيڪي خود انهن گهوڙي سوار فوجن جي ياداشت جي صورت جو اظهار ڪن ٿا.

## (6) مردار جاگيرداري

جاگيرداري نظام تاريخي طور تي ختم ٿي چڪو آهي، (مطلب تہ ايشيا ۽ دنيا جي ٻين خطن ۾ اها طاقتور حيثيت ۾ موجود آهي ۽ ڪٿي ڪٿي عالمي سامراج طرفان ان کي وري زنده ڪيو ويندو رهيو آهي.) جنهن دور ۾ سڄي دنيا اندر صنعتڪاري وڌي رهي هئي تہ هتي وري برطانوي سامراج مردار جاگيرداري کي نيست و نابود ڪرڻ



بدران ان کي مضبوط ڪيو، ۽ انهي مصيبت کي اڄ ڏينهن تائين پوڄيون پيا. مطلب تہ سرمائيداري کي جاگيرداري سان ويڙهه ڪري ان کي ختم ڪرڻ گهربو هو (جيئن يورپ ۾ ٿيو) پر هتي وري خود سرمائيداري (سامراجي) قوتن ان کي طاقتور بڻايو.

سنڌ ۾ جاگيرداري نظام جي حوالي سان محترم رسول بخش پليجو، 35 سال اڳ، لکي ٿو تہ سنڌي قوم جا نوي سيڪڙو ماڻهو هاري ناري آهن. وڏيرا شاهي سنڌين کي پرمارن سان ٽڪر کائڻ ئي نٿي ڇڏي، ۽ دشمن پاران وچ ۾ ٽپيو، سنڌين کي دسائي ٿي. وڏيرا شاهي سنڌي عوام جي نڙي تي لت رکيو ويني آهي. عوام وڏيرن ۽ سندن دلال ڪامورن جي ڦرلٽ، ڏاڍ، ڌهڪاءَ، ڪوڙن ڪيسن، ڦرين، قيدن جي شڪنجي ۾ اهڙا تہ قابو آهن، جو هن کي پنهنجي تن جو بہ هوش ڪونهي. تاريخي طرح بہ سنڌي جي تباهي جو ڪارڻ اندروني دشمن هئا، نہ تہ ٻاهرين کي مجال ئي ڪانہ هئي، جو سنڌ کي زير ڪري سگهن.

اها ڳالهہ بہ خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ بنگال ۾ پناهگير پنجابي سامراج سان مقابلو ان ڪري سخت ٿيو، جو بنگالي نہ رڳو گهڻا ۽ پري هئا، پر اتي وڏيرڪو نظام تمام ڪمزور هو، ڇو تہ وڏيون زميندار يون اتڻ سان (انگريزن طرفان) اتي ختم ٿي چڪيون هيون ۽ وچون طبقو ۽ غريب عوام زور هئا.

## (7) ٽہ طرفي بالادستي ۽ اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو

اسين صرف ڪنهن هڪ سامراجي بالادستي هيٺ ناهيون پر ٽہ طرفي ظلم ۽ جبر جو شڪار آهيون

(1) آمريڪي سامراج جي غلامي

(2) پاڪستان جي مستقل حڪمران ٽولي

(3) سنڌ اندر ڌارين جي بالادستي

(جيڪو بنيادي ۽ اهم مسئلو آهي ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ ٻاهرين قوت سان وڙهڻ هڪ حد تائين آسان هجي ٿو بہ نسبت ان قوت جي جيڪا اوهان جي گهر ۾ ويٺي هجي ۽ اوهانجي وجود جي دشمن هجي ۽

سنڌي ريت اسانجي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي جدوجهد ۾ رڪاوٽ وجهن ٿا ۽ ان کي نقصان پهچائين ٿا)

(4) شهر اسانجا ناهن

سنڌ اندر ڌارين جي بالادستي ۽ ڌاري آبادي ئي آهي جو اسانجا شهر اسانجا ناهن، دنيا جون مختلف جديد قومون جيڪي پنهنجيون اقتصادي، سياسي جمهوري ڪنديون آهن انهن کي پهريان محاذ شهر مهيا ڪن ٿا جتان اهي پوري دنيا سان ڳنڍيل هجن ٿا، ۽ اهي شهري مورچا گذريل سٺ سالن کان، جڻ ته، سنڌ کان کسيا ويا آهن. انهي ڌاري آبادڪاري وٽ سياسي اقتدار به آهي، ته نوڪرين تي قبضو به آهي ۽ تعليمي ادارن جا رستا به قانوني طور تي بند ڪيو وينو هجي، جيڪڏهن ائين ڪا ٻاهرين (آمريڪي، برطانوي سامراجي قوت) ڪري ها ته معاملو ئي ٻيو هجي ها. مطلب ته اسان تي وزن تمام گهڻو آهي ۽ ٻيو ان کي گهٽائڻ يا حصيدار ٿيڻ جا پاسا بند آهن.

(5) نندي قوم منجهان هجڻ

هڪ ته عالمي سامراجي جبر، ٻيو ملڪي وفاقي جبر ۽ ٽيون اندروني ڌاري يلغار خلاف جدوجهد ڪرڻ جو وزن پر سڀ کان اهم ڳالهه هي آهي ته انهن سان منهن ڏيڻ جيڪا قوت عام طور تي گهربل هوندي آهي اها بدقسمتي سان اسان وٽ ناهي ڇاڪاڻ ته اسين پاڪستان جي نندي قوم منجهان آهيون. اهڙي صورتحال نه روس سان هئي، نه چين سان ۽ نه ئي ويٽنام سان. گهٽ ۾ گهٽ اهي سڀ ڪنهن ٻاهرين سامراجي طاقتن جي ظلم جو شڪار رهيا، روس آزاد ملڪ هو، چين نيم آزاد ۽ ويٽنام مڪمل قبضي هيٺ هو، پر اهي پنهنجن پنهنجن ملڪن جي وڏين قومن منجهان هئا، ۽ سندن شهرن تي سندن قوم جي مالڪي هئي. جيڪڏهن پاڪستان اندر پنجاب سان اها ويڌن هجي ها ته شايد ڪڏهوڪو کي فتحون ماڻي چڪو هجي ها، ڇاڪاڻ ته اسان هڪ ئي وقت عالمي سامراجي ۽ ملڪي وفاقي بالادستي خلاف ڪمزور ۽ نندي قوم هوندي وڙهڻ تي مجبور آهيون.

(6) اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو



دنيا جي سمورا ترقي يافته ملڪن جي تاريخ ۾ انهن ملڪن جي رهواسين سان ظلم ٿيو آهي پر تاريخ جي ڪجهه قومن ڪانسواءِ ڪنهن به قوم سان هي مسئلو ناهي رهيو. يعني پنهنجي ملڪ اندر رهندڙ آبادي کي پنهنجو پاڻ اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو هجي. جهڙوڪ ريڊ انڊين.

## (8) غيرسنڌي سرمائيدار، غيرڪاروباري مڊل ڪلاس ۽ سنڌي صنعتي مزدور جي اٿهوند

خود روس اندر به هڪ حد تائين ائين ٿيو، چين ۽ ويٽنام کي اهو ڪم پاڻ سرانجام ڏيڻو پيو. پر انهن سيني وٽ ڪجهه نه ڪجهه پنهنجو (روسي، چيني ۽ ويٽنامي) سرمائيدار هو جڏهن ته سنڌ اندر جيتري به سرمائيداري آهي اها بدقسمتي سان غيرسنڌي (پنجابي، پناهگير، ڪانياواڙي ۽ گجراتي ميمڻ) سرمائيدارن وٽ آهي جيڪي سنڌ جي مفادن لاءِ ويڙهه ڪرڻ کي جڻ ته پنهنجي لاءِ گار سمجهن ٿا. جيڪا به صنعتڪاري آهي اها وري شهرن ۾ آهي جتي وري يوپي سي پي ڪان آيلن، پناڻن، بنگالين، افغانين، برمين ۽ بلوچن وغيره جي لوڏ وينې آهي. مطلب ته تاريخي حوالي سان جيڪي بهتر ڪم (جاگيرداري کي ختم ڪرڻ) سرمائيداري کي ڪرڻا هئا، سي ته ان نه ڪيا پر سرمائيداري سبب جيڪي بهتر ڪم ٿين ٿا (وڏن شهرن جو اڏجڻ، روزگار جا موقعا، وڏين تنظيمن ناهڻ جا موقعا، ننڍا وڏا ڪاروبار ڪرڻ، بهتر ۽ معياري قسم جي تعليم، بين الاقوامي دنيا سان ڳنڍيل هجڻ، عالمي سطح تي ٿيندڙ تبديلن جا اثر وغيره) ته به انهن جا فائده سنڌي عوام کي ناهن مليا. پر ان کان به اهم ڳالهه هي آهي ته مٿين صورتحال سبب سنڌ جي شهرن ۾ موجود ڪارخانن ۾ سنڌي مزدور اٽي ۾ لوڻ برابر پئي رهيو آهي.

ٻيو اهم پاسو اهو آهي ته انگريزن جي دور ۾ سنڌ ۾ تعليم اٽلي هئي، هتي غيرسنڌي سرمائيدار ۽ شهرن تي ڌارين جي لوڏ مڙهي وئي، گذريل 30 سالن کان تعليمي ادارن ۾ غنڊه گردي سبب سنڌ جو مڊل ڪلاس (وچولو طبقو) به نه ايري سگهيو جيڪو تورو گهڻو آهي

ان جي اڪثريت ڪاروباري مڊل ڪلاس واري نه پر ملازمت پيشه (سروس سيڪٽر) مان پيدا ٿي آهي. پاڪستان ٺهڻ وقت هندو_مسلمان فساد پيدا ڪرائي هتان جي پڙهيل لکيل سنڌي هندو آبادي کي لڏايو ويو جيڪو خال وري ڪارا قانون ناهي زوري ٻاهران آيل يوپي سي پي وارن هٿان پريو ويو. معاملو ان حد تائين پهتو آهي جو ڪراچي جهڙي اهم شهر ۾ اقتصادي موقعا ته پري جي ڳالهه پر خود تعليم جا رستا به سنڌي شاگردن لاءِ بند ڪيا ويا آهن. جڏهن ته پنجاب جي شهر لاهور، سرحد جي شهر پشاور ۽ بلوچستان جي شهر ڪوئٽا ۾ ته ائين ناهي ته اتي پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچ شاگردن جون داخلائون بند ڪيون ويون هجن. جيئن ته مڊل ڪلاس پيدا ٿيڻ جو ٻيو وڏو ذريعو اعلىٰ تعليمي ادارا هجن ٿا، پر پاڪستاني سرڪار بنگالي شاگردن ۽ استادن جي تجربي ڪانپوءِ هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت سنڌ جي تعليمي ادارن کي يرغمال بڻايو ۽ لکين نوجوان شاگردن کي غيرسياسي بڻائي ڇڏيو. مثال طور هن وقت به حيدرآباد جي پسگردائي ۾ سنڌ جا چار وڏا تعليمي ادارا (سنڌ يونيورسٽي، لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي، زرعي يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي سميت ٻيا ننڍا وڏا تعليمي ادارا) موجود آهن جتي گهٽ ۾ گهٽ 50 هزار شاگرد زير تعليم اهن پر گذريل ڪيترن سالن کان انهن تعليمي ادارن جي شاگردن طرفان قومي، جمهوري، طبقاتي جدوجهد ته پري جي ڳالهه خالص تعليمي مسئلن جي حل لاءِ به ڪا جدوجهد ناهي ٿي سگهي.

## (9) تجربيڪار سامراج ۽ سوشلسٽ بلاڪ جو نه هجڻ

جيئن ته سرمائيداري جي تاريخ گهٽ ۾ گهٽ پنج سو سالن تي مشتمل آهي تنهنڪري انهن وٽ صدين جو تجربو آهي، پوءِ ان جي صورت اقتصادي، سياسي ۽ علمي هجي يا سفارتي، جاسوسي ۽ جنگي. مطلب ته سرمائيداري نظام وٽ تاريخي طور سوشلسٽ قوتن جي ڀيٽ ۾ هر لحاظ کان تمام گهڻو تجربو ۽ وسيلا موجود رهيا آهن.

جڏهن فرانس ۾ 1879 ڌاري پئرس ڪميون جو انقلاب آيو ته ان وقت جي سرمائيدار قوتن وٽ ڪنهن سوشلسٽ قوت کي منهن ڏيڻ جو



تجربو نه هو پر جيئن ته اهو پهريون ۽ ڪمزور انقلاب هو ۽ ان وقت سرمائيدار طبقو طاقتور حيثيت ۾ هو نتيجي طور سرمائيدارن گڏجي ان کي شڪست ڏئي ڇڏي.

جڏهن روس ۾ انقلاب آيو تڏهن ان دور جون ٻاهريون ۽ اندريون مکيه خصوصيتون هن ريت هيون: (1) ان دور جون عالمي سامراجي قوتون پهرين عالمي جنگ سبب پاڻ ۾ وڙهي ڊانگو ٿي پيون هيون ۽ تباهه حال ٿي چڪيون هيون، (2) عوام جنگ مان بيزار هو ۽ ٿڪل هو ۽ شدت سان امن جو خواهشمند هو، (3) ٻن عالمي سامراجي ڌاڙيل گروهن وچ ۾ ٽڪراءُ سبب اهي سوويت يونين خلاف گڏ ٿيڻ جي قابل نه هئا، (4) وسيع ايراضي ۽ ڪمزور رابطي جي نظام سبب (ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾) هڪ ڊگهي خانه جنگي (گهرو ويڙهه) کي برداشت ڪرڻ جي گنجائش، (5) سرمائيدار جمهوري انقلابي تحريڪ جو هجڻ (6) يورپ اندر پورهيت طبقي جي طاقتور تحريڪ جو هجڻ

انهن معروضي خصوصيتن کي آڏو رکندي لينن چيو ته ”اهڙيون مخصوص حالتون هن وقت اولهه يورپ ۾ موجود ناهن تنهنڪري اولهه يورپ لاءِ انقلاب جي شروعات ڪرڻ اسان کان وڌيڪ ڏکيو ٿيندو.“

اندروني خصوصيتون (1) وسيع تر پورهيت طبقي جي سرگرم حمايت حاصل هئي (2) انقلابي پارٽي (بالشوڪ پارٽي) (3) ڪمزور روسي سرمائيدار ۽ جاگيردار (جنهن کي هاري بغاوتن تباهه حال ڪري ڇڏيو هو) (4) رد انقلاب کي منهن ڏيڻ لاءِ وسيع تر علائقي ۽ نئين رياست جي موجودگي (5) رد انقلاب خلاف جدوجهد ڪرڻ لاءِ وسيلن جو هجڻ (6) خود روس اندر حڪمران ڌر سخت ڪمزور ٿي چڪي هئي ۽ بحرانن ۾ ڦاٿل هئي.

مٿين ٻنهين معروضي ۽ اندروني خصوصيتن سان گڏ، موجوده دور جي ڀيٽ ۾، ٻين ڪيترن نرالين خصوصيتن مان هڪ هي به هئي ته ڪنهن سوشلسٽ قوت کي شڪست ڏيڻ ۽ ان کي روڪڻ ۽ منهن ڏيڻ جو عالمي سامراجي قوتن وٽ تجربو نه هئڻ برابر هو.

آهي سامراج. مطلب ته پاڪستان جي جمهوري، قومي، سيڪيولر، ترقي پسند ۽ طبقاتي سوالن تي ٿيندڙ جدوجهدن آڏو وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ عالمي سامراج پئي رهيو آهي.

## (10) پاڪستان: هڪ عسڪري رياست

بنيادي طور پاڪستان جي اصل اقتدار ڌڻين پنهنجي پوري تاريخ ۾ مڪيه طرح ٻن ايجنڊائن (سامراجي پرستي ۽ آمريتي راڄ) تي عمل پئي ڪيو آهي ۽ انهن ٻن پاليسين کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ٻيا ڪوڙ سارا ”ڪم“ سرانجام ڏنا آهن. پاڪستان هڪ ”آزاد ۽ خودمختيار“ مملڪت ٿيڻ ڪانپوءِ برطانيه بدران ٻي سامراجي طاقت جي ڪالوني طور پئي ڪم ڪيو آهي. پاڪستان اندر آمريتي حڪومتون سدائين آمريڪي سامراجي جي مدد سان ئي هليون ۽ وڌيون آهن ۽ آمريڪي سامراج اربين ڪربين ڊالر ڏئي آمريتي قوتن کي تاتي مواڙ ڪندو رهيو آهي ۽ خود پاڪستان جي بجيٽ جو وڏو حصو پڻ انهن ئي قوتن تي خرچ ٿيندو رهيو آهي. جنهن ڪري دنيا ۾ پاڪستان جي سڃاڻپ هڪ عسڪري رياست طور ڪئي وڃي ٿي. نتيجي طور پاڪستان اندر جڏهن به ڪو جمهوري عمل شروع ٿيو آهي يا جڏهن به ڪنهن ننڍي قوم طرفان پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي وئي آهي تڏهن آمريتي راڄ مڙهي انهن قوتن کي ڪچليو ويندو رهيو آهي. سٺ سالن جي تاريخ ۾ جڏهن به ڪنهن ننڍي قوم طرفان مارشلا خلاف جدوجهد ڪئي وئي ته انهن کي غدار سڏيو ويو ۽ اهو چيو ويو ته ”ملڪ جي سالميت“ کي خطرو آهي.

### مضبوط فوجي راڄ ۽ ڪمزور سياست

جيڪڏهن پاڪستان جي ڀيٽ مضبوط فوجي راڄ جي حوالي سان روس ۽ چين يا ويٽنام سان ڪئي وڃي ته صورتحال ساڳئي نظر ايندي، ڇاڪاڻ ته روسي انقلاب کان اڳ روسي سلطنت وٽ هڪ طاقتور فوج هئي جيڪا ان وقت هارايل فوج هئي، چين ۾ پڻ هڪ طاقتور فوج هئي ۽ ويٽنام ۾ به هئي پر فرق اهو هو ته انهن فوجي



ٻئي طرف جڏهن چين ۾ انقلاب آيو تڏهن (1) ساڳئي ريت ان دور جون عالمي سامراجي قوتون ٻين عالمي جنگ سبب پاڻ کي تباهه ڪري چڪيون هيون (2) موجوده دور جي ڀيٽ ۾، ڪنهن نئين اڀرندڙ سوشلسٽ کي منهن ڏاڍو ڏکيو ٿي چڪو هو (3) موجوده دور جي ڀيٽ ۾، ان وقت هڪ عالمي طور تي فاتح عالمي سوشلسٽ بلاڪ موجود هو (4) چين جي اندروني طور گهرو ويڙهه ۽ جاپان خلاف جنگ سبب حڪمران طبقو سخت بحرانن کي منهن ڏئي رهيو هو. (5) چين وسيع ايراضي ۽ وڏي آبادي وارو ملڪ هو ۽ جاپان ننڍي ايراضي ۽ ٿوري آبادي وارو ملڪ هو.

موجوده دور ۽ اسانجي حالتن جي ڀيٽ ۾، جڏهن ويٽنام ۾ انقلاب آيو تڏهن ڪجهه هڪجهڙائين سان گڏوگڏ ان جون ڪجهه نراليون خصوصيتون هي هيون (1) عالمي سامراج ۽ سوشلسٽ بلاڪ ۾ سرد جنگ هلندڙ هئي (2) ان وقت ويٽنام کي سوشلسٽ بلاڪ جي مدد حاصل هئي وغيره

جنهن وقت هتي انقلابي قوتون اجان پڪيون ۽ پختيون ئي مس ٿيون هيون ته (1) سوويت يونين ڍير ٿي پئي ۽ ڪئي وئي (2) عارضي طور عالمي سامراج اڪيلي فاتح وانگر دنيا مٿان لامارا ڏئي رهيو هو ۽ آهي (3) عالمي سامراج وٽ سوشلسٽ قوتن کي روڪڻ، انهن کي ڪچلڻ ۽ شڪست ڏيڻ جو گذريل ڏيڍ سو سالن جو تجربو حاصل آهي (4) عالمي طور تي ڪوبه سوشلسٽ بلاڪ موجود نه آهي (5) عالمي ميدان تي مکيه ويڙهه عالمي سامراج ۽ سوشلسٽ قوتن بدران عالمي سامراج ۽ سندس پيدا ڪيل انتهاپسند ۽ دهشتگرد قوتن جي وچ ۾ هلندڙ آهي.

پاڪستان اندر فوجي آمريتن جي مدد ڪندڙ، نسلي ۽ مذهبي دهشتگردي جا بنياد وجهندڙ ۽ پالنا ڪندڙ، اقتصادي ۽ انتظامي طرح لولو لنگڙو بنائيندڙ، پاڙيسڙي ملڪن سان ناتا خراب بنائيندڙ، جاگيرداري ۽ قبائليت جي مدد ڪندڙ، جمهوري حڪومتن کي ڊاهيندڙن جي مدد ڪندڙ، سياسي اڳواڻن کي مارائيندڙ ڪير؟ جواب

قوتن جي آڏو طاقتور سياسي قوتون بہ هيون، جڏهن تہ پاڪستان ۾ ابتدا کان وٺي فوجي قوتون ئي طاقتور پئي رهيون آهن.

برطانيہ ٻين عالمي جنگ ۾ تباهہ حال ٿي چڪو هو ۽ سوويت يونين کي فتح حاصل ٿي هئي ۽ ٻئي طرف ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جو دٻاءُ هو جنهن جي نتيجي ۾ برطانيہ هتان هليو ويو پر پاڪستان ۽ انڊيا جي ورهاڱي ڪانپوءِ انڊيا اندر ڪانگريس جي صورت ۾ هڪڙي سياسي قوت هئي جنهن اقتدار جون واڳون سنڀاليون، جڏهن تہ ان جي ابتڙ پاڪستان ٺهڻ کان ترت پوءِ جناح گذاري ويو ۽ ان وقت مسلم ليگ جي حيثيت نالي ماتر هئي، ان جي قيادت جي اڪثريت جاگيردارن، نوابن ۽ ٻاهر کان آيلن وٽ هئي جن جون پاڙون هتان جي عوام ۾ نہ هيون ۽ انهي سياسي خال کي اچي ڀريو پاڪستان جي بيوروڪريسي ۽ فوج جيڪي ان وقت طاقتور ڌريون هيون، نتيجو اهو نڪتو تہ پاڪستان پهريان ڏهہ سال بيوروڪريسي جي آمريت هيٺ رهيو ۽ ٻيو ڏهاڪو فوجي آمريت هيٺ رهيو ۽ وري ڏهاڪو بہ بدقسمتي سان بيوروڪريسي ۽ فوجي قوتن جي جونيئر پارٽنر وڏيراشاهي جي آمريت رهي. مطلب تہ پاڪستان جي وسيع تر عوام کي سياسي تجربو نہ هجڻ ۽ مضبوط سياسي ادارن جي نہ اسرڻ سبب طاقت جو توازن هميشہ فوجي ۽ سول آمريتن جي پاسي رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ پاڪستان جي ڇهن ڏهاڪن جي تاريخ جو وڏو فوجي آمريت ئي رهي آهي، باقي رهيل حصو وري انهن جي جونيئر پارٽنرن (چوڌرين، وڏيرن، خانن، سردارن) جي حوالي رهيو آهي. عوام کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ هتي پاڪستاني اسٽبلشمينٽ هميشہ هر پنجن ۽ ڏهن سالن ڪانپوءِ پنهنجيون "سياسي جماعتون ۽ اڳواڻ" پيدا ڪندي رهي آهي، ڪڏهن "الف" ليگ، تہ ڪڏهن "ق" ليگ وغيره. مطلب تہ گذريل ڇهن ڏهاڪن کان "مستقل اقتدار ڌڻين" پاڪستان اندر ڪنهن بہ قسم جي عوامي سياست جي آڏو نہ رڳو رنڊڪون وڌيون آهن پر هميشہ کان ان کي ڪچليندا رهيون آهن. تنهنڪري پاڪستان اندر



جيڪي مکيہ تضاد آهن انهن ۾ هڪڙو وڏو تضاد فوجي آمريت ۽ سياسي قوتن وچ ۾ رهيو آهي.

### مذهبي فرقيواريت، جنونيت ۽ خودڪش حملا

متين تضاد جو ڳهرو تعلق عالمي سامراجي طاقتن سان آهي. گذريل سٺ سالن جي سامراجي پاليسين تي عمل ڪندي پاڪستان ڪيتريون ئي مصيبتون ڀوڳيون آهن جن ۾ افغانستان ۾ نجيب الل جي حڪومت جي خاتمي لاءِ عالمي سامراج سوچيل سمجهيل سازش تحت پاڪستان اندر مذهبي جنونيت کي هٿي وٺرائي. ۽ انهي نتيجي ۾ (سامراجي آشيرواد هيٺ مڙهيل) آمريتي راڄ، انتهاپسندي، مذهبي جنونيت، فرقيواريت، خودڪش حملا، خوف ۽ دهشتگردي جهڙا "تحفا" شامل آهن. هن وقت ڪجهہ علائقن ۾ عالمي سامراج جي پيدا ڪيل چند انتهاپسند، مذهبي جنونين ۽ دهشتگردن طرفان مذهب جي آڙ ۾ معصوم ٻارڙن جي تعليم لاءِ قائم ٿيل اسڪولن کي تباهہ ڪرڻ، عام ماڻهن تي خودڪش حملا ڪرڻ، بمن ۽ هٿياربند حملن ذريعي قتل عام ڪرڻ، ثقافتي ورثن کي تباهہ ڪرڻ، عورتن تي تشدد، صدين پراڻن قانونن کي وري لاڳو ڪرڻ، جديد ٽيڪنالاجي کان نفرت ڪرڻ، غيرمسلمانن خلاف نفرت پکيڙڻ، خوف، هراس ۽ ڏهڪاءُ پکيڙڻ ۽ دهشتگردي ڦهلائڻ جهڙين انسان دشمن ڪارروائيون پيون ٿين. اهڙي صورتحال يورپ، روس، چين ۽ ويٽنام سان نہ هئي. تنهنڪري گهٽ ۾ گهٽ گذريل ٽيهارو سالن کان هتي عالمي سامراج ۽ سندس پيدا ڪيل دهشتگردي ۽ انتهاپسندي خلاف جدوجهد ڪرڻ (متين ملڪن جي پيٽ ۾ اضافي) ضرورت آهي.

### (11) فڪري رجعت پرستي

قوم جي تقدير بدلائڻ لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ سڀ کان پهريائين اهو لازم ٿئي ٿو تہ ان قوم جي وسيع تر آبادي کي سندن دشمنن ۽ سڄڻن جي باري ۾ تعليم مليل هجي تہ جيئن اهي دوست ۽ دشمن جي پرک ڪري سگهن. ان لاءِ نظرياتي جدوجهد ڪئي ويندي آهي، ڇاڪاڻ تہ جيسيتائين ان کي صحيح سياسي تعليم نہ مليل هوندي تہ هو دشمن کي دوست ۽ دوست کي دشمن سمجهندو رهندو ۽ نتيجو اهو نڪرندو جو سدائين بيوقوفي جو شڪار ٿيندو رهندو.

سنڌ اندر اقتصادي ۽ سياسي غلامي تہ آهي ئي آهي پر اهم ڳالھ تہ نظرياتي غلامي ۽ فڪري غلامي بہ آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ ڪي بہ وڏا مفڪر، فلسفي، سائنسدان، نظريہ دان، جنرل ۽ تاريخ نويس وغيره پيدا نہ ٿي سگھيا آهن. فڪري غلامي جي هڪڙي صورت سياسي عقيدي پرستي ۽ پيرپرستي بہ آهي. مطلب تہ هتي اڳواڻ ۽ انهن جا خيال ۽ عمل پاڪ، صاف ۽ مقدس ٿين ٿا جن بابت سچ لکي نہ ٿا سگھو جيڪڏهن لکندا تہ پوءِ اوهين ٿي ويندا ”واجب القتل“. جيتوڻيڪ ڪنهن بہ قوم جي آزادي لاءِ مختلف قسم جون اقتصادي، سياسي ۽ سماجي پرامن توڙي هٿياربند جدوجهد کان اڳ ۾ ان قوم جو اديب، دانشور، شاعر ۽ ليکڪ سڀ کان پهريائين نظرياتي جدوجهد ذريعي ميدان صاف ڪندا آهن پر هتان جا اديب، شاعر ۽ ليکڪ موقعي پرست ۽ ٽڪي پيسي جي نوڪري وٺڻ وارا رهيا آهن ۽ پوءِ مصلحتون ۽ مفاهتون ڪندي قوم ۽ عوام کي بيقدرائي جا طعنا ڏيندا رهندا آهن.

محترم رسول بخش پليجو لکي ٿو تہ سنڌي پڙهيل طبقو دنيا جي انقلابي ۽ سماجي وهڪرن کان ڪٽيل آهي، ڪيس دنيا جي علمي، فڪري ۽ سائنسي واڌارن جي ڪابہ خبر ناهي، دنيا جي ٻين ٻولين جا ڪجھ ڪتاب ۽ ادب فقط اردو ۾ ترجمو ٿين ٿا. انهن کي عام سنڌي پڙهيل چڱي طرح پڙهي نٿو سگھي. اردو جي آڙ ۾ ٿيل بدمعاشين ڪري جيڪي ٿورا گھڻا سنڌي اردو پڙهي سگھندا هئا سي بہ ان کان بيزار ٿي ويا آهن. هاڻي سنڌي پڙهيل طبقي جي ڪُل موڙي ۽ ڪائنات وڃي بہ چار سنڌي چوپڙيون ۽ بہ چار رسالا رهيا آهن. ان ۾ ٻي دنيا تہ ٺهيو پر رڳو پاڪستان جي ٻين علائقن بابت پورو سُڌ سماءُ بہ ڪونہ هوندو آهي. سنڌي ٻولي سان ماٽيجي ماءُ وارو ورتاءُ، جيڪو ون يونٽ جي دور کان ٿيندو رهيو آهي اهو اڃا تائين جاري آهي، ان ڪري سنڌي ۾ انقلابي علمي تہ ٺهيو پر عام علمي ڪتابن جي اشاعت بہ بنھ نہ جهڙي پئي رهي آهي. انهن سببن جي ڪري سنڌي پڙهيل طبقو، خاص ڪري شاگرد جهالت جي ڌٻڻ ۾ گتو پيو آهي.



دشمنن کي سياسي ۽ اقتصادي ميدان تي شڪست ڏيڻ کان پهريائين ضروري هجي ٿو تہ انهن کي نظرياتي ميدان تي شڪست ڏني وڃي. جيئن تہ اسانجو تعلق پاڪستان سان آهي ۽ جيڪو پاڪستان هن وقت آهي ظاهر ڳالھ آهي تہ ان جون پاڙون ماضي ۾ ڪتل هونديون ۽ جيسيتائين سنڌ ۽ پاڪستان جي وسيع تر عوام کي اهو معلوم نہ هوندو تہ سندن تاريخ ۾ ڇا ڇا ٿيو ۽ ڪير ڪير ان جا ذميوار هئا؟ سندن قوم ۽ وطن کي تباهي ڪناري پهچايو؟ ڪهڙا غدار هئا ۽ ڪهڙا سڄڻ؟ ڪهڙن ماڻهن پاڪستان ناهڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪهڙن ان کي تباھ ڪرڻ جو ڪم ڪيو؟ مثال طور سنڌ اندر جناح بابت تمام گھڻيون ڪوڙيون ڳالهيون ڦهلايون ويون آهن، نتيجي طور جناح جي بهتر پاسن بابت عوام کي تعليم ڏيڻ لاءِ اهو ڪم بہ هن کي ئي ڪرڻو پوندو. ڪهڙا هئا جن انگريزي پڙهڻ نہ ڏني وغيره وغيره. پاڪستان جي حڪمرانن گذريل سٺ سالن کان ڪوڙي پرچارڪ ڪري نظرياتي طرح ڪروڙين ماڻهن جي ذهنن کي اپاهج، مايوسي ۾ وڪوڙيل ۽ مڏو بڻائي ڇڏيو آهي جو هن وقت بہ وڏي اڪثريت موجوده حڪومت کان بيزار ٿيڻ ڪانپوءِ الٽو سياست کان ئي بيزار ٿي وئي آهي ۽ اها ڳالھ ظالم حڪمرانن جي فائدي ۾ آهي تہ عوام پنهنجي مرض جي دوا (يعني سياست) کان پري رهي تہ جيئن ظالم حڪمران سدائين هنن کي استعمال ڪندا رهن.

**(12) موجوده دور جون خصوصيتون**

**پنج سماجي نظام**

دنيا جي سموري تاريخ جي مختلف دورن ۾ ٿلهي ليکي هڪ ئي وقت هڪڙي ئي قسم جا سماجي نظام رهيا آهن. مثال طور يورپ ۾ جاگيرداري کان اڳ صدين تائين غلامداري سماجي نظام رهيو بعد ۾ جاگيرداري ۽ تنهن ڪانپوءِ سرمائيداري نظام قائم ٿيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. جيتوڻيڪ اڳوڻن نظامن (غلام داري ۽ جاگيرداري) جون ڪجھ باقيات اڄاتائين رهيو اچن پيون. پر هن وقت ٿلهي ليکي يورپ جو وڏو حصو سرمائيداري نظام هيٺ رهي ٿو.

بهرحال هن وقت عالمي دنيا (عالمي ڳوٺ) تي سرسري نظر ڦيرائي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته موجوده عالمي ڳوٺ ۾ انساني تاريخ جا پنج سماجي نظام مختلف خطن، ملڪن ۽ ڪندن ۾ وجود رکن ٿا (يعني اوائلي اشتراڪي، غلامداري، جاگيرداري، سرمائيداري ۽ سماجوادي نظام) جيڪي پوري ۽ اڻپوري صورت ۾ وجود رکن ٿا.

## عالمي ڳوٺ

جديد دور جي رابطن جي ٽيڪنالوجي سبب موجود دنيا هڪڙي ڳوٺ وانگر لڳي ٿي ۽ دنيا جون مختلف قومون ۽ تهذيبون هڪٻئي کي تيزي سان اثرانداز ڪن ٿيون. ٽي وي، ريڊيو، اخبار، ڪمپيوٽر، فون، موبائل ۽ انٽرنيٽ وغيره دنيا کي ڳنڍي ڇڏيو آهي. دنيا ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جو تمام وڏو تعداد پيدا ٿي چڪو آهي.

## عالمي سامراجي نظام جي هڪ هٽي

اڄ کان 100 سال اڳ دنيا مختلف عالمي قوتن جي قبضي هيٺ هئي، ۽ 70 سال اڳ پڻ ساڳئي صورتحال هئي، ۽ 15_20 سال اڳ دنيا ٻن بلاڪن ۽ انهن جي اثر هيٺ هلندڙ ملڪن ۾ ورهايل هئي. هڪ طرف هو سرمائيدار بلاڪ ته ٻئي طرف هو سوشلسٽ بلاڪ. جيتوڻيڪ هن وقت ٻيون قوتون به وجود رکن ٿيون پر سماجي نظام جي حوالي سان دنيا هڪ طرفي (Uni-polar) عالمي سامراجي نظام جي غلبي هيٺ رهي ٿي. ڪيتريون ئي سوشلسٽ قوتون موجود آهن پر انهن جو ڪوبه ڄٽادار ماڊل نه هئڻ برابر ۽ عالمي اثر رکندڙ ناهن. هن وقت ظاهري طرح عالمي سامراج ۽ سندس پيدا ڪيل مذهبي انتهاپسندي، دهشتگردي جي وچ ۾ ويڙهه هلندڙ آهي. بهرحال، هن وقت عالمي سامراج پنهنجي زوال طرف وڌي پيو.

## صبح ٿيندو

مٿين سمورين تاريخي بلائن، مصيبتن ۽ عذابن کي پوڳڻ ڪانپوءِ سنڌي قوم ڪٿي بيٺي آهي؟ سنڌي قوم ڇا وڃايو ۽ ڇا حاصل ڪيو؟ ان حوالي سان، اڄ کان 35 سال اڳ، محترم رسول بخش پليجي لکيو ته درويش الله لوڪ ماڻهو سيني ڏٺا ۽ ٻُڌا آهن، نه ڪنهن جي هنئي ۾



نه ڪنئي ۾، پرايا ٽپڙ ۽ ملڪيت ته نهيو، پر پچار ڪان به پري، پنهنجا ڪن جهليو پيا هلندا آهن، نه دين جي خبر نه دنيا جي، پنهنجو پاڻ ۾ گم، بک به تهڙي، ڏوُ به تهڙو، نفعي نقصان، هوند اڻهوند جي چڪر ڪان پري، ”جيڪي قسمت ۾ هوندو سو ملندو،“ ڪو ڦري ويو ته ڇا، جي ماري ويو ته ڇا، چي، ”سڀ ڪنهن جي نيت،“ وجي ڇائي پائي، اکين جو ڏوُ پيٽ جي بک، پاڻيهي ڪيتو ڏيندو، اسانجو الله اسان سان، جيئن ڇهنب ڏني اٿس، تيئن چوُڻو به ڏيندو.“

وري ٻئي هنڌ لکي ٿو ته ذري گهٽ هزار سال اسين درويش رهيا آهيون، اهو عرصو گهٽ ڪونهي، بهتر آهي ته هاڻ ڪجهه اکيون کوليون، ڪجهه ڏسون وائسون، ڪجهه ويچار ڪريون، ڪجهه ڳولا ڪريون.

## ناڪامي ۽ ڪاميابي جو پيمانو

مٿين سمورين خصوصيتن کي سمجهندي سنڌ ۾ جيڪا دعوىٰ ڪئي وئي اها ناڪام ٿي يا ڪامياب؟ ان تي ڳالهائڻ کان پهريائين اهو طئي ڪجي ته عام طور تي ڪاميابي ۽ ناڪامي جي معنىٰ ڪهڙي ورتي وجي ٿي؟ ڇا ڪاميابي جي معنىٰ وزيراعظم، وزيراعلىٰ، وزير، مشير، ايم پي اي، ايم اين اي يا ناظم ٿيڻ آهي؟ ڇا اليڪشن ۾ کٽڻ ڪاميابي جي علامت آهي؟ جيڪڏهن ها ته پوءِ سنڌ مان گذريل سٺ سالن کان چوندجندڙ نمائندن جي ڪاميابي جون نشانيون شايد هيٺين ريت بيان ڪري سگهجن ٿيون ۽ پوءِ فيصلو پڙهندڙ تي ڇڏجي ته ڇا اها ڪاميابي آهي يا ناڪامي؟

سنڌ جي شهرن تي ڌارين جو قبضو، لکين ماڻهو بيروزگار، دريا تي ڌاڙا، معدني وسيلن (تيل، گيس، ڪوئلو) تي قبضو، قبائلي رتوڇاڻ، ڪاروڪاري تحت ٿيندڙ روزانو قتل، تعليمي ادارا تباهه، لکين ايڪڙ زمين تي ڌارين جو قبضو، روڊن رستن تي قبضو، اڪثريت آبادي وٽ اٽي، لٽي ۽ اجهي جي اڻهوند، ٻهراڙين ۾ ڌاڙيل، شهرن ۾ دهشتگرد، روزانو ڦرون، اغوا، ڌاڙا ۽ قتل، خودڪشيون، روڊ رستا تباهه، بجلي،

گيس، پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ، گندگي ۽ ٻيون لاتعداد مصيبتن جو هجڻ ڇا اها آهي ڪاميابي؟

## هزار مصيبتون ۽ هڪڙو انسان

جيتوڻيڪ سنڌي قوم جا ڪي بهتر پاسا آهن پر صدين تائين غلام رهڻ سبب ان جي تاريخ جو وڏو حصو رجعت پرست آهي، ۽ ان جا بهتر پاسا اڄ سوڌو اسانجي لاءِ ڪارائتا هوندي به رجعتي پاسا وڏي رڪاوٽ آهن. سنڌ جي تاريخ ۾ ڪي به عظيم شخصيتون ناهن پيدا ٿيون، جيئن دنيا جي ترقي يافته قومن منجهه پيدا ٿيون آهن. مثال طور سنڌ ۾ هڪڙو به وڏو سائنسدان، فلسفي، مفڪر، جنرل، فنڪار ۽ مصور وغيره پيدا نه ٿي سگهيو آهي. جيڪڏهن سنڌ ڪي ماڻهو پيدا ڪيا آهن ته اهي آهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ رسول بخش پليجو. سنڌ هڪ ٻيو وڏو شاعر پيدا ڪيو پر ان جي حالت وڃي اها ٿي جو پنهنجي شاعري تان ئي هٿ ڪڍي ويو، ٻين مان گهڻن نوڪريون ورتون ۽ ڪي وري سنڌين جي قاتل دهشتگردن جي اڳيان سجده نشين ٿيا ۽ سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ ڪاٻي ڌر جي سياست کي بيهوشي جا دورا پيا، ڪيترين ئي ”ڪاٻيون“ پارٽيون هيون جيڪي ٽٽي ويون ۽ انهن مان ڪجهه مندر ۽ مسجدون وسايون ته ڪن وري ”انالحق“ جا نعره بلند ڪيا، ته ڪي وري توبهه تائب ڪري پنهنجن ڪاروبارن ۾ لڳي ويا. هڪڙا ڪاٻا مفڪر اهڙا جيڪي وري وڏيرن پٺيان پيا هلن. اهڙي علمي ۽ فڪري ڏڪار واري سماج ۾ پيدا ٿيو هڪڙو ماڻهو، ظاهر ڳالهه ته ان صورتحال ۾ جيڪي ڪم ان هڪڙي شخص ڪيا آهن اهي ڪنهن به ڪرشمي کان گهٽ ناهن. مثال طور سنڌ جي هزارين سالن کان پيڙهيل، ماريل ۽ ڌتڙيل هارين، مزدورن، عورتن کي شعور ڏيڻ، انهن جون تنظيمون ناهڻ ۽ انهن طرفان جدوجهد ڪرڻ جو مثال سنڌ جي تاريخ ۾ نٿو ملي. ادب، فن، سياست ۾ نوان گس ۽ نيون روايتون قائم ڪرڻ، سنڌ جهڙي سماج ۾ هن هڪ انقلابي قسم جي پارٽي ناهڻ ۽ اها تنظيم مسلسل ويڙهه جي ميدان تي هراول دستي وانگر وڙهندي پئي اچي (مثال طور، زمينن جي نيلامي بند ڪريو تحريڪ،



ون يونٽ مخالف جدوجهد، ايم آر ڊي، مشرف جي فوجي آمريت خلاف جدوجهدون وغيره). جتي ٻيا ڪيترائي ”سرخا“ اڳواڻ ۽ جماعتون پڄي ويون. جيڪڏهن شاعرن جو دفاع ڪرڻو آهي ته به هي شخص ڪري، جيڪڏهن سنڌ جي زندگي ۽ موت جهڙي مسئلي ڪالاباغ ڊيم تي تحقيق ۽ جدوجهد ڪرڻي آهي ته به هي شخص ڪري، جيڪڏهن ڊگهي ۾ ڊگهي جيل ڪاٽڻي هجي ته به هي، جيڪڏهن سنڌ جي تاريخ کي درست ڪرڻو هجي ته به هي، تعليمي ادارن ۾ ٿيندڙ ”قومپرست“ دهشتگردي کي وائکو ڪرڻ جو ڪم به هي ڪري، ڪي نوان علمي ۽ فڪري گس ڳولڻا هجن، تاريخي درستگي (جناح، جي ايم سيد، پٽي، ڪانگريس، هندو مسلمان جو تاريخي ڪردار) ڪرڻي هجي، سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ جمهوريت ۽ قومپرستي جي نالي ۾ ٿيل دوکن ۽ ٺڳين کي پڌرو ڪرڻ لاءِ، مطلب ته سياسي جدوجهد سان گڏوگڏ نظرياتي جدوجهد ۽ فڪري آزادي لاءِ ويڙهه ڪرڻ جو ڪم به رسول بخش پليجو سرانجام ڏنو ۽ اجا تائين ڏئي پيو.

## سياسي ڌارائون ۽ ٻيٽي ذميواري

پاڪستان جي سٺ سالن جي تاريخ ۾ ظاهري طور تي مختلف قسمن جون سياسي ڌارائون پئي رهيون آهن. ۽ سنڌ ۾ خاص طور تي ٽن قسمن (طبقاتي، قومي ۽ جمهوري) جا رجحان موجود رهيا آهن. سنڌ اندر جيڪي ڪاٻي ڌر جون سياسي جماعتون هيون انهن جو سنڌ جي قومي مسئلن سان ڪوبه واسطو ڪونه هو، سنڌ جي تعليم، روزگار، معدني وسيلن ۽ ڪالاباغ ڊيم جهڙين مصيبتن ۽ نسلي دهشتگردن خلاف جدوجهد ڪرڻ جو ڪم هنن نه ڪيو. ٻئي طرف قومپرست جماعتون هيون انهن جو جمهوري سوال سان ڄڻ ته ڪو واسطو ئي نه هو ۽ نه ئي آهي، ضياالحق جي 11 ساله آمريت ۽ جنرل مشرف جي 11 ساله آمريت خلاف جدوجهد ڪرڻ هنن جو ڪم نه هو، وڏيرن جي غداراڻن ڪمن (پ پ ۽ ق ليگ وغيره) خلاف اکر به ناهي ڳالهائڻو، عالمي سامراجيت ۽ نسلي دهشتگردن خلاف ويڙهه سان واسطو ئي ناهي، نه فقط اهو پر دهشتگردن کي پاڪر پائڻ ۽ سنڌين جا خون

معاف ڪرڻ ۾ هراول طور ڪم ڪرڻ، تعليمي ادارن ڪي تباهه ڪري هنن قومي جدوجهد ڪي ڪمزور ڪيو. ٽئين طرف جمهوريت جي دعويدار ڌر (پ پ وغيره) جن اٿي، لٿي ۾ اڃهي جي نالي ۾ سنڌي عوام ڪي بيوقوف بڻايو، انهن جمهوريت بدران وڏيرن ڪي مضبوط بڻايو، قومي ۽ طبقاتي سوالن سان هنن جو ڪوبه واسطو نه رهيو آهي، فوجي آمريتن خلاف توڙ تائين جدوجهد نه ڪرڻ ۽ الٽو انهن سان مفاهمتون ڪرڻ جو فرض بهتر نموني پئي نڀايو آهي، هنن ڪڏهن به جمهوري سوال تي اڳرائي ڪري ويڙهه نه ڪئي. مطلب ته پاڪستان اندر طبقاتي سوال سان قومپرستن ۽ جمهوريت جي دعويدارن جو واسطو نه هو، ڪاٻي ڌر وارن جو قومي سوال ۽ ٻين هزار مسئلن سان ڪو تعلق ئي نه هو، قومپرستن جو وري ڪنهن جمهوري ۽ طبقاتي جدوجهد سان دعاسلام ئي نه هئي. ٻئي طرف طبقاتي سوال تي به اسين ويڙهه ڪريون، جمهوري سوال تي به اسين جدوجهد ڪريون ۽ قومي مورچن تي به اسين وڙهون. مثال طور تازو انصاف جي آزادي لاءِ جدوجهد ٿي جنهن ۾ سنڌ جي قومپرست، جمهوريت جي دعويدار ۽ سماجوادي ڌرين جو ڪوبه واسطو نه هو، جنهن جي وچين مرحلي ۾ پ پ هئي پر ان لاءِ ته ڪو انصاف آزاد ٿئي پر ان لاءِ نه، ته جيئن ڪين اقتدار ملي ۽ جڏهن جج بحال به ڪيائون ته پاڻ فيصلو نه ڪيو پر هنن ڪان زبردستي فيصلو ڪرايو ويو. حاصل مطلب هي آهي ته قومي جمهوري ۽ عوامي جمهوري انقلابي جدوجهد ڪرڻ جا ٻئي وڏا ڪم به هي ئي سرانجام ڏين. محترم رسول بخش پليجي چيو ته وڏيرا شاهي خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو لازمي حصو آهي، سنڌ جي قومي عوامي جمهوري جدوجهد تڪڙي فيصل ڪانه ٿيندي. اها لاهين چاڙهين ۾ ورن وڪڙن واري، لمبي ۽ ڪٺن جدوجهد هوندي، جا گهڻن ئي مختلف مورچن تي لڙي ويندي.

## عام ۽ خاص خصوصيتن جو ڳانڍاپو: فڪر پليجو

روس ۽ چين وانگر ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جي حوالي سان ڏسبو ته انهن سان سنڌ جي ڀيٽ ڪرڻ انتهائي غيرسائنسي انداز ۾ ڏسڻ



ٿيندو، جيتوڻيڪ ڪيترن پاسن ڪان سنڌ جو سماجي نظام چين ۽ روس جي سماجي نظامن سان هڪجهڙايون رکي ٿو پر اهم ڳالهه سنڌ جون پنهنجيون نراليون خصوصيتون آهن جن بنيادن تي سنڌ جي ناڪامي ۽ ڪاميابي جي سوال ڪي ڏسي ۽ انصاف ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن هنن خصوصيتن مثال طور ايشيائي پيداواري سرشتو، ذاتي ملڪيت جو نه هجڻ، عورت جي غلامي، عقيدن جا نظام، ذات پات جي نظام جي بڇڙائي، ڌاريون يلغارون، جنگن جو داستان، ته طرفي بالادستي، مردار جاگيرداري، غيرسنڌي سرمائيدار، غيرڪاروباري مڊل ڪلاس، تجربيڪار سامراج ۽ سوشلسٽ بلاڪ جو نه هجڻ، عسڪري رياست، فوجي آمريت ۽ جاگيردار ”جمهوريت“، مذهبي فرقيواريت ۽ نسلي دهشتگردي سميت ٻين هزارين قسمن جي هماليه جبل جيڏين مصيبتن خلاف ويڙهه ڪرڻ لاءِ ننڍي ۽ ڪمزور قوم منجهان هجڻ ڪي آڏو رکي ڏسبو ته تمام وڏي حاصلات نظر ايندي. پر ڇا ان ڪي فڪر پليجو ڇئي سگهجي ٿو؟ ها بلڪل آهي، پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته فڪر پليجو مان ڇا مراد آهي؟ جواب بلڪل سادو آهي ته هن خطي جي مخصوص تاريخي ۽ سماجي حالتن جي سائنسي سمجهاڻي ۽ ان ڪي بدلائڻ جي علم ڪي فڪر پليجو چئجي ٿو. (جيتوڻيڪ ان موضوع تي ڪيترن ئي ليکڪن پنهنجو قلمي پورهيو ڪيو آهي ۽ فڪر پليجو جي مختلف پاسن تي روشني وڌي آهي. هتي آءٌ مختصر صرف جامي چانڊيي جي لکيل مضمون جي صرف فهرست جو حوالو پيش ڪريان ٿو.)

علمي ۽ فڪري ڪارناما

مارڪسزم ڪي نئين انداز سان متعارف ڪرائڻ

قومي، طبقاتي، جمهوري، انقلابي ۽ سامراج دشمن جدوجهد ڪي ڳڏي هلائڻ جو تصور

نظرياتي مهم جوئيءَ ڪان پاسو ڪرڻ

سياست ڪي علم، ادب ۽ فن سان ڳنڍڻ

سياسي ڪارناما

سياست جو نئون تصور ۽ رويو متعارف ڪرائڻ
عوامي جدوجهد جي سائنس کي علمي طور متعارف ڪرائڻ
حالتن سان ٺهڪندڙ درست سياسي حڪمت عمليون ناهڻ
هيٺين طبقي جي قيادت کي اڳيان آڻڻ
پورهيت عورتن کي سياست جي اڳواڻ دستي طور اڳيان آڻڻ

## ادبي ۽ فني ڪارناما

ادب بابت ترقي پسند نظريي کي نئين ۽ تخليقي انداز سان پيش ڪرڻ
ادب ۾ فڪري تنقيد جي روايت کي اڳتي وڌائڻ
تخليقي ۽ وڌ وجهندڙ ٻوليءَ جو لهجو تخليق ڪرڻ
لطيف شناسيءَ جو نئون بنياد وجهڻ
سنڌي ٻوليءَ ۾ سياسي ادب کي مٿانهين ڏاڪي تي وٺي وڃڻ

## سماجي ڪارناما

انقلابيت ۽ ترقي پسنديت جو سماجي روين سان اظهار ڪرڻ
پنهنجي سموري خاندان کي سياست ۾ آڻڻ
اعليٰ شعور، ڪردار ۽ معيار جا نوان ماڻهو پيدا ڪرڻ

## پيچيده مسئلن جو حل: پيچيده

محترم رسول بخش پليجي "صبح ٿيندو" ۾ لکيو ته "اسان جي راه اٽانگي، لمبي ۽ ڪنن آهي. ان لاءِ هينئر کان ئي تياري ڪرڻ کپي."

دنيا جي هر ملڪ ۽ خطي ۾ جتي ڪي عام (عمومي) خاصيتون ٿين ٿيون اتي ئي هر هڪ ملڪ جون پنهنجيون نراليون ۽ خاص خاصيتون ٿين ٿيون ۽ ٻنهين رخن کي سامهون رکندي انهن جي حل لاءِ گس ڏئي سگهجن ٿا. مٿين سموري بحث جو مطلب هي آهي ته هيڏين وڏين هماليہ جبل جيڏين مصيبتن ۽ طاقتور دشمنن سان ڪمزور ڌر جي ويڙهه واري جنگ جي فتح جو فيصلو ۽ نتيجو ايترو جلد نه نڪرندو جيترو عام طور تي توقع ڪئي وڃي ٿي. انهن سمورن مسئلن جو حل تڪڙو نه پر ڊگهو، سڌو نه پر اٽڪندو ۽ سڌو، سادو نه پر پيچيده، نظر ۾ ايندڙ توڙي نظر نه ايندڙ عمل آهي. پر ان جو هرگز مطلب اهو ناهي ته



جلد حل موجود ناهي. تڪڙو حل موجود آهي پر ان کي عملي صورت ڏيڻ جي سوال جو تعلق طاقت جي توازن سان آهي جيڪي حالتون گهربل آهن جيڪڏهن اهي پيدا ٿين ته پوءِ عين ممڪن آهي ته سنڌ به روس، چين ۽ ويٽنام وانگر دنيا جي مظلوم پورهيتن لاءِ ماڊل جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

## ماضي جو بهترين ورثو

جتي اسانکي تمام گهڻيون بيماريون ۽ مصيبتون ماضي جي ورثي مان مليون آهن اتي ئي ڪيتريون خصوصيتون اهڙيون به جيڪي اسان کان اڳ جي نسلن کي نه مليون هيون. مثال طور 1776 وارو آمريڪي انقلاب، 1789 وارو فرانسيسي انقلاب، 1848 وارا يورپي جمهوري انقلاب ۽ پيرس ڪميون وغيره. پر سڀ کان اهم تجربا هيٺيان آهن:

مجموعي طور تي ڏيڍ سوءِ سالن جو سوشلسٽ قوتن جو (ڪامياب ۽ ناڪام) تجربو: اسين ماضي ۽ حال جي مختلف موقفن ۽ عملن جي بنياد تي جڙيل (ڪامياب ۽ ناڪام) سوشلسٽ ماڊلن کي آڏو رکندي ڪو بهتر ماڊل جوڙي سگهون ٿا.

(الف) مارڪسزم: سموري انساني تاريخ جو فڪري ۽ عملي نچوڙ جدلياتي ۽ تاريخي ماديت، فرسٽ انٽرنيشنل ۽ ٻي انٽرنيشنل جو پورهيت عالمگير تجربو

(ب) لينزم: حالتون مڪمل سازگار نه هجڻ باوجود آيل، هڪ پٺتي پيل ملڪ ۾ پهريون سوشلسٽ انقلاب، بالشوڪ پارٽي، پهرين پورهيت رياست جو قيام، هڪ ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ، گهرو ويڙهه، مارڪسزم خلاف ٿيل نظرياتي ويڙهه ۾ سوڀ ماڻڻ، پورهيتن جي ٽين انٽرنيشنل، سماجوادي نظام جي تعمير، سامراجي دور جي مارڪسزم جي صورت ۾ لينزم موجود آهي. تنهن کانپوءِ عالمي سامراجي ڪالونيل نظام کي ڊاهڻ، فاشزم کي شڪست ڏيڻ، ٻين پورهيت ملڪن ۾ انقلابن جي مدد وغيره. ڪامريڊ لينن لکيو ته بالشوازم صرف روسي لقاءَ ناهي. بالشوازم "سڀني لاءِ تدبيرن (راهه عمل) جو ماڊل" آهي.

(ت) فڪر مائوزيتنگ: پنتي پيل، زرعي، نيم جاگيردار، نيم سرمائيدار، نيم ڪالونيل ملڪ ۾ عوامي جمهوري انقلاب آڻڻ، قومي آزادي، عوامي جنگ جو فن ۽ سائنس، متحده محاذ، ثقافتي انقلاب وغيره جي صورت ۾ فڪر مائوزيتنگ جو تحفو مليو آهي.

(ث) ويتنامي انقلاب: پنتي پيل، (چين جي ڀيٽ ۾) گهٽ آبادي ۽ ايراضي وارو ڪالونيل ملڪ، ٻن طاقتور سامراجي ملڪ جي قبضي ۽ پالتو ويتنامي جاگيردار خلاف قومي عوامي جمهوري انقلاب آڻڻ، تنظيم سازي جي سائنس جو ڪمال، عوامي ثقافتي جمهوري ادب ۽ فن جو ورثو وغيره

(ف) ڪوريائي، ڪيوبن انقلاب جا تجربا وغيره.

## موجوده نئون نسل

مٿين سمورين تاريخي تحفن ڪانسواءِ هڪڙو پاسو هي به آهي ته سنڌ جهڙي سماج کي تبديل ڪرڻ لاءِ مصيبتون ۽ رڪاوٽون گهڻيون آهن جن کي اڪارڻ ڪانسواءِ هي سفر اڳتي نٿو وڌي سگهي ۽ انهن پهاڙ جيڏن عذابن خلاف جدوجهد ڪندڙ قوت ڪمزور آهي، پر انهيءَ ساڳي صورتحال جو ٻيو پاسو به آهي جيڪو انتهائي سونهري، طاقتور، چٽو ۽ صاف سج وانگر روشني ڏيندڙ ڌارا به آهي جيڪا اسانکي فڪر پليجو جي تاريخ جي صورت ۾ ورثي ۾ مليو آهي. چاڪاڻ ته جڏهن رسول بخش پليجي پنهنجي سفر جي ابتدا ڪئي هئي تڏهن تمام گهڻن "ڏاهن" ڪيس منع ڪئي هئي ته اهڙي قسم جي تنظيم سنڌ جهڙي معاشري ۾ نه هلي سگهندي، پر هن مرد مجاهد پنهنجي سموري تاريخ جي ڪردار ۽ فڪر ذريعي ثابت ڪري ڏيکاريو ته نه رڳو اهڙي تنظيم ناهي سگهجي ٿي پر اها پنهنجي عوام، قوم ۽ مظلوم پيڙهيل طبقي جي وڏن حقن جي ويڙهه ۾ هراول دستي جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي ۽ ڪيو آهي. تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي انسان ملن ٿا جن کي پنهنجي دور ۾ اها مڃتا نه ملي جيڪا پوءِ هلي ڪين ملي، مثال طور شاه عبدالطيف ڀٽائي، پر هتي اهو قصو ناهي هن انسان کي هن وقت به نه صرف سنڌس قوم پر ٻين قومن جا لکين مظلوم انسان نه صرف



پسند ڪن ٿا پر سنڌس ڏسيل واٽ تي هلن به ٿا. تنهنڪري جتي هن موجوده نسل کي ورثي ۾ تاريخي بيماريون مليون آهن اتي ئي ڪيس تاريخي صحتمند پاسا به مليا آهن جيڪي رسول بخش پليجي کي پنهنجي سياسي ڪيريئر جي ابتدا ۾ ميسر نه هئا، ۽ انهن صحتمند جزن کي پنهنجو هٿيار بڻائي دشمنن کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي ۽ عوام کي فاتح بڻائي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ اهي ڪهڙا پاسا آهن؟

(1) هڪ باشعور انقلابي تنظيم جو هجڻ

(2) 35 سالن جي سياسي تاريخ

(3) بي داغ ڪردار ۽ مستقل مزاجي، شعور ۽ جدوجهد جي هم آهنگي

(5) وسيع تر عوام ۾ اخلاقي طور مليل مڃتا

(6) سخت نظرياتي جدوجهد ڪانپوءِ سنڌ ۽ پاڪستان جي معروضي حالتن سان نهڪندڙ سائنسي فڪر

(7) پاڪستان اندر مڃيل درست ۽ ديرپا سياسي موقف

(8) حاصل ڪيل فتحون (لکين ايڪڙ زمين جي نيلامي بند ڪرائڻ، آمريتن خلاف جدوجهد، جمهوريت ۽ انصاف جي آزادي جي گڏيل محاذ تي ڪاميابيون، ڪوڙن قومپرستن، جمهوريت پسندن ۽ ڪاٻن کي وائکو ڪرڻ، ڪالاباغ ڊيم جهڙي سنڌ دشمن منصوبي کي روڪڻ وغيره)

(9) مختلف سياسي، ثقافتي ۽ سماجي جدوجهدن (لانگ مارچن، بک هڙتالن، مظاهرن، ريلين، سيمينارن، چاڪنگ، هينڊ بلن، پمفليٽن) ذريعي لکين عوام کي سياسي تعليم ڏيڻ ۽ منظم ڪرڻ

(10) مختلف سخت ۽ تڪليف ڏيندڙ جدوجهدن ۾ پچي راس ٿيل تجربيڪار ۽ باشعور ڪارڪن ۽ قيادت

(11) سنڌ، پاڪستان، ننڍي کنڊ ۽ دنيا جهان جي مختلف واقعن، پاسن ۽ رخن تي لکيل سائنسي مواد

(12) ثقافتي مورچن تي ڪيل ڪارناما

(13) سياسي جدوجهد جون مختلف صورتون ۽ طريقا

ضرورت صرف ان ڳالھ جي آهي تہ اسين جيڪي تمام گھڻن حوالن کان نہ صرف مارڪس، لينن ۽ مائو جھڙن انقلابين کان وڌيڪ خوش نصيب آهيون پر خود پليجي کان بہ وڌيڪ خوش نصيب آهيون ڇاڪاڻ تہ ان کي ورثي ۾ ڪو پليجو نہ مليو هو. اسان کي گهرجي تہ پاڻ فڪر پليجو جي رهنمائي هيٺ پنهنجي علم ۽ ڪردار کي تبديل ٿيندڙ حالتن پٽاندڙ وڌيڪ سائنسي بڻايون. جيڪڏهن روس، چين ۽ ويٽنام جھڙن سماجن ۾ مارڪسي ”معجزا“ ٿي سگھن ٿا تہ پوءِ ٻئي ڪنهن هنڌ ڇو نہ؟ بلڪل ٿي سگھن ٿا.

## ناڪامي ۽ ڪاميابي جي سامراجي ۽ عوامي منطق

ڪامريڊ مائو زيتنگ لکي ٿو تہ سامراجين جي منطق عوام (جي منطق) کان ڪيترو نہ مختلف آهي! مصيبت پيدا ڪرڻ (ايذائڻ)، ناڪام ٿيڻ، وري مصيبت پيدا ڪرڻ، وري ناڪام ٿيڻ ........ جيسيتائين (سامراجي) پنهنجي مقدر (ناڪامي) جو منهن ڏسن: اها آهي سامراجين ۽ سمورن رجعت پرستن طرفان سڄي دنيا جي عوامي مقصدن کي ڪچلڻ جي منطق، ۽ اهي ڪڏهن بہ ان منطق جي خلاف نہ ويندا. اهو هڪ مارڪسي قانون آهي.

جڏهن تہ ان جي ابتڙ، ٻهريائين، ناڪام ٿيڻ، وري وڙهڻ، وري ناڪام ٿيڻ، وري وڙهڻ ............ سندن فتح تائين: اها آهي عوام جي منطق، ۽ اهي ڪڏهن بہ ان منطق جي ابتڙ نہ ويندا. هي هڪ ٻيو مارڪسي قانون آهي. روسي عوامي انقلاب انهيءَ قانون جي پوئواري ڪئي، ۽ تنهنڪري چيني عوامي انقلاب کي بہ انهيءَ (قانون) تي عمل ڪرڻو پوندو.

وري ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ ”ڪيترن ئي ڏهاڪن کانپوءِ، چيني عوامي جمهوري انقلاب جي فتح، کي جيڪڏهن ٿورو پوئتي نظر وجهي ڏسجي، تہ هڪ ڊگھي ڊرامي جي مختصر تمهيد وانگر لڳندي.“ ”اها ڳالھ پارٽي ۾ چٽي طرح ذهن نشين ڪجي. ڪامريڊن کي پنهنجي ڪم جي طريقہ ڪار ۾ جلدبازي ۽ غرور کان آزاد رهڻ ۽ سمجهو ۽ خاڪسار رهڻ سيکاريو وڃي. سادي نموني زندگي گذارڻ ۽ سخت جدوجهد جي طريقہ ڪار سيکاريو وڃي.“

اهي (چيني عوام) وڙهيا، ناڪام ٿيا، وري وڙهيا، وري ناڪام ٿيا ۽ وري وڙهيا ۽ گھڻن سالن جو تجربو گڏ ڪيائون، سوين ننڍين ۽ وڏين، سياسي ۽ فوجي، اقتصادي ۽ ثقافتي، خونريزه ۽ بغير خونريزه — جدوجهدن جو تجربو گڏ ڪيو ۽ تڏهن ئي صرف موجوده بنيادي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. اهي اخلاقي شرط آهن جن کانسواءِ انقلاب ڪامياب نٿو ٿي سگھي.

ڏاهپ خوشي جو سڀ کان اهم حصو آهي. سوفوڪليز

خوشيون پيدا ڪرڻ کانسوءِ ڪنهن کي بہ خوشي ماڻڻ جو حق ناهي. هيلن ڪيلر

”بڇڙائي جي ڪاميابي لاءِ فقط هڪ شي ضروري آهي تہ چڱا ماڻهو ڪجھ بہ نہ ڪن.“ ايڊمنڊ برڪ

اسين اهڙا آئينہ آهيون جنهن ۾ پنهنجي آزادي لاءِ وڙهندڙ سڄي دنيا جا مظلوم ماڻهو پنهنجو عڪس ڏسن ٿا چي گويرا.

# قومن کي غلام بڻائڻ ۽ آزاد ڪرائڻ جو جديد فن ۽ نئون انسان

انساني تاريخ جا ڪجھ دور (غلامداري، جاگيرداري، سرمائيداري) ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ ويڙھ جا دور رهيا آهن، جنهن ۾ ڪڏهن ظالمن کي شڪستون ۽ ناڪاميون توڙي ڪاميابيون ۽ سوڀون مليون آهن تہ ڪڏهن مظلومن کي شڪستون توڙي سوڀون ۽ فتحون حاصل ٿيون آهن. صدين جي طبقاتي جدوجهد جي سفر دوران ظالم طبقن مظلوم طبقن جي ڦرلٽ ڪرڻ ۽ انهن جو رت چوسڻ ۽ انهن جي پورهئي تي پلجڻ جي فن ۽ علم ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي هئي چاڪاڻ تہ. ذاتي ملڪيت ۽ پورهئي جي ورڇ (Division of labour) (يعني ذهني ۽ جسماني پورهيو) جي نتيجي ۾ ظالم طبقن وٽ وسيلن ۽ وقت سان گڏوگڏ وڏي تعداد ۾ فرمانبردار غلام بہ هئا جيڪي پنهنجي آقائن جي مفادن وٽان مرڻ مارائڻ لاءِ تيار هئا. (۽ هيئنر بہ آهن). مطلب تہ انهي فن ۽ علم ذريعي اهي لکين ڪروڙين مظلومن کي پنهنجن طبقاتي مفادن لاءِ استعمال ڪندا رهيا آهن.

ساڳئي وقت مظلوم پڻ مختلف دورن ۾ ويڙھ ۽ جدوجهد ڪندا رهيا آهن پر مخصوص پيداواري نظامن سبب انهن وٽ پنهنجي نجات ۽ آزادي لاءِ ڪو منظم سائنسي نظريو ۽ سماجي حالتون ميسر نہ هيون. سرمائيداري نظام جي اچڻ ڪانپوءِ پهريون ڀيرو سائنسي بنيادن تي مظلومن جي نجات ۽ آزادي جي فن ۽ سائنس (جدلياتي ۽



تاريخي ماديت) جنم ورتو جنهن لاءِ مواد ماضي جي سموري تاريخ جي تجربي ۽ علم مهيا ڪيو.

اچو تہ غور ڪريون هن وقت ظالم وٽ غلام بڻائڻ ۽ مظلوم وٽ آزادي حاصل ڪرڻ جا ڪهڙا فن ۽ ڪهڙيون سائنسون آهن ۽ خاص ڪري انقلابي آدرشي انسان ڪهڙو هجڻ گهرجي. (جيتوڻيڪ هن مضمون ۾ آءَ ان فن ۽ سائنس تي مڪمل روشني نٿو وجهڻ چاهيان ۽ ان حوالي سان اڳ ۾ ئي تمام گهڻو لکجي چڪو آهي پر مون صرف ان جي ڪجھ پاسن تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.)

## سڌي جنگ: غيرمنافعي بخش ڪاروبار

سامراج جو دنيا جهان، دين، ايمان ۽ خدا بہ منافعو ۽ پيسو هجي ٿو ۽ ان جو هر عمل (پرامن ڪان پرتشدد تائين) بنيادي طرح ناجائز منافعي حاصل ڪرڻ لاءِ هجي ٿو، ان جون خير خيراتون ۽ چڱايون پڻ ان ناجائز منافعي کي لڪائڻ ۽ ڍڪڻ (ان کي جائز بڻائڻ لاءِ) هجن ٿيون. عالمي سامراج هن دنيا کي هڪ عالمي مارڪيٽ سمجهي ٿو، جنهن ۾ مختلف طريقن سان ڪاروبار ڪري ٿو ۽ ايتري حد تائين جو جنگ کي بہ ڪاروبار ئي سمجهي ٿو پر هن وقت ڪنهن ملڪ تي ابتدائي طور سڌو حملو ڪرڻ (جنگ) تمام مشڪل ٿي پيو آهي ۽ نتيجي طور ان مارڪيٽ ۾ پهريائين اقتصادي ڦرلٽ ڪئي وڃي ٿي ۽ ان ڪانپوءِ سياسي بالادستي، ان ڪانپوءِ اخلاقي برتري ۽ اهڙي طرح ٻين طريقن سان منافعي بخش ڌنڌا ڪري ٿو ۽ انهن ڌنڌن ۾ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ آئي يا ٻاڙائي ٿي تہ پوءِ جنگي حملا بہ ڪري ٿو.

پهرين ۽ ٻين عالمي جنگ ڪانپوءِ دنيا جي سامراجي طاقتن دنيا جي مظلوم عوام جي ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ سڌو سئون جنگ ڪرڻ کي مهانگو سودو سمجهيو ۽ اڻسڌو جنگ (بغير ويڙھ جي) ڪرڻ کي ترجيح ڏني. ان جا بنيادي سبب ڪجھ هن ريت آهن.

1. جنگ جو ڳاٽي ٽوڙ خرچ
2. جنگ جون تباھ ڪاريون

3. سڀ کان اهم سبب خرچ جي پيٽ ۾ منافعو گهٽ ملڻ هو
4. جنگين سبب سامراجي ملڪن وٽ جيڪي ڪالونين جي صورت ۾ ملڪ هئا سي بہ کسجي ويا (پهرين عالمي جنگ کان اڳ دنيا ذري گهٽ ڇهن وڏين سلطنتن ۾ ورهايل هئي ۽ ٻين عالمي جنگ کان اڳ پڻ دنيا چند عظيم سلطنتن جي قبضي هيٺ هئي ۽ جنگين ڪانپوءِ دنيا جي نقشي تي ڪيترائي نوان نقشا ظاهر ٿيا. مثال طور برطانيہ جهڙي عظيم سلطنت جنهن تان ڪڏهن بہ سج نٿي لٿو اها وڃي صرف پنهنجي ننڍڙي ايراضي واري ملڪ ۽ ڪجھ علائقن تي وڃي بچي)
5. اهم سبب اهو هو تہ ڪجھ ملڪن ۾ وري سامراج مخالف ۽ عوام دوست انقلاب (روسي ۽ چيني سوشلسٽ انقلاب وغيره) اچڻ
6. ۽ نتيجي طور دنيا ۾ عوام دوست سوشلسٽ بلاڪ جي موجودگي سامراج لاءِ جنگ ۾ ڪاميابي ماڻڻ کي تمام ڏکيو بڻائي ڇڏيو هو.
7. جيئن تہ دنيا ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ننڍڙي ٿي رهي آهي تنهنڪري ڪنهن بہ ملڪ يا علائقي ۾ جنگ جي منعي ان خطي يا پوري دنيا ۾ جنگ ڪرڻ ٿيندي.
8. هن وقت دنيا ۾ تهذيب ۽ تمدن جي حوالي سان پڻ ترقي ٿي رهي آهي جديد دور جي عالمگير ٽيڪنالوجي ۽ ڄاڻ اربين انسانن کي منظم ۽ باشعور بڻائي ڇڏيو آهي جيڪي پنهنجن توڙي ٻاهرين سامراجي ملڪن ۽ حڪمرانن کي مختلف صورتن ۾ للڪارين ٿا. تازو عراق ۽ افغانستان جنگ جي ردعمل ۾ لکين ماڻهن يورپ ۽ آمريڪا ۾ احتجاج ڪيا ۽ هن وقت بہ جدوجهد جاري آهي.
9. ٻئي طرف نيوڪليئر ٽيڪنالوجي پڻ جنگ کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. دنيا ڏينهون ڏينهن عالمگير بڻجندي پئي وڃي جنهنڪري عالمي سامراجي قوتون سمجهن ٿيون تہ ڪنهن بہ وڏي جنگ جي ٻي معني ٿي هڪ نئين عالمگير جنگ. موجوده صورتحال ۾ عالمي سامراج لاءِ سڌي جنگ ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي.

مٿين سڀني سببن باوجود عالمي سامراج جنگ کي مڪمل طور ترڪ نہ ڪيو (نہ ئي ڪري سگهيو پئي ڇاڪاڻ تہ جنگ (سڌي يا



اڻسڌي جنگ) سندس بقا جو لازمي حصو هجي ٿي) ٻين عالمي جنگ ڪانپوءِ واري سموري دور کي (Cold War) جو دور سڏيو وڃي ٿو ان دور ۾ بہ سامراج مختلف خطن ۾ جنگيون ڪندو ۽ ڪرائيندو رهيو آهي. مثال طور عرب_اسرائيل جنگ، آمريڪا_ويٽنام جنگ، هندستان پاڪستان ٻہ جنگيون، عراق_ايران جنگ وغيره. هن وقت بہ سامراج (سوويت يونين جي زوال ڪانپوءِ پاڻ کي اڪيلو طاقتور سمجهي) عراق ۽ افغانستان ۾ سڌي جنگ ڪري رهيو آهي. ( جيتوڻيڪ آمريڪي سامراج عراقي ۽ افغاني عوام جي مزاحمت، عالمي اخلاقي ۽ سفارتي دٻاءَ ۽ اقتصادي گهوٽالي سبب پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيو آهي پر ساڳئي وقت جنگ ڪانپوءِ وارا ٻيا (پرامن ڦرلٽ وارا اقتصادي، سياسي ۽ انتظامي) طريقا استعمال ڪري رهيو آهي.).

انهن سڀني سببن کي آڏو رکندي عالمي سامراج قومن کي غلام بڻائڻ جي فن جا نوان طريقا دريافت ڪيا آهن جن کي اڻسڌا طريقا چئجي ٿو. انهن مان ڪجھ هيٺين ريت آهن.
1. مختلف ملڪن (خاص ڪري ٽين دنيا) کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ۽ انهن اندر خانہ جنگيون (گهرو ويڙھ) ڪرائڻ ۽ موٽ ۾ انهن کي هٿيار ۽ ٻيون شيون وڪرو ڪرڻ ۽ دنيا جي مختلف اهم جڳهين تي سامراجي فوجون مقرر ڪرڻ
2. ٻين ملڪن کي عالمي امن لاءِ خطرو ڄاڻائي انهن تي جنگ مڙهڻ يا مٿن اقتصادي، سياسي پابنديون وجهڻ،
3. اقتصادي طرح مختلف ملڪن کي ڪنگال بڻائڻ ۽ مستقل گراهڪ بڻائڻ (آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ ذريعي).
4. انهن ملڪن کي سياسي (خاص ڪري وڏيرڪين جمهوريتن، بادشاهي ۽ آپيشاهي وغيره) ذريعي ماتحت بڻائڻ يا ڪٺي ڪٺي فوجي آمريتن جي پالنا ڪرڻ
5. انتظامي طرح انهن ملڪن جي بيوروڪريٽس جي تربيت (Training) ڪرڻ، پنهنجي مرضي جا ٻاهر ويٺل ماڻهو انهن ملڪن اندر مقرر ڪرڻ

6. پرنٽ ميڊيا (اخبارن، رسالن، ڪتابن) ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا (فلم، ڊراما، نيوز چينل، انٽرنيٽ ۽ موبائيل فون وغيره) ۽ اشتهاربازي جي ٻين هزارين طريقن سان افواهون ڦهلائڻ، خوف ۽ دهشت پيدا ڪرڻ، راءِ عامہ جوڙڻ، مايوسي ڦهلائڻ وغيره.شامل آهن.

سامراجي قوتن طرفان مٿين طريقن ۾ فنڪارانہ ڪمال اهو آهي تہ انهن ڪمن کي اهڙي نموني عمل ۾ آندو وڃي ٿو جو اهي وٺندڙ لڳن ۽ مظلوم کي خبر ئي نہ ٿي پئي تہ سندس ٽپڙ ڪيئن آهستي آهستي گم ٿي ويا ۽ سندس ئي زمين سندس نہ رهي ۽ اهي فريادي مان بدلجي جوابدار ڪيئن ٿي ويا!!

## اڻسڌي جنگ منعي "ڪاءُ ڙي وتايا ڪاءُ"

روس جهڙي طاقتور سوشلسٽ ملڪ کي هٽلر جهڙو فاشسٽ بہ شڪست نہ ڏئي سگهيو پر جديد دور جي سامراج بغير سڌي ويڙهہ ڪرڻ جي ان کي ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ ان جو الزام ڪنهن بہ سامراجي طاقت تي نہ آيو ۽ مورڳوئي سوشلسٽ نظام جي ناڪامي جو ڊنڍورو پٽيو ويو. تہ پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ بغير جنگ جي ٻيا ڪهڙا طريقا، اٽڪلون ۽ حرفتون آهن جن ذريعي طاقتور ملڪن کي بہ شڪست ڏئي سگهجي ٿي؟ ان سوال جي جواب ۾ جنگي علم جي ماهر بي ايچ لڊل هارٽ تمام گهڻو لکيو آهي.

لڊل هارٽ موجب دنيا جي تاريخ ۾ سڌي جنگ جي حڪمت عملي جي عام صورت کي وڏا فائدا ناهن ڏنا پر جنگ جي تاريخ جون فيصلہ ڪن وڏيون لڙائيون ۽ جنگيون جن تاريخ جا رخ موڙي ڇڏيا اهي اڻسڌي حڪمت عملي جي صورت ۾ حاصل ٿيون آهن. لڊل هارٽ جنگي حڪمت عملي نہ پر عظيم حڪمت عملي (Grand Strategy) جي حوالي سان لکي ٿو تہ ڪنهن بہ سياسي مقصد جي حاصلات لاءِ جيڪا وڏي ۾ وڏي حڪمت عملي جوڙي وڃي ٿي ان حڪمت عملي ۾ جنگ ان جو هڪ حصو هجي ٿي ۽ جنگ سان گڏوگڏ اقتصادي دٻاءُ (ڏوڪڙ، تجارت، صنعت وغيره)، سياسي دٻاءُ (Political Pressure)، اخلاقي دٻاءُ (Moral Pressure) ۽ سفارتي



دٻاءُ (Diplomatic Pressure) جي طاقت استعمال ڪئي وڃي ٿي. مطلب تہ پهريائين ان ملڪ جي معيشيت کي (قرضن ۽ وياجن، تجارتي معاهدن وغيره جي شڪل ۾) قابو ۾ ڪيو وڃي ٿو ۽ سامراجي طاقتن جي آشيرواد هيٺ ان ملڪ جي سياسي يا فوجي ڪٺ پتليون ويهاريون وڃن ٿيون جن کي اربين ڊالر امداد ڏني وڃي ٿي. پر انهن ٻنهين مقصدن جي حاصلات ۽ سامراجي مفادن کي مستقبل جي ڪنهن بہ خطري کان بچڻ لاءِ ان ملڪ جي قوم (يا قومن) کي اخلاقي، ثقافتي ۽ علمي طرح لولو لنگڙو ڪرڻ بہ ضروري هجي ٿو ۽ جيڪڏهن ان قسم جو سمورو بندوبست سستي اگهہ ٿي ۽ بغير ڪنهن جنگ ڪرڻ جي ٿي وڃي تہ پوءِ وڌيڪ خرچ ڪري سڌو جنگ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت.

مٿي بيان ڪيل عظيم حڪمت عملي جو چشمو پائي ڏسبو تہ نظر ايندو تہ ايشيا ۽ خاص ڪري مسلمان ملڪن جي موجوده بدتر حالت کي سمجهڻ ۾ آساني ٿي پوندي. انهي ساڳي حڪمت عملي موجب عالمي سامراج پاڪستان، افغانستان ۽ عراق ۾ ڪارروائيون ڪندو رهيو آهي ۽ هن وقت بہ ڪري پيو. تازو پاڙيسري ملڪ ۾ ڪارروائي بہ ان قسم جي حڪمت عملي جو حصو آهي. اڻسڌي ويڙهہ جو هڪ مثال پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ آهي. مثال طور سنڌ جو پاڻي بند ٿيو تہ سنڌي عوام خبردار ٿيو تہ پنجاب سرڪار سنڌ جي حصي جو پاڻي ڪٽي وئي آهي. مطلب تہ وفاقي سرڪار اڻسڌي طرح ڊيمن جي بهاني سنڌ جو پاڻي ڦٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سموري سنڌي قوم کي ختم ڪرڻ جو بندوبست ڪيو. (جيتوڻيڪ ان خبرداري پٺيان ڪيترن سالن جي عوامي جدوجهد هئي جنهن جي سرواڻي محترم رسول بخش پليجي ۽ عوامي تحريڪ ڪئي ۽ ان سان گڏ سنڌي عوام بہ هو ۽ اهڙي طرح ان سازش کي وائکو ڪيو ويو.). ٻئي طرف سنڌ جي تعليم، فڪر، ادب ۽ سياست کي مڏو، اپاهج ۽ لولولنگڙو بڻايو ويو آهي ۽ ٽئين طرف سنڌ اندر دهشتگرد تنظيمن جي پالنا ڪئي وئي آهي. پر عام طرح انهن ٻنهين عذابن جو

ذميوار نہ ڪنهن ٻاهرين دشمن ۽ نہ ئي ڪنهن اندرين دشمن کي سمجهيو ويندو آهي. جڻ اهي ٻئي لقاءِ پاڻهي ٿي پيا هجن. ان جو اهم سبب هي آهي تہ انهن ٻنهين مصيبتن ۾ سڌي ۽ اڻسڌي طرح اسانجن پنهنجن ماڻهن جا هٿ آهن. مطلب تہ دشمن اهڙي چالاڪي سان ڪم آهي جو پاڳيي کي خبر ئي ناهي تہ ڪو چوري بہ ٿي وئي ۽ جڏهن پڇبو تہ جواب ملندو "الائي مال پاڻهين نڪري ويو." صورتحال هي آهي جو سنڌ جو علم، فڪر، سمجهہ ۽ دانش جڻ تہ جيئرو لاش بڻايو ويو آهي جيڪو سنڌي عوام کي ڪو فڪر، سمجهہ، حوصلو، همٿ ۽ اميد ڏيڻ بدران ناڪامي، مايوسي ۽ غيريقيني واريون خبرون ڪري اڻسڌي طرح دشمن جي ايجنڊا ۽ منصوبي تي عمل ڪري رهيو آهي.

## "ڀهريائين نفسياتي حملا ۽ پوءِ ........."

لڊل هارٽ وڏيڪ لکي ٿو تہ "اقتصادي ڦرلٽ محتاجي کي جنم ڏيندي ۽ محتاجي وري نااميدي کي پيدا ڪري ٿي. تاريخ شاهد آهي تہ جنگين جا فيصلا ماڻهن جي موت جي شرح جي ڪري نہ پر اميد ۽ حوصلي جي کوٽ جي ڪري ٿين ٿا. ڪنهن بہ جنگ دوران سمورين مشڪلاتن (جاگرافيائي، اقتصادي، سياسي وغيره) کي منهن ڏئي سگهجي ٿو پر انساني مزاحمت کي منهن ڏيڻ ڏکيو هجي ٿو."

سامراجي طاقتن ظلم ڪرڻ جي هزارين سالن جي تجربي جي ورثي سان گڏوگڏ هن وقت دنيا ۾ ڪنهن بہ قوم سان ڪا فيصلاڪن لڙائي ڪرڻ، ان کي ڪنهن بہ جدوجهد ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي نااهل بڻائي ڇڏڻ ۽ ان کي ويڙهہ کان اڳ ۾ ئي پاڙيو بڻائڻ جو نئون فن ۽ سائنس پيدا ڪري ورتي آهي جنهن ذريعي ان قوم جي عقل ۽ ڏاهپ کي مڏو بڻائي ان قوم جي اميدن، حوصلن، همٿن، ارادن، جذبن، روين ۽ خوابن کي بہ ناڪاره بڻائي سگهجي ٿو. ان لاءِ سامراج ۽ انهن جي پاڙيتو حڪمران ٽولن جا وڏا هٿيار ڪتاب، رسالا، اخبارون ۽ چينل وغيره هجن ٿا. جنگ ۾ پڻ جديد جنگي هٿيار بہ ڀهريائين نفسياتي اثر وجهڻ لاءِ استعمال ٿين ٿا. ان حوالي سان ٻي عالمي جنگ تي لکندي ميجر جنرل جي ايف سي فلر چوي ٿو تہ "جرمن



جنرل Heinz Guderian جي Blitzkrieg جي حڪمت عملي جو مقصد دشمن کي فالج زده بڻائڻ هو. جنهن ۾ تيزي سان حرڪت ڪرڻ جي عمل کي نفسياتي هٿيار طور ڪتب آندو ويو، يعني قتل ڪرڻ نہ پر اڳتي وڌڻ، مارڻ لاءِ اڳتي وڌڻ نہ پر دشمن جي پوئين حصي (rear) تي موجود فوج کي ڊيڄارڻ، منجهائڻ، شڪي بڻائڻ، هوش وڃائڻ ۽ چرڪ پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ ان کي وري افواهن ذريعي وڌائي خوفناڪ ۽ پوائتو بڻائڻ. مطلب تہ ان جو مقصد نہ صرف فوجي ڪمانڊ کي پر حڪومت کي بہ اڌرنگو ڪري ڇڏڻ هو."

بحرانن جي دور ۾ نااميدي، مايوسي ۽ پريشاني ٿيڻ معمول جو عمل هجي ٿي پر مٿين سامراجي چاڙتن کان علاوه اهي ماڻهو (عالم، دانشور، اديب، ليکڪ وغيره) بہ جن جو عوام سان رابطو ڪٽيل هجي ٿو اهي ماڻهو پنهنجو سمورو وقت مايوسي ڦهلائڻ، نااميدي ۽ ناڪامين جون خبرون ڪرڻ ۽ اڪثريتي عوام کي ڪو سنئون گس ڏيڻ بدران سامراجي طاقت، رعب، دٻدٻي ۽ سندس طاقتور پرچارڪ جي ٽيڪنالوجي کان متاثر ٿي اهو سوچڻ جي همٿ بہ نٿا سارين تہ ڪو هو پاڻ بہ ڪنهن سامراجي طاقت کي شڪست ڏئي سگهن ٿا، مقابلو ڪري سگهن ٿا يا اندروني دهشتگرد ٽولن کي نيست و نابود ڪري سگهن ٿا پر الٽو پنهنجي بي سمجهي ۽ نااميدي کي مدلل طريقي سان عوام کي پريشاني طرف ڏڪڻ جا هزارين طريقن سان ڪم ڪندا رهن ٿا ۽ اڄڪلهہ سنڌ ۾ اهو ڪم وڏي زور ۽ شور سان جاري آهي. ان حوالي سان هن وقت گهڻ طرفي پرچارڪ ٿئي ٿي هڪ طرف دانشور، ليکڪ، پراڻا انقلابي اڳواڻ ۽ ڪالم نويس مختلف اخبارن، ڪتابن ۽ رسالن وغيره ذريعي، ٻيا مختلف ٽي وي چينلن، سيمنارن، ليڪچرن ۽ عام ڪچهرين ذريعي ۽ ٽئين پاسي صديون پراڻين ۽ پاروتين خبرن ذريعي جيڪي مسلسل ورجايون پيون وڃن. ماڻهن کي اهو سمجهايو پيو وڃي تہ "نہ اڳي ڪجهہ ٿيو آهي ۽ نہ هاڻي ڪجهہ ٿيندو"

انساني تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا دور به اچن ٿا جڏهن سماجي حالتون انساني شعور کان وڌيڪ اڳتي نڪري وڃن ٿيون ۽ انسان وائڙائپ جو شڪار ٿي غلط گس وٺي ٿو ۽ ڪنهن به انتها طرف وڃڻ ۾ ئي پنهنجو حل سمجهي ٿو (بنيادي طرح هو مسئلو حل ڪرڻ چاهيندو آهي پر وڏي ڳالهه ان ماڻهو کان اها حالت برداشت نه ٿيندي آهي جنهن ڪري هو ڪونه ڪو انتهائي قدم کڻڻ کي ئي بهتر سمجهندو آهي يعني "آر يا پار")

معاشي صورتحال خراب ٿيڻ ڪانپوءِ سماجي زوال اچي ٿو جنهن جو سڀ کان پهريون اظهار ثقافتي حوالي سان ٿئي ٿو، غربت وڌڻ ۽ خوشحال ٿيڻ جا امڪان گهٽجڻ جي نتيجي ۾ عام ماڻهو ٽيڪنالوجي بدران جادو ٽوٽي، تاريخ بدران ديومالائي ڏندڪٿائن ۽ سوانح عمرين (Biographies) بدران خيالي هيروز جا شيدائي ٿين ٿا. حقيقي سائنسي مطالعو ڪرڻ بدران جذباتي خبرون ڪري تڪڙا ۽ نظرايندڙ نتيجا ڏسڻ چاهين ٿا. پر جيئن ته پاڻ کي خبر آهي ته حالتن کي تبديل ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريائين انهن کي سمجهڻ ضروري هوندو آهي. اهو شعور ۽ سمجهه جي بنياد تي هلندڙ انسان ئي آهي جنهن ڪائنات، سماج ۽ شعور جي هزارين رازن کي دريافت ڪري ان کي پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪيو آهي.

ڪيترائي ماڻهو اهڙا به ملندا جيڪي چوندا "سدائين پيا ڇئو علم حاصل ڪريو، پڙهو، پڙهو ۽ پڙهو" "ماڻهن لاءِ زندگي عذاب لڳي پئي آهي اوهين پيا فلسفن، سائنسن، نفسيات ۽ جماليات جون ڳالهيون ڪريو" "ماڻهو پنهنجي روزگار لاءِ پريشان آهن." جيئن ته اسين اهڙي معاشري ۾ رهون ٿا جتي مسئلن جا انبار لڳا پيا آهن ۽ جتي ڪيترائي مسئلا زندگي ۽ موت جو سوال آهن ۽ جتي انسان پنهنجين بنيادي ضرورتن جي جنگ وڙهندو هجي ته ڇا اتي فلسفي، نفسيات، جماليات يا جاسوسي جو علم حاصل ڪرڻ بنيادي اهميت رکن ٿا؟ ها بلڪل بنيادي اهميت رکن ٿا ڇاڪاڻ ته سامراجي قوتن ۽ سندن ڇاڙتن سنڌ جهڙي معاشري ۾ جتي بک، بدحالي ۽ بيروزگاري جون



مصيبتون پيدا ڪيون آهن اتي ئي فڪري ۽ علمي حوالي سان به سياسي، سماجي سمجهه جو به فقدان ۽ ڏڪار پيدا ڪيو آهي. اهڙي بدتر حالت ۾ انسان جو عقل، سمجهه، حوصلي، جذبن ۽ ارادن جي طاقت هجي ٿي جيڪا ڏتڙيل ۽ پيڙهيل مظلوم انسان کي اٿاري ٿي ۽ ڪيس جدوجهد جا نوان خيال، جذبا ۽ ارادا ڏئي ٿي.

هن مضمون ذريعي آءُ صرف ان انقلابي انسان کي مخاطب ٿيڻ چاهيان ٿو جنهن کي نه رڳو پاڻ کي ان قسم جي بحرانن مان ڪيڍڻو آهي پر وسيع تر عوام کي به سئنون گس ڏيکاري، انهن ۾ اميد، حوصلي ۽ همت کي اجاگر ڪري ۽ ان جي اڳواٽي پڻ ڪرڻي آهي. جتي هڪ انقلابي لاءِ جنگ، اقتصاديات، جاسوسي ۽ سفارتڪاري وغيره کي سمجهڻ ضروري آهي اتي انهن ئي علمن کي وسيع تر عوام کي منظم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ پڻ ضروري آهي ۽ ان لاءِ وري ٻين علمن جهڙوڪ فلسفو، جماليات، نفسيات وغيره کي به سمجهڻ ضروري آهي.

انقلابي انسان وٽ هڪ پاسي علم ۽ سمجهه جي کوٽ هجي ٿي ته ٻئي طرف مسلسل پرامن حالتن دوران روايتي انداز سان جدوجهد ڪرڻ، تبليغ ڪرڻ، تنظيم ڪرڻ، گفتگو ڪرڻ، سرگرمي جي سست رفتاري وغيره سبب روايتي پٽي جو شڪار ٿي وڃي ٿي جنهن جو اظهار اسانجي روين، عادتن، سوچڻ جي ڍنگ، ارادي جي قوت ۽ خوابن وغيره ذريعي ٿئي ٿو پر روايتي حالتن جي پيٽ ۾ جڏهن پرانتشار حالتون سامهون ٿين ٿيون. تڏهن هڪ ته دشمن پنهنجي وائڙائپ جي ڪري تمام گهڻيون غلطيون ڪري ٿو ۽ ٻئي طرف پرامن حالتن دوران پرورش ورتل انسان نين پيچيده حالتن کي درست نموني سمجهي به نٿو ڇاڪاڻ ته بقول لينن جي ته "پيچيده مسئلن جو حل به پيچيده هجي ٿو نه ڪو سادو ۽ سڌوسئون." تاريخ ٻڌائي ٿي ته فتح هميشه انهن ڌرين کي ملي ٿي جيڪي تيزي سان نه رڳو موجوده حالتن کي سمجهن ٿا پر مستقبل کي به سمجهن ٿا. انقلابي شعور سان گڏ انقلابي توانائي (اميد، چستي، پيشقدمي، ضابطي، ذميواري،

همٿ، محبت، خوشي، همدردي، پنهنجائپ، بهادري، گهڻ طرفي ۽ اجتماعيت پسندي سان هٿياربند ٿيڻ سان گڏ نااميدي، سستي، اوپرائپ، بزدلي، لاغرضي، پستي، لاپرواهي، بي همتي خلاف جدوجهد ڪرڻ ۽ دشمنن سان نفرت، ۽ غمن ۽ ڏکن کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ جي پڻ ضرورت پوي ٿي.

ان قسم جي دشمن جي نفسياتي هٿيارن سان پيڙهيل ۽ مظلوم عوام ڪيئن ويڙهه ڪري ۽ انهن وٽ ڪهڙا طاقتور هٿيار هجن جن سان هو به دشمن جي نه صرف اڳين پر پوين صفن ۾ به اثر ڪري سگهي.

## فلسفو: هڪ روحاني هٿيار

مارڪس چيو ته "فلسفي (Philosophy) وٽ پورهيت مادي (material) هٿيار آهن ۽ وري پورهيتن وٽ فلسفو هڪ روحاني (spiritual) هٿيار آهي" هتي مارڪس ائين نه چيو آهي ته معيشيت يا سياست پورهيتن جو هٿيار آهن يا سائنس، ادب، فن، تاريخ، اخلاق وغيره پورهيتن جا هٿيار آهن. مارڪس ائين چو چيو؟ ڇاڪاڻ ته فلسفو دنيا جي سمورن علمن کان اعلي علم آهي جنهن کي "سائنسن جي سائنس" به چيو وڃي ٿو ۽ فلسفو مٿين سمورن علمن کي پنهنجي پاڪر ۾ به آڻي ٿو. ته پوءِ ڇا اسين ان روحاني هٿيار کي استعمال ڪريون ٿا؟ جواب آهي ته ها ڪيترائي شخص ان هٿيار کي استعمال به ڪن ٿا پر تمام گهٽا ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي پنهنجي انقلابي نظريي جي اڻپوري ڄاڻ ۽ تجربي سبب اڻپوري انداز سان ڪتب آڻين ٿا ۽ نتيجي طور انقلابي نظريي کي پنهنجي روحاني وجود سان هم آهنگ نه ڪري سگهيا آهن. جهڙي تهڙي سمجهه هجڻ باوجود سندن روحاني وجود جا ٻيا پاسا (رويا، جذبا، ارادا وغيره) سندن علم جا ويري ٿي پون ٿا. جهڙي طرح موسيقي جا سمورا ساز جيسيتائين هم آهنگ نٿا هجن تيسين سر ۾ ڪو حسن پيدا نٿو ٿي سگهي ساڳي ريت جيسيتائين انقلابي شعور ۽ عمل ۾ هم آهنگي پيدا نٿي ٿئي تيسين ان شعور ۽ عمل ۾ حسناڪي ۽ خوبصورتي پيدا نٿي ٿي سگهي. ان قسم جي علم کي



جماليات (Aesthetics) سڏجي ٿو. اچو ته انهن ڳالهين تي غور ڪريون ته ائين چو نٿو ٿئي ۽ ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟

مارڪسزم موجب خيال صرف مادي ذريعن (material means) (اوزار وغيره) جي مدد سان عملي صورت نه ٿا وٺن پر ان لاءِ انساني روحاني توانائي (spiritual energies) (ارادا (Will)، رويا، جذبا وغيره) به ضروري آهن. انساني ارادا ڄاڻ جي بنياد تي بيٺل هجن ٿا، پر دنيا کي تبديل ڪرڻ لاءِ ڄاڻ کي ارادن سان لازمي طرح ڳنڍيو پوندو ۽ ان سموري عمل (process) جو انحصار ان فرد جي نظريي جي سچائي تي آهي. سائنسي بنيادن تي قائم نظريي تي ايمان (جيڪو سائنسي حقيقتن جي بنياد تي قائم ٿئي ٿو) ڪانسواءِ انسان پنهنجن ارادن ۽ جذبن جي قوت کان محروم ٿي وڃي ٿو ۽ هن جا حوصلا، همٿون، محبتون، نفرتون، اميدون ۽ خواب وغيره سندس انقلابي شعور جا ساٿي ٿيڻ بدران ويري ٿي پون ٿا. جيئن ته انهن سوالن جو تعلق بنيادي طرح نفسيات (Psychology) ۽ جماليات (Aesthetics) سان آهي پر فلسفي جي سمجهه ڪانسواءِ نفسيات ۽ جماليات کي نٿو سمجهي سگهجي ۽ نه ئي ڪو نفسيات ۽ جماليات مڪمل طرح الڳ موضوع آهي. جماليات ڇا آهي؟ فلسفي جي هڪ شاخ آهي جيڪا خوبصورتي جي سوال ۽ فن بابت بحث ڪري ٿي. نڪولائي سلاييف موجب جمالياتي جذبو (aesthetic emotion) ڪنهن بامعني ۽ نوس صورت (Form) جي طبعي احساس (Physical perception) ادراڪ جي سڌي صورت مان ئي ڦٽي نڪري ٿو. جڏهن ته نفسيات انساني دماغي سرگرمي جو مطالعو ڪري ٿي.

نفسياتدان ايرڪ فرام چوي ٿو ته "انسان ئي صرف هڪ اهڙو جانور آهي جنهن لاءِ سندس وجود هڪ مسئلو آهي جنهن کي حل ڪرڻ جو ڪم ڪيس کي ئي ڪرڻو آهي."

مارڪسوادي نفسياتدان پيتروووسڪي لکي ٿو ته لينن اڪثر ان ڳالهه تي زور ڏيندو هو ته هڪ رهبر ۽ اڳواڻ جي مکيه خوبي اها آهي

ته ان ۾ عوام سان گڏ ڪم ڪرڻ جي اهليت هجي ۽ ڪيس سماجي، اجتماعي ۽ انفرادي نفسيات جي بنيادي اصولن جي ڄاڻ هجي.

نفسياتي علم جي حوالي سان هڪڙو خيال هي آهي ته جهڙو معاشرو هوندو اهڙو انسان هوندو يعني ان سماجي حالتن ۽ ماحول جي ردعمل ۾ ئي انسان پنهنجن روين ۽ ورتاءَ جو اظهار ڪندو، جيتوڻيڪ اهو خيال درست آهي پر هڪ طرفو ۽ اڌورو آهي. جڏهن ته مارڪسزم جي دعوي آهي ته "انسان جو شعور نه صرف ٻاهرين دنيا (سماج، گهر، ماحول وغيره) جو عڪس پيش ڪري ٿو پر ان ڪي تخليق به ڪري ٿو." مارڪسوادي فلسفي جو فارمولو آهي ته "ماحول ڏانهن انسان جو رويو انسان جو شعور آهي." جڏهن ته ٻيا نفسياتدان ان کي هن ريت بيان ڪن ٿا "ماحول ڏانهن انسان جو رويو انسان جي (ماحول سان) مطابقت جو نالو آهي." هن قسم جي خيال وارا نفسياتدان ان نقطي کي نٿا سمجهن ته "شعور سماجي تعلق مان نهي ٿو ۽ وري هڪ طاقتور هٿيار ٿي فرد جي رويي، عمل ۽ سندس سماجي ماحول سان باهمي لاڳاپي کي ترتيب ڏئي ٿو." ان خيال کي ذهن ۾ رکندي ڏسنداسين ته هڪڙا ماڻهو اهي آهن جيڪي جيئن "ٿئي پيو" کان متاثر ٿي رڳو گهوڙا گهوڙا ڪن ٿا ۽ ٻيا اهي ماڻهو آهن جيڪي گهوڙا گهوڙا به ڪن ٿا پر انهن دانهن کي هڪ منظم شڪل ڏئي ان کي طاقتور ڪاوڙ بڻائين ٿا ۽ ماڻهن کي نوان گس ڏسين ٿا ۽ انهن کي ساڻ ڪري انهن جي رهبري ڪن ٿا.

## سائنسي شعور ۽ روحاني توانائي

ڪيترائي انسان اهڙا آهن جن جون روحاني توانائيون (spiritual energies) سندن سائنسي شعور جي بنياد تي قائم ڪيل انقلابي مقصد جي حاصلات لاءِ سندن ساٿ نه ڏينديون آهن بلڪ ائين چئجي ته ان ۾ رڪاوٽ بڻجنديون آهن سندس انقلابي شعور جون دشمن ۽ ويري هونديون آهن ته به وڏاءَ نه ٿيندو. ائين ڇو ٿو ٿئي؟ ڇاڪاڻ ته شعور انساني عقلي سرگرمي جي ننڍي حصي تي مشتمل هجي ٿو ۽ وڏو حصو لاشعور، تحت الشعور، روين، عادتن، جبلتن، جذبن، خوابن،



لاڙن، مزاجن، هنرن، ارادن، يادگيرين وغيره تي مبني ٿئي ٿو. اچو ته ان ڳالهه جو تفصيلي طور جائزو وٺون ۽ ان لاءِ غور ڪريون ته اسانجو سمورو روحاني وجود اسانجي مقصد سان هم آهنگي ۽ هيڪڙائي (جيڪا تضادن جي ميلاپ جو نالو آهي) ۾ ڪيئن اچي.

جبلتون، خواهشون، رويا، عادتون، مزاج، ارادا وغيره اهي طاقتور هٿيار آهن جيڪي ظالم به استعمال ڪري ٿو ته مظلوم به استعمال ڪري ٿو. مثال طور چور کي به چوري ڪرڻ لاءِ هڪڙو رويو، خواهش ۽ ارادو گهربل هجي ٿو ۽ ساڳي ريت پاڳئي کي به ضرورت هجي ٿي.

## "سڄي ڪائنات ۾ لاشعوري طور جدليات سمايل آهي"

ڪيترائي جملا اڄڪلهه سنڌ جي "دانشورن" طرفان مختلف فورمن تي گفتگو ڪندي ۽ اخبارن، ڪتابن وغيره ۾ لکندي ورجايا پيا وڃن. جهڙوڪ "الائي جي ڇا ٿيندو" "سنڌ ۾ قيادت جو حوالي سان ڪير به ڪونهي" (مطلب ته ان وقت هو پاڻ کي سنڌ جو شهري يا انسان ئي نه سمجهندا آهن جو هو پاڻ کي به ان ۾ شامل ڪن پهريائين پاڻ کي سنڌ کان ڪوهين ميل پري بيهاري پوءِ اتان بيهي تير هڻندا ۽ چوندا "سنڌ ۾ ڪجهه به نه پيو ٿئي" "گهوڙا ڙي ظلم ٿي ويو همراهه کي وڏو ڏک آهي.) "بس ويڙهه جو وقت اچي ويو آهي." "رڳو ڳالهيون ٿا ڪريو" "60 سالن کان ٿئي ڪجهه به نٿو" بنيادي طور ان قسم جي جملن ذريعي هو ڪيتري مايوسي پيو ڦهلائي يا ته ڪيس خبر ناهي (بيوقوف آهي) يا ڄاڻي واڻي ائين ڪري ٿو.

ٻئي طرف روزانو ڪيترائي وڏا توڙي ننڍا جملا پنهنجي زندگي ۾ عام توڙي خاص ماڻهن طرفان ٻڌندا آهيون ۽ انهن جملن متعلق خود ڳالهائيندڙ (يا ته ڄاڻي واڻي ڪندو) کي به ڄاڻ نه هوندي آهي ته هن ڇا چيو ۽ ڇو چيو، ۽ ڪجهه وقت گذرڻ ڪانپوءِ ڪيس احساس ٿيندو آهي ته مونکي ائين نه چوڻ کپندو هو يا هيئڻ چوڻ کپندو هو يا پنهنجي ماضي جي طريقه ڪار کي ڏسي پنهنجي منهن

ڪلندو يا پڇتائيندو آهي. مثال طور اڪثر ماڻهو چوندا آهن ”سنڌي ماڻهو سست آهن، اهي انقلاب ٻنقلاب نہ آڻيندا“ ”سنڌي ماڻهو سڌرندا ئي ڪونہ“ ”آمريڪا سان سائين ڪير مقابلو ڪندو!!“ ”معلوم نهين ڪي يہ سندھ ڪي خوشقسمتي هي يا بدقسمتي؟؟“ (هي جملو مها انقلابي جمال نقوي جو آهي.) ”پلا هيئنر انقلاب تہ ڪونہ ٿو اچي تہ پوءِ تڪڙ ڇاجي آ!؟“ ”انقلاب جي ڳالھ تہ درست آهي پر ايندو الائجي نہ!!“ ”سڀ ننگ آهن“ ”ڪجھ گذري وئي آهي ۽ ڪجھ گذري ويندي“ ”يار آءَ ٿورو سست ماڻهو آهيان تنهنڪري مون ڪان جيڪڏهن ڪم ونندا تہ ڪندس“ (پلا ڪڏهن ائين بہ سوچيو اٿئي تہ تون سست ڇو آهين؟) بنيادي طور ”سستي“ لفظ ماڻهو جي پنهنجي بابت اڻڄاڻائي يا ڪم ڪان نٽائڻ جو هٿيار آهي (ائين نہ چوندو تہ مونکي خبر نٽي پوي تہ آءَ سست ڇو آهيان ۽ اها ڳالھ ڪنهن ڏاهي اڳيان رکي مسئلو حل ڪرائي وٺي) ”ادا آءَ هڪ آزاد ماڻهو آهيان تنهنڪري ذميواري ٻميواري ڪي ڇڏيو“ ”ان پاسي وڃڻ يا فلاڻو ڪم ڪرڻ يا فلاڻي ماڻهو سان ملڻ لاءِ دل نہ ٿي چوي“ (ڪڏهن ائين سوچيو اٿائين تہ دل ڇا ٿيندي آهي) ”ڪوڙ ڀيرا ڪوشش ڪئي اٿم پر الائي ڇو ڪم اڳتي وڌي نٿو“ (اتي بہ ائين نہ ٿو چوي تہ منهنجي طريقہ ڪار ۾ متان ڪا خرابي هجي يا اڃان حالتون تيار ناهن وغيره) ”دوستن ڪي ڇئي ڇئي ٻينو آهيان پر الائي ڇو اڇن ئي نٿا يا سمجهن ئي نٿا“ (اتي ڏوھ وري بہ دوستن ڪي ڏئي ٿو نہ ڪي پنهنجي اڻڄاڻائي يا غيردرست عمل ڪي) ”ادا آءَ هڪڙو نياڳو ماڻهو آهيان“ (ڳالھ ائين ڪندو ڄڻ هن پاڻ نياڳي يا سياڳي ٿيڻ جي چوندَ مان نياڳ جي چوندَ ڪئي هجي ۽ سياڳو ٿيڻ ڪيس پسند ئي نہ هجي!) ”يار بس ڪم وسري ويو“ ”آءَ ڄاڻان ٿو تہ گفتگو وقت جذباتي نہ ٿيڻ کپي پر الائي ڇو جڏهن بہ ڪو ماڻهو فلاڻي ڳالھ ڪري ٿو تہ آءَ جذباتي ٿيو پوان“ ”ڪيترائي ڀيرا ڪتاب پڙهيو اٿم پر الائي ڇو سمجھ ۾ نٿو اچي“”هن همراھ سان ڪيترائي دفعا ڪچهريون ڪيون آهن پر همراھ سمجهي ئي نٿو“ ”آءَ پنهنجو پاڻ ڪي بدلائڻ چاهيان ٿو پر......“ ”ماڻهو سمجهن ئي نٿا“



”مونڪان اهو ڪم نہ ٿيندو، ڇو؟ الائي“ آءَ ان علائقي ۾ ويندو رهيو آهيان هاڻي بس“ ”فلاڻو ڪتاب يا ماڻهو ڏکيو آهي“ (يعني ائين نہ ڇئبو تہ هن وقت اهو ڪتاب ۽ ماڻهو منهنجي سمجھ جي سطح ڪان مٿي آهن)“ ”فلاڻو سائين 35 سالن ڪان پيو ڪم ڪري.....“ (ان ڪي شاباس نٿو ڏئي پر مايوسي پيو پکيڙي، جنهن ڳالھ جي ڪيس خبر ناهي، اتي مايوسي جو اظهار سندس رويي مان ٿيندو نہ ڪي لفظن مان) ”ڪيترائي ڀيرا ويو آهيان“ ”مونڪان ڪم نٿو ٿئي“ ”ادا هاڻي ڇڏيوس“ ”بس گهروارن جو زور آهي گهروارن ڇا ڪريان!!“ ”بس مصلحت ڪريو وينا آهيون“ ”ڳالھ درست آهي پروڏيرن سان ڪير منهن ڏئي“ وغيره وغيره. جيئن تہ سڀ ڪائنات ۾ لاشعوري طور جدليات سمايل آهي اهڙي ئي ڳالھ هراقليطس بہ چوي ٿو تہ ”فطرت هميشہ پاڻ ڪي لڪائڻ پسند ڪري ٿي.“ مطلب تہ انسان ڪي فطرت جي رازن ڪي سمجهڻو پوندو پر جن انسانن ڪي ڪائنات، سماج ۽ انساني شعور جي قانونن جي سمجھ ناهي انهن لاءِ هينري ايڊم لکي ٿو تہ ”توهان جي پنيان سڀ ڪائنات توهان تي ڪلي ۽ پوڳ ڪري ٿي.“

## ”دل نہ ٿي چوي“ ”الائي ڇو“ ”پر...“ ”پلا ڇا ڪريان“ ”بس يار....“

نفسياتدان فرائڊ چوي ٿو تہ ”جسماني بيمارين (ڪنگھ، زڪام، بخار وغيره) وانگر ضروري ناهي تہ ذهني روڳ بہ حقيقت ۾ اسانکي ائين ئي نظر اچن جيئن اصل ۾ هجن.“

مٿي بيان ڪيل ڳالهيون انسان جي سوچ، مزاج، رويي، عادت، لاڙي، ارادي وغيره ڪي ظاهر ڪن ٿيون جيڪي ڪمزور ارادن، پراڻين عادتن، غيرانقلابي روين، مزاجن ۽ سوچن جو نتيجو هجن ٿيون ۽ اهي سموريون شيون ڪو اسان پاڻ چوندي ڪونہ ڪنيون آهن پر صدين ڪان ٿينديون پيون اچن جيڪي اسان ڏانهن بہ منتقل ٿينديون رهن ٿيون اسانجو شعور تہ هڪ حد تائين انقلابي ٿيو وڃي پر اسانجا ارادا، عادتون، جبلتون، مزاج، خواب، رويا وغيره ساڳئي پراڻي بدبودار سماج جي عڪاسي ڪن ٿا جن جي اڪثر ڪري اسان

کي جاڻ نتي هجي ۽ اسين ان جو شڪار ٿيون ٿا جيتوڻيڪ اسانجو ابتدائي يا اڻپورو انقلابي شعور پڻ ان قسم جو نتو هجي.

مٿي بيان ڪيل جملا ناهن پر حقيقت ۾ گوليون آهن جن سان هڪڙي سني انسان کي جيئري لاش بڻائي سگهجي ٿو، ۽ ٻئي طرف سچائي کي لڪائڻ لاءِ اهي سمورا جملا ڍال طور ڪتب آندا وڃن ٿا ڇاڪاڻ ته سچائي جي طاقت ڪيتري آهي اها ظالمن کي به خبر آهي. ان حوالي سان نفسياتدان ايڊلر چوي ٿو ته "سچائي هڪڙو اهڙو طاقتور هٿيار آهي (جنهن کي ڪوڙ جي صورت به ڏئي سگهجي ٿي) جنهن سان ڪنهن ماڻهو (ڪوڙي ماڻهو) کي قتل به ڪري سگهجي ٿو." جهڙي طرح سچائي جي ايتري طاقت آهي ته وري ڪوڙو خيال (جيڪو مسلسل ورجائڻ جي ڪري "سچ" بڻجي ويو آهي) به اهڙو ئي خطرناڪ هجي ٿو.

هڪڙيون ته عام فوجون ٿينديون آهن جن سان ميدان جنگ تي ويڙهه ٿيندي آهي پر ان کان به وڌيڪ خطرناڪ فوج اهي خيالي ڦٽاڪا آهن جيڪا سڀ کان هراول دستي جو ڪردار ادا ڪن ٿا جيڪي انسان کي نه صرف ٻاهرين حوالي سان پر سندس وجود سان اندروني طور وڙهن ٿا يعني سندس وجود سندس نظريي، سوچ ۽ فڪر جي خلاف صبح شام ڪاٽ ڪهاڙا ڪنيو بيٺو هوندو آهي.

دنيا ۾ ٿيندڙ تبديلين ۾ جاسوسي جي شعبي جو تمام اهم ڪردار هجي ٿو ۽ ان تي مختلف حڪومتون اربين روپيه خرچ ڪن ٿيون. ان قسم جي جاسوسي ادارن جو ڪم موجوده صورتحال کي منهن ڏيڻ هوندو آهي پر انهن سان گڏوگڏ انساني تاريخ جا هڪڙا جاسوسي ادارا اهڙا به آهن جيڪي صدين کان ڪم ڪندا پيا اچن ۽ ماڻهن جي اندر ۾ ڪاٽ هڻندا ڪين اپاهج بڻائندا رهيا آهن اهي ڪنهن جاسوسي اداري جا ميمبر به ناهن هوندا پر غلام داري، جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام کي برقرار رکڻ لاءِ سندن اڻسڌا "ايجنٽ" صدين کان ڪم ڪندڙ هجن ٿا جن کي نه ڪو پگهار ملي ٿي ۽ نه ئي ڪنهن بالاتر اداري جي ماتحت هجن ٿا بس لڳا پيا هوندا آهن جن جي



پنيرائي ظالم سماجي نظام ڪندي سندن پالنا ڪندا آهن. ان جاسوسي جي ادارن جو وڏي ۾ وڏو هٿيار مظلومن جي اڻڄاڻائي ۽ جهالت هوندو آهي ۽ اهڙيون اڏگابريون، اڻپوريون ۽ منڍيون خبرون ڪري سموري قوم جي همٿ، ارادي، جذبي ۽ عقل کي ئي مٽو ڪري ڇڏينديون آهن. مثال طور ڪتاب پڙهڻ ۾ ڏکيائي ڇو ٿي پيش اچي؟ جڏهن ته ڪتاب پڙهڻ جي ڪوشش ڪندڙ پڙهيل لکيل ماڻهو آهي ۽ ان کي پڙهڻ اچي به ٿو. ان باوجود اهو شخص ابتدائي ۽ سادو ڪتاب پڙهڻ کان ڪيٻائي ٿو، ٿورو ڏکيو ڪتاب ان کي سمجهه ۾ نتو اچي يا مٿي ۾ سور ٿو وجهي. ائين ڇو آهي؟ ڇا اهو سڀ ڪجهه پاڻهي ٿئي ٿو؟ نه هرگز نه. هڪ ته ان ماڻهو کي 5 کان 16 سالن تائين جيڪا تعليم ڏني وڃي ٿي ان جو سماج (خاص ڪري پيڙهيل ۽ ماريل طبقي) جي وسيع تر آبادي جي زندگي سان ڪوبه واسطو نتو هجي صرف چند ماڻهن جي فائدي لاءِ هجي ٿي، ٻيو، اهو علم اڻپورو هجي ٿو، ٽيون، ان جو عملي ڪارج آڏو لاتعداد رڪاوٽون وڌيون وڃن ٿيون، چوٿون، ته پوئتي پيل ملڪ جو رهواسي هجڻ ڪري ثقافتي طرح پوئتي پيل هجي ٿو، پنجون، صدين جي ظلم جي تجربي سبب سندس سوچڻ جو ڍنگ به غلاماڻو هجي ٿو، ڇهون، صدين کان وني سندس ابن ڏاڏن کان صرف جسماني ڪم ورتو ويو آهي نتيجي طور سندس دماغ کي استعمال ڪرڻ ۽ نيون ذهني قابليتون پيدا ئي نٿيون ٿيڻ ڏجن، ۽ ستون، ظالم حڪمران طبقن طرفان مقرر ڪيل رستي ۽ دائري اندر تعليم ڏني وئي آهي ته جيئن اهو هڪ پڙهيل لکيل مزدور هجي جيڪو سندن لاءِ ڪم ڪري وغيره وغيره.

مٿي بيان ڪيل ڪارروائيون ته دشمن طرفان ڪرايون وڃن ٿيون پر ٻئي طرف ڪجهه خاميون اسان ۾ به هجن ٿيون. اسان مان ڪيترائي دوست مسلسل ڪم ڪندا رهندا آهن پر نتيجا ان قسم جا ناهن نڪرندا جهڙي اسين توقع ڪندا آهيون. جيتوڻيڪ اسان وٽ جيترو عقل ۽ سمجهه هجي ٿو اهو اسانکي چوندو آهي ته "تو جيڪو ڪجهه ڪيو اهو درست هو پر پوءِ به!!!" جيتوڻيڪ ان جو بنيادي

سبب اڻپوري ڄاڻ (پنهنجي يا ٻئي جي) هجي ٿو پر ان سان گڏ اهم سبب اسانجا رويا، عادتون، مزاج، جذبا، اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ، ملڻ جلڻ جو ڍنگ وغيره هجن ٿا (جيڪي خود هن ظالم سماجي نظام منجهان اسانکي ورثي طور ملن ٿا). جن متعلق اسانجي سمجهه بي خبر هجي ٿي ۽ لاشعوري طور اسين اهڙا بي ڍنگا رويا، عادتون، جذباتي اظهار ۽ طريقن تي عمل ڪندا آهيون جو اسانکي ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ انسان سڀ ڳالهين سان متفق ٿيندي بہ اسان سان گڏ نہ هلندو آهي. مثال طور جيڪڏهن اوهين ڪنهن مريض جي خيريت معلوم ڪندا آهيو تہ موٽ ۾ ان مريض وٽ اوهان لاءِ تمام گهڻو احترام پيدا ٿيندو آهي جيتوڻيڪ ان مريض کي اوهان مارڪسزم ليننزم جي اي بي سي بہ نہ ٻڌائي هوندي آهي ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اسانجا رويا ڪيتري طاقت رکن ٿا. ساڳئي طرح جڏهن اوهين ڪنهن سان ظاهري طرح مشڪندي گفتگو ڪندا آهيو پر جيڪڏهن اندروني طور اوهين ان ماڻهو سان سچا ناهيو يا ساڻس محبت نٿا ڪريو تڏهن بہ اهو ماڻهو ظاهري طرح هاڪار ڪندو پر اندر ئي اندر ۾ ان جي ابتڙ راءِ قائم ڪندو ڇاڪاڻ تہ ماڻهو اسانجي رويي کي تيزي سان محسوس ڪري وٺن ٿا ۽ اهي ماڻهو صدين جي وڏيرڪي ظاهري روين کي سهڻ جو تجربو بہ رکندا آهن. ڪيترائي ئي ماڻهو وڏيرن يا وڏڙن جي سامهون ظاهري طرح وڏي احترام سان پيش ايندا آهن پر اندر ئي اندر ۾ سڀ ڪجهہ سمجهندا آهن. مٿين ٻنهين روين جي ابتڙ ڊاڪٽر وٽ ويندڙ مريض علاج ٿيڻ کان اڳ ۾ صرف ڊاڪٽر کي ڏسڻ سان ئي خوش ٿيندو آهي ڇاڪاڻ تہ ڪيس ڊاڪٽر تي اعتماد هوندو آهي. مارڪس لکيو آهي تہ ”دوائون بيماري سان گڏوگڏ شڪن کي بہ ٺيڪ ڪن ٿيون.“

بهرحال، ماڻهو سڌو سئون ائين چوي تہ ”نون ماڻهن سان ملڻ يا نون علائقن ۾ وڃڻ ۽ انهن کي پنهنجو سمجهڻ جو رويو مون ۾ ناهي“ ”سيني مظلوم ماڻهن کي پنهنجو سمجهڻ ۽ انهن کي پنهنجو ساٿي سمجهڻ ۽ انهن سان پيار نہ ڪرڻ“ ”ڪتاب نہ پڙهڻ ۽ گهر کان



گهڻو وقت ٻاهر نہ رهڻ، سنجيده موضوعن تي ڪچهري نہ ڪرڻ، مسلسل ڪوشش ڪندو نہ رهڻ، اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهہ ٻولهہ جو انقلابي ڍنگ نہ هجڻ، ڪو بہ جوکم نہ کڻڻ، نون تيز رفتار طريقن تي عمل نہ ڪرڻ ۽ ساڳين پراڻن طريقن سان ڪم ڪرڻ وغيره جي اسان ۾ عادت آهي يا اسان جا رويا اهڙا آهن، يا ارادا ئي ناهن“ ائين چوڻ بدران مٿي بيان ڪيل ڳالهيون چئي پنهنجو پاڻ ۽ ٻين کي مطئعن ڪندو رهي ٿو.

”دل نہ ٿي چوي“ ”الائي ڇو“ ”پر...“ ”يلا ڇا ڪريان“ ”بس يار....“ اهي ۽ اهڙا ڪيئن لفظ ۽ جملا بنيادي طور اسانجي اڻڄاڻائي کي ظاهر ڪن ٿا پر اسان جهڙن معاشرن ۾ پنهنجي اڻڄاڻائي کي قبول ڪرڻ يا ظاهر ڪرڻ کي عيب سمجهيو ويندو آهي تنهنڪري ڳالهہ سڌي ڪرڻ بدران اُبتي طرح ان قسم جي لفظن ۽ جملن ذريعي اسين پنهنجي جهالت کي ڍڪ ڏئي پنهنجو پاڻ ۽ ٻين کي دوکو ڏيندا آهيون.

## ”لاشعور (Unconsciousness)، دوکو (Deception) ۽ پرچار (Propaganda)“

مٿين خيالن کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهريائين اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ لاشعور ڇا آهي؟ لاشعور شين جي لاڳاپن ۽ خاصيتن سان واسطيدار ڄاڻ جي لڪل-ڳجهي رڪارڊنگ تي مشتمل هجي ٿو. لاشعور جو دائرو گهڻو وسيع آهي جيڪو حواسن، احساسن ۽ تصورن سان گڏوگڏ جبلتن، هنرن، لاڙن ۽ وجد وغيره تائين ڦهليل هجي ٿو. مطلب تہ انسان جيڪو ڪجهہ ڪري ٿو (ڳالهائڻ، سوچڻ جو ڍنگ، عادتون، جبلتون، لاڙا، رويا، مزاج، ارادا، خواب، جذبا، رهڻي ڪهڻي) ان جي وڏي حصي جي ڪيس خبر ئي نٿي رهي تہ هن ڇا ڪيو، ڪيئن ڪيو ۽ ڇو ڪيو؟ وغيره. جيتوڻيڪ ان قسم جو گهڻو مواد شعور جي رستي ئي لاشعور ڏانهن منتقل ٿئي ٿو جيڪو تمام ڊگهي عرصي (پيدائش کان اڳ (وراثت جي صورت ۾) ۽ پوءِ جنهن جنهن عمر تائين جي ماڻهو جي عمر هوندي آهي) ۾ جڙي ٿو. ان لاشعور

ڪي ترتيب ڏيڻ ۾ اهم ڪردار پرچار (propaganda) جو به هجي ٿو.
عوام جي احتجاج جون صورتون (بيزاري، نااميدي، مايوسي، رڪائپ وغيره) لاشعوري طور طبقاتي چڪتاڻ جي ترجماني ڪن ٿيون. (جن ڪي سمجهي ۽ بدلائي شعوري صورت ڏئي انهن جو رخ (پاڻ جهڙن بدران ظالمن طرف) ڦيرائي سگهجي ٿو.) پر جيئن ته پرچار جا ذريعا دشمن وٽ هجن ٿا تنهنڪري مظلومن جي شعور معرفت سندن لاشعور تي قبضو ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن ڪي خبر ئي نٿي پئي ته اسان ڪي دشمن ڪيئن نه غيرسرگرم، سست، بي همٿ، بي ڍنگو روپي، ڪمزور ارادي وغيره جو شڪار بڻائي ڇڏيو. روزانو جي اخبارن ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي ظالم حڪمرانن جي عوام دشمن منطق ڪي مسلسل ورجائي عوامي راءِ جي شڪل ڏني وڃي ٿي، ۽ عام ماڻهو ان ڪي سچ سمجهي ان قسم جو ردعمل ڪري ٿو.

ڪامريڊ لينن چيو آهي ته "سياست ۾، عوام هميشه ڪان دوکي ۽ خودفريبي جو شڪار ٿيندو رهيو آهي، ۽ هميشه ٿيندو رهندو، جيسيتائين (عوام) اخلاقي، مذهبي، سياسي ۽ سماجي دعوائن، اعلانن ۽ پڌرنامن جي پنيان ڪنهن جا (۽ ڪهڙا) طبقاتي مفاد آهن انهن بابت سکي نٿو وٺي"

جنگي علم جي ماهر پولش واسي بلاڪ (Bloch) پهرين عالمي جنگ (First World War) جي خاتمي جي سببن بابت لکندي چيو ته "جنگ جي پڄاڻي لڙائي نه پر ڏڪار ۽ انقلابن (Revolutions) آندي." پر جي ايف سي فلر (G. F. C Fuller) ان ۾ هڪ ٻي اهم شي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته "جنگ جي پڄاڻي جو اهم سبب ته وسيلن جي کوٽ ۽ ماڻهن جي بد حالي_ٿڪاوٽ هئا پر ان سان گڏ ٻيا به وڏا اهم سبب به هئا جن جرمني ۽ سندس اتحادين ڪي شڪست ڏني اهي هئا برطانوي ناڪابندي (Blockade) ۽ پرچارڪ (Propaganda)، ناڪابندي جرمنن جي طاقت ڪي وڏو ڏڪ رسايو ۽ ٻئي (پرچارڪ) وري انهن جي اخلاقي جرائت ڪي تباهه ڪري ڇڏيو" جرمني جي هڪ جرنل پنهجين يادگيرن ۾ لکيو آهي ته "ناڪابندي ۽ پرچارڪ (propaganda)



اسانجي فتح ۾ ايمان ڪي ڏاهي ڇڏيو، سيني جرمنن جا جذبا ۽ سموري حب الوطني سندن ڇاتين ۾ ئي دفن ٿي وئي، دشمن جي پرچارڪ اسانڪي اهڙو ڪري ڇڏيو جڻ هڪ ڪئو نانگ اڳيان ٻينو هجي" مطلب ته لفظن جي جنگ هٿيارن جي جنگ ڪان وڌيڪ طاقتور هجي ٿي. دشمن پنهنجي پرچار ذريعي اسان ڪي نااميد، مايوس، سست، نياڳو، بي اعتماد ۽ موڳو ڪري سگهي ٿو ۽ ان لاءِ ڪيس ڪي به هٿيار وغيره استعمال ڪرڻ جي ضرورت ناهي پر صرف موثر پرچارڪ ئي ڪافي آهي. ان قسم جو عوام دشمن پرچار صدين ڪان ٿيندو اچي پيو ۽ ٿيندو رهندو پر اهم ڳالهه هي آهي ته ان جو حل ڇا آهي؟ ۽ انهن ڪي منهن ڪيئن ڏجي؟ ان لاءِ سڀ ڪان پهريائين هڪ نئون انقلابي انسان گهرجي ٿو. جيڪو نه صرف ان قسم جي عوام دشمن پرچار جو شڪار نه ٿئي پر خود دشمنن خلاف حقيقي ۽ سائنسي پرچار پڻ ڪري ۽ پنهنجي عقل، همٿ، ارادي، جذبي، روپي ڪي طاقتور هٿيار بڻائي هڪ مثالي انسان بڻجي ٻين انسانن جي رهنمائي ڪري ۽ انهن ڪي مايوسي، بي همتي، بيزاري مان ڪڍي جدوجهد لاءِ تيار ڪري.

## "هڪ نئون انسان"

لينن لکي ٿو ته "پراڻو سماج هنن اصولن تي ٻيئل هجي ٿو "ڦرو يا ڦرجو، ٻين لاءِ ڪم ڪريو (پنهنجي لاءِ نه) يا ٻيا توهان لاءِ ڪم ڪن (اوهين پاڻ ڪجهه به نه ڪريو)، غلام ٿيو يا غلام جا مالڪ ٿيو" فطري طرح اهڙي معاشري ۾، ماءُ جي کير سميت پرورش ورتل انسان ائين هوندو جڻ نفسيات، عادت ۽ خيال چوي ته "تون يا ته غلام آهين يا غلام جو مالڪ، يا ڪجهه ٻيو، ڪجهه ملڪيت وارو آهين، ملازم، عملدار، يا هڪ دانشور، ڳالهه مختصر هي ته اهو انسان جنهن جو صرف پنهنجي ذات سان واسطو هجي ۽ ڪڏهن به ڪنهن ٻئي انسان جي پرواهه ئي نه ڪري." (مطلب ته جيڪا سڄاڻپ ڪيس پراڻي معاشري ڏني صرف اها ئي سندس سڄاڻپ هجي.)

ايرڪ فرام ”تعليم جو مقصد نہ صرف ڄاڻ ڏيڻ، ۽ نہ ئي صرف ايمانداري، همٿ وغيره جا گڻ پيدا ڪرڻ آهي پر انسان کي ڪم سيکارڻ ۽ موجوده سماج جي گهرجن مطابق هلڻ وغيره شامل آهي. هر سماجي نظام پنهنجي بقا لاءِ پنهنجيون پنهنجيون سماجي خاصيتون، گڻ ۽ رويا پيدا ڪري ٿو. مثال طور اوائلي اشتراڪي دور (پيداواري سرشتي سبب گڏيل پورهيو ڪندا هئا) ۾ باهمي تعاون ۽ پرامن باهمي بقا بنيادي سماجي رويا هئا. شڪاري قبائلي دور ۾ (ٻين قبيلن تي ڪاهہ ڪرڻ ۽ شڪار لاءِ) جارحيت، ويڙهہ ۽ انفرادي مردانگي تي فخر ڪرڻ وارا گڻ عام هئا. جاگيردار سماج ۾ مٿيون طبقو هيٺين طبقي جو استحصال ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي بي پناهہ دولت ۽ واندڪائي کي استعمال ڪرڻ لاءِ غرور ۽ آڪڙ ڪري ٿو ۽ هيٺيون طبقو تابعداري، تحمل ۽ تڪليفن کي برداشت ڪرڻ کي پنهنجو گڻ سمجهي ٿو. جڏهن تہ جديد سرمائيدار نظام هيٺ ان قسم جا گڻ اٽلي ٿي وڃن ٿا ۽ انهن جي جاءِ ٻيا سماجي گڻ جنم وٺن ٿا، جيڪي انفراديت پسندي (منهنجي ملڪيت، منهنجو گهر، منهنجو روزگار، منهنجي زندگي وغيره) تي ٻڌل هجن ٿا جڏهن تہ وڏين صنعتن ۽ ڪاروبارن سبب گڏيل ڪم ڪرڻ جي خوبي حاصل ٿئي ٿي ۽ وقت جي پابندي، نظم و ضبط جا گڻ پيدا ٿين ٿا. هر معاشرو بهتر نموني ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجن ميمبرن کي اهڙي ترتيبت ڏئي ٿي جو اهو فرد خودبخود اهي سمورا ڪم ڪري ٿو جيڪي ان سماج کي برقرار رکڻ لاءِ ضروري هجن ٿا مطلب تہ جيڪو ڪم ڪرڻ اٽر هجي ٿو ان کي ئي پنهنجي خواهش سمجهي عمل ۾ آڻي ٿو، يعني سماج لاءِ گهربل رويا اوهانجي ڪردار جو حصو ٿي وڃن ٿا. انفرادي طرح ان قسم جا رويا، گڻ ۽ خاصيتون ان سماجي نظام جو يونٽ (ايجنٽ) گهر (خاندان) ادا ڪري ٿو. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هڪ ٻار جنهن جو سماج جي سموري سرشتي سان لاڳاپي ۾ ٿورو حصو وٺي ٿو تہ پوءِ اهو ان سماج جي عڪاسي ڪيئن ٿو ڪري؟ مائٽ ٻارن کي تعليم (جيڪا انهن بہ ان سماجي نظام وٽان حاصل ڪئي هوندي آهي) ۽ پنهنجي



شخصيتن (جيڪي ڪنهن طبقي ۽ معاشري جي سماجي ڪردار جي نمائندگي ڪري ٿي) ذريعي ٻار کي نفسياتي ماحول منتقل ڪن ٿا. ڪردار ان خاص صورت جو نالو آهي جيڪو انسان جي توانائي کي سماج جي ضرورتن مطابق ترتيب ڏئي ٿو. ۽ موٽ ۾ ڪردار فرد جي عمل، جذبي (احساسن) ۽ سوچڻ جي انداز جي شڪل ڏاهي ٿو. پر جيئن تہ انسان ڪنهن خالي ڪاغذ وانگر ناهي جنهن تي جيڪو ڪجهہ لکبو اهو ئي حتمي هوندو پر انسان پنهنجي شعور جي طاقت سان ان ڪاغذ تي لکيل لفظ ڊاهي ۽ نوان پڻ لکي ٿو.

تاريخي ماديت موجب ڪنهن بہ سماجي نظام جي تبديلي هڪدم يا هڪ ڌڪ سان نہ ٿيندي آهي پر مسلسل ننڍا وڏا (مقداري) ڌڪ لڳندو رهڻ ۽ اوچتو ڪنهن (صفتي) ڌڪ لڳڻ سان تبديلي اچي ٿي (جيڪا تمام تيزي سان توڙي آهستي آهستي مختلف تيز رفتار مرحلن ۾ بہ اچي سگهي ٿي.). ان تبديلي لاءِ حالتون پراڻي سماجي نظام اندر ئي پروان چڙهنديون آهن جيڪي سندس موت (۽ سڌاري) جو سامان گڏ ڪنديون رهنديون آهن. مطلب تہ نئون سماجي نظام اوچتو ئي اوچتو پيدا ڪونہ ٿي پوندو پر ان جون ابتدائي گهرجون پراڻي سماجي نظام اندر ئي پيدا ٿين ٿيون جيڪي نئين نظام جون عبوري صورتون هجن ٿيون، ۽ آهستي آهستي طاقتور ٿي اوچتو انقلابي تبديلي آڻين ٿيون. يعني نئين سماجي نظام کان اڳ نئون انسان گهرجي ٿو جيڪو پراڻي سماج کي ڊاهڻ ۽ نئين سماج جي تعمير ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي هڪ نئين انقلابي تنظيم ناهي ٿو. اهي انسان ۽ تنظيم ان بدبودار سماجي نظام اندر نئين بهتر نظام جو مثالي نمونو هجن ٿا جيڪي لکين انسانن لاءِ ماڊل جو ڪردار ادا ڪن ٿا.

تنهنڪري نئون انسان ٿيڻ لاءِ سڀ کان پهريائين پنهنجي پراڻي سڃاڻپ شناخت کي ڊاهي ختم ڪرڻو پوندو تڏهن ئي ان جي اندر ۽ ٻاهر ۾ هڪ نئي سڃاڻپ پيدا ٿيندي. جيتوڻيڪ هڪ ظالم سماج (جاگيرداري وغيره) اندر مادي (سماجي اقتصادي نظام) حالتن (material conditions) جي حوالي سان (انفرادي ۽ ابتدائي طور) اوهان هڪ حد

تائين تبديلي آني سگھو ٿا ۽ مجبور هجو ٿا ته مٿين سجاڳپڻ (دنڌن، شعبن، ڪمن) تي عمل ڪريو پر جيئن ته جيڪي انسان هن بدبودار سماج کي ڊاهي هڪ نئون سماج اڏڻ چاهين ٿا اهي مادي طور (materially) گهٽ ئي سهي پر روحاني طور (spiritually) مستقبل جي نئين سماج جا عنصر هيئنر ڪان ئي حاصل ڪندا ۽ هڪ پيرو حاصل ڪري ويهي مزا ڪونه وٺندا آهن پر مسلسل ان کي بهتر ڪندا رهندا ۽ ان کي پنهنجي عادتن، روين ۽ جذبن جو حصو بڻائيندا آهن، تڏهن ئي اهي نوان انسان بڻجي سگهندا، ڇاڪاڻ ته جيسيتائين اسين خود مثالي (آدرشي) (Ideal) انسان نٿا بڻجون تيسين لکين ڏکويل انسانن جي رهبري ڪرڻ ناممڪن آهي. ۽ اهو آدرشي يا مثالي انسان نه ڪو آسماني ملائڪ هوندو، نه ئي ڪو انسانن کان بالاتر خاصيتن جو مالڪ هوندو ۽ نه ئي آفاقي نوعيت جو هوندو پر اهو انسانن منجهان ۽ انسانن جهڙو هوندو مطلب ته حقيقي آدرشي انسان هوندو جنهن جي ٻيا انسان به پوئواري ڪري سگهندا. جدلياتي ماديت جي بنيادي قانونن منجهان هڪ قانون نفي جي نفي جو قانون ان عمل جي بهتر سمجهاڻي ڏئي ٿو جنهن مان مراد آهي هر پراڻي شي پنهنجي نفي ڪري پاڻ منجهان ٻي نئين شي کي جنم ڏئي ٿي جنهن ۾ پراڻي حالت جون بهتر خاصيتون شامل هجن ٿيون ۽ وري اهائي شي پنهنجي نفي ڪندي سفر کي اڳتي وٺي هلي ٿي پر هڪ نئين اعلي مرحلي طرف. انهيءَ قانون کي سامهون رکندي ڏسجي ته انسان جي صفتي (خاصيتي) تبديلي به صرف تڏهن ئي ممڪن ٿيندي جڏهن اهو پنهنجي پراڻي حالت جي نفي ڪندو.

جيسيتائين انسان پنهنجي پوئين حالت (جاگيرداراڻي، سرمائيداراڻي انسان) کي ڊاهي نٿو تيسين نئين حالت (بهتر سائنسي ۽ برابري وارو انسان) جو پيدا ٿيڻ ناممڪن هجي ٿو ۽ ان نئين حالت ۾ پوئين حالت جا بهتر پاسا ۽ نئين حالت جي بهتر پاسن سان گڏوگڏ پوئين حالت جا ڪجھ بدتر پاسا ۽ نئين حالت جون ڪجھ اڻپورايون به رهجي وڃن ٿيون تنهنڪري پوئين حالت جي ورثي مان مليل بهتر



پاسن کي وڌائيندي پراڻي انسان جي بدتر پاسن مان جان آجي ڪرائبي اڇبي ۽ اهڙي ريت نئين انسان جي اڻپوراين کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي نفي جي ضرورت هجي ٿي تڏهن ئي اهو انسان (پنهنجي مخصوص سماجي ۽ تاريخي دور جو) ڪامل نئون انسان سمجهيو ويندو. جهڙي طرح جاگيرداري نظام جي بنيادي گهرج ۽ بقا ان ۾ هجي ٿي ته هو جاگيرداري نظام سان نهڪندڙ انسان کي جنم ڏئي. اسان مان ڪيترائي ماڻهو پنهنجي پراڻي جاگيرداراڻي نظام جي انسان کي شعوري طرح ته ڊاهين ٿا پر هڪ نئون انسان (سماجوادي) اڃا تائين صرف شعوري طور تي نئون انسان ته ٿي وڃي ٿو پر سندس روحاني وجود جا گهڻا پاسا اڃا تائين ساڳئي پراڻي (جاگيردارڻي) انسان وارا هجن ٿا ۽ ساڳئي وقت نئين (سماجوادي) انسان جي مڪمل ٿيڻ لاءِ گهربل نئين انقلابي روحاني هم آهنگي ته اڃا ابتدائي صورت ۾ هجي ٿي، تنهنڪري نئين انسان کي پنهنجي سوچ (غلام قومن کي آزاد بنائڻ جي جديد ٽيڪنالوجي) سان هٿياربند ٿي پنهنجي ارادن، روين، خوابن، عادتن ۽ جذبن وغيره کي نئين صورت ڏيڻي پوندي. اچو ته ان ڳالھ کي سمجهڻ لاءِ ان تي روشني وجهون.

## زندگي هميشه شاهوڪار

غلام داري ۽ جاگيرداري سماج ۾ عوام جي اڪثريت جاهل ۽ اڻپڙهيل هجي ٿي تنهنڪري اهڙي ظلم ۽ بربريت واري سماجي نظام ۾ جتي سمجھ ۽ ڏاهپ ڄڻ ته هڪ برائي (ڏوھ) وانگر هجي اتي لکين مظلوم، پيڙهيل ۽ ڏتڙيل انسان جيئري ئي لاش وانگر هجن ٿا ۽ اهڙي معاشري ۾ زنده رهڻ ۽ ڪجھ ڪرڻ لاءِ ناسمجهي تي ٻڌل (آسماني ڏٿا، خيالي جنتون، ابدي زندگي، روحاني (نيم بيهوشي) سڪون وغيره) جي آسري تي زندگي جي مصيبتن کي برداشت ڪيو ويندو رهيو آهي. انهي قسم جي آسماني ڏٿن جي حوالي سان مارڪس لکي ٿو ته آسماني ڏٿا هڪ ئي وقت حقيقي عذابن جو اظهار به آهن ۽ حقيقي عذابن خلاف احتجاج پڻ آهن. اهي شيون (آسماني

ڏٺا) مظلوم مخلوق جا ٺڏا شوڪارا آهن، بي دل دنيا جي دل ۽ بي روح حالتن جو روح هجن ٿا. اهي ماڻهن لاءِ آفيم وانگر هجن ٿا.“ انهي حوالي سان Montaigne چوي ٿو ته ”انسان ڪيڏو نه ڇريو آهي، هي ٺاهي هڪ ڪيئون به نٿو سگهي پر ڊزن کن آسماني قوتون پيدا ڪري ڇڏيون اٿس.“ پنهنجي پنهنجي دور جي بدترين حالتن ۾ زنده رهڻ لاءِ صدين کان انسان اميدن، حوصلن ۽ ارادن جي طاقت جي سهاري تي سفر طئي ڪيو آهي. اهي انساني ارادا، اميدون، جذبا ئي هجن ٿا جيڪي انسان کي ڏڍ ۽ ٽيڪ ڏين ٿا جن جو عقل سان پري پري تائين ڪوبه واسطو نٿو هجي. جيتوڻيڪ انهن دورن ۾ جڏهن عقل پنهنجي ابتدائي اڻ گهڙيل صورت ۾ هجي ٿو تڏهن انسان ان قسم جي ئي هوائي ۽ ديومالائي تصورن جو سهارو وٺي ٿو جيڪو انهن حالتن ۾ اٽڪر هجي ٿو. پر هن جديد ۽ سائنسي دور ۾ به جيڪڏهن هڪ انسان انهن ساڳين آسماني ڏٺن، ديومالائي تصورن ۽ هوائي خبرن تي پاڙيندو هجي ته اهو ائين آهي جيئن ڪيترائي ڀار (عقلي طور) کن ڪڙين حقيقتن کي ٻڌڻ يا مڃڻ لاءِ تيار ناهن ٿيندا چاڪاڻ ته ان حقيقت جي درست ڄاڻ ان جي هوائي خوابن کي چڪنا چور ڪري ڇڏيندي آهي. جيئن ڪنهن انسان کي اڪثر اهو ڊپ هوندو آهي ته متان سندس خواهش پوري نه ٿئي ته پوءِ ان قسم جي ڊپ کي منهن ڏيڻ لاءِ اهڙي مصيبت کان فراريت اختيار ڪندو آهي ۽ دل ئي دل ۾ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڏٺو ڏيندو ته ”نه ائين نه هوندو يا نه ٿيندو“ ”متان ڪجھ هجي.“ اهو ائين آهي جيئن ڪنهن مريض کي ڪا بيماري هجي پر ان ۾ ذهني طرح ان بيماري کي برداشت ڪرڻ جي قوت نه هجي ۽ نتيجي طور بيماري متعلق وڌيڪ ڄاڻڻ ئي نه چاهيندو هجي.

مٿين ڳالهين جي ابتڙ سمجهدار ۽ ڏاهو انسان آسماني ڏٺن بدران هن دنيا کي سائنسي طرح سمجهڻ چاهيندو ۽ پوءِ ان کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪندو. ڀلي پوءِ اهو عمل ڪيڏو به تڪليف ڏيندڙ ڇو نه هجي. ان قسم جي ارادي وارو انسان پنهنجي فڪر، سمجھ ۽ ڏاهپ



کي ان حد تائين وٺي ويندو جو هو آسماني ڏٺن کي پيچي پورا پورا ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو ۽ فنڪارانہ مهارت حاصل ڪندي هن دنيا کي پنهنجي عقل ۽ ڏاهپ مطابق بدلائڻ لاءِ پنهنجن ارادن، حوصلن، جذبن ۽ اميدن کي پنهنجو هٿيار بڻائيندو.

”زندگي ڪنهن به نظريي کان شاهوڪار هجي ٿي“ ان خيال مان منهنجي مراد ڪنهن نظريي جي بنياد تي قائم ڪيل مقصد سان ناهي، ان خيال جو مطلب هي آهي ته انساني زندگي ۾ صرف عقل، سمجھ ۽ نظريو ناهي هوندو پر اها زندگي پنهنجي اندر توڙي ٻاهر ۾ لاتعداد، اڻ ڳڻين ۽ طرحين طرحين رنگينين جو مرڪب هجي ٿي، جيڪا مسلسل تبديل ٿيندي رهي ٿي، جنهن ۾ عقل سان گڏوگڏ جبلتون، احساس، جذبا، رويا، عادتون، مزاج ۽ ارادا وغيره به شامل هجن ٿا، زندگيءَ جون ڪيتريون ئي خوبصورتيون ۽ حسناڪيون اهڙيون به ٿين ٿيون جن کي ڪنهن ٻولي ۾ بيان به نٿو ڪري سگهجي ۽ اجا لاتعداد رخ اهڙا به آهن جن کي دريافت پڻ ڪرڻو آهي. پر اهو انساني نظريو ئي آهي جيڪو زندگي جي لاتعداد صورتن کي نئين معني ڏئي ٿو ۽ ان کي تمام اونچين بلندين تائين ڪڻي وڃي ٿو، انهي مقصد جي حاصلات انسان زندگي کي به قربان ڪرڻ کان نٿو ڪيٻائي ۽ ان نظريي جو مقصد پڻ انساني زندگي ئي هجي ٿو ۽ اڃو ته زندگي جي ڪجھ رخن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

(هيٺ لکيل مواد مان منهنجو مقصد جبلت، عقل، رويي، جذبي ۽ ارادي جي سائنسي سمجهاڻي ڏيڻ ناهي پر صرف انهن جو انساني زندگي جي مقصد سان لاڳاپي تي بحث ڪرڻ آهي.)

## جبلت

مارڪس لکي ٿو ته ”اسان نه صرف زنده ماڻهن جي ڪيل ڪرتوتن کي ڀوڳيون ٿا پر صديون اڳ ۾ مري ويلن جي مصيبتن کي پڻ ڀوڳيون ٿا.“

سمجھ، رويي، جذبي ۽ ارادي وغيره کان ٻهريائين انسان ۾ ڪي پيدائشي جبلتون (فطري صفتون) ٿين ٿيون جيڪي صدين جي

انساني تاريخ جي ورثي مان ڪيس ملن ٿيون. جنهن ۾ بنيادي جبلت ”پنهنجو پاڻ کي بچائڻ“ هجي ٿي.(مطلب ته زنده رهڻ) ۽ انهي ڪري صدين کان انسان پنهنجي بقا جي جدوجهد ڪندو رهيو آهي. ابتدائي انسان جنهن وٽ شعور پنهنجي اڻ گهڙيل شڪل ۾ هو ان انسان وٽ جبلت ۽ ارادي جي قوت ئي هئي جنهن ڪيس فطرت جي خطرناڪ انتين قوتن کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪئي ۽ انهي عرصي دوران (بقول عام نفسياتدانن جي) بک، جنس ۽ ننڊ وغيره جي جبلتن جنم ورتو. جيتوڻيڪ اهي انساني جبلتون ئي آهن جن انسان کي لکين سالن تائين سندس وجود کي بچائڻ ۾ مدد ڪئي آهي جيڪي بدليل ماحول مطابق پاڻ کي به تبديل ڪنديون رهيون آهن پر انسان صرف جبلتن جي ڏڍ تي زنده نه پئي رهي سگهيو ۽ حالتن جي جبر (جسماني بناوت ۽ پورهيي وغيره) انسان کي عقل ۽ سمجھ جو هٿيار ڏنو جنهن انسان کي موجود منزل تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. انسان جي پيٽ ۾ جانورن جو وجود به اڄ تائين موجود آهي جيڪو سندن جبلتن ۽ حواسن جي آڌار تي آهي. جڏهن ته انسان پنهنجين جبلتن کي پنهنجي عقل سان ترتيب ڏيندو رهيو آهي. جبلتن جي حوالي سان عام طور اهو سمجهيو ويندو آهي ته اهي ناقابل تبديل، ازلي ۽ ابدي آهن ۽ آهن به پراڻي زماني جون ۽ ابن ڏاڏن جو ورثو آهن.. ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن ٿيندو ته نئون انسان پنهنجين پراڻين جبلتن جي هوندي نئون انسان بڻجي سگهي؟ ان تصور جي ابتڙ مارڪسي نفسياتدانن جي دعوي آهي ته خود جبلتن ۾ تضادن جو جدلياتي اتحاد آهي جنهن ۾ ڪجھ جبلتون پيدائشي ۽ ڪجھ نيون ورتل هجن ٿيون، ڪجھ مصلحت پسند ۽ ڪجھ غيرمصلحت پسند، ڪجھ هالو چالو ۽ ڪجھ قابل تبديل چيڙهالو، ڪجھ اندروني ۽ ڪجھ ٻاهريون هجن ٿيون. يعني اسين پنهنجي عملي سرگرمي (جسماني ۽ ذهني) ذريعي نوان لاڙا اپنائيون ٿا، جيڪي اڳتي هلي عادتن، روين جي صورت اختيار ڪن ٿا ۽ ائين مسلسل ورجائڻ جي نتيجي ۾ ڪجھ ته موجوده جبلتن سان هم آهنگ ٿي وڃن ٿا ۽ ڪجھ



نيون جبلتون آهستي آهستي پيدا به ڪري سگهجن ٿيون. شعور ۽ جبلت جي هم آهنگي جي حوالي سان (Kossuth) تمام خوبصورت خيال پيش ڪيو آهي. هي چوي ٿو ته ”هڪ ڏاهي ماڻهو جو جبلتي احساس سڀ کان وڌيڪ هوشيار انسانن کان اڪثر وڌيڪ هوشيار هجي ٿو.“ جڏهن ته ايمرسن لکي ٿو ته ”اسان جي سموري ترقي هڪ ٻوٽي وانگر آهي. توهان وٽ سڀ کان پهريائين جبلت هجي ٿي ۽ پوءِ هڪ راءِ ۽ پوءِ ڄاڻ وغيره، جيئن هڪ ٻوٽي وٽ سڀ کان پهريائين پاڙ هجي ٿي، پوءِ سلو ۽ پوءِ ميوو هجي ٿو. پنهنجي جبلت تي توڙ تائين اعتماد ڪريو توڻي جو اوهان کي موت ۾ ڪا به سمجھ حاصل نه ٿئي.“ (جيتوڻيڪ ايمرسن جي پوئين ڳالھ انڌي عقيدي جي صورت آهي حقيقت هي آهي ته اها انساني پورهيو ۽ سمجھ ئي آهن جن انسان کي جانورن کان مٿانهون ڪري بيهاريو آهي.).

ڪجھ نفسياتدان سمجهن ٿا ته انسان پيدائشي طور خوف جو ڪجھ حصو ڪٺي اچي ٿو ۽ ڪجھ حصو روزانو جي زندگي مان حاصل ڪري ٿو، ساڳئي وقت روزانو جي زندگي ۾ بي خوف ٿي به ڪم ڪري ٿو. جيڪو واڌو خوف هجي ٿو اهو گهڻو ڪري اسانجي اڻڄاڻائي ۽ خود ڄاڻ جي پيداوار هجي ٿو ۽ نتيجي طور اڻ ڏٺل مستقبل کان هر وقت خوف ٿيندو رهي ٿو. ڪجھ انسان اهڙا به آهن جن کي مستقبل جي ڪنهن به خطري جي ڪا به ڄاڻ ناهي هوندي (اڳتي هلي انهي مصيبت جو شڪار ٿين ٿا) ۽ بي خوف ٿي زندگي گهارين ٿا ۽ ڪجھ انسان اهڙا به آهن جن کي ٿورڙو علم سدائين مختلف خوفن ۾ وچڙائي رکي ٿو ۽ ان جي ابتڙ ٻيا انسان جن کي وري تمام گهڻي ڄاڻ هجي ٿي اها انهن کي خبردار ڪري ٿي ته ايندڙ مستقبل ۾ ڪهڙا ڪهڙا خطرا ٿي سگهن ٿا پر اهي ماڻهو وري رٿابندي ۽ اڳواٽ تياري سبب انهن خوفن کي منهن ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا.

اسانجي معاشري ۾ زندگي کي اهڙو ته ڀيانڪ ۽ پوائتو بڻايو ويو آهي جو ٻالڪپڻي کان جواني تائين هڪ ڀار پنهنجي گهر جي

اگهڻ تائين ويندي ٻه پيو ڏجندو ۽ ڪيترائي ماڻهو ته پنهنجي پاڇي کان به پيا ڏجندا آهن. مختلف فلمن، ڊرامن، قصن ۽ ڪهاڻين وغيره ذريعي (۽ نندپڻ ۾ خود مائرن طرفان به پنهنجي اولاد کي ڪنهن به ڪم ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ) جنن، ڀوتن، دوزخن، قبرن، جنتين، ڏائڻن، خوفناڪ جاين، وڻن، گهرن ۽ ٻين هزارين ظالماڻن طريقن ذريعي شين کي ايڏو ڀوائتو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي جو انسان ڏينهن رات پيو ڏجندو رهندو آهي ۽ اهڙن تصورن ذريعي ظالمن هٿي انسان جو ساهه سڪائي ڇڏيو آهي ۽ نتيجي طور عام انسان پراعتماد، پاڻ تي ڀاڙڻ، همت ۽ جرائت جهڙن هٿيارن کان محروم ٿي وڃي ٿو يا انهن هٿيارن کي مڏو بڻايو وڃي ٿو يا انهن جو رخ تبديل ڪيو وڃي ٿو. پر جيئن ته اڻاهه گهري ۽ سائنسي شعور جي بنياد تي خوف کي قابو ۾ آڻي سگهجي ٿو ۽ خوف ڪا هرڀرو خراب شي نٿو هجي، بنيادي طور تي اهو خوف ئي هجي ٿو جيڪو انسان کي خبردار ڪري ٿو ۽ انسان پنهنجي دفاع جو سامان اڳواٽ ئي تيار ڪري رکي ٿو مطلب ته جتي خوف اسانکي ماٺ ڪري ويهڻ جا سبق ڏئي ٿو اتي اهو اسانجي رهنمائي به ڪري ٿو. خوف کي دٻائڻ بدران ان کي نروار ڪري ان کي سمجهي ايندڙ مصيبتن متعلق رٿا بندي ڪئي وڃي ۽ خوف کي منهن ڏيڻ گهرجي. تمام گهڻا خوف غيرمناسب ۽ غيرمعقول هجن ٿا جن مان جان ڇڏائڻ انتهائي ضروري آهي. بهرحال، خوف جي حوالي سان مارڪس جو هي نعرو ڪيڏو نه طاقتور آهي ته "پورهيتو اوهان وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجهه به ڪونهي سواءِ غلامي جي زنجيرن جي." تنهنڪري اهڙو انسان جنهن وٽ ڪجهه به نه ڪونهي اهو ڪنهن کان به نه ڏجندو. ۽ ٻئي طرف جيڪڏهن هو پنهنجي سڃاڻپ (مان مرتبي، رتبي وغيره) جي پرواهه ڪرڻ کان ئي بي نياز هجي ته به ڪيس ڪير ڏيڄاري به نه سگهندو.

باقي رهيو سوال ٻڪن ۽ ننڍن جو، انساني تاريخ ۾ لاتعداد اهڙا مثال ملن ٿا جنهن ۾ انسان پنهنجي عقل ۽ سمجهه جي بنياد تي انهن کي پڻ عارضي طور ضابطي هيٺ ۽ انقلابي ڪمن لاءِ ڪتب آڻيندو



رهيو آهي. ان لاءِ انسان جي پنهنجي سڄي زندگي جي مقصد ۽ ان بنياد تي رويي طئي ڪرڻ ڪانپوءِ گهٽي حد تائين انهن جبلتن کي نئين معني ۽ رنگ ڏئي سگهي ٿو.

**عقل**

هن وقت ظالم حڪمران طبقو غلام بڻائڻ جي ٽيڪنالوجي ۾ ماهر آهي، صدين جي ظلم ڪرڻ جي تجربي ۽ علم کي منظم شڪل به ڏئي چڪو آهي، ۽ اها تعليم نه صرف پاڻ پنهنجي طبقي کي ڏئي ٿو پر خود مظلوم به انهي تعليم کي پرائين ٿا. ان جي ابتڙ مظلوم کي به ظلم خلاف وڙهڻ ۽ آزادي حاصل ڪرڻ جي فن ۾ ماهر ٿيڻو پوندو. ڪامريڊ لينن لکي ٿو ته "جيڪڏهن اوهانکي بورجوا (سرمائيدار) سياستدان کي شڪست ڏيڻي آهي ته پوءِ اوهانکي ان کان بهترين سياستدان ٿيڻو پوندو." (مطلب ته سرمائيدار سياستدان کهڙيون اٽڪلون، گُر ۽ حرفتون ڪري ٿو اهي پڻ سمجهڻيون پونديون.) ساڳئي حوالي سان جنگي علم جو ماهر سن زو لکي ٿو ته "پنهنجو پاڻ کي سڃاڻو ۽ دشمن کي سڃاڻو ته اوهانکي شڪست نه ملندي." اهڙي منظم ۽ مربوط علم (نظريي) جي اهميت ڇا آهي؟ ان حوالي سان انقلابي استاد لينن لکي ٿو ته "انقلابي نظريي کانسواءِ انقلابي تحريڪ نٿي ٿي سگهي." ساڳئي طرح ڪامريڊ اسٽالن چوي ٿو ته "جيڪڏهن نظريو انقلابي عمل سان ڳنڍيل ناهي ته پوءِ بي مقصد هجي ٿو ۽ جيڪڏهن عمل جو رستو انقلابي نظريي جي روشني ۾ نٿو هلي ته اهڙو عمل اوندهه ۾ لنيون هڻڻ برابر آهي."

جيتري قدر نظريي جي ڳالهه آهي ته پوءِ ڪيترائي دوست اهڙا آهن به جن ڪوڙ سارا ڪتاب پڙهيا هوندا آهن. ان حوالي سان ڪامريڊ مائوزيتنگ لکي ٿو ته "ڪي ماڻهو ڪجهه مارڪسي ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ پاڻ کي عالم سمجهڻ لڳن ٿا پر انهن جيڪو ڪجهه پڙهيو هجي ٿو انهن کي چڱي ريت هضم نه ڪيو هوندو آهي، انهن کي ان علم کي عمل ۾ آڻڻ جو طريقو نٿو اچي ۽ انهن جا طبقاتي جذبا بدستور پراڻا رهن ٿا. ۽ اهڙا عالم جڏهن طوفان اچن ٿا ته هارين

مزدورن جي واٽ تان ڦري وڃن ٿا.“ پر درست علم جو ماپو ۽ معيار ڪهڙو آهي؟ اهو آهي ته پنهنجي علم جي گهرائي، اونهائي ۽ وسعت کي ان حد تائين وڌي وڃڻ گهرجي جيسيتائين اوهان کي ان ۾ فنڪارانه (Artistic) ۽ جمالياتي (Aesthetic) مهارت ( مطلب ته سمجھ، رويو، جذبن ۽ ارادن ۾ خوبصورتي ۽ فن جي خاصيت) نٿي حاصل ٿئي. فنڪارانه مهارت مان مراد آهي ته اوهين پنهنجي هر خيال ۽ عمل کي خوبصورتي ۽ حسناڪي سان سرانجام ڏئي سگهو جيڪو نه صرف اوهان کي پر ٻين لڪين انسانن ۾ به حسين احساس کي جنم ڏئي. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ان لاءِ ضروري آهي ته گهڻ طرفي مطالعي ذريعي منظم ڄاڻ (Systematic Knowledge) حاصل ڪجي.

## منظم ڄاڻ ڇو ضروري آهي؟

سرمائيداري نظام جو بنيادي جوهر ئي اتفاق ۽ حادثن، خوفن ۽ ڊپن تي ٻڌل هجي ٿو مطلب ته خبر نه پوندي ته ڪيڏي مهل به ڪجھ به ٿي سگهي ٿو، مارڪيٽ ۾ شين جون قيمتون روز روز صبح شام تيزي سان پيون تبديل ٿينديون رهنديون آهن ۽ نتيجي طور اهڙي معاشري ۾ ماڻهو جي سمجھ به غيريقينت، ڦرٽي گهرٽي، ٻڏتر ۽ شڪن شهبن واري ٿئي ٿي ۽ لاتعداد اتفاقن ۽ حادثن جي طوفانن ۾ عام ماڻهو کي ڪي لازمي سماجي تبديلي جي بنيادي قانونن کي خبر ئي نٿي رهي ۽ انهن طوفانن (پرچارڪ ادارن، اخبارن، ميڊيا وغيره طرفان هلايل افواهون ۽ خبرون وغيره) ۾ لڙهي ٿو وڃي ۽ بيوسي وچان چوندو ”بس الائي جي ڇا ٿيندو؟!“ ۽ اها ٻڏتر جي نفسياتي ڪيفيت ماڻهو جي عمل ۾ به نظر ايندي. هڪ طرف سرمائيداري نظام جون تيز رفتار تبديليون ۽ وري ٻئي طرف انسانن کان مشينن وانگر ڪم ورتو وڃي ٿو ۽ ان کي اضافي علم، فهم، ادراڪ حاصل ڪرڻ کان روڪيو وڃي ٿو. مثال طور هڪ ته سخت پورهيو ڪرڻ ۽ مشين وانگر انسان کي مصروف رکي ان کي سوچڻ ۽ پڙهڻ لاءِ وقت ئي نه ڏيڻ، ان کي روز مره جي بنيادي ضرورتن جي پورائي ڪرڻ ۾ ڦاسائي رکڻ، ۽ جڏهن پورهيو ڪري موٽندو ئي مس ته باقي بچت



وقت وري ٽي وي، سينيما، موبائيل ۽ روزانو جي اخبار پڙهڻ ۽ شام جو ڊاڙا نڪاءِ، چرچا پوڳ ڪرڻ ۾ پورو. ان مان به گهڻو وقت وري ان سوچ ۾ گهاري ڇڏيندا ته ”ڪيان يا نه ڪيان“ ”پڙهان يا نه پڙهان“ ”فلاڻي پاسي وڃان يا نه وڃان“

ڪيترائي ماڻهو وري ويسر ۽ يادگيري جون شڪايتون ڪندا آهن ”سائين ڪتاب پڙهيم پر ..........“ ”اهو ڪتاب ته مون پڙهيو هو پر هيئنر وسري ويو آهي ...................“ ”ڪتاب پڙهان ٿو پر ياد ئي نٿو رهي...........“ ان جو بنيادي سبب پڻ منظم ڄاڻ جو نه هجڻ آهي.

منظم ڄاڻ ڇا آهي، ان مان ڪهڙا فائدا آهن ۽ ڪيئن پيدا ڪري سگهجي ٿي؟

جدلياتي ماديت ٻڌائي ٿي ته هي دنيا جنهن ۾ اسان رهون ٿا، هيءَ سموري ڪائنات ۽ اسانجي چوڌاري موجود هر شي تنظيمي روپ ۾ موجود آهي. اسان جون سڀ سرگرميون پوءِ اهي پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ هجن يا ڪو به ٻيو ڪم ڪرڻ لاءِ ان ۾ رٿابندي ۽ تنظيم هجي ٿي. ساڳئي ريت ڪوبه علم به تڏهن ڪارائتو ٿي سگهندو جڏهن اهو منظم صورت ۾ هوندو. منظم ڄاڻ مان مراد آهي ڪنهن مقرر مقصد ڏانهن وڌڻ. مطلب ته ان مقصد جي حاصلات لاءِ لاتعداد ۽ ڇڙوڇڙ خيالن ۽ لقائن جون ڪڙيون ڪڙين سان ملنڌڙ، هڪٻئي ۾ سمايل ۽ هڪٻئي تي منحصر ڪنديون هجن. ۽ انساني تاريخ پنهنجي سموري علمي ۽ عملي تجربي منجهان جيڪا سائنسن جي سائنس تخليق ڪئي آهي ان کي جدلياتي ۽ تاريخي ماديت سڏجي ٿو. ان علم کي سمجهڻ ڪانپوءِ وهمن وسوسن، خوفن، ڊپن، غيريقيني، ڳٽين جي ڳاراٽي، شڪن شبهن، ڦرٽي گهرٽي سياءِ ۽ ٻڏتر واري ڪيفيت کان جند ڇڏائي سگهجي ٿي. انهيءَ منظم علم کي ڪتب آڻيندي مستقبل لاءِ تياري، رٿابندي، اڳڪٿي ۽ ايندڙ ڏکيائين لاءِ پاڻ کي تيار ڪري سگهجي ٿو. پر جنهن انسان وٽ وقت به گهٽ هجي ۽ ڪتاب پڙهڻ ۾ ئي ڏکيائي ٿئي ته اهو ڇا ڪري؟ ان سموري عمل ۾ تنظيمي سمجھ اوهانجو تمام گهڻو وقت بچائڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي. مثال طور

هڪ اسٽڊي سرڪل ۾ جڏهن 10 کان 15 دوست گڏجي پڙهن ٿا انهن مان هر هڪ جنهن گهٽ ۾ گهٽ 20 ڪتاب پڙهيا هوندا ته سمجهو ان گڏجاڻي ۾ 200 يا 300 ڪتاب پڙهيل دوست ويٺل آهن جيڪي گفتگو ڪري رهيا آهن. باقي جيڪي ماڻهو هن وقت پڙهڻ لاءِ ڪجهه وقت نٿا ڪڍي سگهن ته پوءِ سمجهي ڇڏين ته سموري زندگي هرويرو جي مصيبتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ضرور وقت ڪڍڻو پوندن. وڏا مسئلا ته پري جي ڳالهه پر روز روز جي معمولي مسئلن کي منهن ڏئي ماڻهو ڇتو ٿي پوندو. ڪيترائي دوست ڪتاب پڙهن ٿا پر انهن ۾ منظم ڄاڻ نٿي پيدا ٿئي ڇاڪاڻ ته اسين جيڪو ڪجهه پڙهون، ٻڌون ۽ ڪريون ٿا انهن مان حاصل ڄاڻ جون ڪڙيون ڪڙين سان ملن ئي نه ٿيون، هڪ ته ڪنهن به ڪتاب کي هڪ پيرو يا وڏ ۾ وڏ ٻه پيرا پڙهيوسين ته گنج ٿي ويو ۽ وري ساڳئي موضوع تي ٻيا ڪي ڏهاڪو ڪتاب نه پڙهبا ۽ وري ساڳئي ئي موضوع تي سال ٻن کانپوءِ وري ڪو ڪتاب هٿ چڙهي ويو ته پڙهي وٺنداسين. نتيجي طور سال اڳ پڙهيل خيال ٻيهر نه ورجائڻ سبب وسري ويا ۽ انهن کي ٻين خيالن سان ڳنڍيو ئي نه ويو. مثال طور تاريخ کي سمجهڻ لاءِ جيسيتائين عالمي تاريخ کي نه پڙهبو ۽ جيڪڏهن تاريخ کي مختلف دورن جي تاريخن وانگر الڳ الڳ ڪري پڙهيو ويندو ۽ سو به وري سال يا ڇهن مهينن کانپوءِ هڪ اڌ ڪتاب ته پوءِ اها تاريخ به سمجهه ۾ نه ايندي. (مٿين سمورين ڳالهين جو هرگز هرگز اهو مطلب ناهي ته جيڪڏهن ماڻهو هڪڙو ڪتاب پڙهي سگهي يا ٻڌي سگهي ٿو اهو نه پڙهي. جيڪو ۽ جيترو هٿ چڙهي اهو ضرور ۽ ضرور پڙهڻ گهرجي. ۽ هرممڪن ڪوشش ڪري منظم ڄاڻ حاصل ڪندو رهي)

پر ڇا گهڻي مطالعي ڪرڻ کانپوءِ صرف عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي يا عمل ۽ مطالعو ٻئي گڏوگڏ وڌندا رهن؟ ان سوال جي جواب ۾ ڪامريڊ مائوزيتنگ چوي ٿو ته ”حالتون هر وقت بدلجنديون رهن ٿيون، پنهنجي فڪر ۽ خيالن کي نين حالتن مطابق هم آهنگ ڪرڻ لاءِ مطالعي جي اشد ضرورت هجي ٿي. جيڪي دوست



مارڪسزم کي بهتر نموني سمجهن ٿا ۽ پنهنجي پورهيت دعوي تي مستقل مزاجي سان قائم آهن انهن کي به مطالعي، نئين حالتن ۽ نون مسئلن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.“ ”مارڪسزم جي صحيح طرح گرفت ۾ وٺڻ لاءِ ڪتاب پڙهڻ سان گڏوگڏ طبقاتي جدوجهد، عملي ڪم ۽ هارين ۽ مزدورن سان ويجهي لاڳاپي ذريعي سکڻ گهرجي.“ پر ان مطالعي طرف اسانجو رويو ڪهڙو هجڻ گهرجي؟ ان لاءِ ڪامريڊ مائوزيتنگ لکي ٿو ته پاڻ طرفِ رويو ”سکڻ جي ناقابل تسلي بخش خواهش“ ۽ ٻين طرف ”سيکارڻ جو اڻٿڪ جذبو“ هجڻ گهرجي. ڪامريڊ لينن چوي ٿو ته ”اسانکي طئي ڪرڻو پوندو ته سڀ کان پهريائين سکو، پوءِ به سکو ۽ وري به سکو، ۽ پوءِ اها سکيا صرف مرده لفظن وانگر نه هجي.“

## ڇا خيال طاقتور آهن؟

ڇا ڪنهن خيال، نظريي ۽ فڪر ۾ ايتري طاقت هجي ٿي جو انهن جي آسري تي انسان هلي سگهي؟ ان حوالي سان استاد مارڪس لکي ٿو ته ”مادي قوتن (material forces) کي مادي قوتن ذريعي ئي شڪست ڏئي سگهجي ٿي، پر خود نظريو پڻ مادي قوت بڻجي وڃي ٿو جڏهن اهو عوام جي ذهنن تي ڇائنجي وڃي ٿو.“ خيالن، سوچن ۽ نظرين جي قوت جي حوالي سان دنيا جا مختلف ڏاها هن قسم جا ويچار وندين ٿا؛ اسٽالن لکي ٿو ته ”خيال هٿيارن کان وڌيڪ طاقتور آهن.“ ”خيال (Ideas) توبن جي گجگوڙ کان وڌيڪ تيزي سان سڄي دنيا ۾ پکڙجي وڃن ٿا. سوچون وڏين فوجن کان وڌيڪ طاقتور هجن ٿيون. گهوڙي سوارن ۽ سندن گاڏن کان اصول (Principles) وڌيڪ فتحون ماڻيون آهن.“ (W. M Paxtor)

”اهي انسان ڪڏهن به اڪيلا نٿا ٿي سگهن جن سان عظيم خيال ساٿ ۾ هجن.“ پي سڊني

ڪنهن دوست کي گل يا ڪو تحفو ڏيڻ بدران ان جي اندر ۾ هڪ بهتر سوچ کي منتقل ڪريون ته پوءِ اهو ائين ٿيندو جڻ ته ملائڪن سندس اندر ۾ ڪا شي منتقل ڪئي هجي. جي ميڪڊانلڊ

"هڪ خيال يا سوچ کي ڪو لفظن جو جسم ۽ ذهن ڏيو ته اهو هڪ زنده انسان وانگر ڌرتي تي هلندي نظر ايندو." اي پي وپل

خيالن خلاف فوج موڪلڻ بيڪار آهي. جارج براندبيس

دنيا جي سمورين فوجن کان هڪ شي وڌيڪ طاقتور آهي ۽ اهو آهي هڪ خيال جنهن جو وقت اچي چڪو هجي. وڪٽر هگو

"هڪ عظيم خيال جي حاصلات لاءِ صحتمند بک زندگي لاءِ نعمت ۽ حسن آهي." (Jean Ingelow)

"هڪ بهتر خيال، جيڪڏهن درست آهي ته اسانکي لاتعداد تجربن کان بچائي سگهي ٿو." جيڪس مارٽين

"خيالن اندر ڪيترن بمن کان وڌيڪ دائنامائيٽ هجي ٿو." جان ايچ ونسينٽ

مارڪسزم موجب خيال طاقتور قوتون ٿي سگهن ٿا پر جڏهن اهي خيال نوس انساني ضرورتن جو جواب ڏين ٿا.

## مطالعو ۽ عمل

مطالعي ۾ ڇا پڙهڻ گهرجي؟ ان سوال جي جواب ۾ ڪامريڊ لينن چوي ٿو ته اسين نئين سماج جي تعمير انساني تاريخ جي ورثي ۾ مليل ڄاڻ، تنظيم ۽ ادارن جي بنياد تي ئي ڪري سگهون ٿا. ان ۾ جيڪي ڪجھ بهترين آهي ان کي حاصل ڪريون." علم حاصل ڪرڻ مان مطلب اهو ناهي ته جيڪو ڪجھ جيئن لکيل آهي تيئن ان کي قبول ڪريون، لينن لکي ٿو ته "مارڪسزم خالي لفاظي يا سائن بورڊ ۽ ٻٽاڪ هوندي جيڪڏهن مارڪسزم جي سموري ڄاڻ کي نه صرف حاصل ڪيو وڃي پر ان کي ذهني طور هضم ڪيو وڃي، نه صرف ان کي جذب ۽ هضم ڪيو وڃي پر تنقيدي طرح هضم ڪيو وڃي. جيسيتائين پنهنجي علم کي مڪمل طرح نئون سمجهيو وڃي تيسين اهو ماڻهو انقلابي نٿو ٿي سگهي." مطالعي جي نوس موضوعن تي



لکندي مائوزيتنگ تجويز ڪري ٿو ته "مارڪسزم کي چڱي ريت سمجهڻ ڪانپوءِ 1. هر وقت موجوده صورتحال (اقتصادي، فوجي، سياسي ۽ ثقافتي) ۽ 2. چيني تاريخ آڳاٽي يا گهٽ ۾ گهٽ 100 سالا (اقتصادي، سياسي، ثقافتي ۽ جنگي تاريخ وغيره) کي پڙهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته مارڪسزم هڪ تير وانگر ۽ ان جو نشانو چين آهي. 3. ان ڪانپوءِ موجوده عالمي انقلابي تحريڪن جي صورتحال کي لازم پڙهڻ گهرجي." مطالعي جي ڪورس جي حوالي سان اسانجي استاد رسول بخش پليجي پنهنجي ڪتاب "صبح ٿيندو" ۾ ٻين مضمونن ذريعي تفصيلي لکيو آهي. انقلابي استاد رسول بخش پليجو هر انقلابي ڪارڪن لاءِ پنج قسم جي موضوعن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ کي لازمي سمجهي ٿو. 1. فلسفو، 2. جنگ، 3. جاسوسي، 4. سفارتڪاري، 5. ادب ۽ تاريخ. هتي جنگ، جاسوسي ۽ سفارتڪاري اهڙا موضوع آهن جن جي واقعي به عالمي افاديت آهي. سامراجي سفارتڪاري کي سمجهڻ لاءِ ول راگرس جو هي خيال سچي ڳالھ کي ڇٽو بڻائي ڇڏي ٿو ته "جنگ جي معاملي منجهان سفارتڪاري کي ڪڍي ڇڏيو ته هڪ هفتي اندر سچي حقيقت جو پردو چاڪ ٿي ويندو ۽ ماڻهن کي سچي ڳالھ جي خبر پئجي ويندي." انقلابن جي تجربي ثابت ڪيو آهي ته سامراج صدين جي ظلم ۽ ڏاڍ جي تجربي سبب مختلف ڳجهن، لڪل طريقن ۽ چالاڪين جو ماهر هجي ٿو ۽ ان جي ابتڙ انقلابي جدوجهد جي مختصر ۽ تازي تاريخ هجڻ سبب جديد انقلابين وٽ گهٽو تجربو ناهي تنهنڪري اهي دشمن جي سازشن جو تمام جلد شڪار ٿي وڃن ٿا. (ٻين سماجي اقتصادي سببن سان گڏوگڏ) اهوئي سبب آهي جو ٽين دنيا ۾ انقلاب اچڻ کان اڳ ئي سامراج اهڙو بندوبست ڪري ڇڏيو جو اتي انقلاب اچڻ کان اڳ ئي رد انقلابي قوتن کي زور وٺرايو ويو ۽ نتيجي طور سوويت يونين ۽ ٻيا سوشلسٽ ملڪ اڪيلا ٿي پيا. اهي ٿئي علم اهڙا آهن جن ۾ دشمن وٽ وڌيڪ تجربو ۽ وسيلا آهن تنهنڪري هر انقلابي تحريڪ جي ڪارڪن لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته اهو انهن موضوعن کي لازم

پڙهي نہ تہ وائڙو ٿيو دشمن جي هٿان پيو استعمال ٿيندو ۽ ڪيس خبر ئي نہ پوندي تہ ڇا ٿي ويو! اوهين پيا ”انقلاب زنده آباد“ ڪندا.

مطالعي ۽ عمل ۾ هم آهنگي جي حوالي سان ڪامريڊ مائوزيتنگ لکي ٿو تہ مطالعو ڪرڻ ڪا شي سکڻ جي برابر آهي، پر مطالعي کي عملي روپ ڏيڻ بہ سکڻ برابر آهي ۽ اهو سکڻ جو عمل پهرين عمل کان وڌيڪ اهم هجي ٿو. اسانجو وڏو طريقو جنگ ذريعي جنگ سکڻ آهي.“ ”اسين انقلابي بڇن وانگر آهيون ۽ عوام زمين وانگر، اسين جتي بہ وڃون عوام سان متحد ٿيون، انهن ۾ پاڙون پڪڙيون ۽ انهن جي وچ ۾ واڌ ويجهہ ڪريون.“

## سوچڻ جو ڍنگ ۽ رويو

ڪيترائي انسان تمام گهٽو مطالعو ڪرڻ ڪانپوءِ بہ اندر ئي اندر ۾ ساڳيا پراڻا ۽ رجعت پرست انسان هجن ٿا ۽ ان جو اظهار انهن جي سوچن، خيالن، لکت توڙي تقريرن منجهان گهٽ پر سندن سوچڻ جي انداز، ڍنگ ۽ صورتن ۽ روين منجهان وڌيڪ پوي ٿو. ڪيترائي انقلابي اهڙا بہ آهن جيڪي پاڻ کي سمجهن تہ انقلابي ٿا پر سندن مثالي ڪردار ۽ رويا وڏيرڪا هجن ٿا ۽ (هن وقت) ڪجهہ تہ وري انهن ئي وڏيرن کان بهتري لاءِ درخواستون ڪندي نظر اچن ٿا. يا وري وڏيرن جي پارٽي ۾ وڃي اتان انقلاب آڻڻ جون خبرون ڪن ٿا. اهڙي سوچ ۽ رويي جي حوالي سان مارڪس چيو تہ ”عقل هميشہ کان موجود رهيو آهي پر سدائين معقول (عقلي) صورت ۾ نہ.“ ”هر دور ۾حڪمران طبقن (ruling classes) جا خيال حڪمران خيال (ruling ideas) رهندا آيا آهن، يعني جيڪو طبقو معاشري جي مادي (material) قوت تي حڪمراني ڪري ٿو اهو ساڳئي وقت ان معاشري جي حاڪماڻي دانشوراڻي قوت بہ هجي ٿو.“

سوچ جي پراڻي ڍنگ ۽ انداز جي حوالي سان دنيا جا مختلف ڏاها ڪجهہ هن ريت بيان ڪن ٿا: ”انسان ۾سمورين ڪمزورين ۽ ڏکن جو بنيادي سبب جيڪو هميشہ کان رهيو آهي ۽ اجا تائين آهي اهو آهي ڪمزور سوچڻ جي عادت.(Horace Fiectcher) ”هڪ بيڪار



خيال جو خاتمو تمام ڏکيو هجي ٿو.“ جولي ڪيمرون. ”جهڙي ريت بهتر لباس پهريل بيوقوف هجن ٿا اهڙي ريت بيوقوفاڻا خيال بہ خوبصورت لباس پهريل هجن ٿا.“ سيبسٽن ”هر انقلابي خيال ٽن مرحلن جي ردعمل مان گذري ٿو، جيڪي هن ريت آهن، 1. ”اهو مڪمل طور ناممڪن آهي“ 2. ”ممڪن آهي پر ڪم جو ناهي“ ۽ آخر ۾ چوندو 3. ”مون چيو هو تہ اهو خيال ڪيڏو نہ پلو هو“. آرٿر سي ڪلارڪ ”نوان خيال رکڻ مسئلو ناهن پر وڏو مسئلو پراڻا خيال آهن جن کان بچڻ مشڪل ٿي پوي ٿو جيڪي شاخون ڪڍن ٿا، جيڪي اسانجي ذهنن جي ڪنڊڪڙڇ جي پاتل ۾ باڙون هنيو وينا آهن.“ جان مينرڊ ڪينز

اينجلس: ”عقل فطرت جي ابتڙ نٿو هلي سگهي، ڇاڪاڻ تہ انسان پنهنجي رت، گوشت ۽ دماغ معرفت فطرت سان ئي تعلق رکي ٿو ۽ ان اندر ئي رهي ٿو ۽ اهو صرف انسان ئي آهي جنهن ۾ فطرت پنهنجو پاڻ کان واقف ٿئي ٿي.“ جيتوڻيڪ انسان فطرت کي پنهنجي تابع بڻايو آهي پر ڪيئن؟ فطرت جي قانونن کي سمجهندي ۽ قبول ڪندي ۽ انهن کي ئي درست انداز سان عمل ۾ آڻڻ ذريعي انسان فطرت کي پنهنجي تابع ڪيو آهي. ان لاءِ جدلياتي ۽ تاريخي ماديت طاقتور هٿيار آهن، جيڪي انساني تاريخ جي سموري عملي ۽ علمي نچوڙ جا نالا آهن. تفصيلن جي حتمي درست سمجهہ ضروري آهي ۽ انهن تفصيلن ذريعي ڪل (Whole) جو تصور ڪري سگهجي ٿو ۽ پوءِ ڪنهن بہ شي کي سمجهڻ آسان ٿي پوندو.

## ”خيال تہ درست آ پر ٿيندو الائجي نہ!!“

ڪيترائي انسان آهن جن سان اوهين جڏهن گفتگو ڪندا آهيو تہ اوهانجي خيالن سان متفق بہ ٿيندا آهن پر پوءِ بہ ائين چوندا ”ادا ڳالهہ تہ درست ٿو ڪرين پر اهو انقلاب ايندو الائجي نہ؟“ يا وري چوندا ”خيال تہ صحيح آهي پر سنڌ جا ماڻهو بي حس آهن تنهنڪري هتي انقلاب نٿو اچي سگهي.“ (ان قسم جون خبرون ڪندڙن ۾ اڪثريت پڙهيل لکيل ماڻهن جي (۽ خاص ڪري پراڻن ڪامريڊن جي) هجي ٿي

جيڪي حقيقت ۾ پڙهيا لکيا ڇٽ هجن ٿا.) متين خبرون ڪنڊڙ همراه مارڪسزم جي اصولن جي ڄاڻ ته رکن ٿا پر سوچڻ جو ڍنگ ساڳو روايتي آهي. مثال طور ”انقلاب فلاڻن فلاڻن ملڪن ۾ اچڻا هئا اتي آيا ڪونه (پهريون نقطو _ دعوي) ”روس ۾ انقلاب آيو ۽ ناڪام ٿيو“ (نقطو ٻيو_جواب دعوي) مطلب ته ”ڪنهن به اهڙي ملڪ (روس جهڙي) ۾ ايندڙ مستقبل ۾ پڻ انقلاب نه ايندو“ (نقطو ٽيون _ نتيجو). سرمائيداري شڪستون کائي ٿي ( ) پاڻ ۾ سڌارا آڻي ٿي ۽ وري بچي وڃي ٿي ( ) مطلب ته سرمائيداري ئي ڄٽادار آهي. ( ). سنڌي ماڻهو سست آهن ( ) فلاڻن فلاڻن ڪوششون ڪيون پر ناڪام ٿيا ( ) مطلب ته اهي سڌرڻا ئي ناهن.( ). اڳ ۾ به چوندا هئا ته حالتون بدتر آهن ( ) ڪوششون ڪيوسين ٿيو ڪجهه به ڪونه ( ) مطلب ته هيئنر به ڪجهه ڪونه ٿيندو ( ). اهڙيون خبرون ان ڪري ٿين ٿيون ڇاڪاڻ ته جدليات جي درست سمجهه ناهي ۽ سوچڻ جي منطق به ساڳي روايتي آهي جيڪا صدين کان ورثي طور مليل آهي. اها روايتي منطق آهي جيڪا شين کي الڳ الڳ، غيرمتحرڪ، جامد ۽ بيٺل سمجهي ٿي.

مارڪس جهڙو عظيم ڏاهو به روس جي انقلاب بابت گهڻو ڪجهه نه ٻڌائي سگهيو. مطلب ته جنهن جدلياتي ماديت ۽ تاريخي ماديت جا بنياد رکيا ان به پنهنجي ان سموري لکيل مواد ۾ روس يا خود چين ۾ انقلاب اچڻ بابت گهڻو ڪجهه ڪونه لکيو ڇاڪاڻ ته زندگي ڪنهن به نظريي کان هميشه وڏيڪ شاهوڪار هجي ٿي. پر ڇا لينن ۽ مائوزيتنگ مارڪس جي ڏسيل اصولن جي ابتڙ ڪم ڪيو؟ نه بلڪل نه، انهن مارڪسزم جي سائنس کي ئي بنياد بڻائي پنهنجن پنهنجن ملڪن ۾ انقلاب آڻڻ جي دعوي ڪئي، مطلب ته مارڪس جي تعليم جي ابتڙ عمل نه ڪيو پر ان تي عمل ڪندي ان ۾ واڌارا ڪيا.

جڏهن لينن انقلاب آڻڻ جي دعوا ڪئي هئي تڏهن ڇا ماڻهو سنڌس آجيان لاءِ گل ڪٽي بيٺا هئا؟ ۽ جڏهن مائو ساڳي دعوي هڪ پوئتي پيل ملڪ ۾ ڪئي تڏهن ڇا رڳو اها هڪ ٻٽاڪ هئي يا پنهنجن



ماڻهن کي هروڀرو اميد ڏيارڻ لاءِ گشاپتا هنيائين؟ پر جڏهن انهن انقلابن جي ڪبي ته موٽ ۾ اڪثر دليل هي ملندا ”ادا روس يورپ جي ويجهو ۽ يورپ تازو انقلابي جي دورن منجهان گذري چڪو هو، ٻيو ته روس ۾ ڪجهه صنعت وغيره به هئي، روس نه صرف آزاد ملڪ هو پر خود ٻين علائقن تي قابض پڻ هو، خود چين به ايراضي جي حوالي سان هڪ وڏو ملڪ هو ۽ آبادي به گهڻي هئي، ٻنهين ملڪن ۾ جڏهن انقلاب آيا تڏهن عالمي سامراجي طاقتون پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ سبب ڪمزور ٿي چڪيون هيون وغيره تنهنڪري اتي اهي خبرون نيڪ پئي لڳيون!!“ جيتوڻيڪ اهي دليل پڻ ڄٽڪاٽا آهن. نفسياتدان ايڊلر جو چوڻ هو ته ”ڪجهه ماڻهن کي ڄاڻ ته گهڻي هوندي آهي پر سمجهه گهٽ هوندي آهي.“ (جيتوڻيڪ دشمن جي ڪمزورحالت بنيادي شرطن منجهان هڪ آهي پر ڇا دشمن خودبخود ڪمزور ٿيندو؟ نه. دشمن کي ڪمزور ڪرڻ جو ڪم مادي حالتون ۽ شعوري سرگرمي ڪندي. پر ڇا لينن ۽ مائوزيتنگ پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ جي انتظار ۾ پارٽي نه ناهي هئي ۽ ڪا جدوجهد به نه پئي ڪيائون؟؟) ۽ ٻيا ڪوڙ سارا سبب هئا جنهنڪري انهن ملڪن ۾ انقلاب آيا پر انهن ٻنهي ملڪن کي پاسيرو رکندي جيڪڏهن پاڻ ويٽنام جو مثال وٺون ته هي اهو ملڪ هو جيڪو مڪمل طرح سامراجي قوتن جي ڪالوني هو، سنڌس ايراضي به چين ۽ روس جي ڀيٽ ۾ تمام ننڍي هئي، وڏي ڳالهه ته ملڪ ٻن حصن ۾ ورهايل هو، سنڌس مقابلو ڪنهن ڪمزور ۽ هڪ سامراجي قوت سان به نه هو پر دنيا جون ٻه وڏيون سامراجي قوتون (فرانس ۽ آمريڪا) سان مقابلو هو، جتي صنعت به پنهنجي ابتدائي ڏاڪي تي هئي ۽ سندن ملڪ اندروني طرح (روس ۽ چين وانگر) ڪمزور نه هيو يعني سندس مقابلو صرف ٻاهرين طاقتور سامراج سان نه پر اندروني طاقتور جاگيردار طبقي سان به هو ۽ ويٽنامي ورڪرز پارٽي جو نعرو هو ته ڪنهن ٻاهرين مدد جي آسري تي نه پر پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ گهرجي ۽ اسانکي ڏسي ئي ڪا ٻاهرين قوت به مدد ڪندي ۽ فتح هڪ ڏڪ ۾ نه

ملندي پر مڪمل فتح هڪ لڳاتار عمل جي ذريعي مرحليوار ڪاميابين جي صورت ۾ ملندي.“

هڪڙي ستر سال جي پوڙهي همراهہ سان پئي ڪچهري ڪيم پوڙهي مونکي چيو تہ ”هتي هڪ انقلاب جي ضرورت آهي، پر سڀ مطلب پرست آهن ۽ ٿيندو ڪجهہ بہ ڪونہ. ظاهري طرح تہ نيڪ ٿا لڳن پر انهن جي اندر جي ڪهڙي خبر؟! سائين فلاڻو قاضي فيض محمد، فلاڻو، فلاڻو ڪامريڊ آيا هئا ٿين ڪجهہ بہ ڪونہ باقي.......“ (يعني هڪ ئي وقت بهتر ڳالهہ ڪندي نتيجو مايوسي وارو ڪڍيائين) گهڻي بحث مباحثي ڪانپوءِ مون چيس ”ڀلا جيڪڏهن توهين ڪو ڪم نٿا ڪري سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ مايوسي تہ نہ ڦهلايو“ پوڙهي وراڻيو ”نہ ڪٿي، آءُ مايوسي نٿو ڦهلايان مايوسي تہ ڪفر آهي“ مون چيس ”سائين اوهين تہ اهو ڪفر ڪريو پيا“ مونکي چيائين ”اهو ڪيئن؟“ مون جواب ڏيندي چيومانس تہ ”آءُ هڪ نوجوان جيڪو ڀهريون پيرو اوهان سان مليو آهيان ان سان اوهان جيڪي ڳالهيون ڪيون آهن اهي مايوسي نٿيون پکيڙين تہ باقي ڇا ٿيون ڪن، آءُ تہ وري بہ هڪڙو سياسي ڪارڪن آهيان تنهنڪري اهڙيون ڳالهيون منهنجي لاءِ ڪوبہ مسئلو ناهن (۽ اسين تہ ڊاڪٽر آهيون جيڪي مريض جي مرض کي ڏسي پريشان ناهيون ٿيندا بلڪ ان جو علاج ڪندا آهيون) پر اوهان جون اهي ڳالهيون هڪ عام نوجوان (جن مان ڪيترن سان اوهان اهي خبرون ڪيون هونديون) لاءِ ڪهڙو سبق ڏين ٿيون سواءِ مايوسي ۽ ناڪامي جي!“ مونکي چيائين تہ ”منهنجي عبادت جو وقت ٿي ويو آهي موٽي اچي ڪچهري ڪريون ٿا“ بهرحال جڏهن موٽي آيو تہ چيائين ”مون گهڻو غور ڪيو آهي تون ڳالهہ صحيح ٿو چوين اڄ ڪانپوءِ ائين نہ ڪندس“ هي مثال ڏيڻ جو مطلب هي آهي تہ تمام گهڻا ماڻهو اڻڄاڻائي سبب انتهائي خطرناڪ خبرون چارون ڪندا رهن ٿا ۽ انهن ڳالهين جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا تن بابت سندن ملائڪن کي بہ خبر ناهي هوندي ڇاڪاڻ تہ صدين کان غلامي ۾ رهڻ سبب اسانجي سوچڻ جا انداز بہ مايوس ڪندڙ، ناڪامي وارا، نااميدي ۽ منفي



نتيجن وارا هجن ٿا. جيڪي حڪمران طبقن طرفان سندن ڪجهہ ايجنٽ ڦهلائين ٿا ۽ لڪين ماڻهن کي شڪار بڻائي سندن سوچن تي قابض ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ اهي ئي غريب ماڻهو (لاشعوري طور) حڪمران طبقن جي خيالن کي صبح شام مختلف موقعن تي پيا ورجائيندا رهن ٿا.

## ”ڀهريائين پاڻ کي تبديل ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ ٻين کي“

ڪنهن بہ عمل جي ابتدا جي حوالي سان تہ اها سوچ درست آهي پر جيڪڏهن سوال آهي انسان جي سڄي شخصيت جي بدلجڻ جو تہ پوءِ اهو خيال درست ناهي. ڇاڪاڻ تہ ڪيترائي ماڻهو ”پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻ“ جي نعري هيٺ هلندي رستو ئي مٽائي ويا نتيجي طور يا تہ رڳو پڙهندا رهيا ۽ ڪڙهيا ڪين، يا وري رڳو ڊوڙندا رهيا سمجهيا ڪين. ۽ اڳتي هلي واپس سئين دڳ تي هلڻ بہ ڏکيو ٿيو پوي. ۽ اڪيلا اڪيلا پيا ڦرندا ”نہ ڪو سڄڻ کي آسرو، نہ ڪو دشمن کي پوءِ“ جڏهن پڇو ڇاهي؟ چوندا، ڇا ڪريون ڪوششون جام ڪيوسين، مجبور آهيون ”نوڪري پيا ڪريون.“

آسڪروائلڊ چوي ٿو تہ ”سٺو انسان اهو آهي جيڪو پنهنجو پاڻ سان هم آهنگ هجي ٿو ۽ اهو انسان تڏهن بيزار ٿئي ٿو جڏهن زبردستي ٻين سان هم آهنگي پيدا ڪري ٿو. (مطلب تہ اڪيلي سر نيڪ آ باقي ٻين کي ساڻ ڪٺي هلڻ مصيبت آهي، ”ماڻهن کي هٿو ڪڏ ۾، پنهنجي ڪريو) مارڪسوادي نفسياتدان ووگتسڪي (Vygotsky) جو خيال آهي تہ ”ٻين کي تبديل ڪرڻ سان، اسين پنهنجي شخصيت کي بہ تبديل ڪريون ٿا ۽ ائين ٻين لاءِ جيڪو ڪجهہ ڪريون ٿا اهو اسان جي پنهنجي خوبين کي بہ نئي صورت ڏئي ٿو.“ اي، وي پيتروووسڪي موجب جيڪو انسان ٻين انسانن ڏانهن لاغرضي وارو رويو رکي ٿو، جيڪو انسان ڪوبہ نمايان ردعمل نٿو ڪري، جنهن انسان جي موجودگي ۽ غيرحاضري ٻين انسانن جي زندگي تي ڪوبہ اثر نٿي ڪري، جيڪو ٻين انسانن جي روين کي بدلائي نٿو اهو خود نہ ڪو

پاڻ کي سڌاري ٿو ۽ نه ئي بگاڙي ٿو ۽ ائين ڪندي اهو انسان پنهنجي شخصيت کان ئي محروم ٿي وڃي ٿو. يعني ڪيس ڪير به ڪاتي ۾ ئي نٿو آڻي ته اهو به ڪو انسان آهي ۽ سندس به ڪا سڃاڻپ ۽ حيثيت آهي جهڙو آهي تهڙو ناهي

بهرحال، عقل ۽ سمجهه حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ انسان ڪو مقصد سامهون رکي زندگي جي سفر تي روانو ٿئي ٿو ۽ اهو مقصد ئي هجي ٿو جيڪو انسان جي رويي کي ناهي ٿو.

## رويا

انساني روين جي حوالي سان دنيا جا مختلف عالم ڪجهه هن ريت بيان ڪن ٿا:

ڪنهن ماڻهو جو رويو ڪهڙي قسم جو آهي ان جو پيمانو_ماپو سندس معاشري سان لاڳاپو، ڪم سان لاڳاپو ۽ ٻئي انسان (عورت_مرد) سان لاڳاپو هجي ٿو. ايڊلر

"ماڻهن جي متعلق راءِ سندن چهرن، عادتن ۽ ظاهري روپ جي بنياد تي نه پر سندن ڪم ڪار، اٿڻ ويهڻ، گفتگو ۽ سندن ڪردار جي بنياد تي ڏجي.. ڪو ٻيو ماڻهو اوهان جي متعلق ڪا تعريف ڪري ان کان بهتر اهو آهي ته اوهان جو ڪم ۽ ان ڏانهن اوهانجو رويو اوهانجي تعريف ڪري." ايل اسٽرينج

## "ذميواري ٻميواري نه........ باقي سر به حاضر"

"اسان وٽ پنهنجن ارادن کان وڌيڪ طاقت هوندي آهي پر صرف پنهنجو پاڻ کي آجو ڪرڻ لاءِ اسين اڪثر چوندا آهيون ته اهي ڪم ناقابل عمل آهن." راڪ فوڪالڊ (Rochefoucauld)

ڪيترائي انسان دوست خيال رکندڙ ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي سڄو ڏينهن پيا قوم، وطن ۽ پورهيت عوام لاءِ سوچيندا ۽ لوچيندا رهن ٿا پر جڏهن به ڪنهن ذميواري يا ڪنهن ضروري ڪم جي ڳالهه ڪريو ته جواب ملندو "ادا آءَ هڪ آزاد ماڻهو آهيان تنهنڪري ذميواري ٻميواري کي ڇڏيو، باقي جيئڻ چوندو تيئن ڪندس، بس آءَ توهان سان گڏ آهيان." اهڙن "آزادي پسند" انسانن لاءِ فرائڊ لکي ٿو ته



"حقيقت ۾ گهڻا ماڻهو آزادي نٿا چاهين ڇاڪاڻ ته آزادي لاءِ ذميواري (رويو) ڪٽڻ لازمي هجي ٿي، ۽ ڪيترائي ماڻهو ذميواري کان ڊڄن ٿا." ساڳئي وقت لينن چيو ته جيڪو شخص پورهيتن سان پنهنجو پاڻ کي سلهاڙي ٿو اهو ئي حقيقت ۾ آزاد انسان هجي ٿو."

ليونڊ مارتينوف پنهنجي نظم "آزادي" ۾ آزادي جي ان تصور جو بنياد فرض ۽ ذميواري کي سمجهي ٿو.

"هاڻي، ڇا آءَ توهان کي ٻڌايان ته آزادي ڇا ٿيندي آهي؟
ان جي معني آهي بغير ڪنهن متڀيد جي هڪ ذميوار انسان ٿيڻ
هن دنيا جي سمورن ڏکن ۽ نقصانن ۽ آهُنُ
ايمان ۽ غيرعقيدو، سچائي ۽ وهم
اهڙي ريت مون لاءِ به لازم ٿئي ٿو
هاڻي هڪ آزاد پکي وانگر، جنهن تي ڪي به حدبنديون، زنجيرون يا توڙها نه هجن
سمورن انسانن جي مدد ڪريان
۽ ائين آزاد ٿيان."

ڪجهه ڳالهيون سمجهندي به ڪيترائي انسان اهڙا هجن ٿا جيڪي ڪنهن به ذميواري ڪٽڻ کان لنوائين ٿا. ائين ڇو آهي؟ ان جو بنيادي سبب پنهنجي مقصد بابت اڻچٽائي ۽ غيريقينت واري ڪيفيت آهي. مقصد جي اڻچٽائي سبب زندگي جي مختلف مرحلن دوران ته ماڻهو جا خيال، ارادا ۽ جذبا عارضي طرح سندس سات ڏين ٿا پر زندگي جي سموري سفر بابت ڪو وڏو واضع، صاف ۽ چٽو مقصد نه هجڻ ڪري اڪثر طور سندس خيال، جذبا ۽ ارادا ٻڏتر، اڻ تڻ ۽ بي چيني واري ڪيفيت ۾ سفر ڪن ٿا ۽ نتيجي طور هڪ انسان زندگي جي لاتعداد حسناڪين، خوبصورتين ۽ رنگينن مان ڪو هڙ حاصل نٿو ڪري سگهي. زندگي ڏانهن ڪلي طور (as a whole) انسان جو رويو ڪهڙو آهي يعني سندس زندگي جو مقصد ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن اهو مقصد انفراديت پرست، استحصالي ۽ ڦرلٽ واري سماج کي برقرار رکڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو ته سندس زندگي طرف رويو به اهڙو ئي

خودغرضي، چڙواڳي، لالچي، غيرذميواراڻو، ذاتي مطلب پرستي وارو هوندو پر جيڪڏهن سندس مقصد هڪ بهتر انسان دوست معاشرو اڏڻ هوندو ته سندس رويو پاڻپي، اجتماعي سهپ ۽ تعاون وارو، پنهنجائپ ۽ اميد پرستي وارو، سائنسي ۽ انقلابي رويو هوندو. زندگي ڏانهن رويي جي حوالي سان ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته ”ڪي ماڻهو کائڻ لاءِ جيئن ٿا ۽ ڪي ماڻهو جيئڻ لاءِ کائين ٿا“ مارڪس لکي ٿو ته ”هڪ ليکڪ کي زنده رهڻ ۽ لکڻ جو اهل ٿيڻ لاءِ پيسا ڪمائڻا پوندا پر ان کي ڪڏهن به پيسن ناهڻ جي مقصد لاءِ لکڻ ۽ زنده رهڻ نه گهرجي.“

جهڙي ريت هڪ جنگ جا مختلف مرحلا ٿين ٿا جيڪي ڪنهن نتيجي (مقصد) جي حاصلات طرف وني وڃن ٿا يعني حڪمت عملي جي چٽائي ڪانسواءِ الڳ الڳ لڙائيون ڪوبه نتيجو نه ڏئي سگهنديون پلي پوءِ ڪيترن لڙائين ۾ فتح ئي چو نه حاصل ٿئي تڏهن به اها ڌر جنگ هارائي وڃهندي جنهن جي ڪا مربوط حڪمت عملي نه هوندي ۽ وري جيڪا ڌر حڪمت عملي جي حوالي سان درست رستي تي هلندي پوءِ پلي ڪيترين لڙائين ۾ شڪست ئي چو نه حاصل ٿئي تڏهن به اها ڌر جنگ کٽي ويندي. اهڙا ٻيا به ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا جيئن ڪي مائٽ پنهنجي اولاد کي ڊاڪٽر بنائڻ چاهيندا آهن ان لاءِ ڪيس پهريائين ”الف“ ”ب“ ”ت“ وغيره سيکاريندا آهن چاڪاڻ ته مائٽن جي آڏو منزل چٽي هوندي آهي ۽ ان جا مختلف مرحلا پورا ڪرڻا پوندا آهن تڏهن ئي اهو ماڻهو ڊاڪٽر ٿي سگهندو ۽ ان ڊاڪٽر کي ابتدائي طرح خبر ئي ڪانه هوندي آهي. ساڳئي ريت اسان مان تمام گهڻا ماڻهو پنهنجي ”سموري زندگي جي مقصد“ ۾ اڻ چٽا ۽ غيرواضع هجن ٿا.

زندگي جا ڪيترائي مرحلا ٿين ٿا (ننڍپڻ، جواني، نوجواني، پوڙهائپ وغيره) ۽ وري انهن مختلف مرحلن دوران انهن جا ڪيترائي ٻيا پهلو ۽ رخ ٿين ٿا (تعليم، روزگار، شادي، اولاد، گهر، معاشرو، دوست، پاڙو، علائقو وغيره ۽ نقط نظر) پر سادو ۽ بي عقل جنرل صرف لڙائين کي ذهن ۾ رکي ٿو پر ڪيس ڪلي طور زندگي



جي جنگ جي مقصد جي خبر ناهي، نتيجي طور هر مرحلي تي شڪستون ۽ عارضي فتحون حاصل ڪري ٿو ۽ روز به روز ويڙهه جي طريقن تي ورائي ورائي غور ويچار ڪندو رهي ٿو ۽ آهستي آهستي زندگي جي جنگ هارائي وڃي ٿو. ان جي ابتڙ اهو سپه سالار جيڪو زندگي جي مرحلن ۽ انهن جي مختلف ۽ (ظاهري طور) ڇڙوڇڙ پهلوئن کي نظر رکي ٿو پر وڏي ڳالهه ته زندگي جي سموري حڪمت عملي کان به واقف هجي ٿو جنهنڪري سندس رويو به عارضي شڪستن، ناڪامين، تڪليفن، مصيبتن ۽ نقصانن کي نه رڳو برداشت ڪري ٿو پر انهن ۾ ڪيس زندگي جو مقصد حاصل ٿيندي نظر اچي ٿو ان ڪري هو انهن سڀني مرحلن، پاسن کي فنڪارانه انداز ۾ ڏسي ٿو ۽ خوبصورتي سان سرانجام ڏئي ٿو.

جيئن ته اسين هڪ ظالم سماجي نظام ۾ رهون ٿا تنهنڪري اسانجا رويا اڪثر ڪري ان جي عڪاسي ئي ڪندڙ هوندا. مثال طور، ڪم کان بيزاري وارو رويو، هر غلط عمل تي ردعمل طور ماٺ ڪري ويهڻ وارو رويو، گهڻا خفا نه ڪٽڻ وارو رويو، وقت سر ڪجهه نه ڪرڻ وارو رويو، تعصب، لاپرواهي، لاغرضي، غيرذميواري، غيرسنجيدگي، بي ڌياني، مايوسي، نااميدي ۽ هر وقت پريشاني جي عالم ۾ رهڻ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي انساني روين جون صورتون آهن. ان قسم جي روين کي غيرمالڪي وارا رويا چئي سگهجي ٿو. ان جي ابتڙ، نظرياتي طرح چٽائي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ سمجهدار انسان زندگي جو هڪ مقصد قائم ڪري ٿو ۽ ان مقصد جي حاصلات لاءِ ٿيندڙ هر ڪم کي مالڪي واري رويي سان سرانجام ڏئي ٿو. ڪنهن تماش بين وانگر پري کان بيهي رڙيون ڪرڻ، شڪايتون ڪرڻ ۽ رڳو ٻين کي تجويزون ڏيڻ، سموري ڳالهه سمجهندي ڪجهه نه ڪرڻ وغيره واري رويي کان ڪراهت محسوس ڪندو. ۽ اهڙو شخص هر بهتر انسان کي پنهنجو سمجهندو، هر بهتر سرگرمي (علمي توڙي عملي) ۾ پيش پيش رهڻ، بهتر شين جي قدر ڪرڻ، هڪجهڙائپ، اجتماعيت ۽ دوستي واري احساس سان هٿياربند ٿي ٿو ۽ دشمنن جي

هر سرگرمي سان نفرت ڪري ٿو ۽ مات ڪري ويهڻ کي گار سمجهي هر ظلم خلاف آواز اٿارڻ پنهنجو فرض سمجهندو. مثال طور ٻن ماڻهن جي وچ ۾ ٿيندڙ جهيڙو ٻن واٽهڙن کي سنڌن حواسن ذريعي رپورٽ ڪري ٿو پر ٻنهين واٽهڙن جو جهيڙي طرف رويو مختلف ۽ هڪٻئي جي ابتڙ ٿئي ٿو هڪڙو اندر ئي اندر ۾ پنهنجو پاڻ سان خودڪلامي ڪندي چوي ٿو "ماڻهو پيا روز وڙهن ۽ روز ٺهن ٺهنڪري اهي به ٺهي ويندا، وڙهن پيا ته پلا وڃن کڏ ۾" جڏهن ته ٻيو ماڻهو اندر ئي اندر ۾ خودڪلامي ڪندي چوي ٿو "جهيڙو وڌندو ته خونريزي ٿي سگهي ٿي ٺهنڪري جهيڙي کي ڇڊائڻ گهرجي يا جيڪڏهن ڪي ظالم ڪنهن مظلوم سان ظلم ڪري رهيا آهن ته پوءِ يا ته انهن کي روڪيان يا مظلوم جو ساٿ ڏيان." مطلب ته ڪنهن به ٻاهرين عمل، واقعي، شي ۽ لقاءِ کي ڏسندڙ ٽي انسان پنهنجي پنهنجي سوچ، رويي، مزاج ۽ عمر وغيره جي حوالي سان مختلف پاسن کان ڏسن ٿا ۽ مختلف ردعمل ڪن ٿا.

اجتماعيت جو احساس انسان جي اندر ۾ دوستي (comradeship)، ٻاهمي مدد، سني تنظيم ۽ ضابطي کي جنم ڏئي ٿو. ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته "ڪو انسان پنهنجو پاڻ کي عالمگيريت (بين الاقواميت) پسند سڏي ٿو ته ان جي پرک اها آهي ته هو ڪنهن به انسان کي اجنبي نه سمجهي."

## "شڪايت براءِ شڪايت" ۽ "تجويز براءِ تجويز"

مقصد ۾ اٽڪتائي هجڻ يا ڪجهه سمجهندي ڪجهه به نه ڪرڻ جي نتيجي ۾ هن قسم جا رويا جنم وٺن ٿا. مثال طور "شڪايت براءِ شڪايت" حقيقت ۾ شڪايتون ڪرڻ ڪو خراب ڪم ناهي پر لازمي فرض آهي ته غلط ڪمن جي متعلق اسين پنهنجي ساٿين کي هر وقت خبردار ڪندا رهون ڇاڪاڻ ته نه ڪي ملائڪ ۽ نه ئي ڪي ٻيا ايندا جيڪي ساٿين کي آگاهه ڪندا ته ڇا پيو ٿئي ۽ ڇا نه پيو ٿئي وغيره پر هڪڙا دوست اهي آهن جن سان جڏهن به ملاقات ڪبي ته سپ کان ڀهريائين شڪايتن جا ڍير لڳائي ڇڏيندا ۽ شڪايت ڏيڻ کي ئي



پنهنجو ڪم سمجهندا، دل ئي دل ۾ طئي ڪندا "ادا مون ته ڳالهه رکي ڇڏي." مطلب ته انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوبه قدم نه کڻندا رڳو "دانهن براءِ دانهن" "شڪايت براءِ شڪايت" پروگرام تي عمل ڪن ٿا. ڪم ڏانهن رويي جي حوالي آءَ هتي هڪ مثال ڏيندس. سوويت فوج جي آفيسر پنهنجي هڪ ڪمانڊر خلاف مدلل شڪايت سپريم ڪمانڊر ان چيف (استالن) ڏانهن لکي موڪلي. ان ٽيليگرام جي جواب ۾ استالن ڪجهه هن ريت لکيو "تنهنجي شڪايت ڪجهه عجيب آهي توهانجي حالت ائين آهي جيئن توهين ڪرائمن محاذ تي ٿيندڙ معاملن لاءِ ڪنهن به قسم جا ذميوار ئي نه هجو پر صرف تماش بين وانگر ڪم پيا ڪريو. جيتوڻيڪ اهو طريقو توهان کي آرامده لڳندو هوندو پر حقيقت ۾ اندروني طرح ڪوڪلو آهي. توهين محاذ تي هڪ تماشبين وانگر ناهيو پر جي ايڇ ڪيو جا ذميوار نمائنده آهيو ۽ محاذ تي ٿيندڙ سمورين ڪاميابين ۽ ناڪامين لاءِ جوابدار به آهيو ۽ اهو اوهانجو فرض آهي ته اوهين اتي ٿيندڙ غلطين کي گڏجي درست ڪريو."

وري ٻئي طرف اهڙا ماڻهو به آهن جن وٽ جڏهن به وڃو ته انهن وٽ تجويزن جا ڍير هوندا آهن (جڻ اسانکي تجويزون اچن ئي ڪونه ٿيون، جيتوڻيڪ هن قافلي کي هلائڻ لاءِ انتهائي لازمي آهي ته گڏيل معقول توڙي غيرمعقول تجويزون به اچن ته جيئن هن سفرکي اڳتي وڌي وڃي سگهجي) پر ان قسم جا ماڻهو تجويزون ڏئي اٽسڌي طرح اندر ئي اندر ۾ ائين چوندا آهن ته "آءَ نه هوندس" مطلب ته اعتراض تجويزن ۽ شڪايتن تي ناهي پر سوال ڪم ڏانهن رويي جو آهي. ڇا اهي شڪايتون يا تجويزون مالڪي واري رويي سان ڏين ٿا يا هڪ تماشائي وانگر صرف رڙيون ۽ شاباسون ڏيڻ وارو رويو آهي.

اهڙا مثال رڳو ننڍي سطح تي نه ملن پر مٿين سطح تي به ملن ٿا جنهن جو هڪڙو مثال استالن ۽ ٽراٽسڪي تڪرار آهي ٽراٽسڪي (جيتوڻيڪ هڪ غدار هو) پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ هر قسم جا واقعا بيان ڪري ۽ دليل ڏئي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته

اسٽالن وڏو سازشي هو جنهن هيئن ڪيو هوئن ڪيو وغيره پر حقيقت ۾ ان سڄي داستان کي عارضي طور سچ به تصور ڪريون (جيڪو نسورو ڪوڙ هوندو) تڏهن به سندس رويو ٿلهي ليکي هڪ تماشائي وارو لڳي ٿو ۽ موقعو ملڻ تي ظاهر ٿئي ٿو ۽ سمورو وقت خاص ڪري انقلاب کان اڳ وچ ٽرو لڳي ٿو. اهڙا ڪيترائي مثال تاريخ جي عظيم رهنمائن جي داستانن سان ڀريا پيا آهن.

## "آءُ به بيمار ۽ تون به بيمار"

هينئين سطح هڪڙو ٻيو به رويو عام طور ڏٺو ويو آهي. مثال طور حال احوال ڪرڻ. جيتوڻيڪ حال احوال ڪرڻ ۽ هڪٻئي سان سور سلڻ بهتر عمل آهي پر سنڌ جهڙي معاشري ۾ ڪيترائي انسان سڄو سڄو ڏينهن پيا حال احوال ڪندا آهن ۽ ان ۾ هرڪو پنهنجي پنهنجي درد جو داستان شل ڪو ماڻهو مليس ته ان کي سربستو ۽ فنڪارانه انداز ۾ ٻڌائيندا (هوئن به ان قسم جا "حوال پروگرام" ڪرڻ تي نه ڪو ٽيڪس لڳندو آهي ۽ نه ئي 144 قلم لاڳو ٿئي ٿو). هڪڙو ماڻهو چوندو "ادا پڳهار ٿوري آهي ۽ خرچ ايترا وڏي ويا آهن جو پورت ئي نه ٿي ٿئي" ٻيو وري چوندو "ها، ادا مان به صفا بي حال ٿي پيو آهيان، پٽ بيمار اٿم، مڙئي پيا گذارو ڪريون" ٻيا وري هيئن چوندا "ادا فلاڻو دوست ڪم درست نٿو ڪري. تباهي پيو ڪري" "ها صحيح ٿو چوين. هو فلاڻو ڪم جنهن جي ذميواري فلاڻي تي هئي ان صفا ڪجهه ڪيو ئي ڪونه. بس يار" يعني "آءُ به بيمار ۽ تون به بيمار" اهو عمل ائين ٿيو جڻ ته مريض ڊاڪٽر جي ڪلينڪ جي انتظار واري ڪمري ۾ (يا ٻاهر ڪنهن هوٽل ۽ دڪان وغيره تي) ويهي هڪٻئي کي پنهنجي پنهنجي بيماري جو حال احوال ٻڌائين ۽ ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ ڪانسواءِ (يا ڪو بهتر حل ڪيڻ بدران) واپس هليا وڃن. هن مثال مان مراد آهي ته ڪوڙ سارن ادارن، گهرن، قافلن، تنظيمن ۾ ڪم ڪندڙ فردن سان مسئلا ٿيندا آهن ۽ اهي مسئلا ان اداري جي سربراهه، گهر جي وڏڙي، تنظيم جي مٿين اداري يا مٿين سربراهه، پاڻ کان وڌيڪ سمجهدار انسان آڏو رکڻ گهرجن ته جيئن



بهتر حل ڪيي سگهجي پر اڻتو هڪٻئي (پاڻ جهڙي يا پاڻ کان گهٽ ماڻهو) سان درد جو داستان بيان ڪري ماٺ ڪري وڃي ويهي رهندا آهن.

## جذبا

لينن لکيو ته "انساني جذبن ڪانسواءِ سچائي جي تلاش نه ڪڏهن ٿي آهي ۽ نه ئي ڪڏهن ٿي سگهندي." "عمر انسان جي چمڙي تي گهنج آڻي ٿي پر جوش ۽ ولولي ڪانسواءِ انساني روح کي گهنج پئجي وڃن ٿا." ڊوگلس ميڪ آرٿر

جذبن ڪانسواءِ وڏيون ڪاميابيون حاصل نٿو ڪري سگهجي. جيئن ته انساني جذبا سندس ماحول (ٻاهرين دنيا) جي اثر هيٺ اندروني طور پيدا ٿين ٿا جن مان اسين هتي صرف نفرت ۽ محبت جي جذبي تي ڳالهائينداسين. اهي ٻئي جذبا آهن جيڪي انسان کي ڪجهه ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ لاءِ قوت مهيا ڪن ٿا. ان حوالي سان نفسياتدان ايڊلر لکي ٿو ته "قابليت جهڙي ڪا به شي نه ٿيندي آهي. اهو دٻاءُ ئي هوندو آهي." جيئن ته اسين هڪ بدبودار، گندي، ظلم ۽ ڏاڍ تي قائم سماجي نظام ۾ پيدا ٿيا آهيون تنهنڪري اسانجو انقلابي شعور ۽ سمجهه ان ظالم سماجي نظام کي ڊاهڻ لاءِ اهڙي سماجي نظام خلاف نفرت جي جذبي کي جنم ڏئي ٿو (جيڪو ائين آهي جيئن هڪ گاڏي کي هلائڻ لاءِ پيٽرول ۽ گيس وغيره ڪتب آڻبي آهي پر گيس ۽ پيٽرول پنهنجي شڪل بدلائي هڪ قسم جو دٻاءُ پيدا ڪندا آهن ۽ اهو دٻاءُ ئي هوندو آهي جيڪو گاڏي کي ڌڪيندو_هلائيندو آهي نه ته گاڏي ۾ هر شي (انجڻ، ڦيتا ۽ ٻيا ڪيترائي اوزار هوندا آهن پر اهي بيڪار آهن جيڪڏهن ڪو دٻاءُ ناهي) ۽ اهو ئي ڪم نفرت جو جذبو ڪري ٿو جنهن جو ڊرائيور عقل_شعور هجي ٿو پر جيئن ته نفسيات جي حوالي سان چيو وڃي ٿو ته رڳو نفرت انسان کي ذهني طرح بيمار ڪري ٿي ۽ نتيجي طور ان جو اثر ان جي جسم تي پوي ٿو. ارسطو لکي ٿو ته "ڪوبه ماڻهو ڪاوڙ ڪري سگهي ٿو اهو ته آسان آهي پر درست ماڻهو سان ڪاوڙ

ڪرڻ، درست رخ ۾ ڪرڻ، درست وقت تي ڪرڻ، درست مقصد لاءِ ڪرڻ ۽ درست انداز ۽ درست مقدار سان ڪاوڙ ڪرڻ آسان ناهي.“ بهرحال، رڳو نفرت نه پر ان سان گڏوگڏ اوترئي يا ان ڪان وڌيڪ محبت جو جذبو به هجڻ ضروري آهي مطلب ته هڪ انقلابي ماڻهو ڪي نفرت جي جذبي سان گڏ محبت جو جذبو هجڻ لازمي آهي ۽ اها محبت ان ڪي هڪ بهترين انسان دوست برابري وارو سماجي نظام پيدا ڪرڻ لاءِ قوت بخشيندي رهندي جنهنڪري هر ان ماڻهو سان به ڪيس محبت ڪرڻ لازمي ٿي پوي ٿي جيڪو اهڙي سماجي نظام جي پيدا ڪرڻ واري ڪم ۾ شامل هجي پوءِ اهو مزدور ۽ هاري هجي، شاگرد يا استاد هجي، فقير ۽ شاهوڪار هجي. مطلب ته ماڻهن سان اوهانجي محبت، شفقت، پيار ۽ پنهنجائپ جو احساس توهان ۽ گڏيل مقصد لاءِ تمام وڏو احترام پيدا ڪندو جيڪو اڳتي هلي هڪ وڏي طاقت ۾ تبديل ٿي ويندو.

چي گويرا چيو آهي ته هڪ ڪل جهڙو لڳندڙ جوڪم کڻندي، مونڪي چوڻ ڏيو ته پيار جو عظيم جذبو ئي سچي انقلابي جي رهنمائي ڪري ٿو. ان خاصيت کانسواءِ ڪنهن به خالص انقلابي بابت سوچڻ ناممڪن آهي. شايد هڪ رهنما جي عظيم ڊرامن منجهان هڪ هي آهي ته هو يا هوءِ بغير لنوائڻ جي انتهائي جوشيلي روح ڪي ٿڌي دماغ سان ضرور ملائي ۽ تڪليف ده فيصلا ڪري. اسانجي هراول دستي جي انقلابين لاءِ ضروري آهي ته عوام جي محبت ۽ انتهائي مقدس مقصد ڪي مثالي بڻائين ۽ ان ڪي هڪ ۽ اڻٽٽ (اڻ ورچ) بڻائين. اهي (انقلابي) روزانو جي ٿوري مقدار واري پيار ذريعي پنهنجي محبت جي جذبي ڪي عام ماڻهن جي حقيقي محبت جي عمل واري سطح تائين هيٺ نٿا رسي سگهن.

ايرڪ فرام لکي ٿو ته ”جيڪڏهن ڪو انسان صرف هڪڙي ٻئي انسان سان پيار ڪري ٿو ۽ ٻين سڀني ڏانهن لاغرض هجي ٿو ته پوءِ سندس پيار، پيار ناهي پر گڏجي رهندڙن جي وچ ۾ هڪ لڳاءَ آهي يا هڪ وڌايل اناپرستي آهي.“ وري ڪٿي ٻئي هنڌ لکي ٿو ته ”جهڙي



طرح پيار هڪ قسم جو لاڙو آهي جيڪو سمورين شين طرف رجوع ڪري ٿو ۽ جنهن ڪي ڪنهن هڪ شي تائين پابند نٿو بڻائي سگهجي اهڙي طرح عقل (هڪ انساني صلاحيت يا لياقت) ڪي به، جنهن ڪي پڻ سموري دنيا جنهن سان انسان جو واسطو هجي ٿو ان ڪي پاڪر ۾ ضرور وٺڻ گهرجي.“ انهي حوالي سان مارڪس لکي ٿو ته ”تجربو ٻڌائي ٿو ته سڀ کان وڌيڪ اهو ماڻهو خوش رهي ٿو جيڪو گهڻن ماڻهن ڪي خوشي ڏئي ٿو.“

## سنجيدگي ۽ طنز و مزاح

”خوشي ڏکن کان وڌيڪ معتبر هجي ٿي خوشي ڪاڏو ۽ ڏک دوا وانگر آهن.“ ايچ ڊبليو بيچر ”ڏک جوش ڏياريندڙ ۽ خوشي پرن وانگر آهي.“ رچر

مذاق پيار جي صورت ۾ به ٿي سگهي ٿو ته حقارت جي صورت ۾ به ٿي سگهي ٿو. هڪ مظلوم جو مذاق جيڪو ٻين مظلوم انسانن جي دل آزاري ڪري اهو مذاق ٿي ئي نٿو سگهي. مذاق ائين آهي جيئن ڪاڌي ۾ لوڻ هجي ٿو جيڪو ذائقو پيدا ڪري ٿو اهڙي طرح مذاق به اوهان جي گفتگو ۾ ذائقي جو سبب ٿي سگهي ٿو پر ان لاءِ حساسيت ۽ ڏاهپ جي ضرورت آهي جيڪي ٻين انسانن جي جذبن ۽ احساسن ڪي سمجهي ۽ محسوس ڪري سگهن ۽ ان ذريعي تمام وڏن ۽ ڏکين خيالن ڪي پڻ آساني سان ٻين انسانن ڏانهن منتقل ڪري سگهجي ٿو. پر غلام سماج ۾ خود روايتي مزاح به تفريح جو سبب نه پر نفرتن جا ٻج ڇٽي ٿي جنهن جي اسان مان گهڻن دوستن ڪي خبر ئي نٿي پوي ته هو دوستي ۽ ڪل پوڳ جي صورت ۾ تباهي پيا ڪن. چاڪاڻ ته مزاح ڪي صحيح طريقي سان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ آزاد انسان جي آزاد سوچ جي بنياد تي قائم ڪيل اعتماد گهرجي ٿو پر هڪ جاگيرداراڻي معاشري ۾ جتي لکين انسان صبح شام ذلالت جي گهاٽي ۾ پيڙهجندا رهن ٿا ۽ ماڻهن جي زندگي ۾ خوشي جڻ ته اٽلي ٿيو وڃي ۽ صدين کان ايذاءَ ۽ اهنج زندگي جو حصو بڻجي وڃي ٿو اتي انسان خود ايذاءَ پسندي ۽ ذلالت پسندي ۾ ئي پنهنجو

پاڻ کي پناهه ڏياري ٿو ۽ گارگند ۽ غيرمهذب قسم جي ٻولي استعمال ڪئي وڃي ٿي. نتيجي طور اهڙي سماج ۾ مزاح به ماڻهن کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ ۽ ان منجهان مزو ماڻڻ جو بدبودار هٿيار هجي ٿو.

حقيقت ۾ مزاح هڪ طاقتور هٿيار آهي جيڪو سوڀ، ڪاميابي ۽ فتح جي علامت هجي ٿو. اسان جهڙن سماجن ۾ جتي اظهار جي آزادي جو تصور به نه هجي، جتي ماڻهو لاءِ سنجيده ۽ بهتر سائنسي ڳالهه ڪرڻ ڏوهه هجي ۽ جتي سچ جي معني چريائپ هجي اهڙي هنڌ وتايو فقير ۽ موالي وغيره تي ٺاهيل لطيفه به مروج سماجي نظام خلاف بغاوت جا اڻسڌا طاقتور طريقه هجن ٿا. مزاح جي حوالي سان ول راگرس لکي ٿو ته ”آءٌ يوڳ نه ٿو ڪريان، آءٌ ته صرف حڪومت جون خبرون ٻڌنڌو آهيان ۽ ڪل ايندي اٿم.“ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته ”ههڙي حڪومت هوندي چرچو يوڳ ڪرڻ لاءِ ڪن اتڪلن ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي.“ مطلب ته جيڪا مزاح هن بدبودار، گندي ۽ ظالم سماجي نظام کي ڊاهڻ ۾ مددگار ثئي اهائي درست انسان دوست مزاح هوندي. انتولي لناچرسڪي هڪ آمريڪي صحافي جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته ”جڏهن مون لينن سان ڳالهايو ته کيس مسلسل کل، چٽر ۽ خوش مزاجي سان کلندو ڏسي عجب لڳم. آءٌ ته حيران ٿي ويس. جنهن جي ملڪ ۾ ڏڪار آهي (جيڪو ان وقت هو) جيڪو چوطرف دشمنن جي گهيري ۾ آهي ۽ اهڙي حالت ۾ آهي جتان اميد جو ڪوبه ڪرڻو نظر نٿو اچي اتي اهو ماڻهو ائين چو آهي؟ هي چو کلي ۽ يوڳ ڪري رهيو هو؟ پوءِ مون سمجهيو ته اها هڪ مارڪسوادي جي کل آهي، هڪ اهڙي انسان جي کل آهي جنهن کي يقين آهي ته سماجي تبديلي جي قانونن مطابق سندن فتح اٽل آهي.“ انتولي وڌيڪ لکي ٿو ”جيڪڏهن ڪنهن وٽ تمام سٽريل نظريو، جذبو ۽ سماجي طاقت (تنظيم) هجي ته طنز و مزاح ذريعي دشمن کي اخلاقي طرح شڪست ڏئي سگهجي ٿي، دشمن جو تماشو بنائي ان کي ختم ڪري سگهجي ٿو.“



ظالم طبقا، گروهه ۽ ڌريون هميشه کان اهڙي قسم جو نفسياتي، اخلاقي، ثقافتي ۽ نظرياتي ماحول تيار ڪنديون ۽ ڪرائينديون آهن جو هر ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ کي ائين لڳي جڻ ته اهي ناقابل شڪست، طاقتور ۽ دائمي قوتون هجن. حقيقت ۾ اهي ڌريون نه صرف ڪمزور، بي بنياد ۽ بي پاڙيون هجن ٿيون پر هميشه کان مظلوم عوام جي سهاري، مدد ۽ ٽيڪ تي ئي بيٺل هونديون آهن ۽ انهن جي ئي پورهئي ۽ رت تي پلجنديون رهن ٿيون ۽ وقت ۽ گذرڻ سان گڏوگڏ اندران ئي اندران ڪوکليون، اڌهي ڪاڏل ۽ زنگيل  بنجي وڃن ٿيون پر سندن ابتدائي ظلم، ڏاڍ ۽ جبر جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل رعب، دابو، خوف ۽ دهشت صدين تائين جاري رهي ٿو. ظلم جو شڪار عوام پڻ صدين تائين ظالمن جي ظاهري رعب، دٻدٻي ۽ شان مان کي ئي ڏسي سگهندو آهي ۽ اندر ئي اندر ۾ ظالمن جي قوت کي دائمي ۽ آخري حقيقت سمجهڻ لڳندو آهي.

ڪابه جنگ کٽڻ لاءِ اخلاقي سگهه ۽ برتري لازم عنصر هجي ٿي اخلاقي سگهه جائز مقصد، فتح ۾ يقين، وطن ۽ عوام سان محبت ۽ نظريي جي سچائي ۾ ايمان وغيره مان ڦٽي نڪري ٿي. اخلاقي، نظرياتي ۽ ثقافتي محاذن تي دشمن کي شڪست ڏيڻ ڪانسواءِ جنگ ۾ ڪاميابي ماڻڻ تمام مشڪل آهي. مطلب ته دشمن جي ڪمزورين جي نشاندهي ڪرڻ، ان جي ڪيل ڪٽن ڪرتوتن ۽ ڏوهن جو داستان بيان ڪرڻ، سندن نڱيون، مڪر ۽ فريبن کي عوام آڏو اگهاڙو ڪرڻ ذريعي ئي دشمنن کي اخلاقي محاذ تي شڪست ڏئي سگهجي ٿي.

لينن لکي ٿو ته جيسين

ڪنهن به انسان دشمن سماج ۽ ظالم قوتن تي ٺٺول، چٿر ۽ طنز و مزاح ڪري انهن جو حقيقي روپ وسيع تر مظلوم عوام آڏو پيش ڪرڻ گهرجي ۽ صبح شام ٻڌائڻ گهرجي ته ظالم قوتون، اصل ۾، خسيس ۽ ٽڪي پيسي جي حيثيت به نه ٿيون رکن. ۽ اها سموري چٿر، ٺٺول ۽ مذاق ڪوڙي ۽ بي بنياد نه هئڻ گهرجي پر سماجي سائنس جي بنيادي قانونن کي آڏو رکي عوام جي اٽل فتح جي

سائنسي يقين تي ٻڌل هجي تڏهن ئي اها اثرائتو ۽ طاقتور هٿيار جو ڪم ڏئي سگهندي. پر ڪٿي ڪٿي ان عمل جي ابتڙ، ڪيترائي ماڻهو زندگي جي بنيادي مقصدن (انقلاب، نظريو، جدوجهد، فتح، عوامي طاقت وغيره) تي چٽر ۽ ننول ڪندي نظر اچن ٿا ۽ وري ننڍن ننڍن معاملن تي سنجيدگي جو اظهار ڪن ٿا ۽ اهڙي عمل کي ڏسي ماڻهو سمجهندو ته همراهه ته وڏو سنجيده انسان ٿو لڳي، حقيقت ۾ اهو سڄي ڪم جي بيڙي ٻيو ٻوڙيندو آهي.

ٻئي طرف سنجيدگي به بدبودار صورت اختيار ڪري ٿي ۽ ماڻهو تنهائي پسند، هر وقت ٻوٿ چٻو ڪري ويهڻ، رات توڙي ڏينهن سندس چهري تي ڏينهن جا ٻارنهن پيا وڄندا، ڪل خوشي سان چڙ ۽ بيزاري وارو رويو، گهٽا خفا نه ڪٽڻ، گهٽيون دوستيون نه ناهڻ وغيره وغيره ان جي اظهار جون صورتون آهن. هوئن به هتي سنجيدگي جي معني ماٺ ڪري ويهڻ ۽ معتبري جي علامت سمجهي ويندي آهي گوڙ ۽ فساد ڪندڙ ماڻهو کي ڦڏائي ڪوني ان کي خوار ڪيو ويندو آهي. بهرحال جڏهن اهو انسان ڪنهن اداري ۾ ڪم ڪري ٿو ته پوءِ اها سنجيدگي حاڪماڻي صورت وٺي ٿي ۽ روب، دٻدٻو، آڪڙ، عملداريت (bureaucratic) ۽ ٻيا اهڙا وڏيرڪا رويا لاشعوري طور تباهي پيا ڦهلائيندا آهن جنهن جي اڪثر ڪري ڏٽي کي خبر ئي نه هوندي آهي. ”جن انسانن ۾ درد کي محسوس ڪرڻ جي قابليت ناهي انهن ۾ خوش ٿيڻ جي به قابليت نٿي ٿي سگهي. (Raden Adjeng Kartim) علي عباس جلال پوري خوشي ۽ مسرت جو فرق بيان ڪندي لکي ٿو ته خوشي جو تعلق جذبن جي ازخود ردعمل سان آهي (جيڪو هڪ رانديڪي، هڪ سني ڪاڏي ۽ ڪپڙي وغيره سان به ملندي آهي) ان ڪري اها عارضي هجي ٿي جڏهن ته مسرت جو تعلق شعور، غور ۽ فڪر، تحقيق ۽ تخليق سان آهي ان ڪري اها هڪ مستقل ڪيفيت آهي. خوشي آساني سان ملندي آهي ۽ جلدئي ختم ٿي وڃي ٿي ۽ مسرت مشڪل سان هٿ اچي ٿي پر دير تائين قائم رهي ٿي. حقيقي مسرت انهن انسانن کي ملي ٿي جيڪي زندگي جو



گهرو شعور رکن ٿا ۽ اعلي نصب العين جي حاصلات لاءِ ڪوشش ڪن ٿا. جن ۾ فلسفي، سائنسدان، فنڪار ۽ انقلابي انسان (جيڪي نئي سماج جي تعمير ڪندا آهن) شامل آهن. اهڙا انسان ايثار، قرباني، انسان دوستي، علمي چاهه، فنڪاراڻي تخليق، فلسفياڻي تدبر ۽ تهذيب وغيره ذريعي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ڪنهن نه ڪنهن ٻئي انسان کي خوشي مهيا ڪن ٿا ۽ ان ذريعي ئي کين به خوشي ملي ٿي ۽ خود مسرت پنهنجو انعام پاڻ هوندي آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو اهڙا انسان ديوانا، دنيا جي لعنت ملامت کي ڪنهن ڪاتي ۾ نه آڻڻ، زندگي ته ڇڏيو پر موت کي مرڪندي قبول ڪن ٿا. محبت خوشي ۽ مسرت جو هڪ سرچشمو آهي پر ان مان فيض ياب ٿيڻ لاءِ انڪسار ۽ خودسپردگي جي ضرورت آهي ۽ ٻيا ماڻهو صرف پنهنجي ئي ذات سان محبت ڪندا آهن ۽ اهي ڪنهن ٻئي شخص کي ان حد تائين پسند ڪندا آهن جنهن حد تائين سندن انا کي تسڪين ملندي آهي.

## عادت

”اسين جڏهن پنهنجي راهه ۾ رڪاوٽون ڏسندا آهيون ته پنهنجين پراڻين عادتن ڏانهن واپس موٽي ويندا آهيون.“ هئري لورين

عقل ۽ سمجهه جي بنياد تي قائم ڪيل مقصد، روين جي چٽائي ۽ جذبن جي سچائي باوجود اسانجو روحاني وجود اسان جي سمجهه، رويي ۽ جذبي سان هم آهنگ نٿو ٿئي. ائين ڇو آهي؟ اهو پراڻو انسان ڪهڙي صورت ۾ اڃا سوڌو اسان مٿان غالب ٿيل هجي ٿو؟ ان جو جواب آهي ته اسان مان هر هڪ جيسيتائين سمجهه ۽ تجربو حاصل ڪري ۽ عاقل بالغ بڻجي ٿو تيسيتائين سماجي نظام سندس معاشرتي سمجهه، لاڙا ۽ عادتون مضبوط جڙون پڪڙي چڪيون هجن ٿيون. اسانجا لاڙا ۽ عادتون وغيره اهي مصيبتون آهن جيڪي اسانجي زندگي جو حصو بڻجي چڪيون آهن. مثال طور ”نه پڙهڻ جي عادت، تمام گهڻ ڳالهائڻ جي عادت، ڊگهي فضول ڪچهري ڪرڻ جي عادت، دير سان پهچڻ يا وڃڻ جي عادت، سگريٽ پيئڻ جي عادت، فضول رلڻ جي عادت، سني ڪاڌي کائڻ ۽ رهائش ۽ ڪپڙي پهرڻ جي عادت،

سدائين اڳيان اڳيان رهڻ جي عادت، معتبري جي عادت، ڏيکاءَ ڏيڻ جي عادت، سڌن سنون پيچرن تي هلڻ جي عادت، گهڻا خفا نہ ڪٽڻ جي عادت، سستي، پوئتي رهڻ، سهل پسندي، دير سان اٿڻ يا سمهڻ جون عادتون سولائي سان جند نٿيون ڇڏين. اسان منجهان گهڻا ماڻهو عقل ۽ سمجهہ هجڻ باوجود پنهنجين پراڻين توڙي نين عادتن جا غلام بڻجي وڃن ٿا. انساني عادت جي حوالي سان ارسطو جو چوڻ آهي تہ "اسين اهوئي ڪجهہ آهيون جن ڪمن جو اسين ورجاءَ ڪريون ٿا يعني عادت." ۽ ويلنگٽن چوي ٿو تہ "عادت اسانجي فطرت کان ڏهوڻ تي وڌيڪ طاقتور آهي." "جنهن انسان کي پنهنجو پاڻ تي ضابطو ناهي اهو ڪڏهن بہ آزاد نٿو ٿي سگهي." Epictetus.

اسان وٽ عام طور "عادت" کي خراب ئي سمجهيو ويندو آهي پر ڇا عادتون هميشہ خراب هجن ٿيون؟ ڇا عادتون بهترين نٿيون ٿي سگهن؟ انهي سوال جي جواب ۾ ايمن لکي ٿو تہ "عادت بهترين نوڪر وانگر آهي يا بدترين مالڪ وانگر." مطلب تہ اهو ان انسان تي آهي تہ اهو عادت کي پنهنجي فائدي ۾ ڪتب آڻي ٿو يا هن گندي ۽ بدبودار ظالم نظام مان ورثي طور مليل عادتن کي پنهنجو زيور بڻائي ٿو. جيڪڏهن هڪ شخص پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرڻ چاهي ٿو تہ ان کي پنهنجو پاڻ تي ضابطو هجڻ ضروري آهي. ڇا نيون عادتون پيدا ڪري سگهجن ٿيون؟ ڇا نيون عادتون بہ اڳتي هلي مصيبت تہ نہ ٿي پونديون؟ سنين عادتن جو فائدو ڪهڙو آهي؟ ها بلڪل نيون عادتون پيدا ڪري سگهجن ٿيون ۽ اهي جيڪڏهن انقلابي قسم جون عادتون هونديون تہ اهي مصيبت نہ رحمت وارو ڪم ڪنديون. عادت مان فائدا هي آهن تہ عادتن ذريعي وقت جي بچت ٿئي ٿي، ڪم ۾ سولائي ٿئي ٿي ۽ خود ذهن کي بہ آرام ملي ٿو. ساڳئي وقت جي ڊي بورڊمين چوي ٿو تہ "هڪڙي عمل جي پوک ڪريو ۽ توهين هڪ عادت جو فصل لڻندا، هڪ عادت جي پوک ڪريو ۽ موٽ ۾ توهين هڪ ڪردار جو فصل لڻندا، هڪ ڪردار جي پوک ڪريو اوهين پنهنجي سموري قسمت جو فصل لڻي سگهو ٿا." "سموريون عادتون



پهريائين، نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ مرحلن ذريعي جڙن ٿيون جيئن پاڻي جون مختلف ڌارائون يا نئيون ندين کي جنم ڏين ٿيون ۽ وري نديون سمنڊن ۾ سمائجي وڃن ٿيون." ڊرائڊن (Dryden)

ابتدائي طور پنهنجيون عادتون اسين پاڻ ناهيندا آهيون پر اڳتي هلي انهن عادتن تي عمل ڪرڻ لاءِ گهڻو سوچڻ جي ضرورت نہ رهندي آهي اسين بس هڪ پيرو سوچيندا آهيون شيون پاڻهي ٿينديون وينديون آهن مثال طور لکڻ. لکڻ جو فن اسين شروعات ۾ شعوري طور سکندا آهيون ۽ انتهائي غور ويچار سان لفظن جي بيهڪ تي پورو پورو ڌيان ڏيندا آهيون "س" پوءِ "ن" ۽ ان جي مٿان هڪ ٽٻڪو ۽ پوءِ "ڌ" ان جي مٿان بہ ٽٻڪا وغيره ائين آهستي آهستي لکڻ جو فن حاصل ٿيڻ کانپوءِ اسين صرف مفهوم کي ذهن نشين ڪندا آهيون ۽ اسان جا هٿ پاڻهي بغير گهڻو ڌيان ڏيڻ جي لکڻ شروع ٿي ويندا آهن، "سنڌ" لکڻ لاءِ سوچڻ جي ضرورت نہ پوندي آهي. جيئن ٽائيپسٽ، ڪمپيوٽر آپريٽر، بس جو ڪنڊڪٽر، هوٽل جو بيرو، ريڙهي وارو وغيره روزانو جيڪو ڪجهہ هو ڪندا، ڳالهائيندا يا ترتيب ڏيندا آهن انهن تي ڪين گهڻو سوچڻو نہ پوندو آهي. ارسطو چوي ٿو تہ ڪو سنو ڪم ڪرڻ ايڏو وڏو مسئلو ناهي پر اهم ڳالهہ هي آهي تہ ان سني ڪم ڪرڻ جي عادت اپنائڻ." ساڳئي ريت انقلابي ڪم آهن جيڪي ابتدائي طرح اسان کي ڏکيا لڳن ٿا پر جهڙي ريت اسانجون غيرانقلابي عادتون آهستي آهستي ۽ تڪليف واري مرحلي مان گذري اسانجي زندگي جو حصو ٿي ويون آهن تيئن ئي انقلابي ڪمن جون عادتون (گهڻو پڙهڻ، سنجيده، بهتر ۽ انسان دوست ۽ زندگي سان گهرو واسطو رکندڙ موضوعن تي گفتگو ڪرڻ، سوال جواب ڪرڻ، نظم و ضبط سان هلڻ، مسلسل سرگرمي ڪندو رهڻ، نون ماڻهن ۽ علائقن ۾ وڃڻ، مشڪل حالتن لاءِ هر وقت تيار رهڻ، مسلسل ڪوشش ڪندو رهڻ جهڙيون عادتون اپنائڻ گهرجن. جهڙي طرح سگريٽ پيئڻ جي عادت جي نتيجي ۾ سگريٽ جي ٻاڙ محسوس ٿئي ٿي اهڙِي طرح انقلابي ماڻهو کي ڪتاب پڙهڻ،

سرگرمي ڪرڻ، نون دوستن سان ملڻ، نون علائقن ۾ وڃڻ جي عادت جي بہ باڙ لڳڻ گهرجي ۽ ان لاءِ ضروري ناهي تہ ڪو ٻيو انسان ڪيس اتساهہ ڏياري پر سندس سرگرمي ئي ڪيس اتساهہ جو سبب بڻجي تہ بهتر. پراڻي عادت کي ختم ڪرڻ ۽ نين انقلابي عادتن لاءِ اوهانجي سمجهہ ۽ ارادي جي طاقت ڪم اچي ٿي. ان لاءِ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي للڪارڻ بہ گهرجي.

ڪتاب پڙهڻ جي عادت اپنائڻ جي حوالي سان ابتدائي طرح ڪتاب پڙهڻ جي معني اها نہ ونڻ گهرجي تہ ڪتاب ۾ جيڪي ڪجهہ لکيل هجي اهو اوهان جي سمجهہ ۾ بہ اچي پر ان باوجود سڄو ڪتاب پڙهڻ ضروري هجي ٿو. جيئن ٻار پنهنجي پڙهائي جي شروعات ۾ پٽي جا اکر "الف" "ب" "پ" کي الڳ الڳ ڪري ڪيترائي ڀيرا ورجائيندو ۽ لکندو رهندو آهي جيتوڻيڪ انهن اکرن جي مطلب ۽ مقصد کان بلڪل واقف نہ هوندو آهي ۽ ڪجهہ سالن ڪانپوءِ پاڻ کي پڙهيل لکيل صاحب سڏائي ٿو، ساڳي طرح ٽائيپنگ سکڻ لاءِ بہ ساڳيو طريقو اختيار ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ آهستي آهستي عادت ٿيڻ ڪانپوءِ اهو ساڳيو ڪم ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي نٿي ٿئي.

هڪ سنو لاڙو (رغبت) هڪ چڱائي جي ابتدائي اڻ گهڙيل صورت هجي ٿو جنهن کي ارادو ئي توڙ تائين پهچائي ٿو، ان (لاڙي) کي بهتر مهربان انداز سان مختلف مرحلن ۾ ڪامل بڻائي سگهجي ٿو، يا جيڪڏهن ٻي ڍنگي انداز سان گهٽو (وزن ڊوز) شامل ڪيو ويو تہ پوءِ اوهانجون خراب عادتون تيزي سان ان (نئين لاڙي) جي صورت بگاڙي ڇڏينديون. (مثال طور سگريٽ ڇڏڻ جي عادت کي هڪدم فيصلو ڪري ختم نہ ڪرڻ گهرجي پر آهستي آهستي ڇڏجي جيڪڏهن اوهين 10 سگريٽ روزانو پيئندڙ آهيو تہ پوءِ ٻئي ڏينهن 9 سگريٽ پيئو، ٽيئن ڏينهن 8، چوٿين ڏينهن 7 ۽ ائين ان قسم عادت ارادي جي قوت سان ختم ڪري سگهو ٿا ۽ اهڙي طرح هڪ بهتر عادت اپنائڻ لاءِ ساڳئي طريقي سان اڳتي وڌي سگهو ٿا جيئن ڪتاب پڙهڻ جي عادت کي روزانو ڪجهہ صفحن تائين ۽ مرحليوار طريقي



سان اپنائيندا رهو يا ڪا ٻولي (انگريزي وغيره) سکڻ لاءِ روزانو ڪجهہ ڏکيا لفظ يا جملا ياد ڪريو ۽ روزانو انهن کي ورجائيندا رهو تہ پوءِ انگريزي ۾ ڳالهائڻ يا پڙهڻ اوهان کي اجنبي _ اوپرو نہ لڳندو) "جيڪي ماڻهو چون ٿا تہ مستقبل کي ماضي ئي ٺاهيندو آهي، ان خيال لاءِ ڪي دليل تہ نٿا ڏئي سگهجن، پر مستقبل واقعي بہ ماضي منجهان ئي اخذ ٿئي ٿو تہ اهو آهي عادت ذريعي." ڊيوڊ هيوم

# ارادا

ارادا انساني زندگي ۾ ڪهڙي اهميت رکن ٿا ان لاءِ ڪجهہ ڏاهن جا خيال هيٺين ريت آهن. جنگي علم جي ماهر ڪلازوٽ چوي ٿو تہ "ٻہ صفتون هڪٻئي لاءِ لازمي ۽ اٽٽر آهن، هڪ ڏاهپ، جيڪا ٽمڪندڙ روشني وانگر انتهائي اونداهي وقت ۾ بہ سچائي طرف رهنمائي ڪري ۽ ٻيو آهي جرائت جنهن ذريعي ان ڪمزور ۽ هلڪي روشني جي ڪڍ لڳو رهجي."

نطشي چيو تہ روح ٽن صورتن ۾ پنهنجو اظهار ڪري ٿو، پهريائين اٺ بڻجي ٿو ۽ اٺ وري شينهن جي صورت وٺي ٿو ۽ شينهن ٻار جو روپ وٺي ٿو. (مطلب تہ اٺ جي ضبط ۽ تحمل سان انساني روح ۾ شجاعت پيدا ٿئي ٿي ۽ شجاعت انسان ۾ ٻار وانگر نون قدرن کي تخليق ڪري ٿي.) "عظيم روحن وٽ ارادا هوندا آهن، عام ماڻهن وٽ صرف خواهشون هجن ٿيون." چيني ڪهاوت

"دماغي روڳ بنيادي طرح اڻچٽائي (ابهام) کي برداشت ڪري سگهڻ جي نااهليت جو نالو آهي." فرائڊ (ڪيترائي ماڻهو روزانو ڪوڙ سارا ڪم ڪرڻ چاهيندو آهي پر اڪثر حالتون اڻ چٽيون هجڻ ڪري ٻڏتر جو شڪار رهندو آهي ۽ اها ٻڏتر جي حالت خراب ناهي چاڪاڻ تہ اها عارضي هجي ٿي ان لاءِ صرف اضافي سمجهہ يا حالتن جي چٽائي گهربل هوندي آهي پر مسئلو هي آهي تہ اڪثر ماڻهو ٻڏتر جي حالت کي ڪجهہ وقت لاءِ برداشت نہ ڪري سگهندا آهن ۽ اڻپوري سمجهہ ۽ حالتن جي اڻچٽائي ۾ ڪيل ڪم ماڻهو کي نقصان ئي ڏيندا آهن.)

”جنهن انسان وٽ مضبوط ارادو آهي اهو دنيا کي پاڻ جهڙو بنائي ڇڏيندو.“ گوئيٽي ”هڪ وڏي فوج جي جنرل کي شڪست ملي سگهي ٿي پر توهين مضبوط ارادي_سوچ واري هاري کي شڪست نٿا ڏئي سگهو.“ ڪنفيوشس ”ماڻهن وٽ طاقت جي کوٽ نه هوندي آهي پر ارادي جي کوٽ هوندي آهي.“ وڪٽر هوگو ”هن ڌرتي تي ڪابه خاطري ناهي پر صرف موقعا ملندا آهن.“ ڊوگلس ميڪ آرٿر

”جيڪڏهن ارادي، جيڪو اسانجي فطرت جو قانون آهي، کي يادگيري، خوابن، سمجھ ۽ عقل منجهان ڪڍي ڇڏجي ته پوءِ روحاني وجود لاءِ ڪوبه بيو دوزخ جي برابر نٿو ٿي سگهي جيڪو اسين پنهنجي طاقتن جي انتشار مان محسوس ڪنداسين. اها شعوري چرپائپ هڪ خوفناڪ سوچ هوندي.“ ملٽن (جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو سمجهي ٿو ته سندس ملڪ وطن سان ظلم ٿي رهيو آهي ۽ ان جي تاريخ ۾ ٿيل ظلمن جو داستان به ڪيس ياد هجي ۽ ان کي بدلائڻ لاءِ خواب به ڏسندو هجي پر جيڪڏهن ان کي بدلائڻ جو ارادو نه هوندس ته سندس خيال، خواب، يادگيريون سندس لاءِ عذاب بنجي پونديون)

”خالي خواهشن وارو بيوقوف ڦيرا ڪائيندي ويهي رهندو پر جيڪڏهن ارادو هجي ته ڏاهپ ان لاءِ رستو ڳولي وٺندي.“ ڪريب (Crabbe) (يعني جيڪڏهن عقل نه هوندو ته پوءِ اوهانجا ارادا ڪارائتا نه ٿيندا پر جيڪڏهن به ٿي سمجھ جا داٽا اوهانجي مغز ۾ هوندا ته رستو ملي پوندو)

فلسفي جي تاريخ ۾ عقليت يا خيال پسند فلسفين چيو ته عقل انسان کي حيوان کان ممتاز ڪري ٿو ۽ عقل ئي تهذيب ۽ تمدن جي اساس آهي، ان جي بلڪل ابتڙ ارادیت پسند (جن کي رومانويت پسند به سڏجي ٿو) شوپنهار، نطشي ۽ روسو وغيره ارادي کي وجود ۽ انساني زندگي جو حقيقي اصول قرار ڏنو. انهن ٻنهين فلسفن جي پيٽ ۾ مارڪسزم چوي ٿي ته نه ڪو عقل ۽ نه ئي ارادو پر اهي ٻئي پنهنجي پنهنجي انفرادي حيثيت ۾ حقيقت جا اڌورا پاسا آهن جڏهن ته ٻئي حقيقي اصول آهن.



ارادي جي طاقت امتيازي طور انسان جي اعلي خاصيت (لڇڻ) آهي. روزمره جي زندگي ۾ هزارين ڀيرا اهڙا موقعا اچن ٿا جڏهن اسانجو عقل ڪٽي پوي ٿو ۽ انسان ٻڏتر جو شڪار ٿئي ٿو ۽ اتي اسانجو ارادو ئي سهارو بڻجي ٿو. تاريخي ماديت جي بنيادي اصول موجب سماجي وجود ئي سماجي شعور جي شڪل ناهي ٿو ۽ موٽ ۾ وري سماجي شعور سماجي وجود کي ترتيب ڏئي ٿو. جيئن ته انسان کي سمجهدار ۽ سائنسي انسان ٿيندي تمام ٿورڙو عرصو ٿيو آهي جڏهن ته لکين سالن کان انسان وٽ درست عقل، سمجھ ۽ شعور وغيره هيو ئي ڪونه، ۽ هن وقت به مادي حالتون جيترو تيزي سان اڳتي وڌن ٿيون شعور (ظالم سماجي قوتن سبب) تمام سست رفتاري سان سفر ڪري ٿو ۽ اڪثر پوئتي رهجي وڃي ٿو. اهڙا ڪيترائي مثال موجوده جديد دور ۾ به آهن. مثال طور عقيدن ۽ وهمن وسوسن جا نظام، پراڻي ۽ بدبودار اخلاقيات، جادو، ٽوڻا ڦيڻا وغيره. اسين روزانو ڪيترائي ماڻهو ڏسندا آهيون جيڪي عمر جي حوالي سان ته 60 يا 70 سالن جا هجن ٿا پر سندن عقل ۽ سمجھ انتهائي ٻاراڻو هجي ٿو.

انسان پنهنجي سموري تاريخ ۾ ڪيترائي وڏا ڪارناما عقلي طرح نه پر پنهنجي ارادي جي قوت سان سرانجام ڏنا آهن جڏهن ته سندس عقل ناڪام ٿيڻ جا سمورا سبب پيش ڪندو رهيو ۽ ڪري ٿو، پري پري تائين ڪامياب ٿيڻ جو ڪو به آسرو نه هو تڏهن اهو انساني ارادو ئي هو ۽ آهي جيڪو ماڻهو کي گهڻو ڪجھ ڪرڻ جي سگھ ڏئي ٿو. ارسطو لکي ٿو ته ٿوري گهڻي چرپائپ ڪانسواءِ ڪوبه ماڻهو عظيم نٿو ٿي سگهي.“ ۽ اها ئي سگھ ڏهوٽي به ٿي سگهي ٿي جڏهن سندس عقل به خاطري ڏئي ۽ رڳو ائين ڏٺن تي نه هلي.

ان حوالي سان پليخانوف لکيو آهي ته هڪڙا ماڻهو توڪل تي پاڙي اڳتي وڌن ٿا ۽ ٻيا ماڻهو عقل ۽ سمجھ جي بنياد تي ڪاميابيون ماڻين ٿا. يعني فتح ٻنهين قسمن جي ماڻهن کي ملي ٿي، جڏهن ته عقلي بنيادن تي جدوجهد ڪرڻ واري ۽ توڪل تي هلڻ واري ماڻهو ۾

هڪڙي ڳالهه ساڳي هجي ٿي اها هي ته ٻئي لمحي ۾ لمحي رٿابندي ڪري اڳتي وڌن ٿا پر توڪل تي هلڻ واري ماڻهو کي سندس منزل جي بابت مڪمل ڄاڻ نٿي هجي ۽ ان جي ابتڙ عقلي ماڻهو تفصيلي طرح پنهنجي منزل جي مختلف مرحلن ۽ ڏاڪي به ڏاڪي کان اڳ ۾ ئي واقف هوندو آهي پر ان باوجود ڪٿي صرف ارادي جي طاقت ڪيس اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪندي آهي. تاريخ ۾ توڪل تي هلڻ وارن ماڻهن ۾ اڪثريت عقيدي پرستن جي رهي آهي جن دنيا ۾ ڪيتريون ئي ڪاميابيون حاصل ڪيون، ساڳئي وقت ڪي سيلاني هئا جن اڻڄاڻ ساموندي ۽ خشڪي جي رستن ڏانهن سفر ڪيو ۽ نيون دنيائون ڳوليائون ۽ اهڙي طرح ڪي ماڻهو پارس جي پٿر جي تلاش ۾ نڪتا جيتوڻيڪ کين پارس پٿر ته هٿ نه آيو پر علم ڪيميا کي ڪوڙ سارا فائده ڏئي ويا. هن وقت به انسان مفروضا ناهي ٿو جن لاءِ هن دور جو عقل کين ڪي به دليل ۽ ثبوت مهيا نٿو ڪري پر اهي لڳا پيا آهن. مٿين سڀني ڳالهه جو مطلب هي آهي ته ضروري ناهي ته هر ڳالهه ۽ هر شي جي اوهان کي اڳواٽ ئي خبر هجي ته پوءِ اوهان ڪجهه ڪندا نه ته نه، جيڪڏهن اوهين مضبوط ارادو ڪريو ۽ ان کي پاڙي ڏيندا رهو ته ڪجهه نه ڪجهه ضرور ٿي ويندو.

## نئون آدرشي انسان

روسو چيو ته ”انسان آزاد پيدا ٿيو آهي پر هر هنڌ زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي.“ ۽ انهن زنجيرن جون مختلف صورتون (اقتصادي، سياسي، قانوني، مذهبي، ثقافتي ۽ اخلاقي وغيره) هجن ٿيون ۽ انهن مان لاتعداد زنجيرون ڏسڻ ۾ ئي نه اينديون آهن تنهنڪري ماڻهو کي اهو احساس ئي نه ٿيندو آهي ته ڪو هو به غلام آهي يا هن جي ويڙهه ڪنهن سان آهي. ڪيترائي انسان اهڙا به آهن جيڪي زنجيرن ۾ جڪڙيل هجڻ جي باوجود انهن زنجيرن کي ٽوڙڻ لاءِ ڪوششون ڪندا رهن ٿا. جيتوڻيڪ لکين انسان بکن ۽ بيروزگاري سبب مري وڃن ٿا پر ساڳئي وقت ڪروڙين انسان اهڙا به آهن جيڪي ان سموري ڦرلٽ باوجود زنده رهن ٿا (ڇاڪاڻ ته ظالم ۽ ڦورو حڪمران



طبقن کي گهرجن ٿا) پر انهن جي زندگي جي معيار جي سطح صرف هڪ جاندار جيوت وانگر ئي رهجي وڃي ٿي. زندگي ته اهي به گهارين ٿا ته انقلابي انسان به گهارين ٿا، پر فرق سطح جو آهي ته ڪير ڪهڙي سطح تي زندگي گهاري ٿو، عام جيوت ۽ جانور وانگر يا آزاد انقلابي انسان وانگر، مرڻو ٻنهين کي آهي پر حقيقت ۾ هڪ آزاد ۽ انقلابي انسان جي عمر جيڪا ظاهري طور ڪجهه ڏهاڪا هجي ٿي پر سندس احساس، سندس جذبا، سندس ارادا، سندس سوچون ۽ سندس خواب صدين جو سفر ڪن ٿا ۽ سڄي جهان کي پاڪر ۾ وجهن ٿا ۽ پنهنجي مختصر زندگي ۾ لکين سالن جي تجربي جو مزو وٺن ٿا. ان لاءِ ڪيس ابتدائي طور ڪجهه تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جڏهن انسان پنهنجي عقل ۽ سمجهه جي طاقت تي بکون ڪاٽڻ، ننڊون ڦٽائڻ، جسماني تڪليفون برداشت ڪرڻ سگهي ٿو تڏهن وري هي معاشرو (پراڻو انسان) سوچڻ جي هزارين سال پراڻي منطق آڏو آڻي ان کي منجهائي ۽ پريشان ڪري ٿو ۽ جڏهن سائنسي انسان ان مرحلي کي اڪاري ٿو تڏهن وري دشمن مٿس جذباتي حملا ڪري ٿو ۽ ڪيس جذباتي طور (سماج، مٽ مائٽ، دوست، ذاتي خواهشون، سک ۽ آسائشن) ذريعي نڱڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ جڏهن اتي به دشمن جي دال نه ٿي ڳري ته عادتن جي محل ۾ پناهه وٺي ٿو ۽ ان ڪانپوءِ جڏهن نئون انسان عقل، جذبن، عادتن ۽ روين کان هٽي ڪري اهڙي منزل طرف وڌي ٿو جتي سندس ارادو ئي سندس طاقت ۽ ڏڍ هجي ٿو ان وقت دشمن ان جي ارادن کي ڪمزور ڪرڻ جون سازشون ڪري ٿو پر جڏهن هڪ انقلابي انسان انهن سمورين رڪاوٽن کي اڪاري ٿو ۽ پنهنجي سمجهه (نظريي)، رويي، جذبي، عادت ۽ ارادي جي متضاد رخن ۾ هم آهنگي پيدا ڪري ٿو تڏهن سندس اندر ۾ خوبصورتي جو احساس پيدا ٿئي ٿو جيڪو صرف سندس ذات تائين محدود نٿو هجي پر پوري انسان ذات کي به حسين لڳي ٿو. ان لاءِ لازم آهي ته اهو نئون انسان صرف نئون انسان نه هجي پر هڪ نئون آدرشي انسان بڻجي جيڪو ٻين لکين انسانن لاءِ مثالي نمونو هجي.

برونو ۽ سقراط کي ڪهڙي طاقت هئي جنهن ڪين ايتري قوت مهيا ڪئي جو برونو باهه ۾ سڙڻ ۽ سقراط زهر جو پيالو خوشي خوشي سان پي ڇڏيو؟ ان لاءِ خود سقراط چوي ٿو ته ”هڪ انسان جڏهن پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ٿو ۽ پوءِ دنيا جهان کي سڃاڻي ٿو ته پوءِ اهو انسان پنهنجي اندر ۾ پُرُ (ڀرپور، ڪامل) ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ ان جو هر عمل خوبصورت هجي ٿو.“ مارڪس کي ڪهڙي قوت جنهن جي بنياد تي هن زندگي جي هزارين تڪليفن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏنو؟ ڪيس نه ڪو ڪا مالي لالچ هئي، نه ئي ڪا سماجي معتبري جي حوس، نه ئي مروج سماجي عزت ذلت، شان مان مرتبي جي لالچ، ايتري قدر جو سندس ٽي ٻارڙا فوت ٿي ويا پر ان انسان کي ڪهڙي شي جو ڏڍ هو جنهن ان کي ڪڏهن به جهڪڻ نه ڏنو. ان لاءِ خود مارڪس 19 سالن جي عمر ۾ پنهنجي پيءُ کي خط ۾ تمام سهڻو جواب ڏيندي چيو آهي ته ”جيڪڏهن اسين پنهنجي زندگي ۾ اهڙي جاءِ جي چونڊ ڪريون جنهن ذريعي سموري انسان ذات لاءِ ڪم ڪري سگهون ته پوءِ دنيا جهان جو ڪوبه وزن اسان کي جهڪائي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ اسين سڀني لاءِ قرباني ڪريون ٿا، ۽ اسين اهڙي ڪم ذريعي اهڙو تجربو ماڻيون ٿا جيڪو خسيس، محدود، خودغرض خوشي وارو نه هوندو پر اسانجي خوشي لکين انسانن سان سلهاڙيل هوندي، اسانجا عمل خاموشي سان پر سدائين لاءِ زنده رهندي ڪم ڪندا رهندا، ۽ اسانجي قبر تي دنيا جي معتبر انسانن جا ڳوڙها ڪرندا.“ نه صرف سقراط، برونو ۽ مارڪس پر ٻين لکين انسانن (اڳواڻن، ڪارڪنن، سائنسدانن، استادن، شاگردن، هارين،مزدورن) به ساڳئي مقصد، جذبي ۽ ارادي سان سرشآر ٿي پنهنجي زندگي جا نذرانا ۽ تاريخ ۾ پنهنجن فاني ڪردارن کي امر ۽ لافاني بڻائي ڇڏيو. مطلب ته جڏهن انسان پنهنجي سرگرمي منجهان جمالياتي احساس محسوس ڪري ٿو ته پوءِ هن جي اندر مان ذاتي غرض، لالچ، هٻڇ، خواهش، انا ۽ جذبا وغيره غيراهم بڻجي وڃن ٿا ۽ پنهنجي مقصد جي حاصلات جي رستي ۾ ملندڙ هر تڪليف، مصيبت، عذاب ۽ مشڪل



کي به تڪليف ۽ مشڪل نٿو سمجهي ۽ هر اهو ڪم جيڪو هو ضروري سمجهي ٿو اهو ڪري ٿو.

اڇو ته انقلابي شعور سان گڏ انقلابي رويا، انقلابي عادتون، انقلابي مزاج، انقلابي خواب، انقلابي جذبا، انقلابي ارادا جوڙيون ته پوءِ اوهان کي اوهان جو ڪم ڪنهن جبر يا فرض وانگر نه لڳندو پر ان سموري سرگرمي منجهان اوهان لطف اندوز ٿيندا ۽ اوهان جي اندر ۾ انقلابي خوبصورتي ۽ حسن جو نئون قسم پيدا ٿيندو جيڪو اوهان کي پنهنجي ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي بيزاري، سستي، نياڳ، نااميدي، مايوسي پيدا ٿيڻ کان روڪيندو رهندو ۽ اوهان منجهان سمورا غيرانقلابي ساڙ، بغض، ڪدورت، نفرت وغيره کي ختم ڪندو رهندو. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي ٿانو ڌوئڻ ۾ مزو اچي ته پوءِ ڇا اهو ماڻهو ائين چوندو ته ”ادا مون تمام گهڻا ٿانو ڌوتا آهن هاڻي اوهين ڌوئو“ نه ائين ڪڏهن به نه چوندو جيئن ڪو ماڻهو موسيقي گهڻي ٻڌي ۽ پوءِ وري ڪنهن ٻئي کي چوي ته ”ادا مون اڄ گهڻي موسيقي ٻڌي آهي اوهين ٻڌو ئي نٿا اهو درست ناهي“ ”مون اڄ گهڻي راند ڪيڏي آهي تون بيڪار ماڻهو آهين تو مون جيتري راند چو نه ڪئي“ اهڙي طرح جيڪڏهن اوهين جيڪو ڪم ڪريو ٿا ان کي جيڪڏهن لطف اندوز ٿي ڪندا ته پوءِ اوهين ڪڏهن به ڪنهن ٻئي سان ساڙ، بغض ۽ نفرت نه ڪندا ۽ چاهيندا ته وڌ ۾ وڌ ڪم آءٌ پاڻ ڪريان ۽ گهڻو ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ اوهين ڪنهن کي به طنعو مهڻو، لعنت ملامت، بيجا ۽ غيرضروري انفرادي تنقيد يا چٽر نه ڪندا، پر جيئن ته انسان جي حقيقي خوشي جو واسطو صرف سندس ذات سان ناهي تنهنڪري سندس خوشي اجتماعي عمل، اجتماعي محبت ۽ اجتماعي روين سان سلهاڙيل هجي ٿي تنهنڪري حقيقي انسان دوست انقلابي ماڻهو هميشه ان ڪوشش ۾ هوندو آهي ته جيتري خوشي هو حاصل ڪري ٿو اوتري ۽ ان کان وڌيڪ خوشي ٻين انسانن کي به ڏياري تنهنڪري اسين جڏهن ڪنهن به دوست کي ڪنهن به سرگرمي لاءِ چئون ته ان ۾ اسانجي محبت جو جذبو حاوي

هجي. جيئن هڪ فنڪار ۽ ڳائڻو پنهنجي فن جي مظاهري وقت نہ صرف پاڻ لطف اندوز ٿيندو آهي پر ٻڌندڙن ۽ ڏسندڙ کي بہ لطف اندور ڪندو آهي.

هڪ آدرشي انسان جا ٻہ پاسا هجن ٿا، هڪ طرف هو سڀ کان بهترين شين (خيالن، روين، ارادن وغيره جيڪي ماضي جي ورثي منجهان مليل هجن ٿا) ۽ ٻئي طرف سڀ کان مٿانهين جديد حاصلاتن (جيڪي مستقبل جا ٻج ڇٽين ٿيون) کي پنهنجي اندر سموئي ٿو. مطلب تہ پنهنجي آدرشي ڪردار ذريعي ماضي ۽ مستقبل جي مقصد جي حاصلات لاءِ رهنمائي ڪري ٿو. آدرشي انسان اظهار جون مختلف صورتون (سياسي، اخلاقي ۽ جمالياتي) اختيار ڪري ٿو. ميڪسم گورڪي (”هڪ نوجوان سان گفتگو“ ۾) لکي ٿو تہ جيڪو ڪجھ موجود آهي صرف ان کي ئي پيش ڪرڻ ڪافي ناهي اسان کي مستقبل جي خاصيتن کي بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي. سماج جي تبديلي (انقلاب) لاءِ لازم آهي تہ ان قافلي جو هر هڪ فرد پنهنجو پاڻ ۾ هيرو ٻڻائڻ جي ڪوشش ڪندو رهي. هڪ مثالي انسان جي هجڻ جي معني آهي تہ اهو نہ صرف موجوده ظلم ۽ ڏاڍ جي سماجي نظام کان بيزاري جو اظهار ڪري پر بهتر زندگي لاءِ پڻ جدوجهد ڪري.

## ڪم ۽ جدوجهد جي خوبصورتي

هڪ انقلابي انسان پنهنجي طبقي، قوم، وطن ۽ عالم انسانيت جي نجات ۽ آزادي لاءِ جيڪا طبقاتي جدوجهد (سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي وغيره) ڪري ٿو ۽ ان جدوجهد دوران هزارين لکين قسم جون سرگرميون ڪري ٿو. جنهن ۾ ڪتاب پڙهڻ، مظاهرا ڪرڻ، احتجاجي ريليون، بک هڙتالون، اسٽڊي سرڪل، سيمينار، ڪانفرنسون، لانگ مارچون، جنگيون، جيلون، ڦٽڪا، سزائون، چاڪنگ، پمفليٽ، تقرير، تبليغون، گڏجاڻيون، ميڙاڪا، ورڪشاپ، ليڪچر ۽ ٻيو گهڻو ڪجھ شامل آهي. ڇا اهو انسان ان قسم جي سرگرمين مان ڪو جمالياتي (خوبصورت) جذبو محسوس ڪري سگهي ٿو؟ ها بلڪل. ان لاءِ مارڪس لکي ٿو تہ هڪ غلام ۽ پورهيت مجبوري هيٺ پورهيو



ڪري ٿو جڏهن تہ اهو پورهيو جيڪو انسان پنهنجي سڃاڻپ ڪي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ (پنهنجو پاڻ لاءِ، نہ ڪي ظالم طبقي لاءِ) ڪري ٿو ان ۾ ڪيس آزادي ۽ خوشي ملي ٿي.“ مطلب تہ ذاتي حاصلات، مال ملڪيت ۽ ڪجھ حاصل نہ ٿيڻ تي رنجيده نٿو ٿئي پر سندس ڪم ئي سندس سلو ۽ ميوو هجي ٿو. جيئن تہ طبقاتي جدوجهد بنيادي طرح پورهيت پنهنجي لاءِ ڪري ٿو، ڪنهن پير، مير، وڏيري، خان يا سردار لاءِ نٿو ڪري ان جدوجهد دوران هو پنهنجي نئين سڃاڻپ تخليق ڪري ٿو ۽ ان ظلم ۽ جبر واري سماج ۾ پنهنجي لاءِ ڪجھ ڪندي هو آزادي محسوس ڪري ٿو. مارڪس وڌيڪ لکي ٿو تہ اهو انساني ڪم (پورهيو) ئي آهي جنهن انسان جي ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ، سنگهڻ ۽ ڇهڻ جي حواسن ۾ خوبصورتي پيدا ڪئي آهي.“ مطلب تہ صرف آواز نہ پر سريلاڳيت ٻڌڻ لاءِ ڪن، رقص، مصوري، فطرت ۽ ٻين انسانن جي بهترين کي ڏسڻ لاءِ اک وغيره صدين جي مسلسل محنت جي نتيجي ۾ پيدا ٿيا آهن. پهريائين انسان مڙئي پيا رڙيون ڪندا هئا پر انهن آوازن ۾ ڪو سر نہ هو. ان حيثيت ۾ انسان هڪ تخليق ڪار آهي ۽ ان پنهنجي اندر هڪ ٻئي انسان جي فطرت کي جنم ڏنو آهي.

نڪولائي سلايف لکي ٿو تہ جمالياتي جذبو امتيازي طرح انساني جذبو آهي. جهڙي طرح هڪ پورهيت ڪوبہ ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجي فڪري صلاحيت ۽ جسم کي استعمال ڪري ٿو ساڳي ريت فنڪار بہ پنهنجي فڪري ۽ جسماني تعلق جو اظهار ڪري ٿو. جهڙي طرح چيس راند جيڪا انتهائي غور ويچار وارين راندين منجهان آهي، جنهن ۾ نوس حواسي صورت، سوچ جي خيالي مادي تصوير، نقشن ذريعي صورت پذير ٿئي ٿي ۽ نتيجي طور خوبصورتي جو اثر پيدا ڪري ٿي. (اهڙي طرح هڪ شخص جيڪو ڪنهن قومي ۽ عالمي ميڙاڪي ۾ شرڪت ڪري ٿو اهو بہ هر نئي خيال، نعري، تقرير وغيره مان لطف اندوز ٿئي ٿو.) هڪ شخص کي چيس راند مزو ڏئي ٿي. راند ۽ ڪم ٻنهين ۾ ارادي جي طاقت جي يڪسوئي ۽ ڌيان

گهرجي ٿو. ساڳي طرح جدوجهد جون مختلف صورتون آهن جنهن ۾ ارادي جي طاقت جي يڪسوئي ۽ ڌيان گهربل هجن ٿا. جيڪي انسان جي شعور ڪي عملي صورت ڏين ٿا جنهن جون شڪليون ۽ رخ هڪ خاص مقصد جا ماتحت هجن ٿا. سخت محنت انسان جي جسم ڪي ضايع ڪندي پر سندس روح ڪي سرهائي ۽ خوشي ڏيندي. هڪ تخليقي سرگرمي جو جيترو اعلي مقصد هوندو ۽ جيتري ان جي حاصلات ڏکي هوندي اوتري ئي وڏي ڪاميابي جي خوشي ۽ پنهنجي تخليق ۾ جمالياتي مزو ڏيندي.

جيئن تہ محنت مان مراد آهي توانائي جو خرچ ٿيڻ، پر ڇا اهو هڪ طرفو عمل آهي؟ ڇا ان ۾ صرف خرچ (استعمال) ٿئي ٿو؟ نہ بلڪل نہ. هڪ ئي وقت خرچ ٿيڻ ۽ حاصل ڪرڻ، ڏيڻ ۽ وٺڻ جا عمل ٿين ٿا. پر هر خرچ ٿيڻ ڪانپوءِ حاصل ٿيڻ جو عمل ضروري ناهي تہ خوشي ۽ لطف اندوز ڪندڙ هجي. مثال طور جيڪڏهن هڪ ماڻهو موسيقي ڪانسواءِ رقص ڪندو تہ اهو عمل هڪ تہ جلد پورو ڪندو ۽ ڪيس ٿڪائي وجهندو. ساڳئي وقت خرچ ٿيڻ ۽ حاصل ڪرڻ جا عمل خوشي ڏيندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. مثال طور ساڳئي شخص ڪان موسيقي تي رقص ڪرائجي تہ اهو رقص ڪندڙ نہ صرف گهڻو وقت رقص ڪندو پر گڏوگڏ خوشي ۽ مسرت بہ محسوس ڪندو، جيتوڻيڪ ٻنهين عملن ۾ ان جي محنت شامل هجي ٿي.

خوبصورتي جو تصور تمام پراڻو آهي خود يوناني فلسفين هم آهنگي ڪي خوبصورتي جو راز سڏيو. مطلب تہ انسان جا خيال، رويا، جذبا ۽ ارادا هم آهنگ ٿي وڃن تہ انهن ۾ خوبصورتي پيدا ٿيندي. جهڙي طرح ڪنهن تصوير جي رنگن ۽ شڪلين جي ٻاهرين هم آهنگي يا آوازن جو سُر ۾ خوبصورتي جو ادراڪ ٿئي ٿو اهڙي ريت هڪ پورهيت بہ پنهنجي عمل ۽ حرڪتن وسيلي محسوس ڪري ٿو، پنهنجن عضوون، ذهن ۽ ارادي جي ڇڪتاڻ، مادي پيداوار جي بناوت، اٽت ۽ پنهنجي روح جي شعور جيڪو پاڻ خود هم آهنگي جي صورت آهي.



نڪولائي سلاييف چوي ٿو تہ حسن جو تصور گهڻ طرفي حقيقت جي خاص ۽ نوس خاصيتن جو منطقي ميلاپ آهي يا (ٻين لفظن ۾) حواسن ذريعي انتهائي مختلف شين جي لاتعداد هجوم ڪان بالاتر تجريدي تصوير آهي. مطلب تہ خود هڪ گهڻ طرفو، سائنسي نظريي جي ڄاڻ پڻ انسان جي اندر ۾ خوبصورتي جي احساس ڪي پيدا ڪري سگهي ٿي. ٻئي طرف طبقي ۽ ان جي نظريي سان لاڳاپو سان هجڻ ڪري هڪ انقلابي انسان بہ ان سموري طبقي جي خوشي، ڏک، همٿ ۽ ارادي ڪي پنهنجو سمجهي ٿو ۽ پنهنجي ننڍڙي ۽ انفرادي حيثيت ڪان بالاتر ٿي سڄي جهان جي مظلوم عوام ڪي پنهنجو سمجهي ٿو ۽ عالمگير امن، ڀائيچاري ۽ برابري لاءِ جدوجهد ڪري ٿو. ارسطو لکيو تہ ”سڀ ڪان پهريائين ڇٽو عملي مقصد، منزل ۽ آدرش هجي، ٻيو، ان مقصد تائين پهچڻ لاءِ ڏاهپ، وسيلا، طريقا ۽ واٽ هجي، ٽيون، انهن سمورين شين (ذريعن) ڪي پنهنجي مقصد (منزل) تائين پهچڻ لاءِ نهڪندڙ بڻائجي.“